يوسف شاهين

اندر ٍم اُهاءُ ثيو

(شاعري ٍء نثر)

o

اَزلَ کان اُهاءُ، آهِ جن اندرَ ۾،

سي ئي سنجهه سُپاءُ، ککورين ڪاڪِ ڪي.

O

مون کي مون پرينِ، نِبُوليو نِينهن ۾،

سارينديِ سُپرين، اندر ۾ اُهاءُ ٿيو.

O

ڏَنءُ لهي هن ڏَيهه تان، ڏُکَ پونِ ڏَريِ،

هَر هَر اِها هانءَ تي، اچي ڇَالهه تَريِ،

ته ويڑهيچا وري، شَلَ سُکيا ڏَسن ڏَينهڑا.

O

جُڙيو رَکُ جهان سين، ڪاملَ! قُرب ڪري،

سُوگهي آه سيرَ ۾، سا ٻُڌَلَ تار تري،

شلَ اهڙو واءُ، سدوريءَ سندَ تي.

O

سُونهاريءَ سندڙيءَ سين، اَزلئون انگُ مون،

گهور ٿيان شل اُن مٿان، جا پِلي آهِ پُون،

راتو ڏينهان مُون، آس اِها ئي هيڪڙي.

O

ڪڏهِ ڪرندو ڪوٺُ، ڪڏهِ ورندو واءُ،

هيءَ سِسِي ۽ ساهُ، گهوريان اُن گهڙيءَ تان.

... نه ڪڏهن ڪا قديم يا جديد شاعري پڙهيائين نه ڪڏهن شعر جي فن ۽ هنر جو مطالعو ڪيائين: ڪو پُور پيس، ته شاهه جو رسالو کڻي يڪساهيءَ ويهه- پنجويهه پيرا دور ڪري ويو. تنهن پڃاڻا، اچي جو لکڻ ۾ پيو ته ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنائين. ڪنهن کي ڪن نه جن، فقط ٽن هفتن اندر ايترو لکي ورتائين، جيترو گذريل 25 سالن ۾ مون به ڪونه لکيو آهي. اهڙو ڪوبه شاعر ڪونهي، نئون يا پراڻو، جنهن ورهين جي مشق، رياضت ۽ تجربي بنا شاعريءَ کي اهڙي پڪي ۽ پختي انداز ۾ پنهنجي اظهار جو وسيلو بنايو هجي. اياز هجي يا امداد، شاعريءَ جي ڪچي ڦڪي مشق ڪري مٿي چڙهيا آهن ۽ سندن شاعريءَ جو اڃوڪو معيار ورهين جي متواتر محنت جو نتيجو آهي. سنڌ جو ڪوبه شاعر کڻو، اُهو ”جمعيت الشعراءَ“ جو تربيت يافته هوندو يا ”سنڌي ادبي سنگت“ جي تنقيدي ڪلاسن مان سکيو هوندو يا ڪنهن نه ڪنهن استاد جي اصلاح سان سڌريو هوندو. پر يوسف ڪنهن به تربيت، سکيا يا اصلاح کان آجو آهي.

- شمشير الحيدري

آغا سليم

-

انالسنڌ- شعور جو ڪرشمو

ماڻهوءَ جڏهن کان جبلتن **Instincts** مان جاڳي عقل، شعور ۽ ساڃهه جي پرهه کي پنهنجي اندر ۾ ڦٽندو ڏٺو، تڏهن کان هن ڌرتي جي ڏکن کي ڏوئڻ، ڏاڍ، ڏهڪاءَ، ظلم ۽ زورآوري سان ڌرتيءَ جي چڪندڙ ڦٽن کي چٽائڻ لاءِ نت نوان خواب ڏسڻ شروع ڪيا ۽ سموري پراڻي انساني معاشري کي ڌاهي، بنهه پٽ ڪري، هڪ ايڏائن کان آجي ۽ آزاديءَ جي نور ۾ وهنتل معاشري جا خواب ڏسڻ شروع ڪيا. حافظ شيرازيءَ جهڙو شراب ۽ شباب جو شاعر به چئي ٿو ته:

بيا تا گل بافشا نيم، مي در ساغر اندازيم

ملک را سقف بشگافیم، طرح نو در اندازیم

(اڇ ته گلن جي ورکا ڪيون ۽ پيالن ۾ شراب اوتيون

آسمان جي ڇت ۾ سوراخ ڪيون ۽ نوان بنياد رکون)

ڪن خواب پرستن ته پنهنجي ان خوابن واري معاشري جو نقشو به پيش ڪيو، جنهن کي يوٽوپيا **(Utopia)** چوندا آهن. يوٽوپيا جون به معنائون آهن. هڪ اهڙي جاءِ جيڪا ڪٿي ڪانهي ۽ بي اها جاءِ جتي سپ ٺيڪ آهي. اسان جي شاهه به اهڙي يوٽوپيا جو تصور پيش ڪيو آهي. اهو معاشرو مارئيءَ جي ماروئن جو مليز آهي. اهو هڪ فطرت پرست انارڪسٽ جي خواب واري معاشري جو نقشو آهي، جنهن ۾ ذاتي ملڪيت ڪانهي. نفعي نقصان واري مارڪيٽ ڪانهي، جنهن ۾ انسان جا احساس ۽ خواب ۽ خود هو پاڻ نيلام نٿو ڪري. هتي ماڻهن جو وٽن سان واپار آهي، ٻني جي ڪا واڙ ڪانهي، فصل جو ڪو راکو ڪونهي، پوک پاڻ پچي ٿي پوي، ڪو محصول ڪونهي:

نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾.

—

پاڻهين پچي پيئون، رِءَ واهيت، رِءَ واڙ

يوسف شاهين به ڏکايل ڏرتي ۽ ايذائيل انسانن جي خوشي جا خواب ڏسڻ ۽ خوابن واري معاشري يعني يوٽوپيا تخليق ڪرڻ وارن دانشورن مان آهي. جنهن عمر ۾ ماڻهو چنڊ سان پنهنجي پرينءَ جون ڳالهيون ڪندو آهي ته اُپر چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور، ان عمر ۾ يوسف شاهين ”خدا، انسان ۽ جانور“ جي عنوان سان يوٽوپيا لکي، جنهن ۾ هن ملڪن ۽ انهن جي سرحدن کي ختم ڪري، ساري ڏرتيءَ کي انسان جو ديس بنائڻ جي ڳالهه ڪئي. دنيا جا سيئي ملڪ غاصبن ۽ جابرن جا جوڙيل آهن. بادشاهن ۽ فوجي سپهه سالارن جي فوج ڪشيءَ جو (جنهن کي شاهين فوجي غنڊا گردي چوندو آهي) نتيجو آهن. ملڪن جي سرحدن جي بچاءَ ۽ انهن جي توسيع لاءِ فوج جي ضرورت ٿي پوي ۽ جنگيون ٿيون لڳن. پنهنجي ڪتاب ”ان الحق“ ۾ شاهين ٻڌايو آهي ته ويٽنام کي اتر ۽ ڏکڻ ۾ ورهائي، سرحد قائم ڪرڻ جي ڪري، چاليهه لک ويٽنامي، جن ۾ ادائي لک ٻار هئا، قتل ڪيا ويا، انهن جو خون ڪنهن جي ڪاتي تي چاڙهيون، تاريخ جي محرر وٽ ڪنهن جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرايون ۽ ڪنهن کان انهن جو تاوان وٺون؟؟ ملڪن ۽ انهن جي سرحدن کي ختم ڪيو ته جيئن ساري ڏرتي ماڻهوءَ جو ديس ٿئي. ان لاءِ ضروري آهي ته ملڪن جي عالمي ڪانفيڊريشن ٺاهي وڃي، ان تصور کي شاهين هڪ وڏي سياسي مدبر وانگر پنهنجي ڪتاب **World Confederation of the Peoples** ۾ وڏي ڇڻائيءَ سان پيش ڪيو.

شاهين جڏهن ”خدا، انسان ۽ جانور“ واري يوٽوپيا لکي تڏهن سندس عمر ارڙانهن سال مس هئي. هو حيدرآباد ۾

’’خادم وطن‘‘ اخبار ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ اڃا گمنام هو. ڪيس ڪو ڪونه سڃاڻندو هو ۽ شايد هو پاڻ کي به اڃا پوريءَ طرح سڃاڻي نه سگهيو هو. هن جو اهو ڪتاب شايع ٿيو ته ڪيترن نام نهاد دانشورن کي سندس ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه آئي. هڪڙي ڏينهن هو اخبار جي آفيس ۾ ويٺو هو ته ٻه دانشور هن سان ملڻ لاءِ آيا. هنن شاهين جي ڪتاب جي تعريف ڪئي ۽ ڪيس ٽامس مور جو ڪتاب يوٽوپيا سوکڙي ڏنائون. ٽامس مور پهريون دانشور هو جنهن يوٽوپيا جي عنوان سان ڪتاب لکيو هو ۽ شاهين به يوٽوپيا لکڻ وارو پهريون سنڌي دانشور هو. ڪيس سوکڙي ڏيڻ وارا اهي دانشور جويو صاحب ۽ رباني هئا. شاهين اڃ تائين اڌ صدي اڳ ڪيس مليل ان سوکڙي کي سانديندو اڇي.

يوسف شاهين تاريخ جو شاگرد آهي. هن تاريخ کي وڏي ڏيان سان پڙهيو آهي. شعور جون شمعون جلائي هو هندستان، يورپ ۽ دنيا جي تاريخ جي اونداهين ۾ ويڙهيل گهٽيون ۽ گس گهميو ۽ اتان نيون نيون سچايون ڳولي ڪڍي آيو. ڪوڙ جون قبائون پاڙل فاتحن جون قبائون لاهي هنن کي سندن اصلي حالت ۾ پنهنجي ڪتاب ’’فاتحن جي دنيا‘‘ ۾ ماڻهن جي آڏو آڻي ٻيهاريو ۽ اهڙي طرح هن جو اهو ڪتاب جڙ ته تاريخ تي **Judgement** آهي. هن انگلينڊ جي تاريخ تي **William the Bastard** ڪتاب لکي انگلينڊ جي تاريخ نويسن کي ترغيب ڏني آهي ته هو سندس ڪتاب جي آئيني ۾ تاريخ جي سچاين کي ڏسي وري نئين سر انگلينڊ جي تاريخ لکن. ماضيءَ جي خدائن جي عروج ۽ زوال تي ڪتاب **Rise and fall of gods** لکي هن خدائن جي عظمتن جي ڪوڙ کي اگهاڙو ڪيو. ڪهڙي خبر ته اڄ جن خدائن کي پوڄيو ٿو وڃي اُهي سپاڻي ڪوڙا ٿي پون ۽ انسان کي پنهنجي عقل ۽ فهم تي شرمسار ٿيڻو پوي.

شاهين سان منهنجي دوستي تمام پراڻي آهي. ايتري پراڻي جو مون کي ياد به ڪونهي ته اسان جي دوستي ڪڏهن شروع ٿي ۽ پهريون دفعو اسان ڪٿي ملياسين. مون شاهين کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. هن جي شخصيت جا ٻه مضبوط ۽ ڪمزور رخ آهن پر هن جي شخصيت جو هڪڙو رخ سندس ٻين سڀني رخن تي حاوي آهي، اهو آهي سندس چڙ، خار ۽ ڪاوڙ وارو رخ. اها ڪاوڙ هن کي اسان ۽ توهان تي نه آهي، تاريخ تي آهي، ڪوڙن خدائن تي آهي، جابر بادشاهن ۽ فوجي سپهه سالارن تي آهي، جن انساني لاشن تي بيهي عظمت ماڻي ۽ ظلم ۽ جبر جي بنيادن تي ملڪ ٺاهيا ۽ انهن جي سرحدن کي وسيع ڪرڻ لاءِ انسانن کي ڪٽو، عورتن جي عصمت دري ڪئي ۽ انسان جيڪو احسن التقويم آهي، تنهن کي ٻڪرا پڙيءَ ۾ نيلام ڪيو. هن جيڪي به ڪتاب لکيا آهن، اهي ان چڙ ۽ ڪاوڙ جو عملي اظهار آهن.

چڙ ۽ ڪاوڙ انسان جا منفي جذبا آهن پر يوسف شاهين جي چڙ ۽ ڪاوڙ مثبت آهي جو اها انسان ۽ هن ڌرتي لاءِ سندس اٿاهه محبت مان ڦٽي آهي. هو انسان جي ساري تهذيب کي رد ڪري ٿو، جنهن انسان جي بنيادي حرمت کي مجروح ڪيو آهي. هو دنيا جي ملڪن ۽ انهن جي سرحدن کي رد ڪري ٿو، جن جي ڪري جنگيون ٿيون، ٿين پيون ۽ اڃا ٿيندیون. هن جو ساري ڌرتيءَ کي انسان جو ديس بنائڻ جو خواب سچ پچ ته ڌرتيءَ جيڏو ئي وڏو آهي. شاهين جو ايمان آهي ته سندس اهو خواب ضرور پورو ٿيندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن شاهه سائينءَ جي سر سسئيءَ وارا آرياڻي ايندا، جيڪي هن بري پنهور کي اجاريندا، چوريون چرڻ سکنديون ۽ ڏکيون ڏِک ويهنديون. قلندر جي اچڻ کان اڳ سيوهڻ ۾ بودلو بهار آيو هو. هو سيوهڻ جون گهٽيون صاف ڪندو ٿي ويو ۽ چوندو ٿي ويو ته منهنجو قلندر هن گهٽيءَ مان لگهندو ۽ هن گس تان ايندو. شاهين بودلي بهار وانگر ماڻهن جي دلين جي سيوهڻ جون گهٽيون ٿو صاف ڪري، جو اهي آرياڻي ماڻهن جي دلين جي دڳن تان ايندا.

ماندا ٿئو نه ماڻُهئا، ايندي مُند ملارَ

اڄ نئين نينهہ جا، ڏيان ڏَسَ هزارَ

ڪري سَوَ سينگارَ، اُپاريان سِجُ اَندر مان

”ڻيندا ڻيندا، نيڻ ته ڻيندا!

پاڳَ اسان جا، هاڻ پلا!

ڌهندا ڌهندا، ڪينَ رهندا

هي سمورا ڪوڻَ قلعا!

لائون لهندا گهوڻَ،

آزاديءَ جي اوڻَ،

ڪِري پوندا ڪوڻَ،

منڱ! ڏيو موڻَ،

سڃڻ، مورو ويڻي ڏيان.

شعور سوال ڪندو آهي ۽ پنهنجن ئي سوالن جا جواب مهيا ڪندو ۽ نتيجا ڪڍندو آهي:

ڳالهه ڳُجهائتي، ويڙهي مون ويئي

پُڇان پاڻَ کان، پاڻا منجهه پيهي

چو سورَ سپيئي، پلئه سنڌ پيا.

هڪڙي ڳالهه ته ڏَس ميان!

جا آهي نه منهنجي وس ميان!

پنهنجا پراوا سپ پُڇن ٿا-

هن ڌرتيءَ تي

دودا، جوڌا ڪوه ڪُسن ٿا!

ڪا ته راهَ نجات جي، پيلي ٻڌايو

قضيو ڪربلا جو، چو وَر وَر ورجايو

چو ڪَنڊَ ڪيرايو، انمول اُتاهان.

۽ پوءِ هو سُر ٻانيپٽو ۾ تاريخ کان شاهدي ٿو ڏياري ۽ مخدوم بلاول جي گهاٽي ۾ پينل ماس سر بلاول ۾ سنڌ جو نئون اتهاس ٿو ٺي پوي:

ڪڪوريل ڪاڪ جا، سپوئي سجاڳ

صدا لڳي سر جي، ته پاڻئن پلو پاڳ

آهي شهيدن ماڳ، نالي ۾ سنڌ سڏجي.

متان ڏرو ڏاڍِ کان، ڏاڍي ناه جهل

ڪٽو صليب سر تي، مرڻ هيءَ مهل

ڇڏيو سَڌ ساهَ جي، ڪَنڊَ رهي مَ ڪَلَ

هٽي هام هڪل، پر جهليو بلال جي.

يوسف شاهين کي مان هن دور جو صوفي سڏيندو آهيان، جنهن جو سنڌ سان وحدت الوجودي عشق آهي. منصور ان الحق جو نعرو هنيو هو ۽ يوسف شاهين انالسنڌ جو نعرو هنيو آهي. هن جو پنهنجي پرينءَ سان عشق جو اهو عالم آهي جو هن سنڌ جي هر سور کي پاڻ سڏو آهي. هر سور سان گڏ سنڌ لاءِ وڙهيو ۽ انهن سان گڏ شهيد ٿيو آهي، پوءِ اهو مخدوم بلال هجي يا ذوالفقار علي ٻٽو ۽ بينظير ٻٽو هجي. صوفي جي ڪنن تي پهريون آواز الست بربڪم جو پيو هو پر يوسف شاهين جي ڪنن تي پهريون آواز اقرا با سم ربڪ جو آواز پيو ته هن پنهنجون آسمان ۾ ڪتل اکيون جهڪائي پنهنجي اندر ۾ ليئو پاتو ۽ سندس سارو اندر اجرو ٿي ويو.

اقرا با سم ربڪ، پيم ڪن پڙاءُ

وحدهُ لاشريڪ لهُ، ڏنم ايءُ وراءُ

تڏهن جيءَ جڙاءُ، ڪيائين پاڻ قرب سين.

الا اکين کي، ڪو سالڪ سمجهائي

جنهن لاءِ واجهائين، واڻون ورائي

سو اڳيئي آهي، موجود مون من ۾.

الا ڪهڙيءَ ڪاڙ، ڏيان ڏوهه اڪين ڪي

جنهن لاءِ واجهائين, سو سدا اٿم ساڙ

اڪيون اڙ ڇاڙ، رهيون ان رمز کان.

اندر ۾ جڏهن اُهاڻ ٿو ٽڻي، انااالحق جو نعرو ٿو پڙا ڏي ۽ سچل گيڙو الفي پائي، يڪتارو وڄائي مستيءَ ۾ رقص ڪندي ''آهيان پاڙ اسرار'' وارو اسرار ٿو سلي تڏهن اسان جو هي ويهين صديءَ جو صوفي الله جي اڳيان سراپا سوال بڻجي ٿو بيهي ته جڏهن انسان تنهنجو مظهر آهي، احسن التقويم آهي ته پوءِ هو ايڏا سور ڇو ٿو سهي. هن ڏرتيءَ تي به اهنجن ايذائن جي جهنم ۾ ٿو جلي ۽ مرڙ کان پوءِ به تو هن لاءِ دوزخ ٻاريو آهي:

تون جبار، تون قهار، تو وڏ دوزخ باه

ڪُهہ مَ ڪرين ڪهڪاڻ، دانهون ڏين دوزخ ۾.

تون ڏاتار، تون ڏيڻ، دوزخ باهه اُجهاءِ

جو خلقيو خوب هوءِ، سو واڻون تو واجهاءِ

رجهيل روح ريجهاءِ، دانهون ڏين دوزخ ۾.

هو هن ڏرتيءَ تي بک ۾ پاهه ڏيڙ وارن پنهنجن پائرن جي ڪري جنت ۾ وڃڙ کان انڪار ٿو ڪري:

تون ستار، تون غفار، تو وڏ جنت جاءِ

مکڙ، ماکيون، ميوا، اُت اڙ ميا ڏناءِ

ڪوڙين بکيا هت سمهن، جيئڙ تن نه جاءِ

دل دانهن ريءَ نه رهي، ماڻ مون مَ جڳاءِ

ڪهڙي مُنهن اچانءِ، پائر منهنجا بک ۾.

هي جيڪو شهيدن جو ماڳ آهي ۽ نالي ۾ سنڌ ٿو سڏجي، ان ماڳ ۾ شهيد ٿيندڙ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بي مثل بينظير جي شهادت جي شاهدي ڏيئي اعلان ٿو ڪري:

سنڌ سموري آهِ پنهنجي

ڪير آهي، ڪير آهي، ڪير آهي

جو ويندڙ واڳ ورائي ٿو

جو رڻ سپ ريجهائي ٿو

جو يوسف پاڻ سڏائي ٿو

۽ هر هر هي هُلائي ٿو

هاڻ ڪيڏي ڪاڻ نه ڪنهن جي!

سنڌ سموري آهِ پنهنجي

هن نظم ۾ مان جيڪر هڪ سٽ جو واڌارو ڪيان ته:

جو يوسف پاڻ سڏائي ٿو

۽ انالسنڌ الائي ٿو.

شاهين جي شاعريءَ جي سٽ سنڌ، سنڌ واسين، ڌرتي ۽ انسان لاءِ سڏڪا ٽي پري ۽ اکر اوچنگارون ٿا ڏين:

لکان ته ڪيئن لکان، سُڏڪا سٽ پري

يوسفُ حال دل جو، ڪري ته ڪيئن ڪري

پاڪر منجهه پري، اکر ڏين اوچنگارون.

هن جي شاعريءَ جون سٽون رڳو سڏڪا نٿيون پرن، اکر اچنگارون نٿا ڏين پر سوريءَ لاءِ سڏ به ٿا ڪن، اونداهي اٿاهه ۾ ٽانڊاڻا ٽي ٽمڪن ٿا ۽ هڪ نئين دور جي بشارت به ڏين ٿا، جڏهن ملڪن جون سرحدون ريٽجي ۽ ميٽجي ويندیون. ساري ڌرتي انسان جو ديس هوندي ۽ ڪو جابر ۽ ظالم هن ڌرتيءَ کي جبر ۽ ظلم جا زخم نه ڏيندو، آرياڻي اچي بري هن ڀنپور کي اجاريندو، چوريون چرڻ سکندیون ۽ ڏکيون ڏک ويهندیون.

ماندا ٿئو نه ماڻهئا، ايندي مُند ملارَ

اڄ ننڍن نينهن جا، ڏيان ڏَسَ هزارَ

ڪري سَوَ سينگارَ، اُپاريان سِڄُ اَندر مان.

- آڪٽوبر 5، 2010

نئين دور جي اها بشارت شاهين جي جذبات کان نه ڦٽي آهي، تاريخ جي جدليات جي شعور مان ڦٽي آهي. ان ڪري مان شاهين جي شاعريءَ کي جنهن کي شاهين اندر جو اُهاڻ ٿو چئي، شعور جو ڪرشمو ٿو سڏيان- آغا سليم

مدد علي سنڌي

ايندي مند ملار!

’’رات جي پوئين پهر ۾، ڪنهن شاعر جو بياض،

ٽڙي هير ۾، ورق ورق ٿي اڏامي رهيو هو،

مون انهن ورقن کي ڏاڍي مشڪل سان گڏ ڪري،

چند جي چانڊوڪيءَ ۾ ويهي پڙهيو،

اُهي شاعر جا نوحا هئا-

هاءِ دنيا! هاءِ زندگي، هاءِ ڏرتي جا ڏُک!‘‘

(هڪ ٽائي نظم مان)

ڪنهن وقت ۾ شاعري اصل ۾ ديوتائن جي زبان هوندي هئي. ڏرتيءَ جي پالٽهار طرفان پنهنجن بندن سان خطاب شاعريءَ ۾ ٿيندو هو. اهي قديم مناجاتون، قديم مصر جي عبادتگاهن مان هٿ آيل دعائون يا ننڍي کنڊ جا اتهاسڪ پراڻا گيت، رُگويد جون رچنائون سڀ شاعري آهي. دور جاهليت جي عربي شاعريءَ کان ويندي مصر جي پيپائرز تي لکيل عشق جا گيت ٻڌائين ٿا ته انسان جي ذهني تخيل ڪيڏي نه وشال هئي. علم عروض جي بيان ۾ هڪ هنڌ آيل آهي ته ’’ابو عبدالرحمان الخليل ابن احمد بن عمر تميم البصريءَ کي سندس هڪ دعا جي عيوض، جيڪا هن مڪي شريف ۾ ڪئي هئي، هن کي علم جو الهام ٿيو. پوءِ هُن علم عروض تي هڪ ڪتاب لکيو‘‘. شاعري به الهام جو هڪ قسم آهي. شعر لفظ بنيادي طور تي شعور مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي احساس ڪرڻ!

هڪ ٻيو عربي عالم علامه ابن رشيق پنهنجي هڪ ڪتاب ’’الحمده‘‘ ۾ شاعريءَ کي يا شعر جي بنياد کي ڇئن ڳالهين ۾ ورهايو آهي. پهريون لفظ، ٻيو وزن، ٽيون قافيو ۽ چوٿون- معنيٰ ۽ قافيو.

بهرحال اها ٻي منطقي ڳالهه. اصل ڳالهه اها آهي انسان جي اندر ڪائي ٻي دنيا وسي ٿي، جنهن کي هرڪو ئي نه پر ڪو ڪو ماڻهو پسي ٿو. هر ماڻهو شاعر نه آهي. هر ماڻهو زندگيءَ کي، زندگي جي انتهائي سونهن ۽ سوڀيا کي، زندگي جي دلڪش نظارن کي، رات جي اونداهيءَ ۾ ٿم ٿم ڪندڙ تارن، سانجهي ٽاڻي لهندڙ سج ۽ شفق جي رنگن، اماوس جي ڪارين راتين، چوڏهينءَ جي چانڊوکي ۾ وهنتل وايو منڊل کي، بدلجندڙ رتن جي هڇاءُ کي، حسن ۽ صداقت کي نٿو محسوس ڪري سگهي. اهو سڀ ڪجهه فقط کي ڪي ماڻهو محسوس ڪري سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو مشهور شاعر پئبلونرودا پنهنجي شاعريءَ کي ’’اندر جي اونهائيءَ جو سڏ‘‘ لکيو آهي. ڪنهن به ماڻهوءَ جي اندر ۾ عميق جهڙي اونهائيءَ پاڻمرادو ڪونه جنم ونندي آهي- ان جو ڪارڻ وقت جا لاها، چاڙهه ۽ زماني جون بيرحم حالتون هونديون آهن. ڪنهن به جينيس يا وقت جي ڏاهي ماڻهوءَ جي سچاڻپ اها هوندي آهي ته هو پنهنجي لکڻين وسيلي جاتو ۽ سچاتو وجي.

جڏهن انسان جي زندگيءَ جا تجربا هن جي سوچ ۽ فڪر کي جلا بخشين ٿا، تڏهن مٿس ڏاهپ ۽ اونهي سوچ ۾ وڃڻ جي سگهه به جنم وٺي ٿي. شاعر به پنهنجي دور جو هڪ حساس ماڻهو هوندو آهي. جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان شاعري به انساني زندگيءَ سان گڏوگڏ سفر ڪندي پئي اچي. شاڪيه مُني، يعني گوتم ٻڌ به پنهنجي دور جو هڪ وڏو ودوان هو. سندس جنم ايائي هزار ورهيه اڳ ڪپل وستو ۾ ٿيو هو. ٻڌ پنهنجي دور جو هڪ وڏو ڏاهو انسان هو. ڪائنس ڪيترا ورهيه اڳ مهاويز جنم ورتو هو. هر دور ۾ ڪونه ڪو گوتم ٻڌ ضرور پيدا ٿيو هوندو. هر سوچيندڙ ذهن به هر دور ۾ پيدا ٿيندو پيو اچي. هر ڪلاڪار هر دور ۾ جنم وٺي ٿو. فرق فقط اهو آهي ته هر دور جي ليکڪ جي سچائي ۽ سوچ جو تخيل هڪٻئي کان مختلف ضرور ٿئي ٿو. پر هر دور جي شاعرن ۽ پيغام ڏيندڙ حساس ليکڪن جا زباني ٻول پنهنجي دور جي عوام کي بيحد متاثر ڪندا پيا اچن. ڪيترن ماڳن ۽ ملڪن ۾ اهڙن ماڻهن پنهنجي شاعري ۽ گفتن وسيلي دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهوءَ تي شاعرن جي شاعري، ديوتائن جي مناجاتن ۽ پيغمبرن جي الهامي ڪلام وڏو اثر ڪري سندن دنيا پئي بدلائي آهي. ماڻهو بنيادي طور تي ڏاڍو ويچارو ٿو ٿئي. هن جي اندر ۾ به ڪيترن ئي اسرارن جي دنيا آباد آهي. ان دنيا ۾ هن جا ڊپ، هن جون خواهشون، هن جون اميدون، هن جا خيال، هن جا تصور، هن جون ڪلپنائون

سمايل آهن. اهي سموريون اونداهي آسمان تي ٿم ٿم ڪندڙ تارن جيان ڪڏهن اجهامندیون آهن ته ڪڏهن روشن ٿيندیون رهنديون آهن. اميدن جي شمع يا شعاع ئي ڪنهن مشعل وانگر انسان کي- جيڪوٿڪل ۽ ٿڪل ڪنهن مسافر وانگر ٿو ٿئي، اڳتي وڌڻ جي سگهه ٻئي ڏيندي آهي.

شاعري يا ادب، جيڪو تخليقي آهي، انسان کي ڪنهن اٿڻل دنيا ۾ وجي ٿو پهچائي. ڪنهن به شاعري يا نثر اپياس ڪرڻ سان انسان کي پنهنجي وجود جو حقيقي معنيٰ ۾ احساس ٿيندو آهي. قديم هند ۽ يوناني شاعري يا لاطيني ادب يا وري دور جاهليت جي عربي شاعري ۽ خود فارسي شاعري، عوام جي زندگين تي باڪمال اثر ضرور ڇڏيا آهن.

سنڌي شاعري قاضي قادن کان وٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح تائين ۽ ڪشن چند بيوس کان وٺي شيخ ايار، نارائڻ شيام ۽ اڄ جي جديد سنڌي شاعرن تائين هڪ دور جي عڪاسي ڪري ٿي. اڄ کان 31 ورهيه اڳ 1979ع جي پڇاڙي، يا خدا نه پلائي ته 1980 ۾ جڏهن يوسف شاهين جي شاعري جو ڪتاب ''اندر ۾ اُهاڻ ٿيو'' شايع ٿيو ته ان وقت سنڌي ادب جي دنيا ۾ وڏو چوپول مچي ويو هو. ان وقت مون کي ياد آهي ته سندس لکيل بيتن ۽ واين بابت ڪيترن ئي ادبي ڪچهرين ۾ ذڪر ضرورٿيندو هو. مون کي سندس هڪ بيت اڄا تائين ياد بيٺو آهي:

پرين پسڻ ڪاڻ، واجهايان واهون

سدا سپرين لئه، دل اندر دانهون

اهي منهنجون آهون، اڄ بادل بڻجي آيون.

بادل بڻجي اچڻ جو استعارو مون کي ڏاڍو وڻيو هو. انسان جي آهه به بادل وانگر جڏهن مٿان اچي پوندي آهي ته بادل وانگر روئاڙيندي به آهي ته پاڻ به روئندي آهي.

يا سندس هي وائي جڏ هر دور جي ڏکويل ماڻهن جي دلين جو آواز آهي:

ڳلي ڳلي ڳائي، ڏيان ڏس هزار

ماندا ٿيو نه ماڻهئا، ايندي مند ملار

ايندي مند ملار.

ڏکئي هن ڏيهه تان، باري لهندا بار

ايندي مند ملار.

ويندي رات رڙي، پسي پرهه پار

ايندي مند ملار.

لهندا يوسف لوڪ تان، اڻ ميا آزار

ايندي مند ملار.

يوسف شاهين جي شاعري ۾ نثر پنهنجي جاءِ تي دلڪش ۽ ڏاڍو وسيع آهي. هو پاڻ هڪ هنڌ پنهنجي شاعري بابت لکي ٿو:

”جيتري قدر شاعريءَ جو تعلق آهي ته آئون 1979ع تائين شاعر نه هئس، نه ڪڏهن شاعريءَ جي هڪ سٽ لکيم، نه شاعر ٿيڻ بابت ڪڏهن سوچيم. هڪ رات تاريخ جو مطالعو ڪندي خيال پيم ته مون کي شاعري ڪرڻ گهرجي. ان رات مون چار بيت لکيا ۽ ان کان پوءِ لکندو ويس“.

يوسف شاهين نه رڳو هڪ حساس شاعر، بيحد وسيع مطالعو رکندڙ اهل دل ۽ اهل علم اديب آهي، بلڪه هو هڪ ئي مهل ڪميٽيد ليکڪ پڻ آهي. جيئن پئبلونيزودا، حقيقي معنيٰ ۾ هڪ سياسي فرد هو. پنهنجو هڪ نظريو رکندو هو، جنهن تي هو سڄي ڄمار ڪاربند رهيو. نيرودا چوي ٿو ته: ”تاريخ ۾ سدائين هڪ شاعر جو هڪ ئي رتبو ۽ شاعريءَ جو اهو مَرڪ رهيو آهي ته هو گهٽيءَ ۾ وڃي ۽ ڪنهن نه ڪنهن لڙائيءَ ۾ ضرور بهرو ونجي“. تيئن يوسف شاهين به چوي ٿو ته ”نظرياتي وابستگي کان سواءِ به لکڻ ائين آهي جيئن ڏينگرن تي انو هارڻ!“ هن جو فڪر پنهنجي جاءِ تي گهٽو ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. بهرحال، ان حقيقت کان انڪار ممڪن ڪونهي ته يوسف شاهين جي شاعري هڪ ڪميٽيد شاعر جو آواز آهي. هو صاحب سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي هڪ اونهي طائرانه نظر رکي ٿو. يوسف شاهين، بنيادي طور تي نه رڳو پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ تڙپي ٿو، پر هو ساڳئي وقت بين الاقواميت، عالمي انساني برادريءَ ۾ به ايمان رکي ٿو. هر سجاڳ ليکڪ وانگر هو به معاشرتي آزادي جو خواب ڏسندڙ ۽ سماج ۾ اڻ برابريءَ جو خاتمو چاهي ٿو. هن جي ذهن جو ڪئنواس تمام وسيع آهي. جن ماڻهن سندس انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ”Rise and fall of gods“ پڑهي ڏٺو هوندو، اهي اُن حقيقت کان واقف هوندا. يا وري شاهين صاحب جو ڪتاب ”World confederation of the peoples“ پڻ سندس عالماڻي سوچ جو اظهار آهي. ”گليلو“ وانگر يوسف شاهين به پنهنجي عهد جي جاهلانه سوچ، غير تخليقي خيال، ذهني جبر ۽ ڏاڍ جي خلاف آهي. انهن سمورن مذهبي ورتائن کي هو نٽو مڃي، جيڪي ماڻهن کي پوئتي موٽائڻ جي ڪوششن ۾ مشغول آهن. آئون ذاتي طور تي سمجهان ٿو ته يوسف شاهين جو لکيل ڪتاب ”Rise and fall of gods“ گليلو جي ڪتاب ”Dialogue concerning the two chief world system– Problematic and Copernican“ وانگر آهي. گليلو تي به وقت جي ڪليسا ڪاوڙجي ڪيس سڄي ڄمار گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيو هو. پر جهالت خلاف حق جو آواز بلند ڪندڙن ۾ سندس نالو سڀ کان مٿانهون آهي. سايبون چار صديون گذرڻ کان پوءِ به هو اڄ به زنده آهي ۽ تاريخ جي ڪتابن ۽ روشن خيال لکين عوام جي دلين ۾ سدائين روشن سج وانگر روشني ٿو پکيڙيندو رهي.

يوسف شاهين جو بين الاقواميت ۾ ويساهه هوندي به سنڌ سان سندس ڪڏهن به نه ڇڏندڙ پيڇ اٽڪيل آهي. هو هڪ وڏي حساس شاعر ۽ عالم وانگر پنهنجي ڌرتي سنڌ لاءِ اندر ۾ وڏو هڪاءُ رکي ٿو. سندس شاعري سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ۾ هڪ املهه اضافو آهي. سندس نثر ۾ بي پناهه سگهه موجود آهي. هو هڪ ئي وقت شاعر، نثر نويس، صحافي ۽ تاريخ جو طالب علم آهي. مون کي سندس اها تقرير اڃا تائين نٿي وسري، جيڪا هن اسلام آباد ۾ اڪيڈمي آف ليٽرز ۾ اديبن جي ڪانفرنس ۾ ڪئي هئي. اڙدو ۾ ڪيل سندس انهيءَ تقرير اتي واڃٽ وڃائي ڇڏيا هئا. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اها تقرير هن ڪتاب ۾ پڻ شامل آهي. شيخ اياز وانگر يوسف شاهين کي به انگريزي ٻوليءَ تي وڏو عبور حاصل آهي. مٿي مون سندس لکيل ٻن انگريزي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. اهي ڪتاب دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ وڏي ناماچاري حاصل ڪري چڪا آهن. تنهن کان سواءِ سندس لکيل ننڍڙو ڪتاب ”فاتحن جي دنيا“ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ منفرد ڪتاب آهي. ان ڪتاب ۾ هن تهذيبن، مذهبن ۽ تاريخ بابت پنهنجي آزادانه راءِ جو اظهار ڪيو آهي. هن جي اندر ۾ جيڪو جهونجهار ۽ مزاحمتي ليکڪ ويڙهه آهي، تنهن کيس ڪنهن نه ڪنهن جنگ ڪرڻ تي ضرور اپاريو آهي. هُن وقت جي شدادن، نمرودن ۽ فرعون صفتن سان مقابلو پڻ ڪيو آهي. مون کي شخصي طور تي ان ڳالهه جي بخوبي ڄاڻ آهي ته هو ڪڏهن به ڪنهن جي آڏو سچ چوڻ کان نه مڙيو آهي. ڪنهن به حاڪم آڏو هن حق جي ڳالهه ڪرڻ کان نه ڪيڪايو آهي. شاهين صاحب هڪ وڏو وقت جيل ۾ پڻ گذاريو آهي- پر ترنگ جي ان تيرٿ دوران مون ڪڏهن به کيس ملول ۽ غمگين نه ڏٺو. بنيادي طور تي پاڻ

دائود پوٽو آهي. سنڌ جي شاهاڻي گهراڻي سان تعلق اٿس. ان ڪري شخصي طور تي هن جي طبيعت ۾ اها بادشاهي به ضرور موجود آهي. مان ڪيس 1972ع کان وٺي سڃاڻان. تڏهن هن هفتيوار برسات رسالو جاري ڪيو هو. بعد ۾ شاهين صاحب روزانه برسات ۽ اها به پارنهن صفحن تي مشتمل جاري ڪئي ۽ ان ۾ چار وڌيڪ صفحا ''اقتصاديات'' لاءِ وقف ڪيا ويا. ان وقت برسات اخبار سنڌ جي صحافت ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. شاهين صاحب ان اخبار ۾ اپ ڪنڊ جي مهان ڪوي شيخ ايياز کي ايڊيٽر ڪري اچي ڪرسيءَ تي ويهاريو. اهو قدم خود هڪ تمام وڏو فيصلو هو. مون کي ياد آهي ته اهو دور شيخ ايياز جي لاءِ ڏاڍو عجيب هو. پاڻ سکر ڇڏي اچي ڪراچي رهيو هو. تڏهن وائيس چانسلريءَ جي ڪري ڪيترا ڏسٽا وائسٽا اديب ۽ شاعر شيخ صاحب کان پاسو ڪري ويا هئا - اهو محض ان ڪري، جو ڪجهه سڃڻ ايياز جي شاعريءَ آڏو پاڻ کي ڏاڍا هيٺا ۽ ننڍڙو محسوس ڪندا هئا. باقي ايياز سان سندن ڪوبه نظرياتي يا سياسي متپيد جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. اصل ۾ شيخ ايياز بيحد معصوم ماڻهو هو. وڏو شاعر هو، پنهنجي دور سان گڏوگڏ ايندڙ ڪيترن ئي صدين جو وڏو سامي هو. اهڙن ئي ماڻهن لاءِ شاهه لطيف چئي ويو آهي ته:

سج سپاٽي جا ڪري، سائي سامي‌ءَ روءِ!

ان ڪري مٿس اهڙن اديبن ۽ شاعرن ۽ دوستن جي ورتاءُ سبب ڊپريشن طاري ٿي وئي هئي. پر جڏهن شيخ صاحب برسات جو ايڊيٽر ٿيو ته مون هن ۾ بي پناهه خوشي محسوس ڪئي. هڪ پيري مان برسات جي آفيس ۾ ساڻس ملاقات لاءِ ويس. يوسف شاهين ٻئي ڪمري ۾ موجود هو. شيخ صاحب ڏاڍي سٺي مود ۾ ڪچهري ڪئي. بعد ۾ چائينا ٽائون هوٽل ۾ منهنجي هڪ ادب دوست، ساڻي سيد خادم علي شاهه سان گڏ ڊنر ڪرڻ هليو هو. ان وقت هو ڏاڍو هشاس بشاش پئي نظر آيو. جڏ شيخ ايازتي جواني وري موٽي آئي هئي.

روزانه برسات جو اهو تجربو سنڌي صحافت جو وڏو تجربو هو. هلال پاڪستان ڪراچي جي اجراءُ کان پوءِ اهو ٻيو پيرو هو، جو سنڌيءَ ۾ ايڈي وڏي بهترين اخبار نڪتي هئي. بدقسمتيءَ سان ڪجهه پنهنجن ئي سڃڻن هڪ سازش سٽي. ڪجهه وقت کان پوءِ شاهين صاحب گرفتار ٿيو. نتيجي ۾ هڪ وڏي رٽا سان تيار ٿيل اخبار سازشين جي سازش جو شڪار ٿي وئي. روزانه برسات جو اهو دور عاليشان هو. اها سڃي محنت هڪ شخص يوسف شاهين جي هئي. آئون سمجهان ٿو ته شاهين صاحب، ان ڪيل محنت جو ٿڪ اڃا تائين لاهي نه سگهيو آهي. يوسف شاهين سچ پچ ته هڪ لحاظ کان ان ڪري به خوش نصيب آهي، جو کيس شيخ ايياز جهڙي مهان ڪوي جي محبت ۽ قرب نصيب ٿيو.

مون ڪٿي پڙهيو هو ته ''هڪ پيرو شمس تبريز الله تعاليٰ کان دعا ڪئي ته منهنجي ڪنهن اهڙي شخص سان ملاقات ٿئي، جنهن ۾ برداشت جي سگهه هجي، اهو بهادر هجي، طاقتور ۽ روحاني شخص هجي ۽ جنهن شخص جي وسيلي مان دنيا کي اها شيءِ عطا ڪريان، جنهن جو مون کي ورهين کان انتظار آهي!''

''پر ان جي عيوض تون مون کي ڇا ڏينديں؟'' خدا تعاليٰ هن کان پڇيو! شمس تبريز وراڻي ڏني، ''پنهنجي زندگي!''

الائي ڇو ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان ته جڏهن ايندڙ دور جو مورخ شيخ ايياز تي قلم کڻندو- هن جي حياتي جي هڪ هڪ روپ تي ويهي بحث ڪندو ته هو شيخ ايياز ۽ يوسف شاهين جي تعلقاتن کي ڇا رومي ۽ تبريز وانگر پيڻيندو يا نه؟ ڪهڙي خبر؟ پر ان ڳالهه ۾ ضرور ويساهه اٿم ته شيخ ايياز به سنڌ جي تاريخ جي هر دور ۾ زنده رهندو. دنيا جي عظيم مفڪر روسو (Rousseau) وانگر هو امر آهي ۽ امر رهندو. تمام گهٽ ماڻهن کي ان ڳالهه جي خبر هوندي ته سائين جي. ايم. سيد سان شيخ ايياز جو پڇاڙي ۾ پرچاءُ به يوسف شاهين ڪرايو هو. تاريخ سندس ان چگائيءَ کي ڪڏهن به نه

وساري سگهندي. شيخ اياز کي به يوسف شاهين سان بيحد محبت هوندي هئي. اياز پنهنجي ٻن ڪتابن جي ارپنا به يوسف شاهين جي نالي ڪئي آهي. تنهن مان سندن دلي لڳاءُ جو بخوبي احساس ٿئي ٿو.

شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته: ”شاعر زندگي جي رفتار جو جذباتي سونهون هوندو آهي ۽ پنهنجي مبهم انداز ۾ سياستدان کان اڳ تاريخ جا اهم موڙ ڏسي سگهندو آهي- پنهنجي تقدير جي باري ۾ به هن کي پروڙ پئجي ويندو آهي!“

يوسف شاهين جي شاعري هلندڙ دور ۽ ايندڙ ڪيترن دورن جو حقيقي آواز آهي. سندس ڪلام ۾ شخصيت سنڌي ادب جو هڪ سنگ ميل آهي. هن جي سڄي حياتي ڪنهن جهونجهار وانگر گذري آهي. هن جا آدرش، هن جو نظريو پنهنجو آهي. هن جي پنهنجي هڪ دنيا آهي ۽ ان دنيا ۾ هو پاڻ جبل جيان اڏول ۽ ڪڏهن به نه جهڪندڙ آهي. شمس تبريز جي هن شعر وانگر ته:

جيڪا تنهنجي لاءِ آهي غروب

اها ئي منهنجي لاءِ آهي طلوع

جيڪو تنهنجي لاءِ زندان آهي

اهو بهار رت وانگر آهي منهنجي لاءِ.

(تبريز)

يا سچل چواٽي:

صورت سيِ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو!

ڪا ٿئين حنبل شافعي، ڪا ٿئين مالڪ نعمان،

ڪا ٿئين پٽي پوٿيون، ڪا ٿئين پڙهي قرآن،

ڪا ٿئين اناالحق چوي، ڪا ٿئين ڦيرائي فرمان،

ڪا ٿئين طفوليت ۾، ڪا ٿئين پير چوان،

ڪا ٿئين ميروز ۾ ٿيو، ڪا ٿئين ٿيو دربان،

ڪا ٿئين احمد بلا ميمي، ڪا ٿئين هنومان،

سچو سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان!

-سچل سرمست

يا شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي هن بيت وانگر ته:

هٿين هٿ ڪڙول، هينئڙي پيم هُن جا،

سانگي ساريم سومرا، ڏاڍي پاسي ڏول،

ٻاٻاڻن سين ٻول، ڪيم نه ڪوٽ ويهڻ جا.

(شاهه)

جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته شاعر ۽ اديب پنهنجي دور جا باغي هوندا آهن. مزاحمت سندن اندر ۾ لڳل هوندي آهي. اها اندر ۾ لڳل مزاحمت کين ڪڏهن وڙهڻ تي به مجبور ڪندي آهي. ڪڏهن هو اتر سامهون هوندا آهن ته ڪڏهن دونهين جهل ڏي ويهندا آهن. آئون ائين ڪونه ٿو چوان ته هر دور جا اديب ۽ شاعر سمورا باغي ڏي چي گويرا، پگهٽ سنگهه يا هيمون ڪالاڻي بڏجي جنگ پيا جوڙيندا آهن. پر اهي ظلم جي آڏو ڪڏهن به پنهنجو ڪنڌ نه جهڪائيندا آهن. سندن لکڻيون يا شاعري ايندڙ صدين تائين زنده رهندي آهي. چاڪاڻ ته هر دور ۾ ظلم ۽ ظالم، ڏاڍ، جبر ۽ استبداد، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ قائم رهندو پيو اچي، ان ڪري هر دور جي سجاڳ اديبن جي اندر ۾ ڪانه ڪا چٽنگ ضرور موجود هوندي آهي. اها چٽنگ جيڪا ڪڏهن به نه اجهامندي آهي ۽ نه وري ڪڏهن اجهامڻي آهي. يوسف شاهين جي اندر ۾ به اها چٽنگ موجود آهي. ان چٽنگ کيس سدائين وقت جي ڪنهن نه ڪنهن پب جبل جي پهڻ آڏو، لوهه جي لنگ وانگر سامهون بيهاريو آهي، ان ئي جذبي کيس هر پيري مزاحمت تي پئي اپاريو آهي. بقول داغ دهلويءَ جي ته:

هم لطف ڪي بندي هين، خدا ڪي قسم اي داغ،

هم سي نه ڪپي، ناز ستم گر ڪي اُٿين گي.

(داغ)

دل گهريو پئي ته شاهين صاحب تي هڪ طويل خاڪو ويهي لکان، پر لکڻ لاءِ الائي ڇو ڪڏهن ڪڏهن موڊ ٿيندو آهي. ڪيترن ڏينهن کان اها خواهش دل ۾ رکندي به گهڻو ڪجهه نه لکي سگهيس. ان ڳالهه جو ضرور ڏک رهندو. بهرحال يار زنده صحبت باقي. خدا شل يوسف شاهين جي قلم کي سگهه عطا ڪري. هو سنڌي ادب جي اپ تي سدائين چمڪندڙ ڪنهن تاري جيان شعائون ڏيکاريندو رهندو ۽ پنهنجي علم جون مشعلون ٻاري وقت ۽ تاريخ جي اونداهين گهٽين کي روشن ڪندو، اڳتي وڌندو رهندو، هلندو رهندو ۽ وڌندو رهندو!!

27 آڪٽوبر، 2010- ڪلفٽن ڪراچي

اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو

پهرين حصي بابت

سنڌ جي ڪيترن ئي

عظيم هستين

پنهنجا رايا ۽ تاثرات لکي

موڪليا،

جن مان ڪجهه چونڊ

ٿڪرا

اڳيان ڏجن ٿا.

❐

ڪتاب ”اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو“ ملڻ بعد دل گهريو ته توهان کي ملان، پاڪر پائي نراڙ تي مٿيون ڏيان ۽ سلام ڪري توهان جي لياقت کي تسليم ڪريان..... اها الله جي ذات ۽ ڏاڻُ آهي، نه ڪوشش آهي نه علم آهي.

- پير حسام الدين راشدي

12 فيبروري 1980ع

❐

اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو ۽ ڪلام، صنف جي لحاظ کان قديم، مگر خيال نوان جمع ڪيل آهي، جي هن دور جي عڪاسي ڪن ٿا.

- طالب المولىٰ

مخدوم محمد زمان

3 مئي 1980ع

❐

آئون بنيادي طور سائنسدان آهيان، ان باوجود مون اوهان جي شاعري وڏي چاهه ۽ اُنس سان پڙهي. توهان جيڪي ڏنو آهي اهو يقينن قابل تعريف آهي. جيتوڻيڪ شاعريءَ جي دنيا ۾، اوهان بنهه نوان آهيو. ان جي باوجود اوهان سنڌي شاعري جي وچ ۾ اهم جاءِ والاري آهي.

- ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري

وائيس چانسلر

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڈوجام

24 مارچ 1980ع

تنوير عباسي

سرمد جو گهر، خيرپور

16 سيپٽمبر 1979

اردوءَ جي مشهور شاعر ن. م. راشد پنهنجي پهرئين مجموعي ”ماوراء“ جي ديباچي ۾ لکيو هو ته ”بدقسمتيءَ سان اسان جي ايشيائي ملڪن ۾ ادبي تبديليون به معاشرتي تبديلين وانگر شاذ و نادر ئي واقع ٿيندڙيون آهن“.

سنڌ ۾ سماجي توڙي ادبي تبديلين جو پيدا ٿيڻ اڃا به وڌيڪ سست رفتار آهي. سنڌ جو ماڻهو ”روايت پسند“ نه پر ”روايت پرست“ آهي. ڪيميائي پاڻ هجي يا آزاد نظم، اسان کان اڳ ۾ ٻيا ان کي قبول ڪندا. اڃا به موهن جي دڙي واري بيل گاڏي پئي هلي، اڃا به سنڌي ادب ۾ سگهڙپائي، ڏڻ، ڏور، ڳجهارت ۽ هنر موجود آهن.

اسان جي شاعريءَ سان به اها حالت آهي. هڪ روايت جو بنياد پيو ته صدين تائين ان کي چهٽيا پيا هونداسين. ان کي بدلائڻ يا اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن تي اُلرون ڪنداسين. ان کي پنهنجو ادبي ورثو سڏي، ان جي حفاظت ڪرڻ کي مقدس فرض سمجهنداسين. حالانڪه روايت بدلائڻ سان روايت مري نٿي. اها ته تاريخ ۾ ابدي حيثيت رکي ٿي. لطيف جي روايت کان اڳتي هلي، هائيڪو لکيا ويا ته لطيف جي اهميت ڪانه گهٽي. اسان جي ادب کي هڪ قدم اڳتي وڌايو.

”بيت“ به اسان جي هڪ اهڙي روايت آهي، جيڪا قديم وقت کان اڄ تائين هلي اچي. ان جي موضوع ۾ تبديلين جو واقع ٿيڻ واقعي سست رفتار آهي. پهريون پهريون لطيف ان ۾ نواڻ آندي، پوءِ سچل سرمست پنهنجو رنگ پريو ۽ هاڻوڪي دور ۾ شيخ اياز اڌ صدي اڳ ان ۾ جديد موضوعن کي سمايو. اڄ به بيت لکيو وڃي ٿو پر اهو يا لطيف جي رنگ ۾ آهي يا سچل جي رمز تي، يا اياز جي اسٽائيل ۾ يا مورڳو سگهڙن جي طرز تي.

يوسف شاهين جو هي ننڍڙو مجموعو انهن سڀني روايتن کان هٽيل آهي. هن اياز وانگر نوان موضوع ته ڏنا آهن پر سندس اپيروچ (Approach) نرالي آهي. هن جي بيتن جو موضوع گهڻو ڪري انسان جي دردناڪ حالت آهي. انسان روايتي جنت جي ڳولا ۾ هن جهنم جهڙيءَ دنيا ۾ پڃري رهيو آهي. وري به اڳتي لاءِ ان کي دوزخ ئي نظر ٿي اچي:

تون ڏاتار تون ڏيُ، دوزخ باهه اُجهاءِ

جو خلقيو خوب هوءِ، سو واڻون تو واجهاءِ

رجهيل روح ريجهاءِ، دانهون ٿين دوزخ ۾!

تون ستار، تون غفار، تو وٽ جنت جاءِ

مکڻ، ماکيون، ميوا، اُت اڻ ميا ڏناءِ

ڪوڙين بکيا هت سمهن، جيئڻ تن نه جاءِ

دل دانهن ريءَ نه رهي، ماڻ مون م جڳاءِ

ڪهڙي منهن اچانءِ، پائر منهنجا بک ۾.

تون جبار، تون قهار، تو وٽ دوزخ باهه

ڪهه م ڪرين ڪهڪاءِ، دانهون ٿين دوزخ ۾.

دوزخ ۾ دانهون ٿين، تون به سڻ ستار

توهجي پرت پچار، ڪوڙين وڏا ڪاٽ ۾.

نانگ بلائون اُپ ۾، پاليئي پالٽهار

ائن م جڳائي يار، جيئن ڏنگي ڏڦي ڏنجهه ڏين.

”انسان“ احسن التقويم آهي- مسلمان احسن التقويم ناهي:

تون ڏمر، تون ڏاڍ، تون ويري تون وڍ

ڪوئي نه توهجي ڪڍ، سپ کي جوف جنت جو.

۽ پوءِ، هن ڏرتيءَ جي حالت چا هي ۽ جنت ۾ ماڻهو ڪيئن آهن:

هي سپ بيت يوسف شاهين شڪوي جي انداز ۾ چيا آهن. اقبال جي شڪوي جو انداز پنهنجو هو، حيدر بخش جتوئيءَ پنهنجي رنگ ۾ شڪوو لکيو، يوسف شاهين جو نمونو الڳ آهي.

سنڌ جي روايتي صلح پسنديءَ جو هڪ مثال ”مڻي آهي ماڻ“ پر ان کان شاهين بغاوت ٿو ڪري:

ڏاڍو ڏاري ڏنپ ڏي، ڏند ڪرتي ڏاڻ

لوڪ لڇائي لُرَ ڪري، وجهي ڪائنئون ڪاڻ

هاڻ منٺي ناهه ماڻ، ريهه ڪر ته راهه جڙي.

اڄڪلهين دور ۾، ”مونن ۾ منهن وجهڻ“ شرافت جي نشاني هئي پر هاڻي تاريخ اڄڪلهه وڏي آئي آهي:

وجهي منهن مونن ۾، ويڙو ڪري ٻڪ

سوڍو سوريءَ چڙهيو، پوءِ به ناهي پڪ

ويري وجهي چڪ، ته مرڻ وارو ڇو نه مئو!

يوسف شاهين پنهنجي سرن جي ترتيب ۾ ڪلياڻ، سارنگ ۽ ڪيڏاري سان گڏ هڪ نئون ”سر سنڌ“ شامل ڪيو آهي. ”سر سنڌ“ اسان جي دور جو سُر آهي. اهو موضوع، فارسيءَ جي رويتي معشوق جي موضوع وانگر، هن دور جي شاعرن جو مرغوب موضوع آهي. سنڌ جي سهڻن نظارن جو بيان اسان جي جديد شاعريءَ جي سراپا، ته ان سان محبت جو اظهار اسان جي رومانويت، ان جي ڏنڌڙيل حالت تي ڏک، اسان جي غم پسندي ۽ ان جي مستقبل جي اميد اسان جي رجاعيت، سنڌ جي لاءِ سر ڏيڻ جو موضوع اسان جو رجز ۽ ڪيڏارو، سنڌ جي دشمنن جي گلا اسان جي هجو، ان جي سورمن جي تعريف اسان جي ”ويرگاٿا“ ته ان جي شان ۾ شاعري اسان جو قصيدو آهي. هر طرح سان هر زاويي کان سنڌ کي ڇاڪاڻ ڏو وڃي. يوسف شاهين به پنهنجي انداز ۾ سر سنڌ ڇاڪاڻ آهي.

ڪجهه سال ڏيا، يوسف شاهين جو ڪتاب ”اناالحق“ ڇپيو. اسان جي بدقسمتي اها، جو ڪتاب اردوءَ ۾ هو ۽ سنڌ ۾ گهٽڻ ماڻهن نه پڙهيو. اردو وارن جي بدقسمتي اها جو ڪتاب هڪ سنڌي لکيو ۽ ڪتاب جي بدقسمتي اها جو، اهو انگريزي ۾ نه هو ۽ ان کي يوسف شاهين لکيو هو. جي اهو ڪتاب انگريزي ۾ ڪو مشهور مصنف لکي ها ته وڏي ڇاڪاڻ هئي ها: اهو ننڍڙو ڪتاب سڄي دنيا جي ضمير کي جنجهوڙڻ لاءِ ڪافي آهي.

يوسف شاهين جو هيءَ ڪتاب به هڪ درمند دل جي صدا آهي. هڪ ضمير واري ڏاهي جي دانهن آهي. هڪ اهڙي انسان جو شڪوو آهي، جيڪو هت به پجري رهيو آهي ۽ اڄڪلهه به پجرڻ کان سواءِ ڪجهه نظر نڏو اچيس.

اهو نه چوندس ته ڪو يوسف شاهين وڏو تير هنيو آهي پر ايترو ضرور آهي ته يوسف شاهين جو هي ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي ماڻار ۾ ڪي لهرون ضرور اڀارينديو. ڪيترن ئي عام ماڻهن توڙي ڏاهن جي دلين کي پڄائيندو ۽ ذهنن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪندو. اهو ئي ته شاعريءَ جو ڪم آهي!

قمر شهباز

شام جي چانهه منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڌي عياشي آهي ۽ ان موقعي کي مان نه رڳو ماڻيندو آهيان بلڪه ملهائيندو به آهيان. هڪ تمام وڏو مگو چانهه جو چوٽ تائين پريل، لان جي ڪنڊ ۾ رکيل اڪيلي ڪرسي ۽ ڪلاڪ سوا جي واندڪائي، گهر کان پري اها گهڙي کائڻ ايندي اٿم. ڏاڍو مونجهو ٿيندو آهيان. ڪراچيءَ موٽندو آهيان ته وڃايل ڏينهن جي تلافيءَ ڪارڻ اڪثر گهر ۾ گذاريندو آهيان. خاص ڪري شام ته ارشاد ۽ چانهه جي نالي لکجي ويندي آهي.

گذريل عيد تي ڪراچيءَ آيس. شام جي تياري هئي ته اوچتو شاهين جو فون آيو.

چيائين: ''جلدي اچ''.

چيم: ''خير؟''

چيائين: ''مڙئي خير آهي''.

چيم: ''پوءِ ترسي نه سگهندين؟''

چيائين: ''نه، ڪم تمام ضروري آهي''.

چيم: ''چانهه پي اچان ٿو''.

چيائين: ''چانهه پڻاڻ جي پيئنداسين، جلدي اچ''.

سوچيم، ضرور ڪو اهم ڪم هوندو، نه ته هيءُ يار هروپرو ضد نه ڪندو آهي. بيدليءَ سان گاڏي ڪڍيم. ٽيپو سلطان روڊ، شهيد ملت روڊ، طارق روڊ ۽ پوءِ سنهڙيءَ گهٽيءَ جي وچ تي اونداهي ڏاڪڻ، جنهن تي چڙهڻ وقت مون کي ذري گهٽ بانبڑا پائڻا پوندا آهن.

پنهنجيءَ آفيس ۾ هو اڪيلو ويٺو هو. ڏٺم، سندس منهن تي هڪ عجيب مرڪ ڦهليل هئي.

پڇيم: ”ڪا نئين هوٽل کولي اٿئي“ ڪو نئون ڊپارٽمينٽل اسٽور؟ يا ايڊورٽائيزنگ ايجنسي؟“

هو چپ چاپ مرڪندو رهيو.

هوريان پڇيومانس: ”ٻي شادي ڪئي اٿئي ڇا؟“

ٽهڪ ڏئي کلي پيو. ميز جو خانو کولي هڪ فائيل ڪڍيائين. هلڪي کنگهڪار ڪري گلو صاف ڪيائين ۽ چيائين: ”عرض ڪيو اٿم-“

مان ڊڄي ويس. پر دل جهلي چيم: ”تون حڪم ڪر. عرض ڏارين کي ڪبا آهن“.

چيائين: ”شاعري ڪئي اٿم، اها ٿو ٻڌايان“.

آخر اهو ئي ٿيو، جنهن جو خوف هو. دراصل منهنجي ڪاپي اک گهٽڻ ڏينهن کان پئي ڦڙڪي. چوندو هئس، ڪا خبر اچڻي آهي. ڪهڙي؟ ان جي ڄاڻ نه هئم. شايد مهمان اچڻا آهن. بجليءَ جو بل اچڻو آهي. جاءِ جو مالڪ نوٽيس ڏيڻ وارو آهي يا وري خواجه امداد سان ملاقات ٿيڻي آهي.

سڀ بريون خبرون سوچيون هئم، پر وهم ۽ گمان ۾ به نه هئم ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪا اهڙي گهڙي به ايندي جڏهن يوسف شاهين شعر ٻڌائيندو- ۽ سو به پنهنجا.

چيم: ”شهيدن سان چرچا نه ڪندو ڪر“.

چيائين: ”چرچو ناهي، حقيقت آهي. هي سڀ شعر مون پاڻ لکيا آهن“.

اعتبار ڪيئن اچي؟ يوسف شاهين سڀ ڪجهه هو، شاعر نه هو.

هن هلڪي قدبت ۽ هلڪي آواز واري انسان ۾ مون بي پناهه قوت، همت ۽ قابليت ڏٺي هئي. واپاري ڏاهه ۽ ڏانءُ، ڪاروباري سوچ ۽ سمجهه، انتظامي ووڙ ۽ ويچار، اخلاقي اوچائي، صبر ۽ سچائي، نياز ۽ نوڙت- مطلب ته ”شاهين جو وجود هڪ لاڳيتي اٽڪ جدوجهد جو ٻيو نالو آهي. هن پنهنجي پاڻ کي مختلف ڪارجن ۾ اهڙي ريت ورهائي ڇڏيو آهي جو هر يوسف ٻئي يوسف کان جدا ۽ نرالو نظرايندو. ”برسات“ جي ايڊيٽريءَ کان ويندي ڊپارٽمينٽل اسٽورن جي قطار، سپر هاءِ وي جي مڊوي کان سيوهڻ جي انڊس هوٽل، انڊس ايڊورٽائيزر کان پرنٽر، پبلشر ۽ ڊسٽريبيوٽر تائين ”انالحق“ جي مصنف ”انڊس ڊائجسٽ“ (انگريزي) جي مدير ۽ مالڪ، ننڍي کنڊ جي نئين تاريخ جي ليکڪ، هن نوجوان مختصر عرصي ۾ گهڻائي جبل جهاڳيا آهن. گهڻائي ڪشٽ ۽ ڪشالا ڪيا آهن. گهڻو ئي پڳهر ڳاڙيو آهي ۽ گهڻو ئي رت ست ڏنو آهي. هر روپ ۾، هر رنگ ۾، هر ڊار ۾، هر ڊنگ ۾، مون هن جي ڪوشش ۽ محنت کي آڪاش جي اتانهين تائين اڏامندو ڏٺو آهي.

ڪتابن سان شوق اٿس. نه! غلط چيم- ڪتابن سان عشق اٿس. سندس گهر، آفيس ۾، گاڏي ۾، رسالن ۽ ڪتابن جا ڍير نظر ايندا. هر قسم جو ادب پڙهندو آهي پر شعر نه ڪڏهن ڪنهن جو ٻڌائين، نه پڙهيائين. چوندو: ”اها واندڪائيءَ جي

وندر آهي. اهي ڳالهيون پنهنجيءَ سمجهه کان مٿي آهن“.

شايد اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جا نامي گرامي شاعر سندس دوستيءَ جو دم پريندي به کيس ڪڏهن پنهنجو ڪلام ٻڌائي نه سگهيا. مان سوچيندو هئس ته کيڏو نه خوشنصيب آهي هيءُ انسان جو ايڏي عذاب کان بچيل آهي.

پر اڄ اهو ئي يوسف شاهين فائيل کولي چئي رهيو هو: ”عرض ڪيو اٿم-

مون چيو: ”طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟“

چيائين: بلڪل. منهنجو خيال آهي چانهه گهرائڻ گهرجي“.

مون چيو: ”پوءِ ته جيڪو ٻڌائين سو ٻڌبو“.

چانهه جو حڪمنامو جاري ڪري، شرمائيندي، لڄائيندي، شڪائپ کان اکيون جهڪائي چيائين:

”يار، هاڻي ته ٻڌ. ڏاڍي محنت ڪئي اٿم“.

دل ۾ چيم: چڏيندو ايهين ئي ڪونه. نئون شوق اٿس. مون کي نه، ته پٽاڻ کي ٻڌائيندو. ان ڪري پرائي دل نه ٽوڙجي. اخلاق جي هر تقاضا پوري ڪرڻ گهرجي. پوءِ يا نصيب.

هو ته اشاري وهيڙو ويٺو هو، شروع ٿي ويو، جيئن جيئن پڙهندو ويو، تيئن تيئن مون کي اهو ماڻهو زمين کان مٿي، گهڻو مٿي، اپ ڏانهن اسرندو نظر ايندو ويو.

اکر، اکر، حرف حرف، سٽ سٽ، سنڌوءَ جي مست چولين جيان تڙپندي، ڦٽڪندي، ور وراڪا کائيندي، ڪناري ڏانهن ٽوڪيندي نظر آيم. ڪا اونهائي هئي خيالن جي! ڪا ڪاريگري هئي سڃاءَ جي! جڏ تصور جي موسيقي هئي. گيتن جي گونجار هئي.

هڪ دفعي ڪراچيءَ کان گهڻو پري، اڪيلائيءَ ۾ اٻاٽڪائيءَ جي سمي، مون دريءَ جي سيخن مان پهاڙن تي برسات کي اوهيرا ڪري وسندي ڏٺو هو. ان ڏينهن منهنجي دل ڪجهه لکڻ لاءِ ڏاڍي سٽ ڪاڌي هئي. اندر جي آنڌ ماندڻ روح کي نپوڙي رکيو هوم. عجيب غريب رنگ منهنجي ذهن ۾ تڙپي اٿيا هئا. من ماندو ٿي اٿيو هو. چيم: اڄ ته اها شيءِ جڙندي جو ڪوئل جي ڪوڪ کي به مات ڪري وجهندي. چنگ ۾ اهو ڏنگ ڪٿي جو منهنجي قلم جي نوڪ ۾ آهي. چنڊ ۾ اهو سنڊ ڪٿي جو منهنجي تصور جي تهه ۾ آهي.

۽ پوءِ، هٿ ۾ قلم ڪٿي ويٺو رهيو هئس. برسات گذري وئي، ڪيئي برساتون گذري ويون پر مان ڪجهه به نه لکي سگهيو هئس. مات جي احساس مون کي ماري وڌو هو. ائين جيئن ڪنهن اجايل جي چپن تي آيل جام کسجي ويو هجي. ڪنهن سودائيءَ جي سندر دنيا کڙڪي تي کن ۾ کرکنا ٿي وئي هئي، ڪنهن چرئي جي چاهه تي ڏارين ڏاڙو هنيو هجي.

اڄ شاهين جي شاعري ٻڌي مون کي برسات جي اها وساريل گهڙي ياد اچي وئي، بادل پرجي آيا، وڄ چمڪي، بوندون برسي اٿيون ۽ پوءِ سڪايل ڌرتيءَ جي سيني مان مٽيءَ جو ازلي هڪاءُ مهڪي اُٿيو.

هيءُ ماڻهو ڪير آهي؟ هن کي مون اڳ به ڏٺو آهي. پر هيءُ اهو ته ناهي. هي ڪي ٻيو آهي. هي يقينن ڪو ٻيو ئي آهي. اجنبي، اوپرو، اڻڄاتو انسان، جنهن جي سيني ۾ سمونڊن جي لوڇ آهي، پهاڙن جي سوچ آهي، جنهن جي لفظن ۾ لائو آهي، اکرن ۾ آتش فشان جي اتت آهي.

اکر انسان ساز آهن. اکر اڏيندا آهن، اکوڙيندا به آهن، جوڙيندا آهن، جنجهوڙيندا به آهن، پکاريندا آهن. پروڙيندا

به آهن، اکر ابتدا آهن، انتها به آهن. اکر انداز، آواز ۽ احساس آهن، اکر سچ ۽ ڪچ جي ڪسوٽي آهن.

شاهين وٽ اکرن جي کوٽ اڳ به نه هئي، پر اڄ هن کين سجائي، سموهي، سُرهو ڪيو هو ۽ ان خوشبو جو نالو رکيو هئاسين ”شاعري“.

هو چگي دير پنهنجو ڪلام پڙهندو رهيو ۽ پوءِ مان ٽي وئي.

ڪا بهتر شيءِ سجهيم ها ته جيڪر ضرور چوان ها.

پڇيائين: ”چا راءِ اٿئي؟“

چيم: ”ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو اٿئي؟“

چيائين: ”گذريل رات کان“

اعتبار نه آيم، پڇيم: هن کان اڳ؟“

چيائين: ”ڪجهه به نه. خبر نه اٿم ڪيئن لکي ويس. بس لکندو ويس. دل ٿي چوي ته هڪ پل به واندو نه ويهان، لکندو رهان. اندر ۾ اڌما ٽا اُٿن“.

چيم: ”ڪو مطالعو؟“

چيائين: اصل نه.

چيم: ”ته پوءِ هيءُ سپ ڪجهه....“

چيائين: ”ان ۾ منهنجي ڪابه ڪوشش شامل ناهي“.

ان گڏجاڻيءَ ۾ شاهين چند بيت ئي ٻڌايا هئا. مون کي پڪ آهي ته اڄ تائين ڏات سندس ساٿ نه ڇڏيو هوندو ۽ هو ضرور ڪو چگو موچارو ذخيرو گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوندو.

ڏات جي ڏائڻ ڏاڍي ڏکي هٿ چڙهندي آهي. کوٽ ۽ کريب ته ڪو کائنس سکي، اڻڄاڻ اٻوجهن کي ناتر جيان ڪاڪ محل ۾ گهمريون ئي ٻه کارائي، نهوڙي نيندي آهي. ڪيترائي سودائي هن هرجائيءَ جي هٿان راهن تان رلي وڃي، اوجهڙن ۾ پيا. اهي پاڻن وارا ڇٻا، جن کي منزل ملي.

يوسف شاهين پيار جي هن انوکي پيچري تي پهرين وار پير رکيو آهي. هن ڪاڪ محل جي موهيندڙ نظارن کي اڃا پري کان پسيو آهي. مومل تائين رسائيءَ لاءِ مينڊري جهڙي محبت گهرجي. سچ کي سچ چوڻ جي همت گهرجي. لڳاتار صبر، ڪوشش ۽ محنت گهرجي. مطالعو گهرجي، مشاهدو گهرجي، جا ٻئي جا سور سانڊي سگهي. اها اک گهرجي، جا لڙڪ لاڑي سگهي. اها سوچ گهرجي، جا سونهن سوڀيا جا سڀنا ڏسي سگهي.

ڪلا ته وڏو روگ آهي. ڪو مستانو گهرجي، جو جوگ قبولي.

اسان جو هيءُ نئون شاعر ڪيترو دور سفر ڪري سگهي ٿو. سو وقت ٻڌائيندو، چو ته وقت ئي سپ کان وڏو پارکو آهي.

مون شاهين جي شاعريءَ جا صرف چند ورق پڙهيا آهن. هن ڪتاب ۾ ٻيو به گهڻو ڪجهه شامل هوندو. ان

عرصي ۾ هن جي تصور ۽ تخيل کيئي مانڊاڻ مندیا هوندا. ڏسڻو صرف اهو آهي ته هن جي قلم کيترو پرايو ۽ کيترو وڃايو آهي. وقتي جذباتي نعريبازي تي اکتفا ڪئي اٿس يا ازلي قدرن جي عڪاسي ڪئي اٿس، جنهن ليکڪ خوبصورتي، سچ، انصاف ۽ پيار جهڙن جذبن کي نکاريو، سو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ضرور امر ٿي ويندو.

هن وٽ لفظن جو اٽڪٽ پنڊار آهي. ذاتي مشاهدي جو عميق خزانو آهي. جدوجهد ۽ ڪشمڪش جي ميراث آهي. ٻهراڙيءَ جو پس منظر ۽ شهري پيش منظر آهي. ڏات آهي، ڏاڻءُ آهي، لڻءُ آهي، لگن آهي، واڻون آهن، وسيلا آهن، هڪ ليکڪ لاءِ جو ڪجهه گهربل آهي، سو سڀڪجهه ميسر آهي. سنڌ کي موضوعن جي کوٽ ناهي. البت سلجهيل ۽ سمجهو لکندڙن جي کوٽ هر دور ۾ رهي آهي. ان ڪري يوسف شاهين کي پنهنجو مقام حاصل ڪرڻ ۾ دير نه لڳندي. هن جو تاريخي، سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي مطالعو تمام وسيع آهي. سوسائٽيءَ جي هر طبقي سان سندس لهه وچڙ آهي. واپاري هجڻ جي ناتي، سندس شعر ۾ بحر- وزن جي گهٽ وڌائي ممڪن ناهي. تور ماپ جو تڪڙو آهي. ان ڪري خدشو لاحق آهي ته هو سنڌي شاعرن جي قطار ۾ هڪ مستقل جڳهه والاري ويهي.

تاج بلوچ

مون انهن ٻن اکين کي اڳ به ڏٺو هو:

بند هوندي به سدائين کليل اکيون.

خاموش پر اونهيون ۽ ڳالهائيندڙ اکيون.

شفق جي لالائيءَ جيان ڳاڙهيون اکيون.

ٽاندي جيان ٻرندڙ اکيون.

ڪنهن واريءَ تي وڏڙو ٽي وسندڙ اکيون.

ڪنهن جي درد تي، ارتو اوتيندڙ اکيون.

ڪنهن يتيم جي مٿي تي مهر ٽي وسندڙ اکيون.

ڪنهن بيواهه لاءِ پناهگاهه اکيون.

ڪنهن بکئي- ڏکئي جي پيڙا تي تڙپي پوندڙ اکيون.

روئيندڙ اکيون، کلندڙ اکيون.

ڏاڍ جي ڏيل ۾، بڙچي بڏجي لهي ويندڙ اکيون.

نادان اکيون، داناءُ اکيون.

بي خبر اکيون. باخبر اکيون.

سڀني انهن اکين کي اڳ به ڏٺو هو، پر ڪنهن کي گمان به نه هو ته انهن ۾ اکين جي مختصر جهول ايڏي ڪشادي هوندي، جو انت تري تائين سمورين رنگبرنگي گهراين، رمزن ۽ اسرارن کي پري وٺنديون.

ڪنهن کي پتو به نه هو ته اهي ۾ اکيون، پنهنجي سموري جاڙ- اجاڙ وسيلي صدين جي لڪل ڇاڙ کي ائين سربستو بيان ڪري ڏيکارينديون.

ڪنهن کي به ڇاڙ نه هئي ته اهي اکيون ڏورانهين درد جي احساس کي ايڏو اثر ڏيئي سگهنديون، جو ڪنهن پٿر جي بت ۾ ساهه وجهي، ان جي سونهن کي نواڙ ۽ ابديت بخشي سگهنديون.

پر سچ پچو ته مون کي خبر هئي:

مون انهن ۾ اکين جي چمڪندڙ ماڻڪين ۾ سچ جا ڪرڙا جرڪندي ڏٺا هئا- مون انهن سدائين جاڳندڙ اکين جي گهري ڳڻپيرتا جي جادوءَ ۾ پاڻ کي جڪڙجندي محسوس ڪيو هو.

اڄ انهن ۾ اکين پنهنجي اندر ۾ سانڍيل سموري مشاهدي، ذاتي ۽ اجتماعي پيڙا جو اظهار ڪيو آهي:

''اندر ۾ اُهاڻُ ٽيو''

هن جي اظهار جو انداز به نرالو آهي. چئي ٿو:

... پٽين ويڙا پيٽ کي، نرتئون گهري نان.

انهيءَ اظهار ۾، هن ويهين صديءَ جي انهيءَ ڏکوئيندڙ دڪ- نائڪ جو ڪلائيميڪس ڏيکاريو آهي.

مون هن جي ٻنهي اکين کي اڳ به ڏٺو هو:

بي خبر اکيون، باخبر اکيون.

مون کي هاڻ خبر پئي آهي ته انهي ٻنهي اکين پنهنجي سموري جاڻ- اڃاڻ وسيلي، صدين جي لڪل ڇاڻ کي سربستو بيان ڪيو آهي.

''اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو''

يوسف شاهين شايد هن ملڪ جو پهريون شاعر هجي، جنهن بنهه ٿوري عرصي ۾، ٿورو ئي سهي پر نهايت ڳڻپيرِ، وقتائتو، اثر انگيز ۽ جرئتمندانه تخليقي عمل ڏنو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي اتساهه ڏئي ٿو.

شاهين پٽائيءَ جي گهاڙيٽي ۽ ٻولي مان استفادو ڪندي، بنا ڪنهن نعريبازي جي اهو ڪجهه ڏنو آهي، جنهن جي نئين شاعر کان توقع ئي نه هوندي آهي. اهو هن جي فن جو ڪمال پڻ ڇئبو، ڇو ته سندس پهرين شعري پورهئي ۾، نه ته ڪنهن اڻ ڏٺي محبوب ''احمرين لبن''، ''مشڪبو زلفن''، ''ڳداز جسم'' ۽ ''دراز قد'' جي واکاڻ ملي ٿي ۽ نه ئي ''بام'' تي بينل ڪنهن ''دوشيزا'' جو قصيدو- ۽ نه ڪنهن چوپيل، چٻاڙيل ۽ مدي خارج، بيمار، داخلي ۽ سطحي رومانيت جو اولڙو ۽ نه ئي سندس ڪلام ۾، ڪنهن ''جديديت'' جي ماريل ذهن جي انتشاري ڪيفيت جو ڪو اشارو- هن نه ته ٽلهي لفظن جي جادوگري ڪئي آهي ۽ نه ئي ڪٿي مشاهدي جي مار کاڌي آهي.

شاهين، پنهنجي دور جي اپرندڙ مسئلي تي قلم کنيو آهي، جيڪا هن دور جي وڌي ۾ وڌي گهر آهي. سندس تخليقي عمل هڪ عام سنڌي خواندي کان وٺي ڪنهن گهڻ- پڙهئي قاريءَ لاءِ سوچ جا وڏا وڏا دائره ڦهلائي ٿو- هن پنهنجي سوچ جي پالن سان، ورتل سج تي حملو ڪري، ڪيس اونداهه کان آجو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو هن دور ۾ وڌي ۾ وڌو ۽ انوکو علمي ۽ ادبي ڪارنامو آهي.

سندس فڪر کان هٽي، جيڪڏهن شاهين جي ڪلام جي گهاڙيٽي ۽ لفظن جي سٽاءَ تي سوچبو ته هن خيال کي رڳو سهڻن لفظن جي ٽياس تي لڙڪائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي پر ان جي ابتڙ آسان، مروج ۽ سمجهه ۾ ايندڙ لفظن جو سهارو وٺي، درد جي انگاس تي لڙڪيل، ويهين صديءَ جي انهيءَ ازلي درد جو نوحو لکيو آهي، جيڪو سقراط کان وٺي هر دور ۾ زهر جو پيالو پيئندو پئي آيو آهي- هڪ ''نو آموز'' ۽ ''مبتدي'' شاعر هوندي به هو ڪيترن ئي ڪهنه مشق ۽ قداور شاعرن جي قطار ۾ اچي بيٺو آهي- چاڪاڻ ته هو الهامي شاعر نه آهي پر هن جو ڪجهه سرجيو آهي، اهو سندس تخليقي ڪرب ۽ شعوري ڪوشش جو نتيجو آهي.

شاهين جي شاعريءَ جي سپ کان وڏي خوبي اها آهي ته هو ذات جي قيد ۾ بند نه آهي. هن جي سوچ ۽ فڪر جو دائرو لامحدود ۽ گهڻي معنيٰ رکندڙ آهي. شاهين جي ڪلام ۾ انسان ذات جي لڳاتار پوڳنا واري ڏکوئيندڙ ڏنج جو شايد احساس ملي ٿو، جيڪو نه رڳو پڙهندڙ کي بي چين ڪيو ڇڏي پر ان بيچينيءَ کي ڪنهن صحيح ڳس تي لڳائڻ واري لاٺ پڻ نظر اچي ٿي- سندس انهيءَ فني خوبيءَ کي ڏسي چوٽو پوي ٿو ته سندس پورهيو سجايو آهي. ڇو ته هن پٽي، پرندڙ ۽ اڏوهي کاڌل سماج کي ڀاهڻ خاطر سماجي بيچيني ڦهلائڻ لاءِ جيڪو منصب، ڪنهن قلمڪار تي عائد ٿئي ٿو، شاهين ان جو منصب ۽ ادب جي سماجي ڪارج کي ڪافي حد تائين پورو ڪيو آهي ۽ ان جي تڪميل لاءِ پاڻ اڳرپڻ وارن آدرشي جذبن جو عملي اظهار پڻ ڪيو آهي ۽ لڳاتار پوڳنا وري فلسفي کي رد ڪندي، ماڻهپي جهڙي جياپي واري موٽ جو آسوند آهي.

ممتاز مرزا

12 فيبروري 1980ع

هيءُ خط توکي شايد حيران ڪري، جو منهنجي تو سان ايتري ديگهه نه آهي. ڪلهه (11-2-1980) تي، شمشير تنهنجو ڪتاب ”اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو“ ڏنو. رات جو هڪ ساهي ويهي پڙهي ورتم، تنهنجي اها اعليٰ تصنيف ايڏي ته متاثر ڪندڙ آهي، جو ان جو داد نه ڏيڻ به ڇڻ ڪفر جي برابر آهي- مون سنڌي بيت جي شاعريءَ جو پنهنجن وسيلن آهر تمام ڇگو مطالعو ڪيو آهي. ڪوبه آڱاڻو شاعر يا جديد شاعر توڙي سُگهڙ اهڙو نه آهي، جو منهنجي نظر مان نه نڪتو هجي! تنهنجي ڪلام جي نواڻ توڙي تازگي، دل جي گهراين تائين پهچڻ واري آهي ۽ روح ۾ هڪ قسم جو اُڏمو پيدا ٿئي ٿو- واقعي شاعري محض ذات سان ئي واسطو رکي ٿي ۽ تو تي ذات لٿي آهي ۽ ڪمال سان لٿي آهي.

بيت ۽ وائي اسان جي شاعريءَ جا پنهنجا جهونا گهاڙيٽا آهن. زندهه قومن وانگر اسان جي شاعري جي انهن صنفن ۾ تنوع رهيو آهي ۽ تنهنجو ڪلام سچ پچ ته ٻين اسان جي لڏي وارن شاعرن لاءِ راهه ڏيکارينڊڙ ڪرڻي وانگر آهي ۽ انسان جي دل تي جيڪو اثر شاعري ڪري ٿي، اهو اثر تنهنجي ڪلام ۾ آهي. تو کي سچ پچ دل سان مبارڪون ڏيندي فخر ٿئي ٿو، جو تو اوچتو ئي اوچتو سنڌي ادب جي دنيا ۾ هڪ انوکو تجربو ڪري پنهنجو پاڻ موکيو آهي.

سُر سنڌ عجيب احساس جو مجموعو آهي. دنيا ۾ اڄ ڪلهه ڪيئي انقلاب آيا ۽ محض جاڳرتا پيدا ٿي، انهيءَ ڳالهه مان ته گهڻن کان گهڻن ماڻهن تائين اهو عظمت ۽ سجاڳي جو سنيهو رسي ۽ جيڪڏهن اهي ڳالهيون ڳائجن ته پڙهڻ کان وڌيڪ ٻڌڻ سان اثرائتيون ٿيندیون. منهنجي طرفان دلي مبارڪون قبول ٿين.

ماهتاب محبوب

حيدرآباد سنڌ

21 جون 1980ع

شاعري جي معراج تي راتو رات پهچڻ جو شرط حاصل ڪندڙ يوسف شاهين کي، ان رتبي تي رسائڻ وارو لاشڪ ته سندس ”شاهين“ صفت، بلندين تي پرواز ڪندڙ ذهن آهي. شاهه سائينءَ چواٽي:

”جنهن جي چيچ سيد جي هٽ ۾، تنهن کي لهر نه لوڏو“.

يوسف شاهين سان به ساڳي دعا لاڳو سمجهڻ کپي، جو پنهنجي سهڻي سوچ ۽ اعليٰ ذهن جي وسيلي چگن جي ماڳ تي هلڻ سان چگايون پلئه پيون اٽس.

شاعريءَ جي رمزن مان گهڻو ڪونه ڄاڻان پوءِ به چيده چيده شعر ۽ ڪلام، منهنجو ڏيان پاڻ ڏي ضرور چڪائين، ان ڪري ئي مون شاهين جي شاعري ڏاڍي چاهه ۽ ڏيان سان پڙهي آهي، جيڪا مون کي ڪنهن الهامي معجزي جيان اونهي ۽ اثرائتي لڳي. هن سچي قلم ڪار هئڻ جو ثبوت ڏيندي، لفظن مان ڇٽڪ مالهائون جوڙيون هجن، جن ۾ امرتا جا جوهر آهن ته سون ورني ڏرتيءَ جي چندن جهڙي خوشبوءِ به- احساس جي اها خوشبوءِ پري پري تائين پکڙجي، وايو منڊل ۾ تبديلين جا چڻا اهجاڻ پيدا ڪري، معاشري ۽ سماج کي هڪ نئين واٽ تي لائي ٿي.

پنهنجي مجموعي ۾ هن جهڙي ريت وايون ۽ بيت رچيا آهن، تن جي پيشڪش جو انداز انوکو ۽ من موهيندڙ آهي. هن پراڻي توڙي نئين ادبي روين ۽ قدرن کي گڏ ڪري هڪ اهڙي شيءِ سنڌ جي سپاجهڻ کي ڏني آهي، جنهن جي پڙهڻ سان خود اعتماديءَ جو احساس وڌي ٿو.

يوسف شاهين جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”اندر ۾ اُهاڻ ٿيو“ پڙهي پڪ ٿي هئم ته کيس پنهنجي محنت ۽ جذبن جي سچائيءَ جي جوڳي موڻ ضرور ملندي.

هن ٿوري عرصي ۾ جيڪا شهرت حاصل ڪئي- کيس هند- سنڌ ۾ بنا ڪنهن جهلي جي جيڪا زبردست داد ۽ ميڙ ملي، ان مان صاف طور تي پڌرو آهي ته هو صحيح معنيٰ ۾ دلين جي ترجماني ڪندڙ عوامي شاعر آهي، جنهن کي جڏ روح جي آرپار ڏسڻ جي قدرتي ڏات مليل هجي.

مان شاهين جي ڪلام جي سپ کان وڌي خوبيءَ جو ذڪر ڪرڻ به ضروري سمجهنديس ته هو پنهنجي ڳالهه پرولين ۾ چوندي به ايڏو ڇڻو ۽ پڌرو آهي، جو پڙاڏي ۾ به سندس منفرد آواز سڄاڻڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو حساس ذهنن ۾ لوهه قلم جيان محفوظ آهي.

رَتُ وريو ڪين کي، بخش ڪر بلال،

پڇنيم، پاتال مان، سنڌ ڪاڻ سوال،

”اڄا اڳهُور ۽، آهي انهيءَ حال،

اُٿيو ڪونه اَٿاهَ مان، سهسين ٿيا سال،

آيس تو در لال، دانهن ڏيڻ ديس جي.

علي بابا

ڏات ڏياڇ جي

يوسف شاهين جي شعر تي هڪ نهار

ڪوئي نه سپرو سال، سورن سي ئي سَنڌَ!

هيءَ صدي، مهاپاري سائنس جي صدي آهي. هن صديءَ جو وڏو ۾ وڏو ڪارنامو اهو آهي جو انسان پولار ۾ جيترو مٿي ويو آهي، ذهني طرح اوترو ئي موت جي پاتارن ۾ پيهي ويو آهي. ڪي ماڻهو اَبر جي اُهاڻ ڪي اندر ۾ پَسي وٽندا آهن.

يوسف شاهين جي هن ننڍڙي شعر جي ڪتاب ''اندر ۾ اُهاڻ ٿيو'' کي پڙهي، ائين ٿو پاسي ڇڻ ''ابر جو اُهاڻ'' يوسف شاهين جي اندر ۾ ڇمڻ جي پهرين دانهن سان پيهي ويو هو!....

''اندر ۾ اُهاڻ'' کان گهڻو اڳ يوسف ''اَن الحق'' جو نعرو هڻي چڪو آهي ته ''آئون سچ جي واڻ تي آهيان''.

مان قمر شهباز چا، شمشير جي راءِ سان به اتفاق نٿو ڪريان ته يوسف ڪو هڪ مهيني جو شاعر آهي.يوسف جي شاعريءَ جي اندر جي پالوٽ، ايتري ئي پراڻي آهي، جيڏي سندس ڇمار، يوسف جي شاعري به امداد يا ايار جي شاعري جيان پانيڙا پائيندي آئي آهي. رڳو سندس اُهاڻَ جي ٻاڦ ڪٽي دير سان نڪتي آهي. بنهه سندس ئي هڪ سِٽ جيان:

''ڦٽڪي ڦيريون ڏئي، وڃُ واڃَ وڃايا''

يوسف جو ڪتاب ''ان الحق'' جڏهن سوڪڙي طور مون کي مليو هو ته رڳو ڪتاب ۾ ڇپيل تصويرون ڏسي نيٽن پڙهڻ کان واڪ آئوٽ ڪري ڇڏيو هو. اهو ڪتاب هن صديءَ جي انساني جنگين مٿان هڪ ڪاپاري ڏڪ هو. سچ، مان ته ائين ٿو وسهان ته يوسف يا ته هيروشيما تي بم ڪرڻ جي دانهن آهي يا ناگاساڪيءَ تي بم ڪِرڻ جي ڏهڪاوَ جو وياو، ''اندر ۾ انبلڻ جيهو ڪٽي ايندڙ اُهاو''.

''ڏري ڏيهه ڏک ۾، اندر اَهنجَ اڙيون''

(يوسف جو آئون سخت مخالف آهيان، انهيءَ کي اوهان منهنجي ادبي بئماني چئو يا جيلسي، جو ڪجهه به ....) مان ساڻس ڪڏهن گار تور به ڪندو آهيان پر جڏهن يوسف جي مُرڪ ڏسندو آهيان ته ڪن لاءِ هرپرو ماڻار وڪوڙي ويندي آهي. مان پرُ جنم يا آواگون ۾ وشواس نه رکندو آهيان، پوءِ به يوسف مون کي ٻئي يُگ جو ماڻهو لڳندو آهي، ٽهڪ ڏهڪ نه؟؟ .... چو؟....

موهن جو دڙو، ڪپل وستو، اجنتا، ٽيڪسلا، گندارا، ويٽنام، انگولا، ڪيوبا، جپان، روس، هندستان، سنڌ، فرانس، مدل ايسٽ- خبر نه پوندي آهي ته يوسف جو چهرو ڪهڙي ڏيهه پرڏيهه جو چهرو آهي! ڪهڙي ملڪ جي لوليءَ ۽ گوليءَ جو گهايل آهي. سچ سهڻو اهڙو آهي جهڙو زليخا جو يوسف.

''منهنجو ڏيهه، نه ڪو پرڏيهه''

يوسف موهن جي دڙي جي اُها پٽڪندڙ آتما آهي، جيڪا روشن راهن لاءِ ''اندر ۾ اُهاڻ پريو'' اونداهي ڏرتيءَ تي پٽڪندي ٿي وتي.

''واڪا ڪنديس وڻ، مون سان جبل ٿو جاڙون ڪري''.

- شاهه

يوسف جا پهريان ۾ ڪتاب، جي نثر ۾ لکيل آهن، خبر پوي ٿي ته يوسف پرٿوئيءَ تي سرحدون ٽوڙيندڙ ماڻهو آهي، حدون لتاڙيندڙ- حد لاحد ماڻهو- يوسف جو رڳو هڪڙو وطن آهي، ڌرتيءَ جو گولو! ... چو نه؟ سرحدن جا ليڪا نه هن پرٿوئيءَ تي آهن نه سموند ۾ ۽ نه ئي پولارن پاتارن ۾. پوءِ ڌرتيءَ تي ''وال آف چائنا'' ۽ ''رني ڪوٽ'' جيان ملڪ ملڪ ۾ ايڏيون ديوارون چو؟ ... روس ۽ چين ۾ ئي ڪميونسٽ ملڪ آهن، پوءِ حدبنديون چو؟ .... پلا پرٿوئيءَ تي ڪهڙو ملڪ آهي، جيڪو هڪئي سان مهاپاري جنگين ۾ جڙيل نه آهي. (يا ارادن ۾ ناهي.) آدجگاد کان سڄي انساني تاريخ جنگ، قتل و غارت سان پري پئي آهي. ڪو آهي جو ٻڌائي سگهي ته سرد جنگ ڪڏهن گرم جنگ جو روپ اختيار نه ڪيو آهي؟ ....

اڄ ڌرتيءَ جي گولي تي اسين ڪيترو به ڪٽي ''اي فيئر ويل ٽو آرمز... اي فيئر ويل ٽو آرمز'' ڪريون، پر اسين هٿيارن کي نٽا چڏي سگهون. شايد ان لاءِ ته وقت جي وهڪري جي تاريخ پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته جنگيون ۽ وڏي ويڑهاند انسان جي وڏي ۾ وڏي جبلت رهندي پئي آئي آهي. (ان ڳالهه کان انڪار پٽي کي ويساهه گهاتي چئي سگهجي ٿو.) انسان جانورن جو رت ۽ ماس کائي ٿو، وحشي پٽو ۽ ڪُهڪُهان انسان جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري آهي.

اڄ جي دنيا سائنسي مواصلاتي نظام ڪري سُسي ڏاڍي ننڍي ٿي وئي آهي. جو ڪجهه ڪمپوچيا ۾ ٿي رهيو آهي، اهو جتي ڪٽي ٿي رهيو آهي ۽ اهو سڀ اسين ڪليل اکين سان پيا ڏسون. يوسف جي لفظن ۾ ئي سگهي:

''ڏانجهن تي ڏانجها، سڪ سونل سنڌ،

ساري سُهانجا، وجودئون وڃ ٿي!

ڪجهه ماڻهو دل جا ڏاڍا غرا ٿيندا آهن.

•••

''جو پي ڪانهن ڪپيو آهي منهنجي ڪنڌيءَ جو آهي،''

۽ امداد اڄ به ڪلوپترا جو جيوليس سيزر ٿيو ٻيٽو آهي، بروٽس سامهون ۽ بروٽس جي سيني شوڪيسن ۾ رڳو پالا ۽ پٽڇيون آهن، يوسف؟.... يوسف به اهو ئي شڪوه ڪٽي آيو آهي.

ڳالهه ڪر ميان، اٽئي، ڪهڙو سُور،

مونڪ ناهه، ڏک وهاءِ ته ڏڪُ ٽيين.

هيءَ سڪ شاهه عبداللطيف ڇڪ يوسف جيهين ماڻهن لاءِ چئي آهي:

”متارا مري ويا، موکي تون نه مرين،

ويڻي سور چرين، موکي متارن ري.

يوسف سچي بنهه سور چرَندو آهي، ڏکاريل ٿر جي ڌڻ جيان. يوسف اها ستَ ڇڻ ته سچي به پاڻ لاءِ لکي آهي، هونئن به هڪ سچي ليکڪ جون لکڻيون سندس اندر جو پڙلاءُ هونديون آهن ۽ يوسف جڏهن به لکندو آهي ته وڏي کوجنا ۽ مڪمل اعتماد سان لکندو آهي.

”سِسي، ساهه ۽ سَتَ، ڏيئي پرتا پاڻ ۾.“

يوسف جو شعر پڙهي ائين پاسندو آهي، جڏ يوسف جي نيڻن ۾ ”شاهه“ جي پِڻي عالمي راڙو بڻجي، وايو منڊل ۾ ڦولارجي رهي آهي. ان ڪري يوسف لاءِ علل اعلان ڇئي سگهجي ٿو:

”يوسف هن پرڻويءَ تي سرڳ سمان ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ کان ڪم وٺي رهيو آهي. هن کي جنگ، قتل و غارت ۽ انساني وحشي پڻي کان ايڏي وڏي ڏکار آهي، جو هن پنهنجو سمورو جيون قلم کي ارپي ڇڏيو آهي. پرڻويءَ تي مڪمل امن ڏسڻ لاءِ. مون کي اميد آهي ته يوسف پاڻ کي هن صديءَ جو وڏو پيغامبر ثابت ڪري ڏيکاريندو.“

اوکو ماڳ عشق جو، اوکو ارپڻ انگ،

اُجيّا جي اَزل کان، سي چُورينِ چنگُ،

اَڏَ ڪَنِ اَرواحَ کي، رتَو ڏيِئي رنگُ،

نِيائين ننگُ، ويجهو ڇِي وِصالَ کي.

•••

عبدالحليم جوش

20 جون 1980

انسان وانگر، ڪتابن کي به پنهنجو مزاج ۽ ماحول هوندو آهي. ڪي ڪتاب، خوش طبع ماڻهن وانگر مرڪندا آهن ته ڪي سنجيده انسانن وانگر صدين جي سوچ جي علامت بڻجي اپرندا آهن.

پاتال کان پولار تائين ۽ غار کان چنڊ تائين، ارتقا جو سفر، دراصل انساني تجربي، سوچ، جذبي، کوجنا، علم ۽ ادب جو سفر آهي، جنهن ۾ هوليءَ جي حيثيت لاڻ جي به آهي ته واڻ جي به.

هوليءَ جي وسعت، لفظن جي گهڻائيءَ کان وڌيڪ ان جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي پس منظر تي مدارُ رکي ٿي. اهڙي نثري توڙي شعري ادب جا لکندڙ، جي سوچ ۽ لوچ پيدا ڪن ٿا: سماجي شعور جي پس منظر ۾ خلوص ۽ سچائيءَ سان پنهنجن جذبن ۽ ڪيفيتن جو اظهار ڪن ٿا: وقت جي ڏاڍاين ۽ ظلم جي پاچن ۽ بي انصافين جي اهجاڻن کي بي نقاب ڪن ٿا، سي علم ۽ فن جي معيار کي برقرار رکندي، نعريبازيءَ کان پاسو ڪندي، تعميري انداز ۾ سوچڻ لاءِ اتساهه ڏيارين ٿا.

ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ماحول ۽ سڏاءَ کي قائم رکندي، ڪن شاعرن ساراهه جوڳيون ڪوششون ڪيون آهن. ڪلاسيڪي صنف سخن جي مقبوليت جو سبب ئي اهو آهي ته انسانيت جي همه گير پس منظر ۾، ان جو علامتي ۽ تمثيلي انداز، هر هڪ دور جي ذهني سطح ۽ سماجي شعور کي پاڻ ۾ سمائيندو، شاعر جي سوچ جو حصو ٿي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح بيت ۽ وائيءَ جي صنفن ۾ جديد دور جو شاعر زندگيءَ جي پيڙائن، مشاهدن ۽ تجربن کي، سماجي شعور جي وسيع پس منظر ۾، اهڙي ته لڇائيندڙ، دل ۾ڇائيندڙ ۽ من لپائيندڙ انداز ۾ بيان ڪندو آهي جو اهي سڀ تجربا ۽ مشاهدا، پڙهندڙ جي سوچ جو حصو ٿي پوندا آهن. اهڙيءَ طرح خيالن جا نوان ڏيا روشن ٿين ٿا ۽ اها روشني، سوچ ۽ فڪر جي پيچرن کان ٽيندي، عمل جي واڻ کي جرڪائي ٿي.

هاڻ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته ادب نه فقط زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ زندگيءَ کان متاثر ٿئي ٿو، پر اهڙو وقت به اچي ٿو، جڏهن زندگي، ادب کان متاثر ٿئي ٿي. سوچ جي نين راهن تي اڳتي وڌي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح مستقل قدرن ۽ سچائيءَ جي اصولن تي بيڻل معاشري قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ جي شروعات ٿئي ٿي.

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا موضع اهڙيون سُورميون آهن، جن ۾ حُب الوطنيءَ جو انگ آهي، مستقل مزاجيءَ ۽ قربانيءَ جي چٽنگ آهي، تتيءَ ٺڏي ڪاهڻ ۽ مئي متي مهراڻ ۾ ٽپي پوڻ جي اُمنگ آهي ۽ اهڙو ڪو به رنگ ۽ ڍنگ نه

آهي، جنهن جو لاڳاپو خود غرضيءَ، لوپ، ڪيني، حسد، خوديءَ ۽ منافقت سان هجي.

هن پس منظر ۾، جناب يوسف شاهين جي شعري مجموعي ”اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو“ جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته شاهين جيڪو شاهه پٽائيءَ جي ڪلام کان بيحد متاثر آهي، ساڳئي ساز ۽ سُر ۾ سوز پريو الاپُ ڪري ٿو. ڪٽي هو مخدوم بلاول شهيد جي پَرِ جهلڻ جي تلقين ڪري ٿو ته ڪٽي ساهڻُ پساهڻُ گهوري، گهاٽي ۾ گهڙي پوڻ جي هدايت ڪري ٿو. شاعر، اصولن خاطر زندگي قربان ڪرڻ وارن کي ماڳ ماٽڻ خوشخبري ڏني ٿو.

سُر ڪلياڻ ۾، شاعر، پالٽهار کي پسي شرڪ مان نڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ته سُر ڪيڏاري ۾ شڪوي جي انداز ۾، ماحول جي ڏاڍاين، ماٽهن جي خود غرضين، منافقتن ۽ مصلحتن جو نهايت دردمنديءَ سان بيان ڪري ٿو. اهڙي ماحول ۾، اهي ئي سختيون ۽ سور سهي ٿو ۽ آخرڪار، سِرُ به دانُ ڪري ٿو، جيڪو منهن ۾ ملان ۽ اندر ۾ ابليس ٽيڙ پسند نٿو ڪري. شاهه پٽائيءَ جي لفظن ۾:

”تَندُ، ڪَٽارُرو، ڪَنڈُ، ٽيئي پرَتّا پاڻَ ۾.“

يوسف شاهين، هن موقعي تي ڪنڌ، ڪٽارو ڪتب آڻي جڙ تجنيس کان ڪم ورتو آهي، البت ٻوليءَ جي اها موسيقي باقي نه رهي، جيڪا شاهه، ڪنڌ ۽ تند جي ترتيب سان پيدا ڪئي. شاهين، ساڳين، مصرعن ۽ لفظن جي جهڪندڙ، ترتيب کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها ڳالهه مڃڻ جوڳي آهي ته شاهين پهرين ڪوشش ۾ پنهنجو پيغام جنهن سڪ سوز ۽ سچائيءَ سان ڪلاسيڪي شاعريءَ جي وسيع پس منظر ۾ ڏنو آهي، تنهن لاءِ، هن ڪيرون لهڻيون، سُر سارنگ ۾ شاعر، شاهه پٽائيءَ جي ”سنڌ تي سُڪار“ واري دعا کي ورجايو آهي ۽ ڏيهه مان ڏڪارين کي لوڏي ڪيڙ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي.

سُر سنڌ ۾، حساس شاعر پنهنجي مشاهدي کي جنهن سوز ۽ سچائيءَ سان بيان ڪيو آهي، تنهن جو اندازو سندس هن ڪلام مان ئي لڳائي سگهجي ٿو:

اُڻيس آڌيءَ رات جو، ٻُڌي ٻالڪَ دانهُون،

اُو اَمان! پَٽُ ڏي، ننڍڙو ڪري آهُون،

سُڏڪِي سُمهاري لعل کي، واجهائي واهُون،

ڪَيُ ڏُڪاريا ڏيهَه مان، ٻِڻِي ڪٽي ٻانهُون،

جي مڃين ٿُو مٺاهُون، تِنَ راتِ ڳُڌري روُڄَ ۾.

يوسف شاهين جي لفظن ۾ هڻڙا قهر ۽ ڪلور تڏهن ختم ٿيندا، جڏهن ڏيهه مان ڏُڪاريا نڪرندا. اڄڪلهي، شاعر، هن راءِ جو اظهار ٿو ڪري ته هڻڙا ظالم، منڻن ۽ ايلازن سان نه پر پالن جي پو کان ئي پاڻ پليندا ۽ پلاٽيندا آهن. شاعر، سُر بلاول ۾ هن راهه کي قرباني‌ءَ جي راهه سڏي ٿو.

شاعر جي پيغام ۾ آس آهي، اُميد آهي، عزم آهي ۽ حوصلو آهي. هو وڌي واڪي چوي ٿو:

”ٿيندي نينڊ پريات، رات ويندي ريهه ڪري.“

مان، محترم تنوير عباسيءَ جي هن راءِ سان متفق آهيان ته يوسف شاهين جو ڪلام هڪ دردمند دل جي صدا آهي: هڪ ضمير واري ڏاهي جي دانهن آهي.

جناب شمشيرالحيدريءَ پنهنجي نهايت معياري تعارفي مضمون ۾ هن راز جو انڪشاف ڪري پڙهندڙن کي حيرت ۾ وجهي چڏيو آهي ته شاهين بنا ڪنهن مشق، رياضت، تجربي جي، نهايت پڪي ۽ پختي انداز ۾ شاعريءَ کي پنهنجي اظهار جو وسيلو بڻايو آهي.

علي نواز وفائي

يوسف شاهين پنهنجي اندر جي آواز کي جنهن نموني، بنا ڪنهن خوف ۽ خطري، بَيَ داءَ، ڏمر ۽ ڏهڪاءَ جي هن ڏرتيءَ تي وسندڙن جي جذبات جي جيڪا صحيح ترجماني قلم جي زبان سان سفيد ڪاغذ جي سيني تي ظاهر ڪئي آهي،

تنهن جي انداز ۾ ان جي ادائن جو ذڪر ڪهڙي زبان، ڪهڙي قلم سان قلمبند ڪجي.....

شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ هن اڌ صديءَ ۾، جن به شاعرن پنهنجي جوهرن جو جلوو ظاهر ڪيو آهي، انهن مان اسان جي هن نوجوان، قومي درد رکندڙ جو انداز بيان ۾ طور طريقو نهايت ئي مختلف ۽ منفرد آهي... منهنجي خيال موجب، سنڌ جي هن نوجوان شاعر جنهن جرئت ۽ جوانمرديءَ جو اظهار ڪيو آهي، ان جو مثال ڪو به نظر نٿو اچي.

شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ جيڪي به اسان جا ننڍا توڙي وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، تن انهيءَ صنف ۾ پنهنجيون زندگيون پوريون ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن مقام ۽ منزل تي پهتا آهن. مگر شاهين نهايت ئي ٿوري عرصي ۾ شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ قومي شاعرن سان ڪلهوڪلهي سان وڃي ملايو آهي. مان شاهين جي شاعريءَ کي الهامي رنگ ۾ رنگيل شاعري چوان ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ ڪو نه ٿيندو....

ڪتاب جي مختلف ۽ جدا جدا سُرن جي بيهڪ ۽ بناوت، لفظن جي جوڙجڪ، مثال ۽ محاورا، تشبيهون ۽ ترتيبون ڪلام جي سونهن ۾ چارچنڊ لڳائي ڇڏيون آهن. سندس هڪ هڪ بيت ۾ جيڪا به گهرائي، فڪر ۽ ان سان گڏ سوز، درد ۽ دانهن جا داستان دهرايا ويا آهن، سي پڙهندڙن جي اکين آڏو جيئرا جاڳندا ٿي ڪري پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب ظاهر ڪندا، صحيح نقشو پيدا ڪندا، اڳتي وڌندا رهن ٿا... يوسف شاهين شاعريءَ جي شان ۽ مان سان اهڙو سهڻو سلوڪ ڪيو آهي جو شاعريءَ جو فن، سندس ذات تي فخر ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. هونءَ به صحيح معنيٰ ۾ فنڪار ان کي چيو ويندو آهي، جنهن فنڪار تي خود فن فخر ڪندو رهي.

عبدالرحمان پليجو

13 جولاءِ 1981ع

ڪپيل وستوءَ جي راجا سڌودن جي پٽ راجڪمار گوتم کي اوچتو ئي اوچتو ڇا ٿي ويو جو هن پنهنجو گهر ٻار، شاهي محل، دنياوي نعمتن ۽ جوانيءَ جي اُمنگن کي ڇڏي دنيا سان سپ لاڳاپا توڙي وڃي جهنگ وسايو. ڇا اهو سپ ڪجهه هڪ گهڙيءَ جي ڪنهن اوچتي نازل ٿيل ڪيفيت جو نتيجو هوندو.

منهنجي خيال ۾ ڪو به حقيقت پسند ذهن اهو تصور قبول نٿو ڪري سگهي. پرندڙ جبل اوچتو ئي اوچتو ضرور ڦاٽندا آهن، زلزلا به اوچتا ايندا آهن، مينهن به اوچتو وسن ٿا، واڇون ۽ وڇون به اوچتو ڪڙڪن ٿيون، پر انهن جو نزول

ڪنهن هڪ گهڙيءَ جو نتيجو ناهي. ٻرندڙ جبل ڦاٽڻ کان اڳ ڪو عرصو، هڪ ڊگهو لاوو زمين جي اندر ئي اندر پچندو ڪڙهندو ۽ رڌبو رهندو آهي، پر پوءِ ڪنهن نه ڪنهن هنڌان، جتي ڪا ڪمزوري هوندي آهي، ڪنهن ڪچي هنڌ تان اهي زلزلن وانگر ڦاٽي پوندا آهن ۽ لاوو ٻوڏ جي پاٽيءَ وانگر وهي آسپاس جي هر شئي ٻوڙي ڇڏيندو آهي.

يوسف ڪو اوچتو ئي اوچتو اُپ ڦاڙي شاعر نه ٿيو آهي، پر ان جو به هڪ وڏو پس منظر آهي. هڪ ڳڻپيرو ۽ گهرو مطالعو ۽ مشاهدو آهي، جيڪو شاعريءَ جي تڪ بند ۽ علم عروضي بندشن کان بالاتر، پنهنجي ڊگهي ذهني سفر ۾ ارتقائي منزلون طئي ڪري رهيو هو. بس ڪٿهه ۾ رڳو جيري جي لوڙهه هئي. لاوو اڳ ئي پڪو پئي. رڳو منهن ڪيڻ لاءِ ڪنهن ڪونئري پَڻَ جي تاڙ هئي. مقصد، پيغام، روح ۽ جذبي کان سواءِ شاعريءَ کي چا ٿو چئي سگهجي. مقصد ۽ پيغام کانسواءِ شاعري رڳو سهٽن لفظن جا بي معنيٰ پندار آهن. شاهه عنايت پٽائيءَ جو پيش رو هو. سندس بيتن ۾ اکرن جو سهڻو سٽاءُ، جٽاءُ ۽ جڙت آهي. علم عروض جي لحاظ کان به سندس بيت ڪنهن کان گهٽ ڪونهن، پر اڄ لطيفي لات ٿرن، برن، جهنگلن ۽ جبلن ۾ ٻري پئي. صدين کان وڻي، پڙهيل چا اٽڙهيل پٽائي پٽائي پيا ڪن، سو چو؟! منهنجي ناقص راءِ ۾ ته پٽائيءَ وٽ عملي مشاهدو ۽ پيغام هو، پرپور ۽ وزنائتو- شاهه عنايت کان به وڌ. پٽائيءَ جا بيت اندر ۾ گهڙي جيءَ ۾ جايون ٽا لهن.

يوسف، شاهه جي شاعريءَ وارو گس ورتو آهي، جتي اها بس ٿي اتان ئي ان کي اڳتي وڌايو آهي. هن لطيف جي شاعريءَ کي نئين سر ڏوئي پوئي پراڻن سان گڏ نون گُلن جي سُگنڌ سان وهنجاري سِهنجاري سُهٽي سنڌيءَ ۾، (اها لاڙي اسين اڄ به گهرن ۾ ڳالهايون ٽا) شاهه جي اکرن جي سٽاءَ، جڙاءَ ۽ جُڙت ۾ پنهنجي لوچ، تڙپ ۽ عشق کي گڏي، نوان رنگ ڏئي سنڌ جي جهوليءَ ۾ وڌو آهي.

ڪلهوڙن جي دور کان وڻي، هن وقت تائين ادائي سئو سالن جي هڪ ڊگهي عرصي تائين، ڪيترن ئي شاعرن لطيفي واڌ ونڊ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڪو به يوسف وانگر ڪامياب نه ٿيو آهي. ان لاءِ شاهه جي ٻوليءَ کي نه سمجهڻ سان گڏ، ٻيو سبب هي به هو ته انهن جي شاعريءَ ۾ پٽائيءَ وارو روح ۽ جذبو نه هو، پيغام نه هو، ڪو مقصد نه هو. يوسف جي شاعريءَ ۾ هڪ پيغام آهي. هڪ مقصد آهي ۽ ان ۾ هڪ تڙپندڙ دل جون صدائون به آهن. جيڪي ڏکويل انسانيت جي ڏک ۾ شريڪ ٿي روئن ٿيون ته روئاڙين به ٿيون.

''اندر ۾ اُهاڻ ٿيو''، سنڌي شاعريءَ ۾ اُملهه اضافو آهي. انقلابي قدم آهي، وقتائتو سڏ آهي. اُن سان گڏ هن المناڪ دور جو مرثيو به آهي. هن دور جي تاريخي المیه جا چٽا اهجاڻ سندس سُر ڪيڏاري ۾ ظاهر آهن.

''اندر ۾ اُهاڻ ٿيو'' جو انتساب پنهنجي جاءِ تي سنڌ جي تاريخ جو هڪ انقلابي باب آهي. چپائيءَ جي جنهن درامائي انداز ۾ اهو پيش ڪيل آهي، سو به لک ٽو لهي. شاعر اڳندي شرط سپني کي بلال جي پَرِ جهلڻ جو سڏ ٽو ڏي! هي تاريخ جو ازلي سڏ آهي، جو هن ڌرتيءَ، هر دور ۾ پئي ڏنو آهي. انهيءَ سڏ تي سڏ هوشوءَ، هيمونءَ ۽ دودي دريا خان پاران پنهنجي پنهنجي ڏينهن ۾ پئي ڏنو آهي. اڄ به انهيءَ سڏ جا هوڪا ٻڌجن پيا ۽ هر دور ۾ جيستائين ڏاڍ ۽ ڏهاڳ هن ڌرتيءَ تان نه لٿا آهن، تيسين پيا اُهي سڏ ٿيندا:

متان ڏرو ڏاڍ کان، ڏاڍي ناهه جهلَ،

ڪٽو صليب سر تي، مرڻَ هيءَ مهلَ،

ڇڏيو سَڏَ ساهه جي، ڪَندَ رهي مَ ڪلَ،

هَٿي هامَ هَڪلَ، پَرِ جهليو بلال جي.

سُر بلال جي گھاٽي کي شاعر هيئن ٿو خراج تحسين ڏي:

گھاٽي گھٽا ڳُن، چٽ ڏي چاهه ۾،

مروڙي ماسَ کي، پَري هٽي پَنَ،

چيڀڻَ ڪري چت ۾، نپوڙي نهن،

سي ئي سيڄ سُهنِ، جي گُوهَر ٿِيا گھاٽي ۾.

هي اهو تاريخ ساز گھاٽو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي هوشو، هيمو ۽ دودي دولهه دريا خان، ننگر ۽ رڻ مل، محمود ۽ سارنگ پارا گھڙي گوهر ٿيا. اهو ئي گھاٽو جنهن بلال کي امر بڻايو، تنهن گھاٽي کي يوسف بصد احترام ڏاڍي نياز ۽ نوڙت سان خراج تحسين ادا ڪيو آهي.

يوسف بين الاقواميت، عالمي انسان برادريءَ ۾ ويساهه ٿو رکي ۽ ٻئي طرف پاڻ کي هن عظيم ڌرتيءَ جو وفادار فرزند به ثابت ڪيو آهي. سُر سنڌ انهيءَ جو روشن دليل آهي. پٽائي گھوٽ وانگر ته ”سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار“ جو پهلو يوسف وٽ بنسبت ”عالم سپ آباد ڪرين“ کان وڌيڪ اجاگر آهي.

هن سدا سُڳڌ واري سهڻي ڌرتيءَ کي، صدين کان ونڊي ايڏا ته اهنج ڏنا ويا آهن، جو ڪا به باضمير دل روئڻ کان سواءِ رهي نٿي سگھي. يوسف رڳو روئي نٿو، رڳو رئاڙي نٿو، پر ڏاڍ سان سامهون ٽيڙ لاءِ به للڪاري ٿو:

جيئي سدا سنڌ، جيئي سارو جڳ،

وڌي ٿئو اڳ، ته ڏاڍ لهي ڏيهه تان.

•••

منٽ ڇڏ ميسٽا، پري هڻ بندوق،

ولولو ۽ ووڪ، ڪري اٿيار عزرائيل کي.

•••

منٽ ڇڏ ميسٽا، پري هڻ ياالا،

قبر ڪشالا، ڪڍي ته ڪاڪ ماڻئين.

ڪٿي ڪٿي امڙ سنڌ جي مٿي تي هٿ رکي سندس لڙڪ ٿو اگھي:

ڏانجهن تي ڏانجها، سَنا سونل سنڌ،

ساري سنهاجا، وجودئون وڄُ ٿي!

ڏکن جي هن ڌگهي ڪاري رات ۾ به اميد جو دامن هٿان نٿو ڇڏي:

جيئي سدا سنڌ، جيئي جيجل ماءُ،

وري سڀائو واءُ، ته جيئون ساري جڳ سين.

هو هن ڏکويل، ماريل ۽ مظلوم مادر وطن ۽ سندس ٻڇڙن جي به بيوسيءَ جو ماتم ٿو ڪري:

ڪوهه سڏڪي سڏ ڪرين، ڪٿي تنهنجا ڪانڌ،

سنڌ تو هجي سرير ۾، آ ايڏي آنڌ ماند،

ڇڇيءَ پايو پاند، ٿي ليلڙائين لڄ لئه!!

•••

لُڇي ٿي لڄ لئه، ويا ويچاريءَ وس،

ويڻي ووڙي گس، گم آهي پنهنجي گهر ۾.

نصرپور جي مٽيءَ مان گهڙائي عالم فاضل ۽ گوهر پيدا ٿيا آهن، پر ميون شاهه عنات تاريخ ۾ پنهنجي خاص جاءِ والاري ٿو. اُنهيءَ سُڳنڌ پريل مٽيءَ يوسف شاهين جي شاعريءَ جي گلستان ۾ جيڪي گل ڦڙيا آهن، ڏڙن پيا، سي نه فقط نصرپور ۾، نه فقط سنڌ، پر سڄي عالم ۾ واسجي ويندا ۽ نه فقط هن گهُٽ ٻُوسٽ جي اونداهي دور ۾ اميدن جي جوت جلائيندا پر ايندڙ زمانن ۾ به جُڳن تائين جَڳَ واسبا رهندا.

يوسف شاکر ابڑو

نصرپور

يوسف شاهين شعر چوندو، ڪڏهن خواب ۾ به ڪو نه سوچيو هوم. هڪڙو گهڻ ڪاروباري ماڻهو اوچتو هڪڙو شعر چوي! ڪيستائين ته اُکين تي اعتبار ئي ڪو نه ٿي آيم. ٿورا ڏينهن اڳ جڏهن مليا هئاسين، تڏهن شعر بابت ذڪر ڪيو هئائين، پر سمجهيو هوم ته نوجوان واريون سڏون آهن، پر سندس شاعريءَ وارو ڪتاب پڙهي ڏاڍو عجب لڳم. چو ته هن جهڙا واپاري ماڻهو ته رڳو ڏنڊي وڏائڻ جي سوچ ۾ مست هوندا آهن.

بيت ۽ واين م ڪم آندل لفظي ذخيرو ۽ مضمون سڀ ٺيڻ سنڌي آهن. عام طرح شاعر، ورهين جي مشق ۽ استادن جي اصلاح تربيت کان پوءِ ڪو وڃي ٻه چار سٽون شعر جون لکي سگهندا آهن. پر هن جوان اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ کان سواءِ ئي هيترو سارو شعر چئي ڪڍي اسان جي اڳيان رکيو آهي. آءُ اڃا تائين انهيءَ حيرت ۾ آهيان ته هيءُ سڀ ٿيون ڪيئن؟! چاليهن ورهين کان وڌيڪ عرصو شاگرن کي پراڻن ۽ نون شاعرن جو شعر پڙهائيندو ۽ سمجهائيندو ٿو اچان، پر آئون ڪڏهن چار سٽون بيت جون ڪونه لکي سگهيس.

شاهين صاحب ”شاهين“ لفظ پنهنجي نالي طور ورهين کان استعمال ڪندو اچي، ڇڙ قدرت گهڻو اڳ ڪيس هن ڪم لاءِ چونڊي، اهو تخلص اڳي ئي ڪيس عطا ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن آءُ چوان ته هيءُ شعر به رب سائينءَ طرفان قدرتي ذات وانگر عطا ٿيو اٿس ته مبالغو ڪو نه ٿيندو، جيئن پاڻ به پنهنجي شعر ۾ ڪٿي ڪٿي اهڙي دعويٰ ڪئي اٿس:

”اٿياري اڌ رات جو، سَتُر ڪيو ستار،

نيئي مون اَپار، سُتي ڏنائين سُرت جي.“

اُهاءُ نج سنڌي لفظ آهي، جو رشنيءَ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن هڪڙي شاعر دولهه دريا خان جي آکاڻيءَ ۾ دريا خان ۽ همونءَ جي شاديءَ ۾ همونءَ جي مُلهي نالي سوڻ جي حسن جي واکاڻ ڪندي چيو آهي:

انهيءَ جي اُهاءَ تي، رات چنو روجهن.

بيشڪ خالق اڪبر، شاهين صاحب کي اندر جو اُهاءَ بخشيو آهي.

”مون کي مون پرين، نِبوليو نينهن ۾،

ساريندي سپرين، اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو.“

انهيءَ سبب جي ڪري هو نه رڳو جهٽ پٽ هيترو سارو شعر چئي ويو آهي، پر بيت ۾ وائيءَ جي گهاڙيٽي ۽ فڪر ۾ به ڪيترين نيون ڳالهيون ۽ واڻون ڏنيون اٿس، سُر ڪلياڻ، سُر ڪيڏارو ۽ سُر سارنگ هر سنڌيءَ جو جاتل سجاتل آهي، پر سُر سنڌ ۽ سُر بلال (مخدوم بلال رحه سان منسوب ٿيل) هن صاحب جي فڪر جي ايجاد آهن.

چوندا آهن ته شاعر جي دل عام انساني دلين کان وڌيڪ حساس ٿيندي آهي. هن زماني ۾ دنيا جي جيڪا حالت آهي، جنهن ۾ جبر ۽ ڏاڍ سان بيڪس ۽ بيوس انسان کي پيڙيو پيو وڃي، تنهن دردمند دل کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي، جڏ مخدوم بلال رحه کي هينئر گهاڻي ۾ پيڙيو ويو آهي.

ڏيهه جا ڏک ڏسي بادل دانهون پيو ڪري، جڏڪ اکين مان رتو آب پيو هاري، رعد رڙيون ڪڙڪڙ ڪڙڪا پيو ڪري.

شاهين صاحب جو اهڙين حالتن کان متاثر ٿيڻ فطري آهي. هن صاحب به ماحول جي عڪاسي ڪئي آهي، جيئن چوي ٿو:

دل دانهن ريءَ نه رهي، ماڻ مون مَ جُڳاءِ،

ڪهڙي مُنهن اچاءِ، پائر منهنجا بُک ۾.

دانهون ڪن دوزخ ۾، سي پڻ منهنجا پار،

پَرم رَکُ پتار، ته پائر نڪرن باهه مان.

خيال جي اڏام ته ڏسو:

ڪوئي نه توهجي ڪَيَ، سپ کي جُوف جنت جو.

سچل فقير چيو هو ته: ”دوزخ دڙڪو، بهشت دلاسو“ پر هيءُ ته فڪر ئي ٻيو آهي. صاف سچ چوڻ جي واڻ آهي.

” آهه شهيدن ماڳ، نالي ۾ سنڌ سڏجي“، سنڌ لاءِ سِڪَ ۽ عظمت ٻيو ڪيئن ڏيکاري ٿي سگهجي....!؟ شاعر کي پنهنجي شعر مان ئي سجاڻبو آهي، چوي ٿو ته:

پاڻ ئي آيو اگڻ تي، ڏٺم عجب اسرار،

پسي پالٽهار، ”شاهين“ نڪتو شرڪ مان.

پالٹھار کي پسڻ ۾ شرڪ مان نڪرڻ ڪا ٿورڙي ڳالهه آهي؟! خلقٽهار اڳيان عرض ڪرڻ جو نمونو به ڏسو:

ميان مهربان!، پيٽ پار ته پِڻَ لهي.

پچاڑيءَ جو دنيا لاءِ ڏنل سندس پيغام جا به اکر ٻڌائڻ به واجب ٿو سمجهان:

مر ته ماڳ ماڻئين، ناتو نينهن نياءِ،

ڪانهي ويل وهڻ جي، وڃي وجهه انياءَ،

جيئن تو مَ جڳاءِ، سپ کي سَڏُ سوريءَ جو.

منهنجي دعا آهي ته قادر پنهنجي ڪرم سان ڪيس پنهنجي نيڪ تمنائن ۾ مقصدن ۾ ڪامياب ڪري، گهٽي کان گهٽي ترقي ڪري ۽ ويران ويرِ وڌ هجي. (آمين)

سُر ڪلياڻ

O

مون کي مون پرينِ، نِبُوليو نِينهن ۾

ساريندي سُپرين، اندر ۾ اُهاءُ ٿيو.

O

ڪعبو ڇڏي ڪيرُ، اندر مون آيو،

پانهجو لڏم پيرُ، پاڻ ئي هيس پاڻ ۾.

O

پيهي ڏٺم پاڻَ ۾، انگُ اُتاهُون

سدا هئي ساهَ ۾، تاتِ تون هي تون

جيڪي ڏٺو مون، جي اوريان ته اَڏ ٿيان.

هي ٺاريو ڪِين ٿَري، ٻاريو ڪينَ ٻري

پَلُر جي پالوٽَ سين، پاڻا پَٽَ پَري

پاڻا تارِ تري، پاڻا ٻُڏي سِيرَ ۾.

O

”اقرا باسِم رَبُکَ“، پيم ڪَن پڙاءُ

”وَحدهُ لا شَريکَ لَـهُ“ ”ڏٺم ايءُ وراءُ

تڏهه جيءَ جڙاءُ، ڪيائين پاڻَ قُرب سين.

O

”اِقّرا باسِمّ رَبُکَ“، آيو حُڪُم ايءُ

الله احد، الله صمد، پَڙهِيُم وحدت ويءَ

تڏه چيائين ٽيءُ، ڪاتِبُ لوحَ قَلمَ جُو.

O

اول اَڏيائين، ڪعبو مون قَلب ۾

”اَلست بِربُڪُم“ پوءِ پُڇيائين

ڪِينَ ڪيائِن، ڳالهه ڪائي ڪُڍ جي.

ڪعبُو مُون قَلب ۾، اَڇي اڏيائين

ڪيئي ڪيائين، ڳالهيون اُتي ڪُڍ جون.

O

الفُ اُتاهون، سدا اٿم ساڻ

پنهنجو ئي پاڻ، لڪايان لوڪ ڪان.

O

پرين پَسڻَ ڪاڻِ، واجهايان واهُون

سَدا سُپرين لئه، دلِ اَندرِ دانهُون

اهي منهنجون آهون، اڄ بادل بَڌجي آئيون.

O

ڪري پاڻ ڪَلُورَ، ٽُئي پاڻا ويڄُ وَڌَ جو

وَسائي وَڏڦُڙا، پوُنس جڏهن پُورَ

عجب اِي دستُورَ، آهن عَرشّ عظيمَ جا.

مُلان چڏ مسيت، ته نيت ڪيان نماز جي

اِي نه رندن رِيتِ، جيئنَ سجدا ڪرين سَڪِٽا!

حامي ٿي حقَ جو، پاڙين ڪين پريت

اِي ڪانياريِ ڪُريتِ، ڪَم نه ايندءِ ڪڏهِ.

O

ماڙِ اُٿي هاڙِ، رندن سندِي ريت

مُلان! چڏِ مسيت، ته ڪعبو اڏيانءِ قلبَ ۾.

O

اَنگ آسماني، مور نه گهرجن مون

مُلان! مسيت ۾، آهين تونهين ٿُون

لوئي لڏي سُون، اَهڙي ڳالهه ڪُجهاندري!

O

ووءِ! من مُلان جو، توريان تان نه ٹُري

چوريو ڪينَ ڇُري، جهُوريان تان نه جهُري

پُر پُر ٹي پُري، جي ڇالهه ڪيان ڳُجهه جي.

سَدائين اُپ لئه، پٽين وينو پاڻ

ڪوه نه ڪُچين ڪڏهِ، مُلان! ماڻهوءَ ڪاڻِ

هَٿين پوندءِ هاڻِ، ماريو جن تو مامَ سين.

O

هونءَ گهڻو هُشيارُ، پر موڇو ٹُئي مَسيت ۾

لالڻَ هي لوڪَ تي، سدائينِ سُوار

ڪيمُ وَرَ ويچار، مُلان جي ان مامَ تي.

O

الله سين صلاحَ، ڪر ڪا مُلان ماٽِ ۾

چڏي هن پُونءِ ڪي، پڇو راتو واهَ

ته ٹُئي هت وهَ واهَ، جي آجو ڪَريو اِنسانَ ڪي.

O

الله سين اور، مُلان ڪنهِ مامَ ۾

آجو ٹُئي اِنسانُ، سا ئي سورت سور

تان پڄي ٽيئي پور، ڪوٽ هُن قَهارَ جو.

الله سين انصافُ، ڪر ڪو مُلان مَنَ ۾

”وحدهُ لا شريڪَ لهُه“، سچو ئي صَرافُ

مڃ ته ڪريئي معافُ، رڪعاتون روڄَ جون.

O

ڪاتِي وجهِي ڪَنڌَ، پُڇين ڪوه پريتڙون!

سيڪيان سي ئي سَنڌَ، جئن وارُ ڪرين ٻيءَ وار تون.

O

سڄُ پري اڇُ، جهولي‌ءَ ۾ جهونجهارَ

ساڃاه سين سڃارَ، ڪاڻَ وِجهہُ قهارَ ڪي.

O

مُلان اُٺي اور، ڪا نئين سورت سَڄ جي

موڳو ٽي نه مسيت ۾، سُرتِ پانهجي سور

ڏُونڻَ ڏئِي ڏَرمَ ڪي، پيڄي ڪر پور

جت حاجَت هلڻ جي، ڏيهہُ اُهو ڏور

تيسو ڇڏي تور، حقيقت هيئين سين.

پلي آه پون‌ءِ، اَنگُ سچو اي‌ءُ

اورين ڪوه اُپَ ۾، هنڌُ توهجو هيءُ

مُلان آجو ٿيءُ، ڏوڙ وِجهه ڏرمَ تي.

O

ڏُوڙ وِجهه ڏرمَ تي، مُلان هٽي هامَ

ڪَرِ مَ تون ڪِمامَ، پاڻ ئي لهندو پاڻ ڪي.

O

اُٿي ڪر انصافُ، الله! ڪو اِنسان سين

ٻاڏائي ٻاجهہَ لئه، صدقَ منجها صافُ

ڪر مدايون معافُ، دَرَ بندي دوزخَ جا.

O

مُلان! توهجي مامَ جي، پوي نه پروڙَ

اجايو اُپَ لئه، ڪُٽين ويٺو ڪُوڙَ

هاتڪ! چڏ هوڙَ، پاڻ ئي لهندو پاڻ ڪي.

O

پاڻ ئي لهندو پاڻَ ڪي، قادرُ پاڻ ڪَريمُ

مَڄ مُلان مَنَ ۾، پڙهي حمد حڪيمُ

ته آه رَبُ رحيمُ، سرسو توکان سمجهه ۾.

مُلان! اُٿي پڄُ، ڪٽي ڪِتابَ ڪينَ جا

ماريئي جي مَامَ ۾، سي آيا اَٽئي اَڄُ

هاڻ واڪا ڪري وَڃُ، دُهل ٽي ڏرَمَ جو.

O

مُلان! توهجي مامَ جي، خَبرَ نه ڪائي

ڏوتئِي ڪينَ ڏَرمَ ڪي، ڪا ڪري ڪمائي

مَجين ڪيئن ماڻهو، احڪام اِلاهي

تون پاڻ توائي، واحدَ جي وڻاڻَ تي.

O

مڃائين مَنبر تي، قَهاري ڪُريت

اوڏو ٽي الفَ ڪي، پاڙين ڪينَ پِريت

مُلان ڇڏ مَسيت، ته نيت ڪيان نماز جي.

O

ساڻُ ڏيڻو سچ جو، اِي واڪا ڪري وَڃُ

ڏِسي واڻَ وڏاندري، مُلان! ڪَيم پَڄُ

اندر توهجي اڃُ، ڪعبو اَڏڻو قُربَ جو.

پانگون پائيتال جون، ڏُکيا! ڪوه ڏئين

قهاري، جباري، ٿميو پاڻ ٽئين

هلي ساڻ هيئين، ڪا سِٹ نه پڑهين سڦري!

O

حقيقتَ هِنَ حال جي، مُلان! اُتي ماڻ

اجايو اُپ جا، سورَ اٹئي ساڻ

ڏکئي هِنَ ڏيهه جي، ڪڍين ڪين ڪاڻ

پُڇاڻا ڪرين پاڻ، هِتي ٹُون حشر جا.

O

عقَل جي اَنتَ مان، ڪڍانس ڪيئن ڪيرُ

موڳو ٹئي مسيتِ ۾، هي بندو بِي پيرُ

آه مڙس مٹيرُ، پر سَجدن ساڻو ڪئو.

O

سَجدن ساڻو ڪئو، هن کي هيڪاري

اڳيئي اَپُ جا، بار هئس باري

آه زارو زاري، مُلان سان مسيت ۾.

تَکو جان تَلوار، ڳالهين ۾ هي ڳيٹلو

هڻن هٹ هزار، جي اوڏو ٹين ان جي.

O

مُلان! توهجي مَنَ ۾، آهِ ڳالهِ ڳِري

ويندءِ سَپ وري، آزار نيڻ اُپ جا.

O

مَرڻَ جيئڻَ جا مامرا، ٻيلي ٻُڌاسينِ

سڌڑيا ساهَ جا، ڏُکيا ڏَناسينِ

لوئي لڌاسينِ، اهڙا انگ عجيبي!

O

مُلان جي مَنَ ۾، اولاڪو اِيءُ

ته ڪنيو هلي هيءُ، ٻيئي جهانَ ٻَکَ ۾.

O

مُلان مسيتِ ۾، پُڇي سَدا پارَ

ته آه ڪهڑي حال ۾، ڏيهن جو ڏاتارُ

اِنهيءَ سُور پچارَ، ڏمي هِنَ ڏُلهو ڪئو.

اُپ جي آڑ ۾، ويڙو پاڻ پڌائي

عيبن هاڻا اسين، صالح هي سڌائي

قبضو ڪو ڇڏائي، مُلان کان مسيت جو.

O

مُلان جي مَنَ ۾، هوڪا لڳن هيئن

من و سَلوا جا، وَڏا وسنِ مينهن

تاڙيو تسبيحَ کي، تِکو ڪري تيئن

ته اهڙا اچن ڏينهن، جلد هن جَڏي تي.

O

منهنجو مَنُ مسيت، تنهنجو توائي

هاڻ ڳالهه حق جي، آهي اهائي

ٻيلي ڇڏ ٻيائي، اِنَ مان ورندءِ ڪينڪي.

O

منهنجو مَنُ مسيت، ازل کان آهي

ميڙا ٽين محبَ سين، لوڪئون لڪائي

ٻي در واجهائي، ڪڏهِ وڃان ڪينڪي.

منهنجو مَنُ مسيت، سدا سُهائي

ديرو دوست جو، اُتيئي آهي

لاڳاپا لاهي، ميڙا ٽين مُحبَ سين.

O

او ملان! ڪوه رُلان، هَرَ هَرَ هُنَ ڪاڻ

جيڪو جيءَ ۾، سدا اٿم ساڻ

ڪيان روح رهاڻ، انڻي پهر اُن سين.

O

مُلان کي مسيت ۾، ڪو ته سمجهائي؟!

هوڪا ڏئي هَرَ هَرَ، جنهن کي واجهائي

اُهو ئي ته آهي، اوڏو اکين کان.

O

ملان! مدي ڇڏ، هَڻُ نه هوڪارا

آءُ ته ڏيکارئين، نوري نظارا

ٻيلي ٻاڪارا، پوءِ نه ڪندين ڪڏهين.

O

ملا! اُٿي ماڻ، رندن سندي ريت

جن جو مَنُ مسيت، سي ٻي دَرِ وجن ڪينڪي.

O

اَلا اکين کي، ڪو سالڪُ سَمجهائي

جنهن لئه واجهائين، واڻون وَرائي

سو اڳيئي آهي، موجود مَنَ ۾.

O

اَلا، ڪهڙيءَ ڪاڻِ، ڏيان ڏوهُ اکين کي

جنهن لئه واجهائين، سو سَدا اَٿِ ساڻِ

اکيون اَڻَ ڇاڻِ، رهيون ان رَمزَ کان.

وائي

مُلان! ڇڏِ مَسيت، هَرڪو چَوي هاڻ

طريقتَ ترارَ جي، مُنا اُڻي ماڻ،

هَرڪو چَوي هاڻ.

پلي هن پونءِ لئه، ڏي رَتو ڇاڻ

هَرڪو چَوي هاڻ.

واعظَ، ورد وظيفا، ڪيون ماڻهوءَ کاڻ

هَرڪو چَوي هاڻ.

آه سَچو ساڻِي، ''يوسفُ'' اسان ساڻ

هَرڪو چَوي هاڻ.

وائي

تو اَندر آڳ اُلان، او مُلان! پاڻا ڏيءُ پري

موڳو ڪرين مَنبرَ تي، آءٌ ڃاڻَ ڪاڻِ ڇُلان

او مُلان! پاڻا ڏيءُ پري.

ڏاوَڻَ وڏئي ڏاهه تي، سي ڇِنڻَ لاءِ ڇُلان

او مُلان! پاڻا ڏيءُ پري.

تو کي جوڻُ جنَتَ جو، آءٌ رازق ڪاڻِ رُلان

او مُلان! پاڻا ڏيءُ پري.

اُجهاءِ ”يوسف“ آڳ، تان جهولا پاءِ جهُلان

او مُلان! پاڻا ڏيءُ پري.

اول آدم آهيان!

اَول آدمُ آهيان، جو خَلقيو خلقڻهارَ

مَلائڪَنِ مُون ڪئا، سَجدا سَوَ هزارَ

ڪڏهن عَرشَ عظيم تي، ڪڏهن ڏُريان ڏارَ

ڪڏهن طريقتَ لئه، ڪَيا مُون تڪرارَ

ڪڏهن تِڪَ طوفان جي، ڪڏهن ٻيڙا پار

ڪڏهن ڏوسُ ڏَمَرُ، ڪڏهن جوڙ جبارَ

ڪڏهن عاد ثمود کي، ڏنم پرينءَ پارَ

ڪڏهن ڪُفرَ جا پَڳم بُتَ هزارَ

ڪڏهن اڇلَ آگ ۾، ڪڏهن گل گلزارَ

ڪَڏهن نِرمل نُور، ڪڏهن تيغَ ترارَ

ڪڏهن راه رَب ۾، ڪُسَڻَ جا قرارَ

ڪڏهن منهنجي حُسن جي، هنڌِ هنڌِ ڏي هاڪارَ

ڪڏهن وڏائُون ڪُوهَ ۾، ڪڏهن سَيَ سنڌارَ

ڪڏهن مُون ”مُدين“ تي، وڏا ڪئا وَسڪارَ

ڪڏهن اوڙَ الفَ جي، ڪڏهن ورقَ وِسارَ

ڪڏهن طُورسينا تي، ڏٺا مُون ڏهڪارَ

ڪڏ ساڻُ صَبرُ جو، ڪڏهن ڪئي ڪُوڪارَ

ڪڏهن بيت- رَب ۾، پرينءَ سين پهڪارَ

ڪڏھ نينوا تي، ڪَيم نينھهَ نھارَ

ڪڏھ اونده اوجھرو، ڪڏھ پِره پارَ

ڪڏھ سِرُ صليبَ تي، ڪڏھ ڪرڻُ ڪپارَ

ڪڏھ غار حِرا ۾، ڪيم پرت پچارَ

ڪڏھ مون پَسڻ لاءِ، حورن ٻڌا ھارَ

ڪڏھ ڪربلا ۾، ھنئي مون ھاڪارَ

اھڙا انگ اَپار، ڏنا مون ڏاتارَ

ماندا ٿئو نه ماڻُھئا، ايندي مُند ملارَ

اڄ نئين نينھهَ جا، ڏيان ڏَسَ ھزارَ

ڪري سَوَ سينگارَ، اُپاريان سِڄُ اَندر مان.

تون جبارُ، تون قھارُ، تو وٽ دوزخَ باھ

ڪُھه مَ ڪَرين ڪَھڪاھ، دانھون ٿين دوزخَ ۾.

O

باھيون ڏئي اُيَ ۾، ويڻو مَڄَ مچائين

ڪھڙي راند رچائين، ڏاتر پنھنجي ڏيھه ۾.

O

نانگ بلائون اُيَ ۾، پالييئي پالٽھار

اِئنَ مَ جُڳائي يار، جئن ڏنگي ڏَڦي ڏَنجھهَ ڏين.

O

دوزخَ منجهه دانهون ٹين، تون به سُڻ سَتارَ!

توهجي پِرت پَچارَ، ڪوڙين وِڌا ڪاڻَ ۾.

O

تون واحد، تون واهُرو، وائي اِهائي وات،

تو اجائي تات، سَپَ کي جوفُ جَنتَ جو.

تون ڏَمَرُ، تون ڏاڏُ، تون ويري، تون وَيَ

ڪوئي نه توهجي ڪَيَ، سَپَ کي جوفُ جنَتَ جو.

O

تون سَبرُ، تون سَهارُ، تون رمزَ، تون راز

اجائي نِمَ نماز، سَپ کي جوفُ جنت جو.

O

تون ڏَمرُ، تون ڏاڏُ، تون ويري، تون وَيُ،

ڪنڌ ڪوري ڪيُ، ته وحدت وهانءُ لهي.

O

تون والي، واحدُ، وَحدهُ، وائي اِهائي وات

هَڻُ ڪَڻارو ڪاتُ، ته وحدتَ وهانءُ لَهي.

O

تون والي، واحدُ، وحدهُ، ڪانهي مون ۾ي واه،

سسي ۽ ساهڻُ، وڻ ته وحدت وهانءُ لَهي.

دوزخ مَنجهہِ دانهون ٿين، اَنڻي پهر اَپار،

سَڏُر ڪر سَتارَ، تان آگ اُجهامي اُپ جي.

O

پاراتو جنين پاپَ جو، ساڙيندين سي ساه،

اُڏري ويم ارواح، ڏاتر توهجا ڏايَ ڏسي!

O

دمِ نه دوزخَ باهِ کي، ڪاملَ ڪَر ڪهڪاه

متان اهائي باه، ساڙي سڄي اُپ کي.

O

ڏسي ڏيهہَ ڏُڪارُ، اکيون وڏُم اُپَ ۽

باه لڳي بودَ کي، اُت اُنهيءَ وارُ

وِجهلي پيو وجود ۽، پِريان سندو پارُ

ساريُم تِتِ سَتارُ، پڙهي سوره ساجهَه جي.

O

پيهي جان پاتار ۾، ڪيم سُرت سجاڳُ

نه ڪا اور اَلفَ جي، نه ئي مِيم مُهاڳُ

”الستِ بِرَبڪُمُ“، رهيو ايُ نه راڳُ

هو نِسُورو نِپاڳُ، جو موٽي مِليمُ ماڳَ تي.

پيهي جان پاتار ۾، ڪَيُم سُرت سَڏَ

پَري مِليُم پاڪُرين، لاهوتي لَڏ

تان آبناسي اَڏَ، پيچي ڪَيُم پورَ ميان.

O

پيهي منجهه پاتالَ ڳَڙَ ڪَيم ڪُجهَ جي

ڏٺم ڏاوڙَ ڏاهَ تي، لاهي لَڏَم لالَ

آجو ٽيُس الفَ کان، چڙيون هٽي چالَ

تِهان پوءِ سنپالَ، لڏيم لانگوٽين جي.

O

پيهي جان پُورَ ۾، ڪيمِ وَرَ ويچارُ

اڳيان هو الف کان، پريان سندو پارُ

مُونجهو هُو نه مَجَتِ لئه، پلارو پَتارُ

سوئي رَب ستارُ، طلب ڪري نه تات جي.

O

پيهي منجهه پُورَ، مَٽ ڪيم مامَ جي

ٽُيس بالا بودَ ڪان، ناسيندي نورَ

گرهہُ لڳو گهورَ، هاءِ پيم هَنجَ ۾.

نِسورِيائي ناهہِ جي، پَريلَ آهه پُون،

جُڙيم هِنَ جَهانَ ۾، ڏينهن مڙوئي ڏُون

جيڪي ڏُنُو مون، سو ڏَسِيان ڪِيئن ڏيهه ڪي.

O

ڏورِيم سارا ڏيهہَ، پِرين پَسڻَ ڪاڙِ

هلي آيس هِتهين، پيرو ڪٽي پاڙِ

نه ڪا واڻَ وڇڻ جي، نه ڪي هلڻَ هاڙِ

مون ساهُ توهي ساڙِ، پاڻان ڪُوه پري ٽِئين!

—

O

پاڻ ئي ڏيهہَ ڏاتارُ، پاڻ ئي بُک پَرم جي

پاڻ ئي اُپري اُپ ۾، پاڻ ئي انڌوڪارُ

پاڻ ئي وَسي وَڌڻُڙو، پاڻ ئي ڏيهه ڏڪارُ

پاڻ ئي عزازيل ٿئي، پاڻ ئي خلقٽهارُ

پاڻ ئي قُدرَتَ فراق جا، پاڻ ئي ملائي يارُ

پاڻ ئي لَنُ ليلان جي، پاڻ ئي ٿئي هارُ

پاڻ ئي لُڙهي لَهُرن ۾، پاڻ ئي سَڏَ ميهار

پاڻ ئي ڏات ڏياچ جي، پاڻ ئي تند تَوارَ

پاڻ ئي پير پنهونءَ جو، پاڻ ئي پُڇي پارَ

پاڻ ئي پُڪي ٻاجهه جي، پاڻ ئي دردَ هزارَ

پاڻ ئي ڪانُ ڪَمان ۾، پاڻ ئي ٿيي شڪار

پاڻ ئي لڪي لوڪ کان، پاڻ ئي ٿيي نروار

پاڻ ئي پَري پُڪَ ڏي، پاڻ ئي مڱڻهار

پاڻ ئي پَسي پاڻ کي، پاڻ ئي نينهن نهار

پاڻ ئي اوڏو اکين کان، پاڻ ئي اکيان ڏار

پاڻ ئي آيو اگڙ تي، عجب ڏُنُم اِسِرارَ

پَسي پالٽهارُ، ”شاهين“ نِڪتو شرڪ مان.

وائي

مون وڃايو پاڻ، پَسڻَ ڪاڻ پرينءَ جي

ڏکندو ڏور ٿيي، اچين جي ٿُون هاڻِ

مون وڃايو پاڻ.

سِرجيا جي ساهَ سين، سي سُورَ اڻم ساڻِ

مون وڃايو پاڻ.

اڳُ ئي وڍيو آهيان، هاڻ ڪاتيءَ ناه ڪاڻِ

مون وڃايو پاڻ.

چڏي حَدَ حسابَ جي، پڏَر ڪر تون پاڻِ

مون وڃايو پاڻ.

”يوسفُ“ اُپو آسري، ڪيون روح رهاڻِ

مون وڃايو پاڻ.

وائي

چڏيم پاڻَ پچارَ، پيسُ پنڌ پرينءَ جي

اوڏو ٿي عجيبَ ڪي، لاڻم سپ ميارَ

چڏيم پاڻَ پچارَ.

سيني لاتئين سِڪَ سين، مَلهي موهجي يارَ

چڏيم پاڻَ پچارَ.

ڪيائين قربَ جا، ”يُوسفَ“ سين قرارَ

ڇڏيم پاڻَ پچارَ.

جانَئونُ جدا ڪيمَ ٿيون، سپوئي ڇمارَ

ڇڏيم پاڻَ پچارَ.

وائي

سوري سَڏْ ڪري، سانگو ڇڏْ ساهَ جو

موٽَئُ اٽئي مِهڻو، وڃُ نه پي پري

سوري سَڏَ ڪري!

گهڙُ ته ٽئين گهوٽُ، مَنجها سِڪَ سري

سوري سَڏَ ڪري!

پئدَ وٽُ پتنگَ جي، مَنجهين مَڇُ ٻري

سوري سَڏَ ڪري!

لاهي اَڇُ لاڇَاپا، پِرين پير پري

سوري سَڏَ ڪري!

سُر بلال

مخدوم بلاول شهيد جي نالي

5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضيا الحق عوامي اقتدار اعليٰ تي قبضو ڪري پاڪستان جي پهرين چونڊيل وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽو کي گرفتار ڪري ورتو. ٻن هفتن بعد 19 جولاءِ 1977ع تي مون کي گرفتار ڪري مون تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو ويو. مون هٿ وڍڻ جي سزائن جي مخالفت ڪندي لکيو هو ته ”پهريون هٿ خود ضيا الحق جو وڍيو وڃي، جنهن عوامي اقتدار اعليٰ تي ڏاڙو هنيو آهي“. مون اهو به لکيو ته ضيا الحق 90 ڏينهن ۾ اليڪشن نه ڪرائيندو ڇاڪاڻ ته اسلامي دنيا ۾ خلافت راشده کان پوءِ جن به فوجي جنرلن اقتدار اعليٰ تي قبضو ڪيو، انهن شرافت سان اقتدار تان هٿ نه کنيو. خليفت المسلمين فوجي جنرلن جي اهڙي ذهنيت کي چڱي طرح سمجهندا هئا. ان ڪري خلافت راشده جي دور ۾ اسلامي دنيا جي ٽن وڏن فوجي جنرلن خالد بن وليد، موسيٰ بن نصير ۽ سعد بن ابي وقاص کي نه فقط سندن عهدن تان هٽايو ويو بلڪه انهن جي سخت بيعزتي به ڪئي ويئي ته جيئن هنن جي مٿي مان اقتدار جو نشو لهي سگهي. خالد بن وليد، جنهن 84 جنگيون کٽيون ۽ ڪنهن به جنگ ۾ شڪست نه کاڌي، ان کي پريل درٻار ۾ ذليل ڪندي سندس پگ لاهي ان سان سندس هٿ پويان ٻڌا ويا. پوءِ ڪيس حضرت عمر جو حڪم پڙهي ٻڌايو ويو ته ”توکي ڏسمس ڪجي ٿو، تون واپس پنهنجي ڳوٺ وڃ ۽ اتان نڪرڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ“. ساڳيءَ ريت فاتح اسپين موسيٰ بن نصير ۽ فاتح ايران سعد بن ابي وقاص لاءِ حڪم ڪيو ويو ته هو پريل بازار ۾ پنن. بهرحال، مون کي هٿڪڙيون هٽي، پوليس وارا ۽ فوجي مختلف هنڌن ڏانهن گهليندا رهيا. جنهن ڏينهن ملٽري ڪورٽ کي فيصلو ڏيڻو هو، ان کان هڪ ڏينهن اڳ،

منهنجو ميڊيڪل ڪرايو ويو ۽ مون کي ڊڪيل اکرن ۾ اهو به چيو ويو ته سپاٽي توکي ڪوڙا هنيا ويندا. اها خبر جڏهن منهنجي امڙ کي پيئي ته هوءَ بيهوش ٿي ويئي. جيتوڻيڪ مون کي ڪوڙا نه هنيا ويا پر، آئون ۽ منهنجي گهر جا پاتي ذهني توڙي روحاني طور اها سزا پوڳي چڪاسون.

مخدوم بلاول شهيد کي سنڌ جي بقا ۽ آزاديءَ لاءِ ويڙهه کائڻ جي ڏوهه هيٺ، جيئري گهاٽي ۾ پيڙهي موت جي سزا ڏني ويئي. آئون ان سزا جي اذيت ۽ شدت کي چگي طرح سمجهي سگهان ٿو. اهڙي سزا ٻڌڻ لاءِ به همالیه جيڏو جگر ۽ ستن آسمانن جيتري وسعت رکندڙ دل گهرجي. اها سزا ٻڌڻ کان پوءِ، سنڌ جو هي مرد مجاهد پاڻ گهاٽي تائين هلي ويو ۽ شهادت ماڻيائين. گهاٽي ۾ پيڙهجڻ واريون گهڙيون ڪيتريون نه اذيتناڪ ۽ ڏيڃاريندڙ هونديون، ان جو فقط تصور ڪرڻ سان لڳ ڪانڊارجي وڃن ٿا. هن شخص تان چند لمحن ۾ ڪئين قيامتون گذري ويون هونديون.

هڪ حيران ڪندڙ واقعو

دادوءَ کان ڪجهه ميل پري هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ تمام وڏي مسجد ٺهيل آهي، جنهن جي پاسي واري پٽ لڳ مخدوم بلاول شهيد جي مزار آهي. آئون شايد 1986ع ۾ پهريون ڀيرو مخدوم صاحب جي حاضري پرڻ لاءِ اڪيلي سر اتي پهتس. مزار جي زبون حالت ڏسي آئون سخت اچرج ۾ پئجي ويس. مزار ڇا هئي بلڪه هڪ ننڍڙو ڪچو ٽلهو ٺهيل هو، ان مٿان چانو ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪانا ۽ ڪاٿيون آڏيون ابتيون ٻڌل هيون. جڏ ته هڪ لاوارث شخص جي قبر هئي. آئون اتي پٽلي هڻي ويهي رهيس. ايتري ۾ ڪجهه ڳوٺ جا رهواسي ملڻ آيا، جيڪي پيرزاده هئا. مون کانئن پڇيو ته هيڏي وڏي ماڻهوءَ کي، هن عظيم شخص کي جيڪو سنڌ جي آزاديءَ جو علمبردار هو، ان کي اوهان ڇو لاوارثن وانگر رکيو آهي. پنج سئو سال گذرڻ باوجود هن جي قبر کي به پڪو نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي هن تي ڪو مقبرو اڏيو ويو آهي. جواب ۾ چيائون ته مخدوم صاحب پاڻ وصيعت ڪري ويو هو ته سندس قبر پڪي نه ٺاهي وڃي. مون چيو ته ان وقت مخدوم صاحب ارغونن جي گهيري هيٺ هو، جن کيس ڏوڪو ڏيئي گهاٽي ۾ جيئرو پيڙهي چڏيو. اوهان کي هن ڪڏهن اهڙي وصيعت ڪئي؟ اهڙي پروپيگنڊا خود ارغونن ڪئي ته جيئن هن عظيم شخص تي ڪو مقبرو ٺهي نه سگهي، ان تي ميلا نه لڳن، هتي ماڻهو گڏ نه ٿين ۽ نه ئي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هو ڪا جدوجهد ڪري سگهن. دراصل ارغونن اهڙي ته سياسي چال کيڏي جو سنڌ جي ماڻهن آهسته آهسته مخدوم صاحب کي بنهه وساري چڏيو. مون ان رويه تي سخت احتجاج جاري رکيو. دادو توڙي سيوهڻ ۾ يا ٻين هنڌن تي جيڪي به دوست مليا، مون انهن سان اهو سور ونڊيو. جڏهن 8 نومبر 1989ع تي مخدوم صاهب جو ڏينهن ملهايو ويو تڏهن مون کي ان تقريب جي صدارت ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. ان موقعي تي پڻ مون ذاتي طور دوستن سان اهڙي شڪايت ڪئي. ٻيهر شايد 1995ع ۾ جڏهن مخدوم صاحب جو ڏينهن ملهايو ويو، تڏهن هڪ ڀيرو وري مون کي هتي اچڻ لاءِ سڏ ڏنو ويو. آئون پيرين پنڌ وڃڻ لاءِ به تيار ٿي ويس. جڏهن هتي پهتس ته منهنجي حيرانگيءَ جي حد نه رهي، جو ڏٺم ته مخدوم صاحب جي مزار مٿان مقبرو اڏيو پيو آهي. پنج سئو سالن کان پوءِ مس مس هن عظيم شخص کي سجاڻن جي ابتدا ٿي. سنڌ جا ماڻهو جڏهن اگهور ننڊ مان اٿندا تڏهن هو وڏن اٽالن جي صورت ۾ هتي گڏ ٿيڻ شروع ڪندا، تاريخ جا سڀ کان وڏا ميڙ هتي ئي ٿيندا. تهان پوءِ هو اها عظمت، اوج ۽ وجايل ماڳ ماڻي سگهندا، جو صدين کان موهن جي دڙي ۾ قائل آهي. ان ماضيءَ کي به موٽائي سگهندا جنهن دنيا کي پهرين عظيم ترين تهذيب ڏني.

- يوسف شاهين.

داستان پهريون

دانگيءَ دانهيو، رتُ ڪين وري

اجا پنڌُ پري، بلال! آهي بَختَ جو.

O

رَتُ وريو ڪينَ ڪي، آهن سپ عَليلَ

ڊوڙائين دليل، ته ماڳُ ملي ڪيئن ماڻِ ۾.

O

رتُ وريو ڪينَ ڪي، بخشُ ڪر بلال

پُڇينمِ پاتالَ مان، سنڌ ڪاڻ سوالَ

”اجا اگهورَ ۾، آهي انهيءَ حالَ“

اُٿيو ڪونه اَٿاهَ مان، سهسِينِ ٿيا سالَ

آيُس تو دَر لال، دانهن ڏيڻ ديس جي.

سنپاري ساڻَ کي، سنڌو سَڏ ڪري

لهي لوهُ لڳن تان، اهڙو واءُ وري

اَڇو پير پَري، گهوڻُ ٿيڻ گهاڻي ۾.

O

ماڳُ ملي ڪيئنَ ماڻ ۾، ويڻا وَڻَ وجهَن

گهوماڻِجي گهرَ ۾، گهوڙا گهوڙا ڪن

چُرن ڪين چانئڻ تان، هينئون هَڻ هٽن

سي سدا سور سهن، جي سڏَڙيا آهن سُک جا.

O

مَتان ڏرو ڏايَ کان، ڏاڍي ناهِ ساهُ

گهوري ساه پساهُ، گهڙي پئو گهاٽي ۾.

O

مَتان ڏرو ڏايَ کان، ڏاڍي ناهِ جهَلَ

ڪٽو صليب سِرَ تي، مَرڻَ هيءَ مهلَ

چڏيو سَڏَ ساهَ جي، ڪَنڌَ رهي مَ ڪَلَ

هٽِي هام هَڪلَ، پَر جهَليو بلال جي.

ڳالهه ڪَر ميان، اٽئي ڪهَڙو سورُ

موڻَڻُ ناهِ مورُ، ڏَڪُ وَهاءِ ته ڏڙُ ٽئين.

O

ڪانئر سڃي ڪيڇَ کي، ويا وڪوڙي

اِهو سور سَپَ کي، نِرتئون نِهوڙي

مانَ ڪو موڙي، واڳَ اڄ وَطن جي!

O

واڳَ اڄُ وطن جي، آه ويرينِ وسِ

ڪا راه نِجات جي، ڏاها مُونهين ڏس

بلي ري بس، ڪرڻي آهِ ڪينڪي.

O

ڪائنڙ هن ڪيڇَ ڪي، ويا وِلاري

سنڌو انهيءَ سورَ ۾، ٻهہَ ٻهہَ ٻاڪاري

پاڻ ئي سَڻي پاڻ ڪي، ڪَنڌيءَ ڪناري

هَنڌ هنڌ هاڪاري، ته ويڇُ رهيو نه وَيَ جو.

ويڇُ رهيو نه وَيَ جو، ڏي اگوندر اَڏاڻ

مِڙيءَ لڳِي ماڻ، پيهي انهيءَ پُور ۾.

O

ويڇ نه رهيو وَيَ جو، سهسين ڏيا سال

اُڏن شال اَلوڏَ مان، ڏرتيءَ سندا لال

جَنين جي جَمال، هڇي پُون هينئڙا.

O

ويڇُ رهيو نه ويَ جو، هينئڙي پُونِ هولَ

ڪاڏي ويا ڪانڊي، سي آلودا اَنمولَ

وجهن جي ولولَ، وڏي ويرين وچ ۾.

O

سَلي ساڻيهَ جا، سور سپيئي

مِڻي موچاري، پهَ پهَ ڏي پيئي

اُپري اُپ ڏي، ڏِي واچوڙو ويئي

موڻي آئي ماڳ تي، اِي ڏوراپو ڏيئي

ڪهڙي حساب ڪيهي، ويڇُ رهيو نه وَيَ جو!؟

ويڇُ رهيو نه ويَ جو، آهيون اَوائي

سورَ پسئو سامُهان، وَري ڪينَ وائي

اهڙي ئي آئي، ساعتَ بَڌي سَندرا.

O

هَڻ نه هَڻن هيڪڙو، راڙو ڪنَ رَتولَ

وَرتا اِن ولولَ، ته ويڇُ رهيو نه وَيَ جو.

O

ڪهڙي ڪارڙِ جيڏيون، ڪانڌي ٿيا ڪُلال

سڏُ نه ڏينم سَڏَ سين، ههڙا ٿيا حالَ

ساري اِي سوالَ، ڪرڻَ پوُن ڪَپارَ ۾.

O

ڪهڙيءَ ڪاڙ پيا، واڪا منجهه وَڻِ

سوسٽ ڪري ساهڪي، هر هر پاڻُ هَڻَنِ

چَڙِ چڙِ ٽي چڻن، ته ويچ رهيو نه وَڍَ جو.

O

راتِ اِها تاتِ، ته رهڻي سدائين

ڪيهُون ڪيائين، پسي پرپات ڪي.

سَرلي وچان سڄَ، اُلهِي چيو ايءُ

مُور نه ماندو ٽيءُ، ويندي رات وهامي.

O

ڳُهلا اِنهيءَ ڳالهه جي، ڪَرِ ڪا سورَ پچارَ

هُو اُيا آزار سين، اسان نينهنَ نِهارَ

اَهڙا قُرب قرارَ، مٿو نِيندا ماڻ ۾.

O

مَٿو نيندا ماڻ ۾، ڪوڙا جنِ جا قولَ

پُڌي تن جا ٻولَ، ٻيلي هٿندينِ هٿڙا.

O

مَٹو نيندا ماڻ ۾، جي مَن اَندر ميرا

پويان ڪري پيرا، ٿي ونءُ انهن جي واڻَ کان.

O

نَلها نِڪر چاڙهي، ڪوڙا ڏينِ ڪوڻَ

ڇالهين سين ڇوڻَ، ڪين ٻڌبا ڪڏهِ.

وائي

ڪَندا ڪِي مَ ڪڙولَ، اِي ٻولي ٻُڌايون

موهِجي ميدانَ تي، ايندا سَپ اڏول

ڪندا ڪِي مَ ڪَڙولَ.

وِجهندا ويرين وچ ۾، وڏي سي وِلول

ڪندا ڪِي مَ ڪَڙولَ.

ڏاڍا ڏونگرَ کان، سي اَندر جا اَنمول

ڪندا ڪِي مَ ڪَڙولَ.

پاڙيندا هن پَٹ سين، ڪيائون جي قول

ڪندا ڪِي مَ ڪَڙولَ.

سچا ”يُوسفَ“ جا، ٻيلي آهنِ ٻول

ڪندا ڪِي مَ ڪَڙولَ.

وائي

ٻهَ ٻهَ ٻيجل ڏي، تاڻي سيڪو تندُ

هاڻ وَطن ڪاڻ، هٽي ڪَبو هنڌُ

تاڻي سيڪو تندُ.

ساهُ ڏيڻو سَڏَ سين، ڪَيڻو مُور نه ڪنڌُ

تاڻي سيڪو تندُ.

جِتِ نه جاءِ جوابَ جي، پاڻا سوئي پنڌُ

تاڻي سيڪو تندُ.

سَچو سنڌڙيءَ سين، يُوسفَ آه سٻنڌُ

تاڻي سيڪو تندُ.

سُر پڳتي

(پڳت ڪنور رام جي نانءُ)

اندرَ منجهه اُڇل، ٿي ساريندي ساڻ کي

جيءَ رهي نه جهلَ، سُڌُ کي سُڌُ کي سَڌَ کيم.

O

پَلِ پَلِ مون پَچارَ، آهِ آديسين جي

هليا ڪري هيڪلو، ”يوسف“ سندا يارَ

سي لهندا ڪڏهِ سارَ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪ تي.

O

ڳالهه پچان ٿو، واکي وڏي

پِرت منجهاران، سَپَ کي سڏي

ڪهڙيءَ ڪاڻ ويا، لالڻ هتان لڏي

چنا چپر چڏي.

O

جي هينئڙي ساڻ هئا، سي ڏُريئون ٿيا ڏارَ

پچان تنين پارَ، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾.

O

ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، هينئڙي پُون هولَ

آهن ياد اڃان، سي آلودا انمولَ

ٻيلي تن جا ٻولَ، مُور نه وسرن مون.

O

هينئڙو هيڪلو، هٿئون وڃي هاڻ

الا، ڪهڙيءَ ڪاڻ، مارن مون وساريو.

O

وهين ويڙهيڇن ري، ڪين سري سؤن

ويا هن وٽاڻَ تان، پيري وڏو پُون

جيڪي ڏٺو مون، سو ساري وَر وَر ساهُ ڏيان.

O

ڪنين ڏڙڪو ڏَرم جو، ڪنين پڇيو نامُ

ماڻهپي ڪاڻ منڙا، ماندو رهان مدامُ

ڪوٽين ڪنور رامُ، آهيان اوتار الفت جو.

O

ڪنور سندي ڳالهه، ڪيان هت ڪيهي

صدائون سِرَ جون، سلي سڀيئي

حالُ پڇيائين حُبَ مان، ويريءَ کان ويهي

جيءُ، جُسو يا جان، چا چا ڪپيئي

پلئه هن پيئي، اهڙي ڏات ڏياڇ جي.

O

اَول آخر آهِ، رَهڻو نانءُ اَلکَ جو

سچا تنهن صاحب جا، وَرق جو ورائي

پلٺه سو پائي، ٻيئي جهان ٻاجهہَ سين.

O

سَپ فنا فاني، رهي نانءُ اَلکَ جو

هرڪو هَلڻو سَڏَ سين، وڻي راهَ رباني

ري قَبرَ ۾ ڪاني، ٿيڻو نصيب ڪينَڪي.

O

پاڻهي پيار مان، پاڻا هليو پنڌُ

ڪنورَ ڏيئي ڪنڌُ، ڪيو ماتِ مديءَ کي.

O

وڏا وَڙ ڪئا، ڪنور ڪيچين ساڻ

ڪڏهِ ڪنڈَ جي، ڪين ڪڍيائين ڪاڻ

ٿيو رتوچاڻ، ڪري مات مديءَ کي.

O

ڪيني جي ڪُنَ مان، آيُس تارِ تَري

ٿيڻو مون وري، مَسِيحا محبت جو.

O

مايا مايا ڪيِمَ ڪر، هَرَ هَرَ چوان اي

ته اٿم ڪينڪي، محبت ري مَنَ ۾.

O

مايا مايا ڪيِمَ ڪر، مايا راجَ رُلايا

ڪمُ ايندءِ ڪينڪي، اهڙا ڪَمَ اَجايا

ٻيلي! ڪر سجايا، باقي ڏينهڙا چار تون.

O

ٿي عادِلُ اَندرَ جو، جانب! ڏي جوابَ

ڪيڏا تو ڪِيا، گُناهَ ءِ ثوابَ

هينئڙي منجهِه حسابَ، پنهنجا ڪر پاڻِ تون.

O

سوگهو سَريرَ ۾، آهين ڪهڙيءَ ڪاڻِ

مايا تي موهجي، چو وڃائين پاڻ

هلي ڪر هاڻِ، ڪي چگّا ڪَمَ چار تون.

O

لهي ويندا لوڪَ تان، بارَ سندا باري

هَئِه هَئِه هيءَ ڪاري، رات نه رهندي ڪڏهِ.

O

ڇاڻي سُجاڻي، سودو ڪيائين سِرَ جو

اِنَ پَر اَپاڳ جي، رات وِهاڻي

تِهان پوءِ ماڻي، ڪنورَ واڻ وڃاندري.

O

مايا تي موهِجي، جي ٿيِن رَتوچاڙِ

اُنهن جي هاڙِ، ڪهڙي ڪيان هِتِ ڳالڙي.

O

سائلَ جي سَڏ تي، پينو ٿيو پاڙِ

ويهڻُ وِهُ ٿيو، ڪنورَ لئه هاڻ

سُرَ ڪٽي ساڙِ، لهي ويو لُوڪَ ڏانهن.

O

مايا ڪاڻ ماندا، ڪيئي ڏُناسين

ڪيئي قصا تن جا، ٻيلي ٻُڌاسين

ونجي وياسين، ڪِني اِنَ ڪِمامَ ۾.

O

ايڏي ڪوه اُڪيرَ، لڳي اڄ لاهوتين جي

ويا هِن وڻاڻَ تان، ميڙو ڇڏي ميرَ

سي لانگهائو لڪميرَ، ڪڏهن ايندا ڪاڪ تي؟

O

مور نه وِسرن مون، ٻيلي جن جا ٻول

سي آلودا انمولَ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪ تي؟

O

سارينديِ ساڻَ ڪي، هينئڙي پُونِ هولَ

وينا ڪيئن وساري، ڪيائون جي قولَ

سي ڏاڻي منهنجا ڏولَ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪ تي.

O

پَلِ پَلِ مون پَچارَ، آهِ آديسين جي

هليا ڪري هيڪلو، ”يوسف“ سندا يارَ

سي لهندا ڪڏهِ سارَ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪ تي.

—

بَندُ

(شاعريءَ جو نئون گهاڙيٽو)

ناچُو بڌجي ناچُ نچائي، جَگُ جاڳائي

پَلڻا پائي، پُورپ ڏي، ٻِرهَ پُچائي

اِنَ پَرِ راڳي، ڳائي، ڳائي، رات ڪُٽائي.

O

ماڻهو موڳا ساڻا ساڻا، ساه ۾ سوڳها

هيرن هاڻا، پاڻئون پُڇن پاڻا

ڪهڙيءَ ڪاڻا، ويرين هِت وَڻاڻا.

O

جاجڪُ جيءَ ۾، جايون جوڙي

بَندا ٻوڙي ٻيائيءَ جا، ٿُرها توڙي

پاڻ پتوڙي پيار لئه، واڻون ووڙي.

جاجڪُ جيءَ ۾، جايون اڏي

سڏي سَيَ ڪي، واڪي وڏي

لڏي لالڻ ويا هِتائون، چنا چَڙَ چڏي.

O

جاجڪُ جيءَ ۾، ساڃَنَ ساري

هنجون هاري، سپ سنپاري

ڪانگَ اُڏاري، وَرَ وَرَ پاڻا واري.

O

جاجڪُ جيءَ ۾، پُڇي پارَ

هيئين هارَ، ڪنهن ڪِئا ڏُريئون ڏارَ

مارَ پوي تَنِ ماڻهين، ڏنگا جنين ڏارَ

سي سوريءَ سزاوار.

O

مور نه وسرن مون، پرينءَ سندا پارَ

جان جان روکيان جيءَ کي، تان تان ٿئي سارَ

جي هُئم هيئين هارَ، سي هاڻ نه رهيا هتهين.

O

اوطاقون اندر ۾، اچي اڌيائون

ڇالهيون اُتي ڪُڙ جون، ڪيئي ڪيائون

اوڏو ٿي عجيب کي، ٻڌيون مون ٻانهون

ته ورڻ وايون، ڪيَ ڪجو ڪڏهين.

O

ساري سنگهارن کي، هِڏڪيِ اُٿيو هانءُ

ويا هن وڻاڻ تان، نينهءَ چني نانءُ

جايون اَڌيان جيءَ ۾، انهن ڪاڻ آنءُ

ڪڏهن لوندو ڪانءُ، ڪڏهن ايندا ڪاڪ تي.

—

وائي

ڪَڪَ اباڻا، هيرن هاڻا، رويو پچي راڄي!

مَنَ ويراڄي، جهومي راتيون جاڄي،

ساڄي صورت، ساڄي سيرتَ، ساڄي سنڌ سپاڄي.

رويو پچي راڄي، مَنَ ويراڄي.

ساڄي منڊيءَ ڪاڻ مڱڻو، سينَ هڻي اڄِ ساڄي.

رويو پچي راڄي، مَنَ ويراڄي.

ساڄي هوليءَ ۾ ڏني، امڙ لولي ساڄي.

رويو پچي راڄي، مَنَ ويراڄي.

واڄيِ ٽي ورَندا يوسف، لنئون جنين سين لاڄي.

رويو پچي راڄي، مَنَ ويراڄي.

وائي

محبت ري ميان، ڏُوڙ آهِ ڏَرمُ

مَديءَ جو مَنَ ۾، ڪهڙو آهِ ڪَمُ

ڏُوڙ آهِ ڏَرمُ.

راضي تان رَبُ ڏئي، راهَ اُهائي رمُ

ڏُوڙ آهِ ڏَرمُ.

ڪاشي ڪعبي ڪوه وڃان، هُو ساهَ ساڻ اَتمُ

ڏُوڙ آهِ ڏَرمُ.

مالڪ مُلڪن جو، ڪري شالَ ڪرمُ

ڏُوڙ آهِ ڏَرمُ.

يُوسفَ ڏِنو ڏيهَن کي، اهڙو فڪر فهمُ

ڏُوڙ آهِ ڏَرمُ.

وائي

هَنڌِ هَنڌِ ٿي هاڪارَ، آهيان ڪَنڌَ ڪنارَ

آلاپي آٽيان، دولهه مٿي دار

آهيان ڪنڌ ڪنارَ

توريان جان ئي تند، تان ڪرنِ ڪنڌَ هزارَ

آهيان ڪنڌ ڪنارَ

سچا سُر سنگيتَ سين، ڪيا مون قرارَ

آهيان ڪنڌ ڪنارَ

جنين ڏاتِ ڏياچ جي، سي پُڇَنِ يُوسفَ پارَ

آهيان ڪنڌ ڪنارَ

وائـي

جيڏو تُنهنجو نانءُ، آسَ به اوڏيائي

ٻيڙو تارِ منهنجو، واحدَ ڏي واهي

واحِدَ ڏي واهي.

ڪنڌيءَ لاءِ ڦُرب سين، ڪَرمُ ڪر اِلاهي

واحِدَ ڏي واهي.

حِيلو هاڻ ڏئي، پَلا! ڪر ٻلائي

واحِدَ ڏي واهي.

جُڙيو ركُ جهانَ سين، يوسفَ آسَ اِهائي

واحِدَ ڏي واهي.

وائـي

سنڌڙيءَ تان صدقي، هي سرڙو سئو سئو وار

ڪنور قبوليا، اهڙا انگ اپارَ

هي سرڙو سئو سئو وار.

ڏوتائين ڏرمَ ڪي، نِرتئون ٿي نثار

هي سرڙو سئو سئو وار.

پَلِ پَلِ پِيارَ جا، ڏنائين ڏس هزارَ

هي سرڙو سئو سئو وار.

سدا هيس ساهَ سين، پانڌيئڙن پچارَ

هي سرڙو سئو سئو وار.

هليا ڪري هيڪلو، يوسفَ سندا يار

هي سرڙو سئو سئو وار.

وائي

ڏاها! ڏَسَ ڏئوم، ڪو ٻيلي ٻڌائي

ڪنور ڏاران ڪيرُ، هاڻ پرچاءِ،مون ريجهائي

ڪو ٻيلي ٻڌائي!

آڻي ڏئومِ اُپ مان، مِڻَڻُ موڏائي

ڪو ٻيلي ٻڌائي!

سالِڪَ انهيءَ سورَ ۾، لڻءُ لڻءُ لُڇائي

ڪو ٻيلي ٻڌائي!

يوسِفَ سندي يارَ کي، شَلَ واحدُ ورائي

ڪو ٻيلي ٻڌائي!

وائي

هن مٿيءَ ساڻ مون، اَزلئوُن انگ اپارَ

ڇِني ڇيڪَ ڏئي، ڏُريئون ڪيو مَ ڏارَ

وينتي تو درِ يارَ.

پَلِ پَلِ ياد پَونِ، پرينءَ سندا پارَ

وينتي تو درِ يارَ.

جتي سَپت سنڌو، لهي سَيَ سنڌارَ

وينتي تو درِ يارَ.

جتي ڪينجهَر ڪوڏيا، ڏُرها هٽن تار

وينتي تو درِ يارَ.

جتي ميلا مُحبَ سين، جتي نينهَن نِهارَ

وينتي تو درِ يارَ.

جتي ڪارونجهرَ جيان، مُڙس مٽيادارَ

وينتي تو درِ يارَ.

جتي سارينديِ يُوسفَ کي، روئن زارو زارَ

وينتي تو درِ يارَ.

وائي

ڦيرڙي پائي، چيرِ چِمڪائي، پُڇان پنڌَ پراڻا

اَچَن ياد اَباڻا.

ڌِسان شالَ اڪين سين، ڏيهه ڏاڏاڻا

اَچَن ياد اَباڻا.

الا! ڪهڙي ڏوهَ ڏنا، ڏرتيءَ ڏڪاڻا

اَچَن ياد اَباڻا.

حيلو هاڻ ٿئي، ڪُو سالِڪَ سياڻا

اَچَن ياد اَباڻا.

آهن ياد يُوسفَ کي، ٻولَ ٻاٻاڻا

اَچَن ياد اَباڻا.

O

ڪجهه ته ٻُڌاءِ، رُنڻَ يارَ،

ڪَڏهِ مُنهنجي اگڻ ايندين؟

اڪين جا ڻارَ، هيئين هارَ،

ڪَڏهِ منهنجي اگڻ ايندين؟

ڪري ياد اُلفت جا، اُهي اِقرارَ،

ڪَڏهِ مُنهنجي اکڙ ايندين؟

چڏي ماڻا، هلي هڪوار،

ڪَڏهِ منهنجي اکڙ ايندين؟

پُڇي يوسفُ ٻڌاءِ يارَ،

ڪَڏهِ منهنجي اکڙ ايندين؟

وائي

ڳليءَ ڳليءَ ڳائي، ڏيان ڏس هزارَ

ماندا ٿئو نه ماڻهئا، ايندي مُندَ ملارَ

ايندي مُندَ ملارَ.

ڏُکئي هن ڏيهَ تان، باري لهندا بارَ

ايندي مُندَ ملارَ.

ويندي رات رڙي، پسي پره پارَ

ايندي مُندَ ملارَ.

لهندا يوسفَ لوڪ تان، اَڻَ ميا آزارَ

ايندي مُندَ ملارَ.

وائي

آهي ڄالهه ڳري، اورِيان تان اَڏَ ٽيان

جا ٻيڙي ٻُڏي سيرَ ۾، ايندي تار تري

آهي ڄالهه ڳري.

هيڪائي هيڪ ٽين، وايوڙيا وريِ

آهي ڄالهه ڳري.

جهَلَ ٽيندي جهانءِ کي، پوندا ڏُکَ ڏريِ

آهي ڄالهه ڳري.

وڇڙيا جي وطن کان، وَرَنِ ماڳِ وري

آهي ڄالهه ڳري.

ٿُهان ڏاران سُپرين، ساعَتَ ڪانه سريِ

آهي ڄالهه ڳري.

يُوسِفَ هت هاڪارئو، ڏي خَبرَ كريِ

آهي ڄالهه ڳري.

آهي نه ڪنهنجي

جهڙي پنهنجي پونءِ پلي آ!

هيءَ ڳالهه اُنهن جي آهي

جي ويا مُنهڙو مَڻائي

تو لئه راڻا، هيرن هاڻا

سپ پُڇن ٿا

تو کي ساريو، سپ لُڇن ٿا

چڏي ماڻا، هاڻ هلي آ

پنهنجي سَهنجي، پُونءِ پلي آ

آهي نه ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي

پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ

چڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ

پَڻَ پيارا، نِتِ نظارا

تنهنجو پُڇن، سپئي سارا، جيءَ جيارا

هڻيو نعرا ور ور ورجائين

آهي نه ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي

پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ

چڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ

اَچن شالَ، ڪري پالَ

ٻُڌان ٻيهر

ٻولَ اُنن جا، قولَ اُنن جا

ٽين وري چئوٻولَ اُنن جا

وَڻَ وَڻَ وائي، آهي اِها ئي

پنهنجي سَهنجي پُونءِ پلي آ

آهي نه ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي

پونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ

چڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ

اُپو يوسفُ، نِتِ نهاري

سَجڻَ ساري، ڪانگَ اُڏاري

هي وڇوڙو، هاڻ ماري

ڪيئن گُذاري

هيڪلُ هيڪلُ، هَنجون هاري

هيئن چوي ٿو

پنهنجي سَهنجي پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ

آهي نه ڪنهنجي جهڙي پنهنجي

پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ

چڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ

سُر سنڌ

سائين جي ايم سيد جي نانءُ

ڳالهه ڳُجهائتي، ويڑهي مون ويئي

پُڇان پاڻَ کان، پاڻا منجهه پيهي

چو سورَ سپيئي، پلئه سنڌ پيا.

O

سسئي ساڃن ڪاڻ، جيئن ڏونگر ڏوري

ائين سنڌ هاڻ، ووڑي گس ويڃ جا.

O

ڪڏهِ ڪرندو ڪوڻُ، ڪڏهِ ورندو واءُ

هيءُ سِسِي ۽ ساهُ، گهوريان اُن گهڑيءَ تان.

O

جڏهن خلقيوم خلقٽهارَ، ٿئو چوٻول چوڌاري

اُٿَڻَ ساڻ اول، جيئن مون سُرت سنپاري

لفظ سنڌ سونهاري، لکيم لوح قلم تي

O

جڏهن روح جُڙيوم، لنءُ تڏهن کان لاڃي

آلاپي الحمّد، سورهَ ورجائي ساڃي

لفظ ”سنڌ سپاڃي“، لکيم لوح قلم تي.

O

چٽڪ پيئي چت ۾، تان سُتي ٿيم سارَ

اُٿي آڏيءَ رات جو، ڪيم پِرت پچارَ

او سپاجها ستارَ، سگهو ڪر سنڌ ڪي.

O

سگهو ڪر سنڌ ڪي، واحدَ ٿي واهي

اٽئون آس اِهائي، جُڙيو رک جهانَ سين.

نه واهي، نه ويچ، نه مُکُ، نه مسيحُ

ڏسي حالُ ڏيهَ جو، جُهري پيم جيءُ

عجبَ منجهان ايءُ، اوريم سورُ اُپَ سين.

O

اچو اچو ته اوريون، سيئي گڏجي سورَ

ڪن گهٽا، ڪن ٿورا، ميڙي ٿيون مخمورَ

اِن پَر ڪري اسورَ، رات ڪُٽايون روچ جي.

O

سبق پڙه سُورَ جو، پيا ورق سپ وسار

ڪوري ڪِ قلب مان، ڪيني جي ڪِنار

ترن سي ئي تار، جي پاڻُ هڻن پاتار ۾.

O

سسئي ۽ سنڌ، ڳالهه مڙوئي هيڪڙي

هيءَ قابو ۾ ٻيڪڙي، هُوءَ سوگهي منجهه سرير.

آلين اکين سين، ڏوراپو ڏيئي

ڏات ڏاهَ جي، وڻان مون ويئي

پُڇان پاڻَ کان، پاڻا منجهه پيهي

ته ڪهڙيءَ ڪاڻ پيئي، سنڌ سُڏڪن ۾.

O

سنڌ سُڏڪَنِ ۾، آئون اَوائي

نه ڪُڇان نه لُڇان، نه وري ڪا وائي

اهڙي ئي آئي، ساعَت ٻڌي سندرا.

O

سِنڌ سُڏڪَنِ ۾، الا اَڄُ آهي

ويجَن ڪاڻ واڻُون، ويڻِي واجهائي

پاتاڙيو ٻُڌائي، ڪِسَ ڪانئرن جا.

O

ڳالهه سونلَ سنڌ جي، ڪيان هت ڪيهي

انڌا عقلَ جا، صاحبَ ٿيا سيئي

پلجن هت پرڌيهي، ڌيهي سوگها ساهَ ۾.

ڪڏهِ لهندو لوهُ، ڪڏهِ ويندو ڪالُ

وَرَ وَرَ ويڑهيچا, ساڳيو ڪن سوالُ

ههڙو پسي حالُ، ڪرڻَ پونُ ڪپارَ ۾.

O

سڏڙيا ساهَ جا، تارئونُ ڪين ترن

ٻُڌي نيڻ مرن، سي ٻُڪَ پاڻيءَ ۾.

—

سنڌ سپاجهي آهِ اسانجي

اُهي ڌينهن اُهي شينهن، اُها رَسَ رهاڻ

اُهي نينهنَ، اُهي مينهن، اُها موجَ مهراڻ

سي مڻي مُنهن ويا، الا، ڪهڙيءَ ڪاڻ

مڙوئي موروثي، حَقَ وڃايون هاڻ

ڪو ساڻي، ڪو سُڃاڻ، سور سلي سنڌ جو.

O

سور سلي سنڌ جو، ڪو عاقلُ ڪو اِمام

هيڪاندا حَقَ لئه، جو جهيڙا ڪري جامَ

ڪڪُ نه ڏيڻو ڪنهن کي، اي هُلائي عامَ

هنڌ هنڌ هڻي هامَ، ته سنڌ سڀاجهي آهِ اسانجي.

O

سور سلي سنڌ جو، ڪو جابُر، ڪو جليلُ

لکي پاڻا لوحَ تي، ٿئي پاڻا واتُ وڪيلُ

اي در در ڏي دليلُ، ته سنڌ سڀاجهي آهِ اسانجي.

سور سلي سنڌ جو، ڪو صاحب سودائي

جو حَقَ ري، نه ڳالهه قبولي ڪائي

وجهي وڻ وڻ اِها وائي، ته سنڌ سڀاجهي آهِ اسانجي.

O

سور سلي سنڌ جو، ڪو عاجزُ، ڪو عليلُ

هيڻن هڏن سين، جو ڏاري ڏايا ڏيلَ

تهان پوءِ تڪميل، ٿئي سدوريءَ سنڌ جي.

O

سور سلي سنڌ جو، ڪو مڙس موالي

ڏيکاري ڏينهن جو، ڪي جوهر جلالي

وڏي ويرين سين، ٿئي هيئن احوالي

چڏي پڻ پڻ بي خيالي، پڄو هن پونءِ تان.

O

هاڻ نه ڪيڏي ڪاڻ، توڻي تکا لڳن تيرَ

هڻي نعرا، چئو حميرَ، ته سنڌ سڀاجهي آهِ اسانجي.

سور سلين سنڌ جو، ڪي جوڌا جُنگَ جوان

اندر جنين اُجرا، صورت ۾ سلطانَ

هوڪا ڏئي حَقَ جا، سي تاڻي تير ڪمانَ

اهڙا ڪن اعلان، ته سنڌ سڀاجهي آه اسانجي.

O

سور سلين سنڌ جو، لاهوتي لکميرَ

لاهين لوڪَ تان، زوريءَ جا زنجيرَ

اهڙا هادي ۽ حميرَ، اُٿن شالَ الوٽ مان.

O

هاڻ نه ڪيڏي ڪاڻ، توڻي هٿن تيرَ

لهندا نيٺ لوڪَ تان، زوريءَ جا زنجيرَ

ڪن هڪڙي ڳالهه حميرَ، ته سنڌ سڀاجهي اسانجي.

O

لُڇن ڪُڇن ڪينڪي، سڀ سورُ سَهسائين

ڪهڙيءَ ڪاڻ ڪاڻئرَ، لڏا هِت لاهين

ڪي لوسي، للو، لالا، ڪي ڪابلي ڪوٺائين

ڪي سودو ڪن سنڌ جو، ڪي مَتيون مُنجهائين

صلاتون صبر جون، سي وَرَ وَرَ ورجائين

”ته سُتا مر سُهن، جي سنڌي سڏائين“

اهڙائي آهين، اڄ حساب هَڻَ ويڙي جا.

ڪهڙي ماڻَ ميان! رونئان بيٺو راڄَ لئه

ڪِي ڪاڻُ ڪندَ مان، اچن شالَ اِيان

ته واري ساهُ ڏيان، پَسي تن پڏَرَ تي.

O

اُٿي آندي ڪاڙِ، جهيڙو ڪر جهونجهارَ

سَڏَ وڃاءِ ساهَ جي، پَڌر اُڇل پاڻ

ڊالَ جيان ڊولايا، تَنُ پاهنجو تاڻ

هيئين سين هاڙِ، وَڊِ ته واڌي ڏئي.

O

اُٿي جهيڙو ڪاءُ، پويان ڪر مَ پيرَ

ڦاهيءَ وجهي ڦيرَ، اَڏَ ڪر اَمُرَ ڪي.

O

اُٿي جهيڙو ڪاءُ، لاه جهيڙو جيءَ تان

جهَاجهه ڪَرِ جهِيڙي ۾، جهِيڙي سان ئِي آءُ

جهيڙي جو جَڙاءُ، ڪِرِ جهيڙيندي جهيڙالَ تي.

اُٿي جهيڙو ڪاءُ، بيخَ ڪيي بيهه

لاه لوهُ لڳن تان، ڏندين ڏاندُ ٽيءُ

”ساهُ ناه سَيُڪي“، انگ لهيج ايءُ

رانباه چڏ ريسٽا، جوڳُ پچائي جيءُ

پَلَرُ اهو پيءُ، جو ساجهه ڏينئي سُورَ جي.

O

سَڏُ ٽئو ساٽيهه جو، اُٿي منزل ماڻ

ويلَ نه وجي ويسرا، هلڻ توهجو هاڻ

ڪيڏِي ناه ڪاڻ، ڏاري وجهه ڏونگر ڪي.

O

نه ڪا شَدَ نه مَدَ، نه ڪو ليکو سورن سين

ڪينَ ڪيائون ڪڏهه، سُکن ڪاڻ سَڏَ

اندر ٽئين اَڏَ، ماندو ڏِسي ماڻهوءَ ڪي.

O

لوچي سو لهي، گهڙي سو ئي گهوٽُ

چارڻ چڙهي چوٽُ، عالمَ ڏس عبرت جا.

هيئين سين حمير! هڻي ڪر هَنڌَ

موٽي اچي مُندَ، جي سَڏ ڪرين سُورن ڪي.

O

ميان! ڪهڙي ماڻ، صبر سيرَ وهائي

واڪا ڪري وائي، اچو اُڻاريون اُپَ ڪي.

O

دهشت دَمُ دمي جي، ڪيون ڪينَ ڪاڻ

ڪنيو هلون پاڻ، درياءَ اندر دل ۾.

O

سُورَنِ سندي ساڻَ جا، سَدا سوالي

اُڻارينِ اُپَ ڪي، سي جابر جَلالي

هَلنِ هَٿين خالي، ڪَنيو مٽيا مَنَ ۾.

O

ويهڻَ مان نه وري، هَلُ، ڇڏي حيلا

وڃائي وَسيلا، گهڙُ ته گهوٽُ ٿئين.

هيئين سين حبيب! هَلُ، ڇڏي حيلو

جن ويچ نه وسيلو، تن سُورن سَگهو ڪئو.

O

جي سَڏَ اٿئي سُکَ جي، ته ماڳَ پانهجو مَٽ

ويهه تنين وَٽ، ڏُکيو جنين ڏاهه ڪئو.

O

ڏونگر! مون ڏاهه جا، ڪوهُ ڏئين ڏَسَ

مُون لئه گهٽا گَسَ، تو چارو ناهه چُرَڻ جو.

O

ويهي پٽيو پاڻ ۾، سامائجي سُورن

پيا منجهه پُورن، ته رتو ڪيئن راس ٿئو.

O

پَهرُ نه گُذري پاڻَ تان، ويلَ بڻي وڃُ

سورن سندو سِڃُ، لهندو ڪڏهن لُوڪَ تان!؟

O

ويجي وڃ وئا، گھُمن هت گھوڑا

اجا ڪينَ ٻوڙا، پُڌين سَڏ ساڻيهه جا.

ووءِ ووءِ مان نه وري، پَڏَر اُڇل پاڻ

سَڏ ڇڏي ساهه جي، هَلُ حبيبا هاڻ

سُور ڪٽي ساڻ، ڏاري وجهه ڏونگر ڪي.

O

ووءِ ووءِ مان نه وري، ڪو مَ ڪري ووءِ

”ساه ناهِ سپڪي“، جوئي اِهو چوءِ

ته پاڻا اچي پوءِ، ماڳُ تنين جي ماڳ تي.

O

لُڇِ ڪينَ ڪُڇِ، اهڙا اَٽيئي

گُم آهن گھرَ ۾، سي ساڃَن سپيئي

تنين ڪاڻ ويهي، ڪهڙي ڪيان هت ڳالڙي.

O

ميان! ڪهڙي مامري، مُهر لڳي هت ماڻ جي

ڪيڏا ڏنا ڪلورَ، ڪيئن ويڻين وساري

سبق پَڙُهه سالڪَ جو، سُرت سنپاري

’’وِيل وايون ڪري، ڪُنڊ ڪُوڪاري * ‘‘

ٿُرها سي تاري، جي سامهون ٿين سَموندِ ڪي.

ووءِ ووءِ مان نه وري، نڪري ٿيءُ نروار

پهتا سي ئي پار، اَڙيا جي آزارَ سين.

O

اندر منجهه اُڇل، ٿي سارِيندي ساڻ ڪي

جيءَ رهي نه جهَلَ، سُڌڪي سُڌڪي سَڌ ڪيم.

• شاهه لطيف

O

وهين ويڙهيچن ري، ڪينَ سري سُون

ويا هِن وٽاڻَ تان، پيري وڏو پُون

جيڪي ڏِئو مُون، سو ساري وَر وَر ساهه ڏيان.

O

تون ئي ويڇُ وَڌَ جو، تون ئي دَردن دارون

ڏِئين ڪوه ڏاتر ڪي، مِئل مياروِن

ڪانئر! چڏ ڪارون، اُٿي اور اندر ڪي.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، انگُ سَليج ايءُ

پاڻا لهہُ پاڻَ کي، پاڻا سچو ٿيءُ

هنڈُ توهجو هيءُ، اورکي مَ اُپَ ۾.

O

اور کي مَ اُپَ ۾، اُٿي اندرُ اور

سالِک! سُرت سين، تندُ اُها تور

جا پچي ڪري پُور، ڪاڪِ هُن قَهار جي.

O

تون حبيبُ تون طبيبُ، تون ئي پرين پاڻ

ڪِڍي مُنهن مونن مان، پنهنجو پاڻ سُجاڻ

جي سُرت ڪٽين ساڻ، ته ڏکندو ڏُور ٿئي.

O

تون ئي رهبر راهہَ جو، تون ئي وڍَ وسيلو

جي ڪَرين پاڻ حِيلو، ته ڏُکندو ڏُور ٿئي.

مَ رو، مَ رڙڪي، مَ ئي هنجون هارِ

اُٿي اوندهه ۾، ٻارڻُ ڪوئي ٻارِ

اَڙجي آزار سين، حيلا ڪر هزار

ته پاڻ ئي پالڙهار، واهر ڪري ئي وڃ ۾.

O

مَ رو، مَ رڙڪي، مَ ڪيِ ڪَرِ دانهون

اڙجي آزارَ سين، اُڻي ڏيءُ آڳاهون

لهن سي لائوُن، جي مڙو ڏين مَڃ ڪي.

O

ٿُون حبيب، تون طبيبُ، حرفُ اهو ئي هڪ

اور ڪي م اُپَ ۾، لکيو پاڙا لکُ

سورَ پروڙ سِک، ڏي پاڙا ويڃُ وَيَ جو.

O

ويهڻُ واين وڃ، جي وَر وَر ويچارين

سوئي سنوارين، اَڙ گهڙيا ڪاڻَ.

O

ويهڻُ رازن وڃ، جنين اَڏڻ عبادت

اَرضي امامت، ڪو حاصل ڪري هنن کان.

ڪوهُ سُڏڪي سَڏ ڪرين، نهوڙيل نپاڳي

آهين ڪير اَپاڳي؟ سوري پَلئهُ سندڙ ڏنم!

O

ڪوهُ سُڏڪي سَڏَ ڪَرينِ، ڪِٿي توهجو گهُوٽُ

آهين ڪير اَموٽ؟ سُوري پلئه سنڌ ڏُنم!

O

ڪوه سُڏڪي سَڏَ ڪرينِ، نينگر نِماڻي

آهين ڪير اَياڻي؟ سوري پلئه سنڌ ڏِنَم!

O

ڪوه سُڏڪي سَڏ ڪرين، ڪٿي تنهنجا ڪانڌَ

سنڌ توهجي سَرير ۾، آ ايڏي آنڌ مانڌ

ڇڇيءَ پايو پاند، ٿي لِيلڙائين لَڄَ لئه!!

O

لِيلڙائي لَڄَ لئه، سنڌڙي سونهاري

وَڍيل ويچاري، ووڙي گسَ ويڄَ جا.

O

لِيلڙائي لڄَ لئه، ويا ويچاريءَ وَسَ،

ويڻي ووڙي گس، گُم آه پنهنجي گهرَ ۾.

مِنٽ چڏ ميسڻا، پري هَڻُ پالا

قَبرَ ڪشالا، ڪَيُ ته ڪاڪِ ماڻئين.

O

ڏانجهن تي ڏانجها، سَڏا سونل سنڌ

ساري سُنهاجا، وِجودئون وڃُ ٿي!

O

ڏيهه مٿي ڏهڪارَ، ڏڏا ڪينَ ٿيام

تان قلم ڪهاڙي، هَڏَ ڪيم هٿيارَ

متان ڏين ميارَ، ڪا ماروئڙا مون کي.

O

وري ويڑهيچن، ساڳيو ڪيو سُوال

ڪَڏهِ ڪين سنيهرون، ڪوئي سَيَرو سالُ

ههڙو پسي حالُ، قلم ڪهاڙي مون ڪيو.

O

ويا ڪوه وڃائجي، سپوئي سُڪَ

ڪاهي آئي هن ڪيڇ تي، بيحالي ۽ بُکَ

ڏسي اهڙا ڏُک، قلم ڪهاڙي مون ڪيو.

O

وڃائي وجود کي، هڏن هَڏَ هزارَ

ڳُم ٿيا ڳُمان ۾، مُڙس مٽيادار

لُڇن پُڇن لوڪ ڪان، يوسف سندا يارَ

ڪيئن باري لهن بارَ، ڏکئي هن ڏيهه تان.

—

پاڻي! هاءِ پاڻي

موڻي اڄ ميهارَ، سَڏَ ڏنا سُهڻيءَ ڪي

ڪٽي ڪڇو گهڙو، هلي آ هڪوار

نه دهشت درياءَ ۾، نه ڪائي تک توارَ

اچي ڏس عجب اسرارَ، واري اُڏامي وچ سير ۾.

O

پاڻي هاءِ پاڻي، هرڪو پُڇي هاڻ

سُڪا پَٽَ سنڌ جا، الا ڪهڙيءَ ڪاڻ

اهو موج پريو مهراڻ، ڪاڏي ويو ڪانئرا.

O

ڪيڏو آهِ ڪالُ، پاڻيءَ جو هِن پَٽَ تي

چرڪ پُون چَڄَ ۾، ساري ايِ سوالُ

هوڪَ اُٿي هانءَ مان، ههڙو پسي حالُ

اوريم جيئن احوالَ، تان سُکو آب اکين جو.

□

□

□

کيڏو آهي ڪالُ، پاڻيءَ جو هن پَڻَ تي

اوريان ڪنهن سان اڄ، اندرَ جو احوالُ

زوري زوراورَ، اڏين ٽل ڪئنالُ

ايڏا ڪوه آهيون، بيوس بي حال

سولو اِي سوالُ، پڇان پليجي*کان.

O

سدائين سنڌ جي، پل پل هُن پچارَ

ڏسيِ ڏاڍُ ڏيهه تي، وَنڊي هي ويچارَ

اُٿن ڪيئن الوڻَ مان، مُڙس مٽيادارَ

ڪنين ڏونڊاڙي، ڪنين هڪلون ڏي هزارَ

اهڙا انگَ اپارَ، پليجي*پلئه پيا.

(* جناب رسول بخش پليجو)

O

پاڻي هاءِ پاڻي، سپ پٽيو ڪين پارَ

تان وري ڪينڪي، توءِ حيلا ڪن هزار

صاحبَ ربَ ستارَ، تون ئي وساءِ وڏَڏُڙو.

O

پاڻي ڏيو پاڻي، وڻِ وڻِ اها وائي

وڃائي سپ وسيلا، ٿيا طالبَ توائي

هيڪيو هِنَ هُن کان، پچن ڳالهه اهائي

ته ڪا سُتي سجائي، آهِ هَڻَ ويئي جي.

O

پاڻي هاءِ پاڻي، در در دانهن پيئي

پُڇا ڪيم پاڻَ کان، هيءَ قيام آ ڪيهي

جا ورائي آ ويئي، اڄ سموري سنڌ ڪي.

O

ڪي انڌا عقلَ جا، ڪي پهتَلَ سڏائين پيرَ

ڪي لومڙ، ڪي لوٽا، ڪي ڪِرتئون ڪفگيرَ

هڏن هنپوچيون، سي تاڻيو تکا تيرَ

اهڙا بندا بي پيرَ، اڄ سامهون آهن سنڌ ڪي.

O

هيئين سين هَنداءِ، منهنجي ڳالهه ڳنوارَ

جي ڏاڍي ڏهہ مٹا، ته هيٺين آهين هزارَ

چڏ تِر تِر ۽ تڪرارَ، لاه لوڙائو.

O

ويندا ڪڏهِ ونءُ ٽي، ويري وڃر ساڻ

هر ڪنهن اها هاڻ، ڳالهه آهي ڳڻڻ.

ڏيهه ڏُکن جو

ڏُکن جي ڳالهه، بس اِهائي آهي

ويڻا آهن وِچَ ۾، سڀ لڏا لاهي.

ڪا جهَلَ پَلَ ناهي، هِنن کي هتي

ايندا رهن ٽا، ڪُڙَم ساڻ ڪاهي.

ڪالهه جيڪي، ڏاڍا ڏُتڙيل هئا

اڄ اسان کي چون ٽا، هلو سِرَ لِڪائي.

جا پيار جي ڏرتي، هئي ازل کان

ڏيهہ ڏکن جو، سا هاڻ سڏائي.

ڪٽي آيا پاڻ سان، فقط آڳِ اندرَ جي

اِها آڳ سَڀَ کي، آهِ ويئي ورائي.

ڏُکندو ڪيئن ڏور ٽُئي يوسف

ڪو ته هنن سين، هَٿ اٽڪائي.

ڪَڪُ نه ڏيڻو ڪنهن کي

تاڻيو پَل تاڻِ، هيڪاندا هَٿيارَ تون

اٽيئي اَندرَ ۾، سِي آزارَ سڀ آڻ

هَر ڪو چوي هاڻِ، ڪَڪُ نه ڏَيڻو ڪنهنکي.

O

ڪَڪُ نه ڏيڻُو ڪنهنکي، توڻي هَٿَ هڻِ

لِڪا گهُمن لوڪَ ڪان، ويري مَنجهه وڻِ

چَڙِ چَڙ ٽي چَڙَن، ورن جي واهرو.

O

ڪَڪُ نه ڏيڻُو ڪنهنکي، توڻي هَڙِ هَٿَ

ڪانيارِي ڪَٿ، هلندِي مُور نه هِتهين.

O

ڪَڪُ نه ڏيڻُو ڪنهنکي، ٽُوڙِي ڪَنِ تِر تِر

ڪانياري ڪرِ ڪرِ، لهندي نيڻ لوڪَ تانَ.

ڪَڪُ نه ڏيڻو ڪنهنکي، توڙي تِکا ٽين

توڙي نِرمل نِين، توڙي پِئونڪن پونءِ تي.

O

ميان! مَدي چَڏْ، ناتَ هڻندين هَٿڙا

لُوسِي، لَلُو، لالا، سي سپِيئي سَڏْ

تِهان پوءِ تڪڙو، لڏو هتان لڏْ

وجو گڏوگڏ، ته لهي بارُ لوڪ تان.

O

ميان! مَدي چَڏْ، اَٽئي واڻَ ايا

مالڪَ هِنَ مُلڪَ جا، ٻيلي ڪينَ ٻيا

قابض ڪيني سين، جي ڏَمي هت ٽيا

سي ويچارا ويا، وئون ٽي وُجود کان.

O

ميان! مَدي چڏْ، لاهه لوڙائو

هرڪو چَوي هاڻ، پنهنجو پَرائو

ايِ آئو جائو ڪائو، هلي راڳُ نه هتهين.

پڇُ هِنَ پونءِ تان

ڪهڙيءَ ڪاڙ ڪاڻئر، ويڻو مَمَڙ مچائين

انڻي پهرَ آزار جا، پُور هت پچائين

نوان رَنگَ رچائين، رتَ جي ريلن سين.

O

هٿيار چڏي هاڙ، پڇُ هِنَ پُونءِ تان

هي ماڙهو، هيءَ مِڻي، هي موج پريو مهراڙ

ويندءِ سَپ وري، پيرو ڪڍي پاڙ

تِهان پوءِ اڃاڙ، هٿندين وڏا هڙا

O

هَلَر سوڏو هاڙ، پڇ هنَ پُونءِ تان

ڪا سورهّ ساڃاهه جي، مدي چڏي ماڙ

نات سَگهر ساڙِ، ويندين هِت وڃائجي.

ڪير آهي؟

ڪاري رات ۾

جا آهي سڪراتِ ۾

ڪير آهي

تنهنجي منهنجي تاتِ ۾

جو ڏُکيو آهِ ڏات ۾

ڪير آهي، جو آفتابُ آهي

جنهنجو اِهو جوابُ آهي

ته اچڻو انقلابُ آهي

ڪير آهي؟ جو هيئن چوي ٿو

ائين ڪريو، جيئن چوي ٿو

هاڻ ڪيڏي ڪاڻ نه ڪنهنجي

سنڌ سموري آهِ پنهنجي

ڪير آهي؟ ڪير آهي؟؟

جو هاڻ پنهنجا ساري ٿو

جو سُتل سپ اُٹاري ٿو

هِن هُنَ کي آپاري ٿو

هنڌِ هنڌِ هي هاڪاري ٿو

هاڻ کيڏي کاڻ نه ڪنهنجي

سنڌ سموري آهِ پنهنجي

ڪير آهي، ڪير آهي، ڪير آهي؟؟

جو ويندڙَ واڳَ ورائي ٿو

جو رُڻَ سپ ريجهائي ٿو

جو يوسفُ پاڻ سڏائي ٿو

هَر هَر هي هُلائي ٿو

هاڻ کيڏي کاڻ نه ڪنهنجي

سنڌ سموري آهِ پنهنجي

سنڌ سموري آهِ پنهنجي

آزاديءَ جا خواب!

قيد خاني ۾

سورن جي سَرد خاني ۾-

هِن ظالم زماني ۾-

هي اَياٽو، دردن هاٽو،

آزاديءَ جا خواب ڏسي ٿو،

هاڻ پنهنجو گهرُ پُڇي ٿو!

تَن ۾ سوگهو، مَنَ ۾ سوگهو

هي ويڇاٽو، هيئن چوي ٿو:

”ٿيندا ٿيندا، نيٺ ته ٿيندا!

پاڇَ اسان جا، هاڻ پلا!

ڍهندا ڍهندا، ڪينَ رهندا

هي سمورا ڪوٽَ قلعا!

جن ۾ هن جو، جيءُ جهُري ٿو

پورا پورا، ٿي پُري ٿو

سَپَ سان اها، ڇالهه ڪري ٿو

آزاديءَ جو، واءُ وري ٿو“.

هي اياڻو، دردن هاڻو

قيدَ ۾ جنهنجو مَنُ ويڳاڻو

وَر وَر هو واجهائي ٿو

وقت جي واڳ ورائي ٿو

جيءَ ۾ جوت جلائي ٿو

پنهنجا خوابَ پُڌائي ٿو

سَڀ سان اِها ڳالهه ڪري ٿو:

”آزاديءَ جو واءُ وري ٿو“.

هي اياڻو، دردن هاڻو

قيدَ ۾ آهي، نِت نماڻو

هَر هَر ڪنهنجو پُڇي ٿو

ڪنهن لئه هيڏو لُڇي ٿو!؟

آهن ڪٿي جانب جوڌا، جيءَ جيارا!

سيئي سارا-

جن کي ساري سَڌ ڪري ٿو.

هِنَ هُنَ سان هيءَ ڳالهه ڪري ٿو:

”آزاديءَ جو واءُ وري ٿو“.

وائي

پري ناهِ پنڈُ، اڙجي پئو آزارَ سين

ملي تنين ماڳُ، جي هڻي ڪن هنڈُ

پَري ناهِ پنڌ!

اُٽياري جا اُپَ ڪي، سا تور اُٽي تَندُ

پَري ناهِ پنڌ!

ڪڏهن آڻ ڪاتَ ڪي، ڪڏهه تاڻ ڪنڈُ

پَري ناهِ پنڌ!

ترها هڻي تارِ ۾، ٻوڙ ”يوسف“ ٻَندُ

پَري ناهِ پنڌ!

وائي

جيئي جيجل ماءُ، جيئي سدا سنڌ

اُپري اندَرَ مان، نئون سڄُ، نئون تاءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

حَقَ پون هَنجَ ۾، اهڙو وري واءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

جُڙي خلافت خيرَ جي، اَڏَ ٿيي اَنياءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

لکجي لوحَ قلم تي، نئون نينهَن نياءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

اَمُرُ تان اَڏَ ٽُئي، هاڻي هنَ هنڌاءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

ورن وينجهارَ وري، جي جيءَ ڪنَ جڙاءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

جنين سُڌ سُورن جي، سي ئي موڻن ماءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

مَڏو ڏيئي مَچَ ڪي، ساڻيهه ڪن سُهاءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

ڏسي شالَ ڏيهه ۾، ”يوسفُ“ ورندو واءُ

جِيئي جِيجَل ماءُ.

وائي

الا! گُم آهيون، پنهنجي ئي گهَرَ ۾

هن منڊيءَ جا مالِڪَ، ٽا سنڌي سڏايون.

الا، گم آهيون

آيا اسان تي، اڄ ڏينهن اهڙا

پُڇون ڏَسَ پنهنجا، ٽا پاڻا پڇايون.

الا، گم آهيون

ٻيلي ٻڌاسين، واعظَ وڏا هِت

ٿيون ڪيئن آجا، اي حيلا هلايون.

الا، گم آهيون

حيران آهيون، اڄ هَهڙي حالَ تي

هوڪا ”هئڻ“ جا، ٿا هَرَ هَرَ هُلايون.

الا، گم آهيون

ڪون و مڪان جون، ڳالهيون ٻُڌيون سين

اچو پاڻ پنهنجا، ميلا مچايون.

الا، گم آهيون

اُپو آهِ ”يوسفُ“، اِنهيءَ آسَ ۾

وطن جي وري واڳ، پاڻا ورايون.

الا، گم آهيون

دعا

شل! گهوٽ ٿئين

شَلَ گهوٽُ ٿئين، اڙ موٽُ ٿئين!!

اَمڙِ اِها آسَ،

جيجَل اِها آسَ!

شَلَ جوڏو ٿئين، جهُونجهار ٿئين،

هيڻَنِ لئهِ هَٿيارُ ٿئين،

ڏاڍنَ لئهِ ڏَهَڪارُ ٿئين،

ويريءَ مَٿي وارُ ٿئين،

هن مارگِ جو مهندارُ ٿئين،

اَمڙِ جو آڌارُ ٿئين،

هڪ مَنجهان هَزارُ ٿئين،

جيجَل اِها آسَ!

اَمڙ اِها آسَ.

شَلَ سالَڪُ ٿئين، سڃاڻُ ٿئين،

اَمينُ ٿِئين، اڳواڻُ ٿئين،

سويِو ٿئين، سَرواڻُ ٿئين،

موجَ پريو مهراڻُ ٿئين،

اَمڙ اِها آسَ،

جيجَل اِها آسَ!

شَلَ حاذقُ ٹئين، حيلو ٹئين،

وايوڙين وسيلو ٹئين،

راڦِمُ روحَ رَسيلو ٹئين،

سچو سَنتُ سَڃِيلو ٹئين،

اَمڙ اِها آسَ،

جيجَل اِها آسَ!

شَلَ جِلِيلُ ٹئين، جمالُ ٹئين!

پرجهلو ۽ پالُ ٹئين،

اَمُنَ جو اَحوالُ ٹئين،

لوئيءَ سندو لالُ ٹئين،

اَمڙ اِها آسَ،

جيجَل اِها آسَ!

سُتل سِتَ اُٹار

جا مَمڻَ مڃائي، جَگَ جاڳائي،

جا وڏا ڪوٽَ ڪيرائي،

جا وَسِ نه ڪنهنجي آهي،

سا سُتل سِٽَ اُٿار-

سا مولَ سِٽَ اُٿار، سا سومل ستَ اُٿار.

جا رُڻَ سپ پرچائي،

جا ويندڙَ واڳَ ورائي،

جا ٻيڙا ٻني لائي،

سا سُتل سِٽَ اُٿار-

سا مولَ سِٽَ اُٿار، سا سُومل ستَ اُٿار.

جا ڏونگر ڏايا ڏاري،

جا جَڏا جيءَ جياري،

جا ”يوسفُ“ اڃا ساري،

سا سُتل سِٽَ اُٿار-

سا مولَ سِٽَ اُٿار، سا سُومل ستَ اُٿار.

جَمالو

سنڌ سڀاجهي، آهي اسانجي

سنڌو ڌارا،

نينهہَ نظارا، جيءَ جيارا،

پرينءَ سندا انگل آرا،

هن جي لائي، سپ سجائي،

ٻوڙيو تاري، ٻنيون ٻارا، پَٽ پيارا،

آهن ڪنهن جا سڀئي سارا؟

آهن ڪنهن جا سڀئي سارا؟؟

تکَ اسان جي، تارِ اسان جي،

چولينِ جي چِمڪارَ اسان جي

لَهرَ اسان جي، لارَ اسان جي،

ڦُڙي ڦڙي ڦُلڪارَ اسان جي،

هاڻ اها هاڪار اسان جي،

سنڌ سَڀاجهي،

آهي اسان جي.

ڳوٺ اسان جا، شهر اسان جا،

بَرَ اسان جا، بَحر اسان جا،

اٽئي آهن پَهرَ اسان جا.

ڏَرَ اسان جا، ڏاڪَ اسان جا،

وڇُنِ جيان، وراڪ اسان جا،

گهر اسان جا، گهاٽ اسان جا،

سورن سَندا ساڻَ اسان جا،

سُک اسان جا، ڏُک اسان جا،

مُرڪن سدا مُک اسان جا.

وڻ اسان جا، واٽ اسان جي،

ڪاريهر جان ڪاڻَ اسان جي،

ڳالهه ڇُري ڇئوواڻَ اسان جي،

سنڌ سَپاجهي،

آهي اسان جي.

وائي

ڪوئي نه سَيِرو سالُ، سُورَنِ سي ئي سَندَ

چرڪَ پئا چَڄَ ۾، ساري ايءُ سوالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

اُڀ جهُڀ اولاڪا ٿئا، ڪيڏو آه ڪالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

هُوڪَ اُٿي هانءَ مان، ههڙو پسي حالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

هارڻُ ڏئي هاجهَ کي، پَلا! ڪر پالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

چار ئي پاندَ چِڪَ ۾، نه خبر، نه خيالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

پَنواڻي پونءِ کي، ضربي ويو زوالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

هاءِ جُڙيِ هنج ۾، جيئڻ ٿيو جنجالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

پيهي ويو پَاڻ ۾، ''يوسف'' ڏئي احوالُ

ڪوئي نه سَيِرو سالُ.

مورو

سنڌ سموري ساڻ،

ڪٽي هَلنديس هاڻ،

مِڙل، مورو ويڻي ڏيان.

وڏا ٿيندا رنگَ،

آجا ٿيندا انگَ،

نِرتئون ساري ننگَ،

مِڙل، مورو ويڻي ڏيان.

هٽي ڪبو هنڌُ،

ڪيڏو مُور نه ڪنڌُ،

پري ناهِ پنڌُ،

مِڙل، مورو ويڻي ڏيان.

جاسين ٿئي جاڳَ،

وَطنَ ملي واڳَ،

پَلا ٿين پاڳَ،

رهڻا منهنجا راڳَ،

جانب، مورو ويڻي ڏيان.

ٻيڙا ٿيندا پار،

الهه جي آڌار،

منڊ، مورو ويڻي ڏيان.

ڏُکن پويان سُکَ،

موهيو چونِ مُک،

ڏري پوندا ڏُک،

سڃڻ، مورو ويڻي ڏيان.

رهڻي ناهِ رات،

اچڻي آ پرپات،

اَڻِ اِها تاتِ،

وائي ڪڻي واتِ،

سڃڻ، مورو ويڻي ڏيان.

سويا لهندَمِ سارَ

پَلِ پَلِ مؤن پَچارَ،

ڪري سَوَ سينگارَ،

سڃڻ، مورو ويڻي ڏيان.

لائون لهندا گهوٽَ،

آزاديءَ جي اوٽَ،

ڪِري پوندا ڪوٽَ،

مڻ! ڏيو موٽَ،

سڃڻ، مورو ويڻي ڏيان.

هَئهِ هَئِه منهنجو ديس،

هاڻ ٿئو پَردِيسُ،

ووءِ ووءِ،

مڻ، مورو ويڻي ڏيان.

ڪانئرَ سَپ ڪاهي،

لاڳاپا لاهي،

ويا وَرائي،

مڻ، مورو ويڻي ڏيان.

وري اهڙو واءُ،

جيجل تو مٹاءُ،

صدقي ڪيان ساهُ،

ڪٹي آس اِهاءُ،

منڊ، مورو ويني ڏيان.

سُورن مٹان سورَ،

ڪيڏا ٿِيا ڪَلورَ،

ٹئي شال اسورَ،

پيهي انهيءَ پور،

منڊ، مورو ويني ڏيان.

ڏُکن پويان ڏک!

ڏُکن پويان ڏُکَ، هلندا اچن هاڻ

متان ڇُون مون کي، ڪيڙي نڪو ڪاڙ

پيهي ڪيان پاڙ، آجيان اُنن جي.

O

ڏُکَ ڏوٽي، ٻيا مڙوئي مهمانَ

پَلُ نه پاسي ٿين، مونکان مهربان

ڪڍِهِ ڪيائون ڪانَ، وَڃڙ وائي وَسئون.

O

ڏکن سان ڏُکُ، ڪيڙ اجايو

ويچارن وَسئون، ڪين گهٽايو

نِرتنُون نِپايو، سدا ساڻ مونسين.

هليام ڪري هيڪلو، سُک سيلاني

ڪئي پوءِ ڏُکن، مون تي مهرباني

آيا عيالين، سي لاحد لامڪاني

اُنهن جي احساني، جو وَڃڙ وائي نه ڪن.

O

سُکن سين سودو، ڪيان آئون ڪيئن

وڙ وڙ واويلا، هر ڪو پُڇي هيئن

ته ڏکيا هي ڏينهن، ويندا کڏهه ونءَ ٿي.

O

وڃڻ وائي نه ڪن، سورَ سگهارا

هڪڙا هوڪارين، ٻيا ڪن ٻاڪارا

ڪڏهِ ڪين ڪن، هي موڪلَ موچارا

اهڙا نازَ نِيارا، سُکن ڪين سِکيا.

O

پيار ۽ پريت، ڪو سکي سورن کان

رهي اُنهن ريت، هَڏِ مَ ڇڏيائون هيکلو.

ڊي ڏهه مٽا، هيٺين آهين هزارَ

متان پوءِ ڏئين، ميان! مون ميارَ

وِنگا وَرَ ويچارَ، ڪيي ڇڏ ڪنن مان.

O

ڳالهين سين ڳيٽلا، متيون مُنجهائين

سپوئي صَبر جون، پَٽيون پڙهائين

راندیون رچائين، ريجهائڻ ڪاڻ راڄ ڪي.

O

ڪڪوريل ڪاڪِ جا، سپوئي سُجاڳ

صدا لڳي سِرَ جي، ته پانئين پلو پاڳُ

آهِ شهيدن ماڳُ، نالي ۾ سنڌ سڏجي.

O

ڪي گولا گولن جا، ڪي صاحب سڏائين

ڪي ڪاني ڪَرامت جا، ڪامل ڪوٺائين

هوڪا ڏئي حقَ جا، سي ماڻهو مُنجهائين

سَڏ ٽئي ساڻيهَ جو، ته مُنهڙو مَٽائين

نِرتئون نِپائين، ناتو انڪل سامَ سين.

ڪيڏارو

شهيد ذوالفقار علي پٽو جي ياد ۾

سوريءَ سڏ ڪئا، ميهڻو ٽيو موٽَ

پاڻهوهيِ پاڻَ کي، گهوريو اُٽي گهوٽَ

چڙهيو هُو چوٽَ، پر ماري مون وئو.

O

ساريندي سپرينءَ کي، پيم ڪَنَ پڙاءُ

اُٽي اَڃاڻَ ۾، صدقي ڪيم ساهُ

مون پانيو ماءُ، ته موٽي آيو مينڊرو

ڪيڏارو

پڙهي پنڌُ پئا، فائقَ جو فرمانُ

سانديي هليا ساهَ سين، سورن جو سامان،

پاڻهوهي پاڻَ کي، ڪيائون قربانُ،

تڏهن ملن مانُ، هيڪاندو حبيبَ کون.

O

اَجَل الله اذا جاءَ، پروڙيم ايءُ پنڌُ

راضي ٿي رضا تي، ڪيي ڏنُم ڪنڌُ

اي شڪر الحمدُ، فنا ٿيس في الله ۾.

O

اَجَل الله اِذا جاءَ، پَڏر هنيمُ پاڻِ

اُجيو هوس ازلَ کان، پر حڪم ٿئو هاڻِ

ساهُ ڪڍي ساڻ، فنا ٿيس في الله ۾.

يقاتِلُونَ في سبيل الله، انگُ قبوليمُ ايُ

”لَبيڪ“ لنئون سين، پَڙهيُم وحدتَ ويءُ

گهوريُم گياتجي، جان جُسو ۽ جيءُ

تڏه ماڻيُم هيءُ، اوکو ماڳُ عشق جو.

O

يقاتِلُونَ في سبيل الله، صدقي ڪَيُم ساهُ

قبولي قُرب سين، پرين! شالَ پساهُ

ته ٿئي مون مُباح، اوکو ماڳُ عشق جو.

O

اوکو ماڳ عشق جو، اوکو اي اَڏياءُ،

سي ئي ڏين ساهُ، واقفَ جي وصال کان.

O

اوکو ماڳُ عشق جو، اوکو اَرپڻ انگُ

اُجيا جي اَزل کان، سي چورين چنگُ

اَڏ ڪن اَرواحَ کي، رتو ڏيئي رنگُ

نپائين ننگُ، ويجهو ٿي وصالَ کي.

اوکو ماڳُ عشق جو، اوکو اوءِ اَپارُ

نڪا حَد حِساب جي، نڪي پرينءَ پارُ

حاجتَ ناهِ هلڻَ جِي، ڪر ڪُسڻَ جو قرارُ

برهَ لاهي بارُ، ويجهو ٿي وصالَ کي.

O

نِسورو ئي نينهن جو، طلبيو جنين تاءُ

سي ئي سَنجهه سُپاءُ، مٿو ڏين مَچ کي.

O

اڙائي آزار سين، ويريءَ وَڙ ڪئا

سپوئي سور سامائجي، وڏي وَڻُ ٽئا

تهان پوءِ ويا، ڏُک پٽيندا ڏايَ سين.

O

توجا ڇالهه ڪئي، سا جي لوڪَ سُئي

پَل پَل هوندَ پُئي، سِرَ ڏين سڳِي ٻِ.

O

حاڪم! ڇڏ ولولَ، آڏو ٿي مَ عامَ کي

اَنگاسَ اُپا ڪري، راڙو ڪن رتولَ

مارِ نه سي ماڙُهئا، آلودا انمولَ

هيئين پوندءِ هُولَ، جڏهن حُر ايندءِ حسين جا.

حاڪم! ڇڏ هُوڙَ، آڏو ٿي مَ عامَ کي

ويندءِ ويلَ وهامِي، نِڌر! چڏ نپوڙَ

موٽي ايندءِ مُنهن ۾، عقلَ جا اَڏوُڙ

پاڻ ئي هٽين پاڻ کي، مٽو آن مهوڙَ

پوندءِ تان پروڙَ، جڏه حُر ايندءِ حسين جا.

* حسين رضه

O

حاڪم! توهجي هانءَ ۾، کُتَلَ آهن ڪيرَ

لاهين ڪينَ لوڪ تان، زوريءَ جا زنجيرَ

اوڏو ٽي انصاف کي، او! بندا بي پيرَ

هٽندءِ جڏه حميرَ، ته پيرُ نه لهندين پِڙَ ۾.

O

حاڪم! ڪيڏ ڪڙولَ، ڏاڍُ لاه ڏيهه تان

اُٽياري آزارَ کي، هينئُون وجهُه مَ هولَ

آڏو ٽي عامَ کي، ڪوڙا ڪر مَ قولَ

هلڻ ڏيندءِ ڪينکي، چَڪَر چڏ چنڊولَ

اهڙا اٽئي اڏولَ، حامي هت حسين جا.

اجا ڏسين ڏاڍ کي، مهڻين ويڻو مَنُ!

ڏکُ وهائي ڏَڙُ ٽي، ته سانبيئڙا سهنُ

گهوري پانهجو تـنُ، سَرهو ٿي ساڻَ سين.

O

پـَرِ پارِ پريت جي، پاڻا ڪري اَڏَ

تِهان پوءِ وَڏَ، ڪجاه سپ سورن جي.

O

نيڻ ته ٿيندو سوجهرو، رَهڻي ناهِ راتِ

سَـيَ کي اِها تاتِ، ته موٽي ايندو مينڊرو.

O

سَڏَ ڇڏين مَ ساهَ جي، مهڻين ويڻو مـنُ

لانئون سي لهن، سَـگُ جنين سَـڻ سين.

O

مون سي ڏِڻا ماءُ، جي مـري ٽئا نه ماتِ

ڦاهيءَ ڦيرُ اچڻو آ، رهڻي ناه رات

سَـپ کي اِها تات، ته موٽي ايندو مينڊرو.

ڪيڏارو - داستان پيو

هَئِه هِئِه حُسينِيتَ، سچ سوائي،

اهڙي واڻَ وڏاندري، پلئهِ جنِ پائي،

تنينِ لئه آئي، موٽِي مُند بهارَ جي.

O

هَئِه هِئِه حُسينِيتَ، ڏُکي آه ڏاتِ،

جُڙي شالَ جَگَ کي، مون وائي اِها واتِ،

ٻيلي ٻي کا تاتِ، اِن ري اڏَم کينکي.

O

هَئِه هِئِه حُسينِيتَ، اَمُرُ اِلاهي،

کيڏي ناه کڏِهِ، وَرڻَ سندي وائي،

سالِکَ سُجهائي، اهڙي ڳالهه ڳُجهاندرِي.

O

ووءِ ووءِ يَزيديتَ، ويئي وکوڙي،

اهو سُور سَيَ کي، نِرتَئون نِهوڙي،

وَري پَٽَ ووڙي، کو کامل کربلا جا.

O

ووءِ ووءِ يَزيديتَ، وکوڙي ويئي،

ڏوهي ڏيهَ جا، صاحِبَ ٿيا سيئي،

کيان هِتِ کيهي، ڳالهه سَندي سورَ جي.

O

ڳالهه سَندي سورَ جي، ڪيان هِت ڪيئن!؟

جان اوريان اندر ڪي، تان تِکا ٿين تيئن،

اَهڙا ڏُکيا ڏينهن، ويندا ڪڏهن ونءُ ٿي.

O

ويندا ڪڏهن ونءُ ٿي، اَندر جن آزار،

اهڙا باري بارَ، لهن شالَ لوڪَ تان.

O

ووءِ ووءِ يَزيديتَ، ڪيڏا قَهر ڪئا،

حامي جي حَقَ جا، سي چڙهي چوٽ ويا،

ٻيلي ڪي ٻيا، حالَ نه پڇو هاڻ مُون.

ڪيڏارو - داستان ٿيو

ڪڏهِ ڪرجي ڪاتُ ٿي، ڪڏهن ٿيجي ڪنڊُ،

ڪڏهن ڏات ڏياچَ جي، ڪڏهن ٿيجي تَندُ

سنڌڙيءَ جو سوڳنڊُ، ساهُ ڏينداسين سڏ سين.

O

ناهِ سانگو ساهَ جو، ملڪ مڙوئي منصُور

وو! وڏي وڻُ ٿيا، سانگين سندا سورَ

ڪوهُ پڇائين پُورَ، سِرُ ڏي ته سُهاڻُ ٿئي!

O

متان پائين هيڪِلو، ڪونهي سوريءَ ساءُ!

مَرُ ته ماڳ ماڻين، ناتو نينهن نياءُ

ڪانهي ويلَ ويهڻ جي، وڌي وڃُهه اَنياءُ

جيئڻ تو مَ جُڳاءِ، سپ ڪي سَڏُ سوريءَ جو.

سُر ٻُر سوريءَ سانڻَ، سوري ساه سَرير مان،

وهسن نه ويريءَ وارَ تي، مُلڪُ مڙوئي مان

ڏايو ڏاري ڏنپ ڏي، ڏند ڪرڻي ڏاڻ

لوڪ لُڇائي لُڙَ ڪري، وجهي ڪائنئون ڪاڻ

هاڻُ مُڻي ناه مان، ريهه ڪر ته راهَ جُڙي.

O

سُر ٻُر سوريءَ سَڏ، سوري ساهُ سريرَ مان

وِهسِي ويريءَ وارَ تي، اندر ٿيون اڏَ

پوءِ ڪيائون وَڏَ، سور وراهي ساڻَ سين.

O

سوري سَڏَ ڪري، سِرَ جو سانگو چڏ،

ڏي سڏيندڙ سڏ، ته عزازيلُ اَڏَ ٽئي!

O

مرڻ ناه ميڍو، ”ڪُلِ نَفّسٓ ذائقته الموت“

ڪوهُ ڪرين ڳڻ ڳوت، سپني هلڻو سَڏَ سين.

ڪيڏارو - داستان چوٿون

هِي هڪ راتِ جو قصو آ،

تاريخ جو اَڻ مِٽ حصو آ،

تنهنجو منهنجو ورثو آ.

O

سُونهارو سيڃ- ڏڻي، سُتو مَٿي پَٽَ

اُٿياري اَڏَ رات جو، ويريءَ وڌا وَٽَ

هڻي ڪيس هٿڪڙا، پَڏئون پانهون پُٽَ

جيئري جُسي ڪاڙِ، سي ڪٽي آيا گَٽَ

ڇڪي ساهُ سَرير مان، ڦاهي ڏنائون ڦَٽَ

سِسي، ساهُ ۽ سَٽَ، ٽيئي پرتا پاڻ ۾.

الا، اڄ نه اسان سين، سوڍيو سيَڄ- ڏٺيٰ

ڪيڏا سُور ڪٽي، پيهي هليو پرينءَ ڏي!

O

الا! اڄ نه اسان سين، پُنهلُ سو پڳدارُ

چڙهي مٿي دار، سِڪَ پَلِيائين سِڪَڻن جي.

سوڍيو رهيو نه ساڻَ سين، اُسهيو پرينءَ پنڌُ

لوڪ ڪارڻ ڳَنڍُ، ڪِڍي ڏنائين ڪانئرَ ڪي.

O

سوڍيو رهيو نه ساڻَ سين، اُسهيو پرينءَ پار

ساڃنَ سپ ڄمارَ، ساريان توهجي ساڻَ ڪي.

O

هَڻي صدا سِرَ جي، آيو ڪير اويرَ

ڦاهيءَ پوندا ڦير، ويري ايندو وَرَ ۾.

O

ويهي پِٽيو پاڻَ ۾، سامائجي سُورن

پيا منجهه پُورن، ته رَتو ڪيئن راس ٽئو.

وِجهي مُنهن مونن ۾، ويڻو ڪري بَڪَ

سوڍو سوريءَ چڙهيو، پوءِ به ناهِ پَڪَ

ويري وجهي چَڪَ، ته مرَڻَ وارو ڇو نه مئو.

O

وجهي مُنهن مونن ۾، چوي وڏي واڪ:

”رهڻي اِهائي راتِ، پَل ته ڪَڙهي ڪاڪ“

مرون رَتَ پياڪ، ڪڏهِ ويندو ڏيهه مان.

وائي

مُلڪ مڙوئي ماڻ، ڏاڍو ڏاري ڏنپ ڏي

صلاتون سُورن جون، پڙهي وجهي ڪاڻِ

مُلڪُ مڙوئي ماڻِ.

آڪرو اُيَ مڻان، گيدي گَزُ گراڻ

مُلڪُ مڙوئي ماڻِ.

پائي پاڻَ پلئه ۾، ڪري پُوڄا پاڻِ

مُلڪُ مڙوئي ماڻِ.

ويڄُ رهيو نه وَيَ جو، ڏي اگوندر اَڻاڻ

مُلڪُ مڙوئي ماڻِ.

يوسفُ اُپو سَڏ ڪري، پسي گوهَرَ گاڻ

مُلڪُ مڙوئي ماڻِ.

ڪيئي ڪَربلائُون، ڏٺيون سين، سَٽيون سين

واهُڙ وَهائين، اَچا آزمائين

ڏاڍا ڏُکن کان، آهيون سدائين.

اَچا آزمائين

ٽيا سَڏ جڏِهن، سُوريءَ مَٿي

هلياسين هميشا، ٿِي سَرها سدائين.

اَچا آزمائين

ڪيئي ڪَربلائون، ڏِٺيُون سين، سَٽيون سين

پُراڻا اِهي پَنڌ، چو هَرَ هَرَ پُچائين.

اَچا آزمائين

اُپو آهي يوسفُ، پاڻا پَڏَر تي

پَڇي وَڃُ پورا، پلائي جي پائين.

اَجا آزمائين

واهُڙ وَهائين،

وائي

ڪانئر، ڪاڻا، ڄاڻان ٿو، سُجاڻا ٿو

تُنهنجا پاپي پَنڊَ پُراڻا، ڄاڻان ٿو، سُجاڻا ٿو.

ڄاڻان ٿو، سُجاڻا ٿو.

ڪيئي گهڙيا، تو هر هر گهڙيا، گهاڻ گهاڻا

ڄاڻان ٿو، سُجاڻا ٿو.

نيڻ ٽيندو، حساب ٽيندو، تو کان اڄ سُپاڻا

ڄاڻان ٿو، سُجاڻا ٿو.

هاڻ ٽيندي، ڄاڻ ٽيندي، تو کان پُڇ پڇاڻا

ڄاڻان ٿو، سُجاڻا ٿو.

وائي

هُتِ سوري سينگاري، هِتِ مُهر لڳي آ ماڻ جي

ڪيڏا ٽئا ڪُورَ، ڪيئن ويڻين وساري

هُتِ سوري سينگاري!

سامُهون ٿيءُ سورنَ کي، سُرتِ سنپاري

هُتِ سوري سينگاري!

جي تُرها هٿن تارِ ۾، تن اَلَهُ اُڪاري

هُتِ سوري سينگاري!

جرڪاءِ هاڻ جَڳَ کي، ٻارڻُ ڪو ٻاري

هُتِ سوري سينگاري!

لکيو پاڻا لکُ تون، ”يوسفُ“ هوڪاري

هُتِ سوري سينگاري!

وائي

ڳال ڪر ميان، اَٽئي ڪهڙو سورُ؟!

اُيو آن آزارَ سين، چوٿيءَ تائين چورُ

اَٽئي ڪهڙو سورُ؟!

هيئين سين هاجا ڪري، هوڪارين حضورُ

اَٽئي ڪهڙو سورُ؟!

سُکان باسين سُورَ جون، اٽئي پَهرَ ملورُ!

اَڻئي ڪهڙو سورُ؟!

ويندءِ ويلَ وهامي، ڪوريندءِ ڳلور

اَڻئي ڪهڙو سورُ؟!

”موڻي ايندءِ مُنهن ۾“، مَڏهين مامورُ

اَڻئي ڪهڙو سورُ؟!

ڏاوڻَ لاه ڏاهه تان، مامَ ڪيئي معذورُ

اَڻئي ڪهڙو سورُ؟!

ٻنهي پاسي ٻاجهہَ ڏئي، اي ڏُئارو دستورُ

اَڻئي ڪهڙو سورُ؟!

ساڳاهه سَچ سين، ڪوهُ پچائين پورُ

اَڻئي ڪهڙو سورُ؟!

ماري آهين ميسڻا، يوسف سليو سورُ

موڻُ ناه مورُ!

موڻڻ ناه مورُ!

موتُ بَرحق

شهادتَ شانُ، آهي اسان جو

اِهو اعلانُ، آهي اسان جو.

شهادت شان آهي اسانجو.

ڦاهيءَ ڦَندا، ڪيئي ڏناسين

موتُ برَحق، ايمانُ اسان جو.

شهادت شان آهي اسانجو.

ڪيئي ڪَربلائون، ڏٺيون سين، سَٽيون سين

مَٽاهُون آهي، مانُ اسان جو.

شهادت شان آهي اسانجو.

آمرَ آڏو ڪو نه جهُڪندو

جنگي جوڌو جوانُ اسانجو.

شهادت شان آهي اسانجو.

حَقَ جي واٽَ ڇڏڻي ناهي

اِهو آهي فرمانُ اسان جو.

شهادت شان آهي اسانجو.

هيءَ ڳالهه ”يوسف“ چئو ورائي:

”سَچ ٿيو سلطان اسانجو“.

شهادت شان آهي اسانجو.

وائي

وِجهي هٿڪڙولَ، سوريءَ ڪِئا سينگار

اونهي ڪَڏ ايذاءَ ڏي، هيبتناڪ هزار

سوريءَ ڪئا سينگار.

عزازيل آتو ساهَ لئه، هلڻ جي هاڪار

سوريءَ ڪئا سينگار.

جانبُ سو جَگَ جو، ٿئو نظاري نروار

سوريءَ ڪئا سينگار.

اکر پڙهيائين اَلفَ جو، ”مدَتَ ڪَر ڏاتار“

سوريءَ ڪئا سينگار.

”ڪُل نفِسٍ ذائقته الموت“، اِلاهي توهار

سوريءَ ڪئا سينگار.

جَنين سَڏ سوريءَ جي، سي ئي پهتا پار

سوريءَ ڪئا سينگار.

الا، اکيون رتُ رُئن، توهجي تات توار

سوريءَ ڪئا سينگار.

هِڏڪي هَڏُ مَ لهي، اچ اچ تون هڪوار

سوريءَ ڪئا سينگار.

وائي

سوري سَڏ ڪري، سانگو ڇڏ ساهہَ جو

مونڻُ اٽئي مِهڻو، وڃُ نه پي پري.

سوري سَڏَ ڪري!

گهڙُ ته ٽئين گهوٽُ، مَنجها سِڪَ سري

سوري سَڏَ ڪري!

پئدَ وٽُ پتنگَ جي، مَنجهئين مَڇُ ٻري

سوري سَڏَ ڪري!

لاهي اَڇُ لاڇَاپا، پِرين پيرَ پري

سوري سَڏَ ڪري!

پَر پار پريت جي، سسي ڏارَ ڏري

سوري سَڏَ ڪري!

”يُقاتِلُون في سبيل الله“، ڪاملُ قرب ڪري

سوري سَڏَ ڪري!

وارو وٽُ وَلها، پاٽا ٿي مَ پري

سوري سَڏَ ڪري!

اُپو آهه عزازيل، قضا ڪينَ ٽري

سوري سَڏَ ڪري!

پَڏَر پائي پساهَ، يوسفُ سَڏَ ڪري

سوري سَڏَ ڪري!

سارو لوڪ تنگ آهِ!

جنگ آه جنگ آهِ

ظالم تو سان جنگ آهِ.

سارو لوڪ تنگ آهِ

هيءَ حياتي، پلئه پاتي

ظالم! تو لئه تنگ آهِ

جنگ آه جنگ آهِ

ظالم! تو سان جنگ آهِ.

سارو لوڪ تنگ آهِ

ڏاڏَ ڏناسين، ڏُکَ ڏناسين

سوريءَ مٿي مُکَ ڏناسين

اسان پلئه اهڙا سور پيا

ڪري اوندهِ ۾ اَسورَ ويا.

هاڻ هوا ايءَ هلڻي آهِ

ظالم ڪرڻي پرڻي آهِ

ايِ چئو پاسي چوڻي آهِ

”جنگ آهِ جنگ آهِ

ظالم! تو سان جنگ آهِ

سارو لوڪُ تنگ آه“.

هاڻ ٿيندو، جاڻ ٿيندو

جهيڙو ويريءَ ساڻ ٿيندو

ماڻهو هر مهراڻ ٿيندو

”يوسفُ“ اسان ساڻ ٿيندو

سَپَ کي اِهو جاڻُ ڏيندو

جنگ آه جنگ آه

ظالم! تو سان جنگ آهِ

سارو لوڪُ تنگ آهِ

دودوا جوڏا ڪوه ڪُسن ٿا؟!

هڪڙي ڳالهه ته ڏَس ميان!

جا آهي نه منهنجي وس ميان!

پنهنجا پراوا سپ پُڇن ٿا-

هن ڌرتيءَ تي

دودا، جوڏا ڪوه ڪُسن ٿا!

هيءَ جا پيار جي ڌرتي آهي-

تو کي مون کي پرتي آهي-

هتي ڪير آيا هاڻ؟

سيئي سورَ ڪٽي ساڻِ؟

راتو ڏينهان ڪري ڪيهان

ڪندا وتن رتوچاڙ-

اهڙو سورُ، پچائي پورُ، سپ پُڇن ٿا.

پنهنجا پراوا سپ لُڇن ٿا، اِي پڇن ٿا.

هن ڏرتيءَ تي

دودا، جوڏا ڪوه ڪُسن ٿا!

هن ڏرتي تي

جيڪي سَڏَ سين سَڏُ ڏين ٿا.

جيڪي واهرَ ٿي ورَن ٿا.

ڪڏهن ڪنڊُ ڪينَ ڪين ٿا

سي ئي ڪونڊر، سي ئي سويا،

سي ئي ڪانڊي، سي ئي جوڏا-

ڪهڙيءَ ڪاڙ، الا او هاڙ

هن ڏرتيءَ تي

دودا، جوڏا ڪوه ڪُسن ٿا!

هن ڏرتي تي،

ماڙهو ماڙهو ماڻ آهي

جڙ ته پيو ڪاڻِ آهي.

ڪا ته اهڙي ڇالهه آهي

جا هَڏن مان ويئي ڇڏائي،

ڪو ته ”يوسف“ کي ٻڌائي

هن ڏرتيءَ جو

جيڪي نانءُ ڪِنن ٿا-

سي ئي ڪونڊر ڪوه ڪُسن ٿا؟!

پنهنجا پراوا سپ پچن ٿا!

هن ڏرتي تي

دودا جوڏا ڪوه ڪُسن ٿا؟

وائي

ڏات ڏَنا ڏَنجهہَ، نات ڪنهن کي سَڏَ سوريءَ جي

ڳانن جيان ڳچيءَ ۾، ويريءَ وڏا وَنجهہَ

نات ڪنهن کي سَڏَ سوريءَ جي

چڪي ساهُ سريرَ مان، ڏاڍا ڏَنائين ڏَنجَ

نات ڪنهن کي سَڏَ سوريءَ جي

وو! لُڇي اُڏيو لوڪ، هر ڪنهِه هائي هنجَ

نات ڪنهن کي سَڏَ سوريءَ جي

يوسفُ سندي يارَ جا، سُڏڪيو پُڇي پنڌَ

نات ڪنهن کي سَڏَ سوريءَ جي.

سُر چام پانپيٽو

شمشيرالحيدري جي نالي

سورن سندي ساڻَ جا، سدا سُوالي

اُٿيارين اُپَ کي، سي جابرَ جلالي

هَلنِ هَٿينِ خالي، کنيو مَٽيا مَنَ ۾.

O

ساهُ ڏيندا‌سين سَڏَ سين، ڪيڏو مُور نه ڪَنڊُ

جِتَ نه جاءِ جواب جي، پاٽا سوئي پنڊُ

سچو آهِ سُبَنڊُ، سُونهاري سنڌڙيءَ سين.

- يوسف

سُر جام ڀانپيٽو

تعداد ۾ گهٽيون ۽ هيڪاندا هٿيار رکڻ واريون فوجون، ضروري ناهي ته ”بهادر“ ۽ حقيقي طور ”طاقتور“ به هجن. تاريخ ۾ اهڙا ڪئين مثال ملندا، جن موجب، تعداد ۾ ٿورين فوجن، مقابلي ۾ آيل بي حساب فوجن کي ذلت آميز شڪستون ڏنيون. بابر انڪل پارنهن هزار فوجن سان، ابراهيم لوڌيءَ جي ڏيڍ لک فوجي لشڪر کي شڪست ڏني. ايتري قدر جو، مقابلي ۾ آيل بادشاهه ابراهيم لوڌي پاڻ به قتل ٿي ويو. محمود غزنوي ۽ شهاب الدين غوريءَ جي تمام ٿورين فوجن، هندستان جي لکين فوجن کي ڪئين ڀيرا شڪستون ڏنيون. هڪ ننڍڙي رياست غور جي حاڪم علاوالدين جهان سوز، غزنيءَ جي انهن طاقتور ترين فوجن کي شڪست ڏني، جن سڄي هندستان ۾ ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو. غور جي

فوجن، غزني شهر کي، جيڪو 16 ميلن ۾ پکڙيل هو، باهه ڏيئي ساڙي ناس ڪري ڇڏيو. غزنوي بادشاهن جا لاش قبرن مان ڪڍي ساڙيا ويا، قطب الدين ايبڪ، چند هزار فوجن جي مدد سان، هندستان جو پهريون مسلمان بادشاهه بڻيو، اهڙيءَ طرح، يونان جي سڪندر اعظم، ٽيهه هزار فوجن سان، دنيا فتح ڪرڻ جي ابتدا ڪئي ۽ پوءِ هو تمام تيزيءَ سان اڌ دنيا تي قابض ٿي ويو. هن جي مقابلي ۾ لکين فوجون، پيانڪ هٿيارن پنوهارن سان ميدان ۾ لهي آيون، پر پير جهلي نه سگهيون، خلافت راشده جي اوائلي دور ۾، مسلمان فوجن جو تعداد ٽيهه چاليهه هزارن کان مٿي نه ٿيو. اُنهن، رومي سلطنت ۽ ايران جي ساساني شهنشاهن جي طاقتور ترين لکين فوجن سان ٽڪر کاڌو ۽ کين شڪست ڏنائون. فرانس جي هڪ ننڍڙي رياست ”نارمنڈي“ جي حاڪم ”وليم دي باسٽرڊ“ جنهن کي بعد ۾ ”وليم دي ڪانڪرر“ سڏيو ويو ان تمام ٿورين فوجن سان برطانيا تي قبضو ڪيو ۽ اُتي جي بادشاهه ”هيرالڊ“ کي قتل ڪري ڇڏيو، نارمنڈيءَ وارن، برطانيه جي عوام مٿان ”فرانسسي هولي“ مسلط ڪئي، جيڪا ٽي سئو سالن تائين هتي جاري رهي. ان سموري عرصي ۾ انگريز وڏي فخر سان، پنهنجي هوليءَ کي ڇڏي فرانسسي ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ لڳا، پوءِ، جڏهن پاسو ڦريو ته اهي ساڳيا انگريز اڌ دنيا جا مالڪ ٿيا ۽ پاڻ کي ”انگريز بهادر“ سڏائڻ لڳا. بهرحال بهادري ڪنهن به قوم جو ورثو ناهي. هي هڪ اهڙو جذبو آهي جو هر قوم ۾، هر وقت موجود رهي ٿو. پر ڪٿي ستل حالت ۾ ته ڪٿي سجاگ. بهاديءَ جي جذبن کي ڪنهن به وقت جاڳائي سگهجي ٿو. جڏهن هندستان جي بادشاهه فيروز تغلق، ڏيڍ لک کان مٿي فوجن سان، سندن تي ڪاهه ڪئي ته ان وقت، سندن وارن وٽ ٽيهه هزارن کان مٿي فوجون نه هيون ۽ نه ئي هٿيارن جا وڏا وڏا انبار هئا. اهڙي صورت ۾، هندستان جي طاقتور ترين بادشاهه کي سامهون ٿيڻ خودڪشي ڪرڻ جي برابر هو. پر سندين ۾ بهاديءَ جا جذبا جاڳيل هئا. هنن جي اندر جي قوت سالم هئي. هي سپ اَڻ مڃڻ کان سواءِ، اُپا ٿي ويا ۽ فيروز تغلق جي ڏيڍ لک فوج کي نه وسارڻ جهڙي، تاريخي شڪست ڏنائون. ان جنگ ۾ هندستان جي بادشاهه جا (90) نوي هزار فوجي قتل ٿي ويا ۽ هو پنهنجو سمورو شاهي خزانو، مال متاع ڦُرائي، پنڻ جهڙو ٿي دهلي پهتو. دنيا جي انتهائي خطرناڪ جنگين جي تاريخ ۾ هي جنگي واقعو بيحد مثالي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهي.

هتي، محمد تغلق جي سندن تي ڪاهه ۽ فيروز تغلق سان ٿيل، سندين جي جنگ وارا تاريخي واقعا پيش ڪجن ٿا ته جيئن شاعريءَ جو هي حصو سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

سپ کان اول، هندستان جي بادشاهه محمد تغلق جي قوت، ذاتي شخصيت، هنجي ذهني ڪيفيت ۽ ورتاءُ بابت احوال ڏيون ٿا ته جيئن اندازو ٿي سگهي ته سندن تي حملو ڪندڙ، ڪيتري قدر ظالم، بي رحم ۽ طاقتور هو. اگر سندن وارا جنگ هارائي وجهن ها ته پوءِ هنن سان ڪهڙو حشر ٿئي ها! ان پس منظر کي سمجهڻ لاءِ، محمد تغلق جي ذات کي سمجهڻ تمام ضروري ٿيندو.

محمد تغلق (1324-1352ع) چويهه سال ۽ ڪجهه مهينا هندستان تي حڪومت ڪئي. هن کان اڳ، ڪنهن به مسلمان بادشاهه کي هندستان تي ايڏو وڏو عرصو حڪومت ڪرڻ نصيب نه ٿي. هن بادشاهه جو نالو وڻڪ سان، اڪثر ماڻهن کي ڳڙڪيون پئجي ويندیون هيون. هو ڳالهه ڳالهه تي ماڻهن کي سزائون ڏيندو هو. سندس درٻار اڳيان، هر روز مختلف ماڻهن کي اذيتون ڏئي ماريو ويندو هو. ڪن جي جيئري کل لهرائي ويندي هئي، ڪن کي ڪُنو ويندو هو، ڪن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويندا هئا ته ڪن کي هاٿيءَ جي پيرن هيٺان چٽيو ويندو هو. محمد تغلق جڏهن نماز پڙهڻ لاءِ، مسجد ڏانهن ويندو هو ته هو پاڻ به اهي نظارا ڏسندو هو. هو اهو به ڏسندو هو ته ڪيترا ڪتا ۽ ڳڇهون انساني لاشن کي چيريندیون ڦاڙيندیون رهنديون هيون. سمورا تاريخ نويس، جن محمد تغلق جي شخصيت ۽ سندس دور ۾ حڪومت بابت لکيو، اهي سپ

ان ڳالهه تي متفق آهن ته هندستان جو هي بادشاهه انتهائي ظالم، جابر ۽ بي رحم هو. انسانن کي قتل ڪرائڻ، ڦٽڪائي، ليلڙائي مارائڻ ۾ هن کي مزو ايندو هو. سڄي سال ۾ اهڙو ڪو به ڏينهن خالي نه ويندو هو، جڏهن هن هٿان ماڻهو ڪُهايا نه وڃن. جمع ڏينهن به، هي ماڻهن کي بخش نه ڪندو هو. هن جي دربار اڳيان، سڄو ڏينهن انساني رت ريلا ڪري وهندو هو. حق جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ هو ڪڏهن به تيار نه ٿيو. (ضياءالدين برني- مصنفؒ: تاريخ فيروز شاهي ص: 662، 223، 730، 731، 732)

ضياءُالدين برني، محمد تغلق سان گڏ، سندس دربار ۾ سترنهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذاريو. هو لکي ٿو ته، مٿي ذڪر ڪيل ڪوتاهين جي باوجود، محمد تغلق قرآن جو حافظ هو، پنج ئي وقت باجماعت نماز پڙهندو هو، وظيفا ڪيندو هو، هر وقت اسلام ۽ شريعت جون ڳالهيون ڪندو هو. وڏو فياض ۽ سخي هو. ايترو ڏيندو هو، جو وٺڻ وارن جون وايون بتال ٿي ويندیون هيون. شراب، جوا ۽ ٻين خراب عادتن کان پاسو ڪندڙ هو. تمام مٿو ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجن مخالفن لاءِ بدگها بدگها ۽ اثرائتا دليل ڏيندو هو.

اڪثر تاريخ نويس، اهو به الزام هڻن ٿا ته، محمد تغلق پنهنجي پيءُ غياث الدين تغلق کي سازش ڪري مارايو ته جيئن هو تڪڙو هندستان جو بادشاهه ٿي سگهي. محمد تغلق، جيڪو تخت تي وهڻ کان اڳ جونا خان جي نالي سان سڏبو هو، تنهن تڙتڪڙ ۾، هڪ جاءِ جوڙائي، جنهن ۾ پنهنجي پيءُ ۽ هندستان جي بادشاهه غياثُ الدين تغلق کي ترسايو. جڏهن ماني کائڻ جو وقت آيو ته اوچتو سمورا مهمان اڏ مان ماني چڏي، بنا هٿ ڏوئڻ جي، جاءِ مان ٻاهر نڪري ويا. جونا خان به ماني چڏي ٻاهر هليو ويو. بادشاهه سلامت وٽ صرف پنج ڇهه ملازم وڃي بچيا. اوچتو هاٿين ۾ پاڻ اڇي پيئي، جڙ ته زمين ڏُٻي اٿي. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي عمارت جي ڇت ڪري پيئي، جنهن هيٺ دٻجي، غياث الدين موت سان وڃي مليو. اهڙيءَ طرح، محمد تغلق کي اقتدار مليو. غياث الدين، هندستان ۾ "تغلق خاندان" جو باني هو، جنهن خلجي خاندان جو خاتمو آڻي تغلق خاندان جو بنياد وڌو هو.

محمد تغلق، تخت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، گهٽي پاڳي انهن سڀني باغي رياستن کي پنهنجو تابع بڻائي چڏيو، جيڪي خلجي خاندان جي آخري ڏينهن ۾ مرڪز کان ڌار ٿي، "آزاد ۽ خودمختار" مملڪتون بڻجي ويون هيون. اهڙيءَ طرح، (23) ٽيوهه رياستون، محمد تغلق جي قبضي هيٺ آيون.

محمد تغلق جون مضبوط، منظم ۽ خوفناڪ فوجون، جنهن به علائقي جو رُخ ڪنديون هيون ته اتي ٽرٽلو پئجي ويندو هو. پر، هندستان ۾ هڪ تمام ننڍڙي، اهڙي به رياست هئي، جنهن جي فوجن کان خود محمد تغلق خوف کائيندو هو. اها ننڍڙي رياست "سنڌ" هئي، جنهن جو ان وقت مرڪزي شهر ٺٽو هو.

ان زماني ۾ سنڌي فوجن جي بهادري، جرائت ۽ شجاعت جي هاڪ مُلڪان مُلڪ هئي. سنڌي فوجن جي ويڙهه جا طريقا، بيحد چرڪائيندڙ ۽ خوفناڪ هئا. گوريلا جنگ ۾، سنڌي فوجن جو ڪو مَٽ نه هو. ٺٽي جي سمي حاڪم جام ٻانيڻي کي پنهنجي فوجن تي ناز هو. هن محمد تغلق جي غلاميءَ ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو هو. محمد تغلق ٺٽي جي جام کي پنهنجو تابع بڻائڻ لاءِ، گهٽيون ئي ڏمڪيون ڏنيون ۽ ڊپ وڌا، پر، سنڌ جي سُڄاڻ ۽ سرويچ حاڪم جام ٻانيڻي هن جي ڪڏهن به پرواهه نه ڪئي.

ٻي طرف، محمد تغلق جي اذيتناڪ سزائن، ڏاڍ ۽ ڏمر کان ڏُکي، ڪيترائي ماڻهو، جان بچائڻ لاءِ سنڌ ۾ پناهه وٺڻ

ايندا رهندا هئا. سنڌين، اهڑن ڏنڙيل ماڻهن لاءِ هميشه پنهنجن گهرن جا دروازا کليل رکيا ۽ گهر تي هلي ايندڙن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. هونءَ به سنڌ اهڙو علائقو هو، جتي محمد تغلق جا هٿ نٿي رسيا. انهن حالتن سبب، محمد تغلق جي حالت، وڌيڪ بتال ٿيندي ويئي. هن ڪيترائي پيرا نٿي تي چڙهائي ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو. پر هر پيري، درٻار جي اميرن ۽ اڪابرن کيس سمجهايو ته ”سنڌي فوجن سان هٿ اٽڪائڻ سولو ڪم ناهي.“

جڏهن، محمد تغلق جي دٻ کان پاڇ کائي ايندڙ هڪ فوجي سالار ”طُفي“ کي، سندس ساٿين سميت، سنڌين پناهه ڏني ته محمد تغلق بنهه مڇرجي پيو. هن، سڀ کان اول، سنڌين کان ”طفيءَ“ جي ٻانهن گهري. پر سنڌين کيس ٽپُ جواب ڏيندي چيو ته: ” اهو اسان جي شانَ ۽ روايتي مهمان نوازيءَ وڻان ناهي، جو ان شخص کي تنهنجي حوالي ڪيون، جنهن اسان وٽ پناهه ورتي آهي، جيڪو اسان جي تڏي تي هلي آيو آهي، اهو هاڻ اسان جو مهمان آهي، سندس حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي. سنڌين جو اهو جواب ٻڌي، تغلق پاڻيءَ مان نڪري ويو. هن کان هاڻ ماڻ ڪري ويهڻ محال ٿي پيو ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

هندستان جون ڏيڍ لک فوجون، پنج سئو هاٿين سميت سنڌ مٿان چڙهي آيون. محمد تغلق جي واهر ڪرڻ لاءِ ديبالپور، ملتان، اُچ ۽ سيوستان کان به ڪيترائي فوجي جٿا، هزارين ٻيڙيون ۽ جنگي سامان به روانو ٿيو. انهن سڀني جو رخ سنڌ جي شهر نٿي طرف هو.

نٿي کان چوڏانهن ميل پري، هندستان جي هن بادشاهه، منزل اچي هنئي، برپٽ، بيابان ۾، ”فوجي شهر“ آباد ٿي ويو. محمد تغلق جي زندگيءَ جو هي آخري ۽ پرپور حملو هو.

جڏهن سنڌي، ماڪڙ جيان، تغلقن جي فوج کي ڏٺو ته هو سڀ ساٿيهه جي سڏ تي اپا ٿي ويا. محمد تغلق کي گُمان ئي نه هو ته سنڌي ايڏو وڏو لشڪر ڏسڻ جي باوجود وڙهڻ لاءِ تيار ٿي پوندا.

سنڌين جي فوج جو تعداد، ٽيهه چاليهه هزارن جي لڳ ڀڳ هو. هنن لاءِ موت کان مُنهن موڙڻ ميهڻي برابر هو. دشمن هلان ڪري، هنن جي گهر تي چڙهي آيو هو.

ڪجهه ڏينهن، چڪتاڻ ۾ گذري ويا. محمد تغلق، بي اعتمادي، دٻ ۽ مونجهه ۾ وڪلڻ لڳو. هن تي سنڌي فوجن جو خوف چانيل هو. آهستي آهستي سندس اندر اُجهامڻ لڳو. سنڌين سان هٿ اٽڪائڻ سولو ڪم ناهي. اهي خيال وَر وَر ڏئي هن کي واسينگ وانگر ڏنگيندا رهيا. تمام وڏي ۽ طاقتور فوج رکڻ جي باوجود، هو پاڻ کي غير محفوظ، ڪمزور ۽ دشمن جي گهيري ۾ محسوس ڪرڻ لڳو. وهمن ۽ وسوسن جا ڪئين تکا تير، هن جي هانءَ کي چيرينديا ويا. دل مٿان اهڙو بار چڙهي آيس جڏ ته پنهنجي پيءُ غياث الدين تغلق وانگر چت هيٺان دٻجي ويو هجي. اوچتو، سموري لشڪر ۾ رڙ پئجي ويئي ته بادشاهه سلامت، هي فنا جهان ڇڏي ويو. محمد تغلق مري ويو. دشمن جي سرزمين تي، پنهنجي وطن کان سوين ميل پري، هو جنگ ڪرڻ کان سواءِ زندگي هارائي ويٺو.

محمد تغلق جي اوچتي موت سبب، سندس فوجن جون وايون بتال ۽ هوش گم ٿي ويا. سڀني جي اکين اڳيان موت گهيرو ڪري بيهي رهيو. سڀ هڪ ٻئي تي لعنت ملامت ڪندا واپس پڇڻ ۽ زندگي بچائڻ لاءِ واڻون واجهائڻ لڳا. اهڙي طرح جنهن کي جيڪو رستو سجهيو، اهو اوڏانهن پڇڻ لڳو. موت جي ڪُن ۾ ڦاٿل هي فوجون سنڌ جي سرزمين تي ڦيرائين ۾ اچي ويون. بادشاهه سان آيل امير، ان مامري ۾ منجهي پيا ته محمد تغلق جو لاش، سلامتيءَ سان ڪيئن ماڳ رسائجي ۽

ٽاهه ڪاڏل لشڪر کي ڪيئن ضابطي هيٺ آڻجي. هر ڪو ان دپ ۾ ويڙهيل هو ته سنڌي آيا ڪي آيا. نيٺ، تغلقن جا امير ۽ اڪابر ان فيصلي تي پهتا ته بادشاهه کان سواءِ لشڪر وٺ نه ڏيندو. ان ڪري، فوري طور، تغلق خاندان جي ڪنهن به مناسب شخص کي بادشاهه بڻايو وڃي. ان لشڪر ۾، محمد تغلق جي وڏي پيٽ خداوند زاده ۽ ۽ پاٽيجو فيروز تغلق به شامل هئا. سڀني امير ۽ فوجي جرنلن گڏجي فيصلو ڪيو ته فيروز تغلق کي بادشاهه بنايو وڃي. اهو فيصلو محمد تغلق جي وڏي پيٽ خداوند زاده کي قبول نه پيو. هن جي خواهش هئي ته سندس پٽ خسرو ملڪ کي بادشاهه بڻايو وڃي جيڪو ان وقت دهليءَ ۾ ويٺل هو. فوجي آفائن ۽ امير ن کيس سمجهايو ته هن وقت اسان سڀ دشمن جي گهيري هيٺ آهيون، دهلي پهچڻ تائين، خبر ناهي ته اسان جو ڪهڙو هشر ٿئي. ان ڪري فيروز تغلق کي بادشاهه طور قبولڻ گهرجي. آخر هوءَ راضي ٿي ۽ محمد تغلق جي پگ فيروز تغلق جي مٿي تي ٻڌائين. اهڙي طرح، فيروز تغلق، ٺٽي جي ويجهو، جنگ جي ميدان ۾ 23 مارچ 1351ع تي بادشاهيءَ جو تاج پهريو. (تاريخ فيروز شاهي، منصف: سراج عفيف ص: 45)

فيروز تغلق، بادشاهه ٿيڻ بعد پنهنجي فوجن سميت ٺٽي کان پاڇ ڪاڏي. جڏهن سنڌين کي اها خبر پيئي ته هو منجهي پيا. سمجهيائون ته شايد ڪا ”فوجي چال“ هلائي ويئي آهي. ان ڪري احتياط طور، سنڌين جا ڪجهه فوجي دستا محمد تغلق جي فوجن تي چڙهي آيا ۽ قتلام شروع ڪيائون. تغلقن جون فوجون، بدحواسيءَ ۾، پنهنجي ساٿين جا لاش چڏيندیون اڇڻي پڄنديون رهيون. هنن جو ڪيترو خزانو، جنگي هٿيار پنوهار سنڌي فوجن کي هٿ چڙهيا. نيٺ، ڪئين ڪشالا ڪيڻ بعد فيروز تغلق ۽ محمد تغلق جو لاش سيوهڻ پهتا. محمد تغلق جي لاش کي عارضي طور قلندر شهباز جي مزار جي ويجهو امانت طور دفنايو ويو، جنهن بعد، فيروز تغلق پهريون پيرو سيوهڻ ۾ باقاعدي بادشاهي درٻار لڳائي ۽ ڪيترن ئي امير ن ۽ اڪابرن کي خلعتون ڏنيون ۽ سيوهڻ جي ڪجهه ماڻهن لاءِ وظيفا مقرر ڪيا. فيروز تغلق، قلندر جي مزار تي خير خيراتون پڻ ڪيون. جيئن ته محمد تغلق، پنهنجي زندگيءَ ۾ قلندر جو مقبرو ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪيو هو، هاڻ فيروز تغلق ان ڪم جي تڪميل لاءِ خاص احڪام جاري ڪيا ۽ ضروري رقم مهيا ڪئي. ان بعد سلطان فيروز تغلق ملتان ۽ ديبالپور واري رستي کان دهليءَ طرف روانو ٿيو. ٻي طرف، دهليءَ ۾ اها رڙ پئجي ويئي هئي ته بادشاهه محمد تغلق جي مرڻ کان علاوه، هن جي فوجن جو وڏو حصو سنڌين هٿان مارجي ويو آهي. محمد تغلق سان گڏ ويل شاهي خاندان جا ڪيترائي پاتي مارجي ويا آهن يا گم آهن. اها حالت ڏسندي، تغلقن جي وزير ۽ نائب حڪومت ”احمد اياز“ لاءِ ٻي ڪا به واهه نه هئي، سواءِ ان جي ته هو تغلق خاندان مان ڪنهن به مناسب شخص کي دهليءَ جو تخت حوالي ڪن ته جيئن مملڪت جو ڪاروبار هلي سگهي. احمد اياز، هڪ ٻار کي دهليءَ جو بادشاهه بنايو، جنهن لاءِ چيو ٿي ويو ته محمد تغلق جو پٽ هو. اهو ٻار، محمد تغلق کي ڪنهن سُريت يا ٻانهيءَ مان ٿيو هو. جڏهن فيروز تغلق دهليءَ جي ويجهو پهتو تڏهن احمد اياز کي خبر ملي ته محمد تغلق جي مرڻ سبب، سنڌ تي ڪاهه ڪري ويندڙ امير ن ۽ فوجي جرنلن فيروز تغلق کي بادشاهه بڻايو آهي. ان حقيقت سبب احمد اياز کي، اُبهرائي ۾ ڪيل پنهنجي فيصلي تي بيحد پشيماني ٿي. هن کي دپ ٿيو ته متان بدگمانين سبب، فيروز تغلق کيس مارائي چڏي. ان ڪري پنهنجي غلطيءَ تي ڏڪ ۽ شرمندگيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ، هن شاهي پگ لاهي، زنجيرون جسم سان ويڙهيون ۽ اگهاڙي تلوار ڳچيءَ ۾ لٽڪائي، معافيءَ جو طالب بڻجي فيروز تغلق جي حضور ۾ حاضر ٿيو. فيروز تغلق، احمد اياز جي اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪيل غلطي معاف نه ڪئي ۽ اسي سالن جي هن دوراندیش، اهل قلم ۽ وفادار وزير کي موت جي سزا ڏني. محمد تغلق جي ان ناجائز پٽ کي به ڪُڻو ويو، جنهن کي دهليءَ جي تخت تي وهاريو ويو هو.

فيروز تغلق، پنهنجي اقتدار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ خاطر، محمد تغلق جي وڏي پيٽ خداوندزاده تي خاص طور ڪرڙي نظر رکي، جنهن پنهنجي پٽ خسرو ملڪ کي بادشاهه بڻائڻ گهريو ٿي. خداوندزاده جي سموري ملڪيت ضبط ڪئي ويئي ۽ ڪيس سڄي عمر لاءِ گوشه نشين ٿي رهڻ جي سزا ڏني ويئي. سندس پٽ خسروءَ کي هميشه لاءِ ملڪ بدر

ڪيو ويو. خداوند زاده جي مڙس لاءِ حڪم صادر ٿيو ته هو هر مهيني جي پهرين تاريخ ڪفن ٻڌي، بادشاهه جي درٻار ۾ حاضري ڏيندو رهي. (تاريخ فيروز شاهي ص: 83)

اهڙيءَ طرح فيروز تغلق کي بادشاهي ڪندي ڏهه سال گذري ويا. ان سموري عرصي ۾، هو سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جي همت نه ڪري سگهيو. هو سنڌين جي جنگجو طبيعت کان خوف کائيندو هو. هن اڳيئي سنڌين جون اکيون ڏٺيون هيون. سنڌ تي قبضو ڪرڻ جي آس، نه محمد تغلق جي پوري ٿي ۽ نه فيروز تغلق گذريل ڏهن سالن ۾ ڪجهه ڪري سگهيو. ان وچ ۾، بادشاهه فيروز تغلق جو وزير ''خان جهان'' ڪيس سمجهائيندو رهيو ته ''بادشاهي برقرار رکڻ لاءِ ضروري آهي ته مختلف علائقن تي ڪاهون ڪيون وڃن. عوام کي شاهي قوت، هشمت، شان، مان ۽ دٻدٻي سان مرعوب رکيو وڃي. پوءِ جڏهن، بنگال وارن، تغلق جي غلاميءَ کان نڪري آزاديءَ جو اعلان ڪيو ته، تغلق جون فوجون زبردست تيارين سان بنگال مٿان هلان ڪري ويون.

نومبر 1353ع تي بنگال جو مسلمان حاڪم حاجي الياس عرف سلطان شمس الدين، فيروز تغلق جي سامهون ٿيو. بنگالي فوج جا ٻه لک ڏهه هزار سوار ۽ پيادا تغلقي فوجن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ لهي آيا. بنگالين ڏاڍي همت ۽ بهادري ڏيکاري پر تغلقي فوجن انتهائي بيدرديءَ ۽ بيرحميءَ سان بنگالي فوجن جا لکين جوڌا ڪُهي ڇڏيا. لاشن مٿان لاش ڪرندا ويا. سڄو جنگ جو ميدان بنگالي لاشن سان ڍڪجي ويو. جنگ هلندي رهي، جڏهن لاشن سبب جنگ ڪرڻ ڏکي ٿي پيئي ته تغلقي گهوڙي سوارن پنهنجا گهوڙا لاشن مٿان چاڙهي ڏنا. گهوڙن جا سُنب لڳڻ سبب هر طرف انساني رت جا چشما وهي اُڀيا. ڏرتي ڦٽڪي، سُڏڪين پئجي وئي. بنگالين جي تاريخ جي اها خوفناڪ جنگ هئي. هو مرڻ مري ويا پر شڪست قبول نه ڪيائون. اهڙي طرح فيروز تغلق جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي فتح جو جهنڊو بلند ڪيو.

جنگ کٽڻ بعد فيروز تغلق فاتحانه انداز ۾ جنگ جي ميدان تي نگاهه ڦيرائي. حد نظر تائين بنگال جي زمين جو ڪوبه حصو لاشن کان خالي نه هو. ائين لڳو، جڻ ته سڀ بنگالي مري وڃڻ باوجود ڏرتي ماءُ کي بچائڻ لاءِ سندس سيني سان چهڻي پيا هجن. فيروز تغلق کي بنگالين جي اها ادا پسند نه آئي ۽ حڪم ڏنائين ته قتل ٿي ويل سڀني بنگالي فوجن جون سسيون ويڍي هڪ هنڌ گڏ ڪيون وڃن ۽ پوءِ انهن جي ڇٽپ ٿئي. اهڙو ويل ڪنهن نه وهائيو. انساني لاشن جي ان حد تائين بيحرمتي ڪنهن نه ڪئي.

بنگالين جا لاش ٻارنهن (12) ميلن اندر پکڙيل هئا. (تاريخ فيروز شاهي. مصنف: سراج عفيف، ص: 94) فيروز تغلق، عام ماڻهن ۽ سندس فوجين لاءِ ڏينهورو ڏياريو ته جيڪي به قتل ٿي ويل بنگالي فوجن جون سسيون ويڍي ڪٽي ايندا، انهن کي في سسي هڪ تنگو انعام طور ڏنو ويندو. اهڙي طرح ڪيترائي ماڻهو ڪاتيون ۽ چريون ڪٽي لاشن تي ٽڪي پيا. ان وقت لکين گهرن ۾ ماتم هو. ڪنهنجو پيءُ، ڪنهنجو ڀاءُ، ڪنهنجو پُٽ، ڪنهنجي اکين جو نور ۽ ڪنهن جي زندگيءَ جو سهارو، تغلقن ڦري ورتو هو. لکين پينرُنِ جا پائر ۽ مائرن جا پٽ، قبر ۽ ڪفن کان سواءِ ميدان جنگ ۾ لاوارث پيا هئا. هاڻ هنن جون سسيون ويڍيون ٿي ويون. تغلقن مري ويلن کي وڌيڪ مارڻ گهريو ٿي. فيروز تغلق ڏسندو رهيو. بي شمار ماڻهو جهولين، ٻورين گاڏن ۽ ٻيڙين ۾ بنگالين جون سسيون پري بادشاهه جي منزل گاهه اڳيان اڇلينداپئسا وٺندا ويا. اهڙي طرح انساني سسين جا ڪيترائي وڏا وڏا انبار لڳي ويا. نيٺ ڇٽپ ٿي، انهن سسين جو تعداد هڪ لک چوهتر هزار ٻيٽو (تاريخ فيروز شاهي، مصنف: سراج عفيف- ص: 93 ۽ 94)

بنگال جي فتح فيروز تغلق کي پاڻي مان ڪڍي ڇڏيو. هن کي وَر وَر ڏئي سنڌين کان انتقام وٺڻ جا وَٽ پوندا رهيا.

هن سنڌين کي پنهنجو تابع بڻائڻ چاهيو ٿي- پر سنڌ جي ڳالهه سوچڻ سان، هن جي جسم ۾ سياڻو پئجي ٿي ويو. هو ڪيتري ئي عرصي تائين ڏاڍي خبرداري ۽ هوشياريءَ سان سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جا سانپاهه ڪندو رهيو.

نيٺ جڏهن فوجي تياريون مڪمل ٿي ويون ۽ بادشاهه کي مڪمل طور يقين ٿي ويو ته هو فتح حاصل ڪري سگهندو، تڏهن سنڌ تي هلان ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

هڪ لک چوهتر هزار فوجي گهوڙي سوار ۽ پيادا سنڌ طرف وڌڻ لڳا. بادشاهه پاڻ فوجن جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. هن پاڻ سان هزارين ٻيڙيون ۽ چار سئو اسي (480) جنگي هاڻي، شاهي خزانو، اناج جو ذخيرو ۽ ٻيو ضروري سامان به گڏ ڪنيو.

دهليءَ مان جڏهن تغلقي فوجن جا لشڪر نڪتا ته بادشاهه فيروز مختلف درگاهن ۽ مزارن تي به ويو. هن فتح حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون گهريون ۽ باسون باسيون. (تاريخ فيروز شاهي- ص: 140)

نيٺ وڏي ڏڍپي ۽ شان سان تغلقي فوجن جا لشڪر سنڌ جي مرڪزي شهر ٺٽي پهتا (62-1361ع) پوٽا به لک فوجن سنڌين کي گهيرو ڪري ورتو. ٻئي طرف سنڌين وٽ پنجيتاليهه هزار فوج هئي. (عهد سلاطين- ص: 156)

جڏهن سنڌين کي تغلقي فوجن جي اچڻ جي خبر پئي ته هو سڀ سينو ساهي ٻيهي رهيا. سندن تلوارون مياڻ مان ٻاهر نڪري آيون. ننڍيو وڏو جنگ لاءِ تيار ٿي ٻيٺو. ٺٽي جي سڄي علائقي ۾ عيد جو سماءُ هجي، جڏ ته سڀني کي ڏرتيءَ جو قرض لاهڻ جو پهريون پيرو سڏ ٿيو هو. تغلقن جي دربار جو تاريخ نويس سراج عفيف، تاريخ فيروز شاهي ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌي هر وقت جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا. هنن جا مرد ڏاڍا جنگجو ۽ بهادر هئا. هنن جو هر مرد قوت جي اعتبار کان رستم زمان هو. سنڌين جي بي مثال بهادريءَ جا قصا سڄي دنيا ۾ مشهور هئا (ص: 146/143)

سنڌي مائرن، پينرن، ڏيئرن کلي خوش ٿي، ڏاڍي پاڻهوهه مان جوڌن جوانن کي موڪلاڻي ڏني ۽ تنبيهه ڪئي ته: ”ڏرتيءَ جي لڄ جي پارت اٿو“.

نيٺ جنگ جو نغارو وڄو، تغلقي ۽ سنڌي فوجون سامهون ٿيون. لوهي لڳن وارا سنڌي سورما سڀ لاڳاپا لاهي تغلقن مٿان ٽوڪي پيا. هنن جون تلوارون وڄ وانگيان وسڻ لڳيون. سنڌين جنگ ڪرڻ جا ڪيترائي حيران ڪندڙ طريقا اختيار ڪيا. سنڌي فوجن پهرين ئي ڏڪ ۾ تغلقن جي هٿيارن ۽ اناج جي ذخيرن تي قبضو ڪري انهن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو. اهڙي طرح هندستان جي طاقتور ترين فوج ۾ ڏار پئجي ويا.

اناج جا ذخيرا ختم ٿي وڃڻ سبب فيروز تغلق جي فوجن ۾ ڏڪار پئجي ويو ۽ هو بک ۾ پاهه ٿيڻ لڳيون. سنڌي فوجن تغلقن جي سپلاءِ لائين ٽوڙي رسد جا سڀ گهٽ ۽ رستا به بند ڪري ڇڏيا. سنڌي فوجن جا حملا تيز ٿيندا ويا. سڄو ميدان جنگ، تغلقي فوجن جي لاشن سان ستبو ويو. بادشاهه فيروز سوچي به نٿي سگهيو ته هندستان جي ايڏي وڏي طاقتور فوج کي سنڌي اهڙي بهادريءَ سان ماري وجهندا. نيٺ فيروز تغلق جنگ هارائي ويٺو. هن جي لشڪر مان (90) نوي هزار کان وڌيڪ فوجي موت جي مُنهن ۾ هليا ويا. هن جو شاهي خزانو، هٿيار پنوهار، سوين هاڻي ۽ ٻيو سامان به سنڌين جي قبضي ۾ اچي ويو.

هاڻ بادشاهه پنهنجي جان بچائڻ جا گُسَ ڳولڻ لڳو. سنڌين چئني طرفن کان تغلقن جي ناڪابندي ڪري چڏي هئي. تغلقن لاءِ سنڌ مان پڄڻ جون سڀ واٽون بند هيون. سواءِ هڪ واٽ جي، جا رڻ ڪڇ ڏانهن ٿي وئي. جيڏانهن پڄڻ وارا پاڻ موت جي منهن ۾ هليا ويندا هئا.

آخر فيروز تغلق سنڌين کان جان ڇڏائي رڻ ڪڇ ڏانهن روانو ٿيو. پوٽا به لک فوجن مان لڳ پڳ ويهه هزار فوجن هن سان رڻ ڪڇ جي راهه ورتي. رڻ ڪڇ ۾ پهچڻ بعد بادشاهه فيروز ۽ هن جون فوجون رستو وڃائي ويٺيون. اهڙيءَ طرح ڪئين هفتا گذري ويا، مگر بادشاهه کي رڻ ڪڇ مان نڪرڻ جو ڪوبه رستو نه سُجهيو. نيٺ منزل اها اچي پهتي، جتي نه پاڻي هو نه کاڌ خوراڪ ملڻ جو ڪو آسرو. نتيجي ۾ بادشاهه جا گهوڑا ۽ فوجي بک ۽ اڃ سبب مرڻ لڳا. زنده بچيل فوجن مري ويل گهوڙن ۽ ٻين مردار جانورن کي کائڻ شروع ڪيو. تڏهن به هر روز سوين فوجي بک ۽ اڃ سبب مرندا ويا. رڻ ڪڇ مان جتان جتان فيروز تغلق لنگهندو ويو، ان رستي تي سوين فوجن جا لاش پکڙيا ويا، جڏ ته هو سنڌ ۾ شڪست کائڻ جا نشان ڇڏيندا ٿي ويا. آخر بادشاهه جي ڇڙهيءَ جو گهوڙو به مري ويو. مجبوريءَ سبب هو پنڌ پيو. هاڻ بادشاهه جي جان به خطري ۾ هئي. اهڙي طرح لڳاتار ڇهه مهينا فيروز تغلق ڪڇ رڻ پٽ ۾ رلندو، پٽڪندو رهيو. (تاريخ فيروز شاهي ص: 153)

بادشاهه جي گم ٿيڻ واري عرصي دوران دهلي ۾ هاڪار متل هو. لکين تغلقي فوجن جي گهرن ۾ ماتم پئجي ويو. هنن جا مڙس، هنن جا وارث سنڌ فتح ڪرڻ ويا هئا ۽ واپس نه موٽيا هئا. دهليءَ ۾ ويٺل بادشاهه جو نائب ''خان جهان'' عام ماڻهن کي ڪوڙا دلاسا ڏئي ريجهائيندو رهيو ته ''بادشاهه سلامت اجهو آيو کي آيو ۽ فوجون فتح ۽ ڪامرانيءَ سان واپس ورڻ واريون آهن''. خان جهان، فيروز تغلق جي نالي ڪوڙا فرمان جاري ڪري عام ماڻهن کي صبر جي تلقين ڪندو رهيو.

نيٺ فيروز تغلق پنهنجو سڀ ڪجهه تباهه ڪري رڻ ڪڇ کان گجرات پهتو، جتان ڪجهه گهوڙا ۽ ٻيو ضروري سامان هٿ ڪري دهليءَ روانو ٿيو.سنڌين کان شڪست کائڻ بعد فيروز تغلق عهد ڪيو ته هو هميشه لاءِ جنگي ڪارروائين کان پاسو ڪندو ۽ وري ڪنهن جي به علائقي تي فوجون نه چاڙهيندو (تاريخ فيروز شاهي- ص: 137)

- يوسف شاهين

سُر چام پانپيٹو

جُڙيو ركُ جهان سين، ڪاملَ! قرُب ڪري

سُوگهي آه سيرَ ۾، سا پُڌَلَ تار تري

شلَ اهڙو واءُ وري، سدوريءَ سنڌ تي.

O

سدا اٿم تاتِ، آهين تونهين تون

ڏنئي پَروُڙَ پرت سين، ته پلي آه پُون

ٿئي شال مون، مِٽي نصيب هِن مُلڪَ جي.

O

ڏُکئي هِنَ ڏيهَ تان، لهندا ڪڏهِن سُور

ٻاڏايُم ٻاجهَ لئه، اِي پچائي پُور

ٿئي شالَ اَسورَ، رات کُٽي هيءَ روجَ جي.

رات کُٽي هيءَ روجَ جي، وجن ڏُک ڏَريِ

اچن شال وَري، سَدورا ڏينهنَ سنڌ تي.

O

رات کُٽي هيءَ روجَ جي، پلا! ڪر پالَ

سُکيو ڏينهن نه سنپرُون، سهَسين ٿيا سالَ

اُپريِ هاڻ شالَ، سڏائو سڄ سنڌ تي.

O

سُکيو ڏينهن نه سَنپرون، ڪيڏا ٿئا ڪالَ

هوُڪَ اُٿي هانءَ مان، ههڙا پَسي حالَ

پلا! ڪر پالَ، ته ڏنءُ لهي هن ڏيهَ تان.

O

ڏنءُ لهي هن ڏيهَ تان، ڏُکَ پونِ ڏريِ

هَر هَر اِها هانءَ تي، اچي ڳالهه تَريِ

ته ويڙهيچا وري، شَلَ سُکيا ڏسن ڏينهڙا.

سڄڻ مٺي گهورَ، ويريءَ واهَرَ ڪن

ماڻهو هِن مُلڪَ جا، مَٺي سندا مورَ

قربئون ڪن نه تورَ، آڻيو ڏين اَڻ ميو.

O

مُحبت سندي مالَ جا، سدا سودائي

جيءُ ونو جيءَ سين، اِي اَڻن وات وائي

هي سودو سوائي، ملي ڪين ٻي مُلڪَ ۾.

O

ڏاها ڏَسَ ڏين، ته ٿوري منجها ٿيءُ

اورِ ڪي مَ اُپَ ٻ، هندُ توهجو هيءُ

جي اَنگُ لهين ايءُ، ته ماڳ مثالي ميڙئين.

O

دُشمنَ دُعاڳي، جانبَ چون جيءُ

هرڪو پُڇي ايُ، ته ڏَسَ ڏئو ان ڏيهہَ جا.

O

ڪٽي ڪٽندين ڪيترا، بارَ سندا باري

ٻابل! تو ٻاري، سا آڳ اُجهاءِ اندرَ جي.

سوچي پاڻُ نوچي، ڪا ڪَڻَ نه ڪم آئي

ٿئو حاڪُم هِند جو، تختَ تي توائي

وريس ڪين وائي، ساريو سگهاريءَ سنڌ ڪي.

O

هَر ماڳَ، هَر مُلڪ تي، ڪجي هلي ڪاهَ

تِهان پوءِ هر هنڌ، وڏي ٿئي وهَ واهَ

اهڙي ئي صلاح، جُڙيِ حاڪم هِند ڪي.

O

ڏاڏَ ڏهڪاءَ ريِ، حُڪمَ هلنِ ڪيئن؟

هلي حاڪمَ هِند کي، چيو وزير هيئن:

”تَپي تيغ ترارَ، ماڻهن مٿَان جيئنَ

تائبُ ٿين تيئنءَ، حرفُ نه ڪُڇن هيڪڙو“.

O

ڏاڏَ ڏمَر جا، ڏيئين ڪوه ڏسَ

ويندين وڃائجي، ميان مٿي گسَ

جُڙيا تنِين جَس، جي اوڏو ٿيا عامَ کي.

واريو ڪوه وارين، ڏاڏا! ڏاهو ٿيءُ

محبت جنين مَن ۾، تِن مديءَ سين مارين

اِن پَر اُٿيارين، سُتل سورهيه سنڌ جا.

O

ويڑهه ويڑهه ڪن، اهڙا اٿيئي

مَٿو ڏينِ مَڇ کي، سي ساڃَن سپيئي

جَنيِن ساڻن پيئي، سي ڏَس ڏيِن ڏيهن کي.

O

ڏاڏو جن جو ڏيلُ، ارڏا جن جا اَنگَ

ڪانيارا! ڪوه ڪَندين، وجهي تنين وَنگَ

پَسندين پوءِ رَنگ، جڏھ ھڪَ پوندءِ ھُنن جا.

O

ھڪَ پوندءِ ھُنن جا، جنين ساھه ناھهِ سَڏ

سَدا سورن جي، جي ويھي ڪن وَڏ

پاڻا ڪندا اَڏَ، سَڏ ٻُڌي ساڻيھهَ جا.

ڪانيارا! ھِنَ ڪيڇَ جا، ڇِنَا ڇَپر ڇڏ

جاسين وَرن واھرو، تاسين لڏولڏ

ايندءِ سي اوچتا، جي ھانءُ نه ھٽن ھڏِ

ڪنداءِ سڏوسڏ، اچي عزرائيل سين.

—

وائي

ڪوه پچائين پورَ، ميان منصورَ!

سِرُ ڏي ته سُھاءُ ٿئي، دائم رکُ دستور

ميان منصورَ!

ڏِسُ ڏِسُ ھن ڏيھه تي، ڪيڏا ٿئا ڪلورَ!

ميان منصورَ!

رات ڪُڻي روڇ جي، ٿئي شالَ اَسورَ!

ميان منصورَ!

ڪيئنَ سلي عامَ سين، جي ”يُوسفَ“ سَنا سُورَ!

ميان منصورَ!

سُر ڄام پانيپٽو- داستان پيو

دُشمنَ دُعاڳي، جانب چون جيءُ

پاڻا ڏِينِ پرت سين، پاڻا ڇُون پيءُ

هِرڪيو حاڪم هِند جو، حالُ سُڻي هيءُ

پوءِ هَرَ هَرَ پُڇي اِيءُ، ته ڏَسَ ڏِئوم اُن ڏيهَ جا.

O

ساهُ ڏيندا‌سين سَڏَ سين، ڪيڏو مُور نه ڪَنڊُ

جِت نه جاءِ جواب جي، پاڻا سوئي پنڊُ

سچو آهِ سُبَنڊُ، سُونهاري سنڌڙيءَ سين.

O

سُونهاري سنڌڙيءَ سين، اَزلئون انگُ مون

گهور ٿيان شل اُن مٿان، جا پلي آهِ پُون

راتو ڏينهان مُون، آس اِهائي هيڪڙي.

O

ساڃاهه ساٽيهَ جي، جُڙي شالَ تو

مَرڻ ناه ميهڻو، جي انگَ سلين سو

ته پاٽا هلي پوء، ماڳُ مٽالي ميڙئين.

وائي

اُٿي جهيڙو ڪاءُ، لاهِ جهيڙو جيءَ تان

لهي لوهُ لِڳن تان، شَل وري اهڙو واءُ

اُٿي جهيڙو ڪاءُ!

ڊالَ جيان ڊوليا، هيڪرَ هلي آءُ

اُٿي جهيڙو ڪاءُ!

پاٽا هَڻُ پَڏَر تي، پُٽڪو سُٽي پاءُ

اُٿي جهيڙو ڪاءُ!

گهوريو گهوريو جندڙي، مُرڪي مٽان ماءُ

اُٿي جهيڙو ڪاءُ!

سَڏَ ساڻ يوسفَ، صدقي ڪيو ساهُ

اُٿي جهيڙو ڪاءُ!

سُر ڄام ڀانپيٽو- داستان ٽيو

هليو حاڪم هِند جو، هَلَرُ ساڻ ڪٽي

آڏو ٽيس اَڌ ۾، هِتي پَٽَ پٽي

پوءِ هٽَ هٽي، ويهي پٽيائين پاڻَ ڪي.

O

هٽيو هَٽَن سين، پوءِ رويو ويڻا رونِ

آيا ڙي آيا! چَرپَٽَ اِئين چُونِ

ته مَتان اُٿي پُون! سُتل سُورهيهَ سنڌ جا.

O

وڏا ڪَٽَڪَ ڪاهي، هليو حاڪمُ هِند جو

سامهون ٽئو سِنڌ ڪي، سَپ لاڳاپا لاهي

جِت ڪندس ڪم قيامَ جو، سي پَنڌَ پُڇائي

اهڙو ڪو آهي، جو ڏَسَ ڏي هِن ڏاهه جا!؟

O

ڪندا ڪم قيام جو، وريا جي هِت ويرَ

چڙهي آيُس چِت تي، جي تِکا ڪيائين تيرَ

ساريُو سگهاريءَ سنڌ ڪي، قَلبئوُن لڳَنس ڪيرَ

پنڻَ پوءِ پيرَ، هليو حاڪم هِند جو.

O

هَرَ هَرَ حاڪمَ هند ڪي، هِنيئُون پُون هولَ

ته آيا ڏِي آياَ، اِجهو سپ اڏولَ

ورتو اِن ولولَ، ته ڪندا ڪم قيامَ جو.

O

ڪندا ڪم قيامَ جو، جي وَلَر ڪيو وَتنِ

آٿيو ڏين آهُرين، ساريو سِرَ سندنِ

جي آڏو ٿِئا اِنَنِ، سي وجودنُون ونءُ ٿيا.

O

ڪندا ڪم قيامَ جو، آيا جي اَڏولَ

پرزا ٿين پَڌر تي، سي آلودا انمول

ڪيائون جي قولَ، سي پاڙيندا هِن پٺَ سين.

O

پاڙيندا هن پَٺَ سين، ڪانڌي قول قرارَ

متان موركَ پاننئين، ته ويا سَپ وينجهارَ

ڪرندا ڪنڌ هزارَ، جي آئي ويلَ وطن تي.

O

آئي ويلَ وَطن تي، ته هٿي ڪبو هَنڌُ

جتي ڪار ڪُسڻ جي، پاٿا سوئي پنڌُ

ڪيڏو مُور نه ڪندُ، جي اَمرُ ٿئو اِن جو.

O

پلائيءَ ڪاڙ پورا، توکي ڏَسَ ڏيان

هلندءِ هتي ڪينڪي، مُڙي وڃُ ميان

هٽندين هَڻَ هنيان، جڏه هَڻ پوندءِ هُنن جا.

O

هَڻ پوندءِ هُنن جا، تڏهن هٽندين هَڻَ

ڪم ايندءِ ڪينڪي، ڪائي هتي ڪَڻ

ساڙ سَموري سَڻ، پڄُ هِن پونءِ تان.

O

ڪنداءِ ڪم قيامَ جو، پاونگَ تان نه پري

هتي ڏوس ڏَمرَ مان، ڪڏهِ ڪين وري

پويان پير ڪري، پَڄُ هِن پونءِ تان.

O

پڄ هِن پونءِ تان، هَلر سوڏو هاڙ

هتي تيغ ترارَ جي، ڪيڏي ڪونه ڪاڙ

متان سَگهَرَ ساڙ، وجودنُون ونءُ ٿئين.

O

پڄ هِن پونءِ تان، پويان ڪري پيرَ

متان مُورک ٿينئي، اوکي هِتِ اويرَ

سنجهي سين سويرَ، پنڌُ پڇاءِ پانهجو.

O

سدا ساٿيهہَ جي، هتي سَيَ سنپارَ

هلنداءِ ڪينَڪي، حَاڪم! تو هٿيارَ

جي جهيڙي پئا جُهونجهارَ، ته ڪنداءِ ڪم قيام جو.

O

پاڙيندا هِنَ پَتَّ سين، وڃن ويڙهيچا

اهڙي ڪندا ڇالڙي، جا ٻُڌي نه سُئي ڪا

پوءِ هَرَ هَرَ ڪندا ها، جن نينهُه ٻڌو ناه سين.

O

وَڃن سپ وَلهارَ، پاڙيندا هِن پَتَّ سين

هَڪَل ٿيندي هڪ ڪي، ته ايندا هلي هزارَ

اهڙا انگ اَپارَ، پيا هِنين پاندَ ۾.

O

هَلندا هتي ڪينڪي، حاڪم! تو هٿيارَ

وريا جي واهرو، ڇڏي پاڻَ پچارَ

ته پُڇندين پوءِ پارَ، پڄڻَ جا هِنَ پونءِ تان.

O

وَڃن سڀ ورَيامَ، پاڙيندا هن پَٽ سين

اندر جي اُهاءِ جو، سي اَنتُ نه ڏين عام

متان هلِي هامَ، هٽي ڪو هنن سين.

O

حاڪم! ڇڏي هوڏ، هَليو وڃ هتائون،

ويندين وجائجي، ٿي وجودئون ونءُ

سڏو هتان سَنئون، دگڻُ جهل دهليءَ جو.

O

سِرجي ٿيندا سَوَ، هِتي سُورَ سنداءِ

پيرُ نه لهندين پَٽ تي، حاڪم! هِن هنڌاءِ

اهڙا ڪم ڪنداءِ، نرمل نَنگر ٿڻي جا.

O

هِتي سُورَ سنداءِ، وڏي ٿيندا وَڻُ

ڪانئر! ڪيم ڪڻُ، نانءُ نَنَگر ٿڻي جو.

O

نانءُ ننگر ٿڻي جو، وڻُ ڪيَم ويري

پڄڻَ جا هِن پونءِ تان، ڪر ساعِيا سويري

نات پاڻا ٿي پيري، سوگهو ڪنداءِ سَگَ سين.

O

وٽيو هَلُ وڃاندرا، گروءَ سندا گَسَ

جي اوڏو ٿيا عامَ کي، جُڙيا تنين جَسَ

ڏين اهڙا ڏَسَ، ٺاهوڪا ماڻهو ٿڏي جا.

O

همت هزاريِ، پلئه جنِ پيئي

سَڏَ مٿي ساڻيهَ جي، ڏين سِر سپيئي

اهڙا اٿيئي، سُورهيه پُڃَ سنڌ جا.

O

هٿيار چڏي هت، تغلق! تائب ٿيءُ

”آزادي آزادي“ هر ڪنهنِ نعرو هيءُ

ٿيڻو آهي ايءُ، نبيرو ننگر ٿڏي ۾.

O

”آزادي آزادي!“ پُڻڪا سُڻي پَڄُ

دُهلُ ٿي درِ دَرِ، واڄَڃَ ڪَري وَڄُ

ته اهڙا لڳا اَڄُ، نعرا ننگر ٿڏي ۾.

O

ڳالهه اها ڪُڃَ جي، عاقلَ اٿيئي

جي سامهون ٿئا سنڌ کي، سپاهَ سپيئي

وڻان تن ويئي، وجودي واٽ ونءُ ٿي.

وائي

ڏيهه مٿي ڏَهڪارَ، هوشيار، خبردار!

جي ويئي ويلَ وِهامِي، ته ملي سپ ميارَ!

ڏيهه مَٿي ڏهڪارَ.

پاٽا هلو پرتِ سين، هٽي سپ هاڪارَ

ڏيهه مَٿي ڏهڪارَ.

ويريءَ مٿي واهُڙي، وڏا ٿينَ وَسڪارَ

ڏيهه مَٿي ڏهڪارَ.

هَلو هَلو هَڪل سين، چڏي پاڻَ پَچارَ

ڏيهه مَٿي ڏهڪارَ.

ڪائنر هلندئي ڪينَ ڪي، هتي تيغ ترارَ

ڏيهه مَٿي ڏهڪارَ.

ساٿيهه ڏِنا سَڏَ، ته ڪرندا ڪندَ هزارَ

ڏيهه مَٿي ڏهڪارَ.

ڪيو يارَ، يُوسفَ سين، ڪُسڻ جا قرارَ

ڏيهہ مَٽي ڏهڪارَ.

وائي

آئي ڙي آئي، سا ساعتَ سوائي

”مرويسونُ سنڌ نه ڏيسون“ هر ڪنهِن وات وائي

آئِي ڙِي آئي!

گهوريو گهوريو جندڙي، تان ٽٽي سا سجائي

آئِي ڙِي آئي!

سَيَ کي هلٽو سڏ سين، ٻي خَبر نه ڪائي

آئِي ڙِي آئي!

چئو ”لبيڪ“ لنءُ سين، اي حڪم اِلاهي!

آئِي ڙِي آئي!

لهي لوهُ لڳن تان، ”يُوسفَ“ آسَ اِهائي

آئِي ڙِي آئي!

سُر چام ڀانپيٽو- داستان چوٽون

سَڏَ ٻُڌي ساٽيهہ جا، نِڪتا جُنگَ جُوانَ

هوڪاريو هوڪارينِ، سي مانجهي مُڙسَ مهانَ

جانِ، جُسي ۽ جيءَ جي، ڪا خَبر رکنِ ڪانَ

اهڙا اَڻن اعلانَ، ته گهوريو گهوريو جندڙي.

O

گهوريو گهوريو جندڙي، اچو پير پري

ناه پنڌ پَري، هاڻ پلي بَختَ جو.

O

گهوريو گهوريو جندڙي، وڏيِ اڳُ ٽئو

ڏيئي ڏَسَ وئو، اهڙا سامي سنڌ جو.

پجان پجان ڪن، سپاهَ سپيئي

هَلان ڪري آيا، سنڌ مَٹان سيئي

طريقتَ ترارَ جي، وٹان تِن ويئي

مَردَ جي ميدانَ جا ڪُٹا هت ڪيئي

اهڙي ئي پيئي، درِ درِ دانهه دهليءَ ۾.

O

حاڪمَ ڪوه ڪرين، حيلا هِت هزارَ

هلنداءِ ڪينڪي، هِي هيڪاندا هٹيارَ

سُجاتي هِن ساڻيهه جي، آه سَپ سنپارَ

چڏي تيغ ترارَ تغلق! تائبُ ٿيءُ

O

ٿُغلقَ! تائبُ ٿيءُ، هَلَر سوڏو هاڻ

هتي هٿيارن جي، ڪيي ڪونه ڪاڻ

متان سڳر ساڻ، وڃايئين واڻَ وجود جي.

O

ٿُغلقَ! تائبُ ٿيءُ، چڏي ڏَمر ڏوسَ

تو ڪيا وڏا ڪُوسَ، بي انت بنگال ۾.

ٿُغلقَ! تائبُ ٿيءُ، رِنجهڪو چڏي ريسَ

ڪيائي وڏا ڪيسَ، بي انت بنگال ۾.

O

ساري جهانَ جا، ساري ڏُکَ ڏيو

حَرفُ نه ڪُچان ڪڏهه، ٻيلي ڪو ٻيو

پَرَ مون پَرِ ۾، ماري هيئنَ ويو

سُٹائي سربستو، قصو سو ڪيو

ٿيڻ کي ٿيو، جو بغدادُ بنگال ۾.

O

ٿُغلقَ! تائبُ ٿيءُ، چڏي وَرَ ويچارَ

قَهر ڪيا تو ڪيترا، اُٹياري آزارَ

بنگال ناهِ بادشاهه! آه سنڌ سَگهارَ

هاڻ نه هلندي هيڪڙي، توهجي ڳال ڳنوارَ

هِنئين مڃ هارَ، ته پناهه مليئي هن پَڻَ تي.

O

ٹُغلقَ! تائبُ ٹيءُ، اٹيئي واڻَ اِها

جي سامهون ٹئا سنڌ ڪي، سي ونءُ ٹي ويا

پاڻا پيش پيا، جِن هامَ هنئي هتهين.

ٹُغلقَ! تائبُ ٹيءُ، ڇڏي سُورَ پچارَ

سامُهون ٹي سنڌ ڪي، ڏِنا تو ڏهڪارَ

پڃ هِن پونءِ تان، هاڻ قُبولي هارَ

دانهين دليءَ ۾، پچيو توهجا پارَ

لههُ سوَيلي سارَ، هلي تن هاڪارن جي.

O

ٹُغلقَ! تائبُ ٹيءُ، نات هٹندين هَڻَ

ڪَمُ ايندئي ڪينڪي، ڪائي هِتي ڪَڻَ

ساڻُ سَموري سَڻ، پاڻا پوندين پيش تون.

O

بنگال ناه بادشاهَ! آهِ سنڌ سگهاري

ويندي وڃائجي، هتي ساڻ سپاهَ

هليو وڃُ هَلَرَ سين، پڇي راتو واهَ

سُهڻي ايءَ صلاحَ مدي چڏي، مَڇ تون.

مدي چڏي، مَڇ تون، حاڪم ڳالهِ هيءَ

تائب ٿي تڪڙو، اٿئي واٽ ايَ

ٿيندئي هر ٽاڪَ جون، ناتَ واڻون ويهَ

پوءِ جڏا جيءَ، ڪٽي ڪٽندي ڪيترا.

O

ڪٽي ڪٽندين ڪيترا، بارَ سَندا باري

ٻاٻلَ! تو ٻاري، سا آڳ اُجهاءِ اندر جي.

—

وائي

پَل پَل مُون پڇارَ، آهي آديسين جي

پرتا سي پرينءَ کي، جي هُئم، هِنئين هارَ

پَل پَل مُون پچارَ.

جهوري ڏئي جيءَ کي، ويا وَڃڻهارَ

پَل پَل مُون پچارَ.

ساري سُپرين کي، رُنمُ زارو زار

پَل پَل مُون پچارَ.

مَٿي هُو ماڳُ وئا، ڏُريئون ڪري ڏارَ

پَل پَل مُون پچارَ.

وڇوڙي جي وَڍَ جا، ڏُکن درد هزارَ

پَل پَل مُون پچارَ.

هليا هَلڻهارا، ساريو جن ستار

پَل پَل مُون پچارَ.

سُٽن شالَ سڏڙا، ”يُوسف“ سندا يارَ

پَل پَل مُون پچارَ.

وائي

اُپ مٿي اُڏام، ٿي سوڍن سياڻن جي

سِرَ ڏنا سَڏَ سين، تن ساڻين تي سلامَ

اُپ مَٿي اُڏامَ.

’’ساهُ ناه سَيُکي‘‘، اي ڪيائون عامَ

اُپ مَٹي اُڏامَ.

پرزا ٹئا پڏر تي، هٹي سپ هامَ

اُپ مَٹي اُڏامَ.

جهيڙا جهونجهارڪا، جُنبي ڪيائون جامَ

اُپ مَٹي اُڏامَ.

ٻاهر رهن ٻاتڙا، سي اندرَ جا اِمامَ

اُپ مَٹي اُڏامَ.

يوسفَ سندي يارن تي، ميلا رهڻ مُدامَ

اُپ مَٹي اُڏامَ.

O

ساري سنگهارن کي، هڏکي اُٹيو هانءُ

ويا هن وٹاڻَ تان، نينهہَ ڇني نانءُ

جايون اَڏيان جيءَ ۾، انهن ڪاڻ آنءُ

ڪڏهِ لوَندو ڪانءُ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪِ تي.

O

مُور نه وِسرن مون، پرينءَ سندا پارَ

جان جان روڪيان جيءَ کي، تان تان ٹِئي سارَ

جي هُئم هِنئين هارَ، سي هاڻ نه رهيا هِتهين.

O

اوطاقُون اندَر ۾، اَچي اَڏيائوُن

ڳالهيون اُتي ڳُڻ جون، ڪيئي ڪيائون

اوڏو ڏي عجيبَ کي، بَڌيون مون ٻانهُون

ته ورَڻَ وايون، ڪِيمَ ڪجو ڪڏهين.

O

مُئا ڪين هُو، پر ماري مون وئا

وڇوڙي جي واڻَ جا، پنڌ مون پِئا

جي هِنئين ساڻ هئا، سي هاڻ نه رهيا هِتهين.

ساري سُپرين کي! اندرُ اَڏَ ڏئو

هر لحظي، هر لاتِ سين، ماري مون وئو

اهڙو ڪو ٻئو، ڪيس نه ڏيو ڪڏهين.

O

اُپو عزازيلُ، ڪري هَلَڻ هاڪارَ

آهي عجيبن جي، پل پل مون پچارَ

ساهُ نه نڪري سهنجو، ساڃنَ توهان ڏارَ

اڃين جي هيڪارَ، ته سئوکي مون سڪرات ڏئي.

O

هڪڙي آڳِ اَندرَ جي، پيا سُور اَٽن ساڻ

ٽين ٽِر ٽِر ڪن، هيڪاندي هاڻ

چوٽون چِت ۾، مڙِوئي مانڌاڻ

پنجون پَر ۾، پڌائين پاڻ

هلي ڪو هنِنَ کي، هيئن چوي هاڻ

هِتائون هڻڻن جي، ڪونه ڪِيي ڪاڻ

سَگِرُ ڪٽي ساڻ، پڇو هِنَ پونءِ تان.

ويا وَڃٽهارَ، ايندا ڪينَ وري

هَڏِ نه رهيا هِتهين، ساريو جن سَتارَ

لکئي جي لغارَ، پل پل مون پاهَ ڪيو.

—

سُر بي مثل- بينظير

شهيد محترمه بينظير پٹو
جي ياد ۾

راڄَ راڻيءَ کاڻ، هر کو پچي هاڻ

سا جيجل، سا امڙ، سا عاقل، سا اڳواڻ

جا بي مثل، بينظير هئي اسان ساڻ

الله انهيءَ آڻ، هيڪر هن پونءِ تي.

O

الوداع الوداع!لوڏي هَٿَ چيائين

مارن سين منهنجو، رهي ساڻُ سدائين

پوءِ ويهي لکيائين، وسيعت وچڻ جي.

- يوسف

سر بي مثل- بينظير

اُمالڪ کا ڳالهه ڳري، آئي پَٿَ پرانهوُن

بينظير، بينظير، در در ٿيون دانهون

لُڇي اُٿيو لوڪ، ووڙيندي واهون

ڪي رُنا، ڪي رڙيا، ڪنين ڪيون آهون

ڪن ٻڌيو پليت ڪي، ٻيئي ڪٽي ٻانهون

ڪن مَڇرجي مٿانهون، ڏني باهه پنپور ڪي.

O

ڪا ته راهَ نجات جي، ٻيلي ٻڌايو

قضيو ڪربلا جو، ڇو وَر وَر ورجايو

ڇو ڪَنڈَ ڪيرايو، انمول اُتاهان.

O

لڙڪ لڙڪ لوڪُ، در در ٿيون دانهون

ڪو املُ اَڪابر، ويو وڃائون

ڪي رويو پڇن راهون، ڪي سُڌُڪيو سَڏَ ڪن.

راڄ راڻيءَ ڪاڻ، سپ وانڻون واجهائين

ايندي جاڻ ايندي، ائين روحُ ريجهائين

ڪي سُڌُڪي سَڏَ ڪن، ڪي اکيون وڇائين

ڪي ڏئي اوڇنگارون، پاڻئون پرچائين

ڪي وَر وَر ورجائين، ان الله مَع صابرين.

O

راجَ راڻي، هيرن هاڻي، سا سويل سياڻي

جا سنڌ ڄائي، سورن سامائي، جا نرمل نياڻي

تنهن منزل اُها ماڻي، جا ڪنهن ڪنهن نصيب ٿي.

O

هيءَ جان قربان، جيجل تو مَٿانءُ

سبق شهادت جو، سکيو تو وَڻانءُ

ڪٽي تنهنجو نانءُ، جنگ رهندي جاري.

O

جنگ رهندي جاري، اي ٻولي ٻُڌايون

جا اُٽياري عامَ کي، سا تند تپايون

حَقَ پون پلٹه ۾، جي ويا وڃائون

ائين واڳ ورايون، وري هن وطن جي.

O

جنگ رهندي جاري، ٽِکا ڪٽي تيرَ

لاهبا لوڪ تان، زوريءَ جا زنجيرَ

پَڇائبا هن پونءِ تان، سپ بندا بي پيرَ

ڪندا هادي ۽ حمير، هاڻ هڪ هڪاڻي.

O

جنگ رهندي جاري، جاسين جُڙي حقُ

اهو ڄاڻون ٿا، آهي موت برحق

جو خون ٿيو ناحق، اهو مور نه معاف ڪرڻو.

O

جنگ رهندي جاري، جاسين حَقَ جُڙن

اُهي يار يوسفَ جا، جي گهاٽي منجهه گِهڙن

مورُ نه سي مُڙن، ڏسي موت مُقابل.

O

جنگ رهندي جاري، تان هٽي ڪبو هنڌُ

وو! يار، يوسف جو، پري آهي پنڌُ

جي ڪيي ڏين ڪَنڌُ، سي هلن ٻيلهه مون سين.

سر بي مثل- بينظير

(داستان ٻيو)

?

لکان ته ڪيئن لکان، لفظَ ليلائين

سُڌڪا سِٽَ پري، اکر آلاپين

ٻاتاڙيو ٻاڌائين، جي اوريان حالُ اندرَ جو.

O

لکان ته ڪيئن لکان، سُڌڪا سِٽَ پري

يوسفُ حالُ دل جو، ڪري ته ڪيئن ڪري

پاڪر منجهه پري، اڳرَ ڏين اوچنگارون.

O

لکان ته ڪيئن لکان، سُڏڪا پري سِٽَ
ڏاڍا، ڏونگر، ڏَهلا، مڙوئي سڏائين مِٽَ
ڏيئي پاراتا پِٽَ، ٿين دُعاڳي دَرَ تي.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اَڙانگو
جن ناه سِرَ سانگو، سي هلن ٻيلهه مون سين.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظُ لفظُ للڪارَ
قلم پورا ڪري، ڪٽي تيغ ترارَ
هٽي نعرا پُڇن يارَ، ڏي اُهجاڻ آزاديءَ جا.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظَ لهٽيدارَ

هيءَ مٽي، هي مارگُ، هي پَٽَ پالٽهارَ

ڪن پل پل هيءَ پچارَ، قرض لاهِ هن ڪيڇ جو.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظُ لفظُ لوري

هيءَ امڙ، هيءَ جيجل، هي سائنڊ سڳوري،

ٻڌي ٻانهون چوي سدوري، نِنڊر! ٿَڄُ نياءِ.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اُتاهون

سوريءَ مٿي موهجي، لڏيون جن لانئون

ويندي ڇيائون، اي ونڃُ واڻَ وڃاندري.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اڏورو

آزادي، انصاف، ڏي پيغام پورو

ٿي نئون نڪورو، ڦاٽُ کاءُ ته ڦَڻَ ڇُڻن.

O

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا وَس ڪئا

اکر سپ اُڏامي، وڻان مون ويا

ڪي اهڙا ڪيس ٿيا، بُري هن پنيور ۾.

O

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا ڪئا وَسَ

جُڙيا تنين جَسَ، جي ڪاتب ٿيا لوح قلم جا.

O

الا ڪهڙيءَ ڪاڻ، مُلڪ مڙوئي مانڊاڻ

آڏا اُبتا حاڪمُ، حُڪمَ هلائي هاڻ

جو ڪنيو هلي ساڻ، ابليس اندرَ ۾.

O

هر ڪنهن سُس پُس، هرڪو سورَ سَلي

ظالم جابر ڪي، ڪو ته هاڻ جهلي

جو ڪنيو ساڻ هلي، اِبليس اندر ۾.

O

هر ڪنهن سُس پُس، هرڪو سلي سورَ

هِت قاضي ڪونايو، ڪائنر ڪن ڪلورَ

هاڻ سپ پَچائين پور، ڪيئن آجا ٿين اَنگڙا.

O

آجا ٿين انگَ، سَپَ جي آسَ اِيا

ڪين گهرجن مون، پيلي ڏَسَ پيا

هاڻ هر ڪنهن ڳالهه اِها، حقُ نه ڇڏڻو هيڪڙو.

O

حقُ نه ڇڏڻو هيڪڙو، توڻي ڪن ٽِر ٽِر

اها ٽان ٽان ۽ ٽِر ٽِر، لهندي نيڻ لوڪَ تان.

O

آجا ٿين انگَ، سپ جي اِها آسَ

وِرد، وظيفا، واسَ، ڪيان اُن گهڙيءَ لئه.

O

آجا ٿين انگَ، سپ کي اها تات

ان ري وائي وات، ڪا وري ڪينڪي.

O

آجا ٿين انگَ، شل! اهڙو واءُ وري

هرڪو ڇالهه ڪري، وڃايل وجود جي.

O

آجا ٿين انگ، شل! اهڙو وري واءُ

آهي سنجهه سُپاءُ، آسَ اِهائي هيڪڙي.

O

آجا ٿين انگ، هرڪو چوي هاڻ

بارودي بوٽن جي، ڪيڙي ڪو مَ ڪاڻ

سي سِرَ ڪٽي ساڻ، ويندا نيٺ وڃائجي.

O

هيڪاندا هُل ڪري، ڪو سورَ ڪٽي ساڻ

آڏو ٿي عامَ کي، پَڏائي پاڻ

وڏا ڏيئي وَڍَ، ڪري رتوڇاڻ

ائين هلائي هاڻ، بادشاهي بوٽ جي.

O

بادشاهي بوٽ جي، واڃڻَ وڃايا

پِرهَ تان نه ڦُٽي، اهڙا حُڪم هلايا

پوءِ رڙي پچي رايا، چو رات آهِ تات وڃڻ جي.

O

بادشاهي بوتَ جي، ڏڙ ڏڙ آهِ ڏوڙ

ڪُٽي ڪُٽي ڪوڙ، ڪُشتا ناهين ”طاقت“ جا.

O

هيڪاندا هُل ڪري، اُٽياري آزارَ

ڏُکوئي ڏيهه کي، انئي پهر اپارَ

ڪري حيلا هزار، بچائي بادشاهي بوتَ جي.

O

هيڪاندا هُل ڪري، ڪو هاتڪُ هَچاري

ماري مومل کي، چوي ”مون نه ماري“

پوءِ بار ڪٽي باري، لِڪو بَدبخت بوتَ ۾.

O

لُڙڪ لُڙڪ لوڪُ، وڻ وڻ واويلا

هلي آءُ هيڪر، هلن تان نه حيلا

هي مارڪُ، مَتا ميلا، راهَ تڪن توهجي.

O

شهادت شاهاڻي، پينر! آهي پلي

اُتم ريت اباڻي، توءِ پينگهن منجهه پلي

پوءِ آئي پاڻ هلي، ٿي مقابل موت کي.

O

لڙڪ لڙڪ لوڪُ، در در ٿيون دانهون

ڪو اَملُ اَڪابر، ويو وڃائون

ڪي رويو پچن راهون، ڪي سُڏڪيو سَڏَ ڪن.

O

ايءَ ريت اباڻي، ته ڪيڏي ناهِ ڪاڻ

ڏُکئي هن ڏيهَ جا، پوءِ سورَ ڪٽي ساڻ

پيهي هلي پاڻ، ٿي مُقابل موت کي.

O

ڪيڏي ناهي ڪاڻ، ايءَ ريت اباڻي آهي

مرڻ جيئڻ جا مامرا، سُڏڪيو سمجهائي

ته ڪو ڏونگر ڏهڪائي، ڪو آجا ڪري انگڙا.

O

موت آهِ برحق، سورهيه چيو صليب تي

ابتدا اناالحق، انتها الحمد سين.

O

الوداع الوداع، لوڏي هَڻَ چيائين

مارنُ سين منهنجو، رهي ساڻُ سدائين

پوءِ ويهي لکيائين، وسيعتَ وڃڻ جي.

O

ويهي لکيائين وسيعت، ته لکيو تان نه ٿَري

حُڪم ٿيو هلڻ جو، هاڻ ساعت ڪيئن سري

پوءِ پاڻا پنڌُ ڪري، ٿي مُقابل موت کي.

وائي

هيءَ سورن سامائي، مَرُ نه مڃيندي ماتُ

آڏو اَه عُمرَ کي، اڄ ڄارين جي ڄائي

هيءَ سُورن سامائي.

ڪيري وجهندي ڪوٽَ کي، ٿي آڇاهُون آئي

هيءَ سُورن سامائي.

راتو ڏينهان روحَ ۾، اٽس ويڑهيچن وائي

هيءَ سُورن سامائي.

”يُوسفَ“ مُلڪَ ملير جو، شل واحدُ ٿئي واهي

هيءَ سُورن سامائي.

سُر سنڌو

ٻيلي، مون بس ڪئي!

مون چيو مينهن وساءِ، تو ڪئي ٻوڙان ٻوڙ

آهي صاحبَ توسين، هَٿين جوڙان جوڙ

لاهه ڳُڙ ڳُڙ، هي گوڙ، ٻيلي، مون بس ڪئي.

O

مون چيو مينهن وساءِ، تو ڪئي ٻوڙ ٻوڙان

هاڻ ته صاحب آهِ منهنجي، تو در ٻوڙ ٻوڙان

ڪا ڪجي ڪَن مروڙان، تان هي بادل بس ڪن.

O

ڏاهن ڏَندين آڱريون، پَرِ ۾ پَچائين پورَ
نيڻ، سنڌ جا سور، سامائجي سيلاب ٿيا.

O

توڙين هٿين خالي، توءِ هنڌُ توهجو هيءُ

اُٿي آڏو ٿيءُ، سَڻَ ڏي سورن کي.

O

اڄ درياءَ بادشاهه، آيو پاڻ ڪاهي

ڇڻ فوجَ منگولن جي، آهي ويئي وَرائي

هاڻ پناهه ڪاڻ، هرڪو واجهائي

ڇڏي پَڻَ اباڻا، سپ پَڄن سِرَ لڪائي

پويان اٽن پاڻي، اڳيان بُک تَپائي

آنهون دانهون ديس ۾، آهي ڪو آهي؟

ڏُکئي هن ڏيهَ جي، ڪو واڳَ ورائي

ربُ رُسي مَتِ کسي، ڪو سنڌين کي سمجهائي

جي جيئڻ جو به حقُ، ويڻا هاڻ وڃائي

يوسفُ اهڙي حال تي، ٻَڌي ٻانهون ٻاڌائي

ڏي اُها سَگهه، اُها ڏات، مِڻل موڻائي

جا عالمَ وَرسائي، جا سَگهو ڪري سنڌ کي.

O

او درياءَ دادلا، سُڻ هي صدائون

جن تولئه ٻاڌايو، ٻيئي ڪڻي ٻانهون

ڏي اُنهن کي آڳاهون، ٻيلي! ڪوه ٻوڙين ڏو.

O

وڑهي ٿو واڻن تي، متو آ مهراڻ

ايڏو ڪوهه اوٿرا، پَڌائين پاڻ

سُرت ڪٽي ساڻ، سَٺَ جهل جوپن جي.

O

سَٺَ جهل جوپن جي، پهرين سَٺَ ساڻ

اڄ سيلابي سڏجي، موج پريو مهراڻ

وڙڪي، وڏلي، پيرا وجائي پاڻ

ڪو هن کي هلائي هاڻ، قابو جهلي ڪَنَن کان.

O

سَٺَ جهل جوپن جي، جوپن ٻه ٽي ڏينهڙا

ورندا جڏهِ واهرو، ڪٽي ڪُلفَ ڪڙا

وڃائي چنگ چڙا، هلائيندهِ جهلي ڪَنَن کان.

O

سَٺ جهل جوپن جي، ڇڏ مهراڻ مستي

جت لک ولين جو، جا بهشت آهِ بستي

اُت ڏيکاري هستي، ڪنهن کي هيسائين ٿو؟

O

مهراڻ جي مٽي ۾، ڪا وڏي آه ڦيري

ڪالهه جو جانبُ هو، سو اڄ ٿيو آ ويري

ڪٽي پيرَ، جيان پيري، گهر گهر گهاتَ هٽي ٿو.

O

مهراڻ جي مٿي ۾، ڪا وڏي آه وِلولَ

ڇو ڏٽي هِن ڏرتيءَ جا، قابو منجهه ڪڙولَ

جن پيتو پاڻي منهنجو، سي ڏاڻي منهنجا ڏولَ

نه لُڇن، نه ڪُڇن، نه حَقَ لئه اُڻن اَڏولَ

هينئون پونس هولَ، ههڙا ڪندي حساب.

O

جڏهِ آيا هِت اوپرا، وڃائي سڀ واهون

گهَرَ ڏٺين سين ويهي، سورَ ونڊيائون

پوءِ ڳالهه ڳُجهاندري، ڪا اهڙي ڪيائون

جو ميڙي ڪين ڏنائون، سڀ وسيلا سنڌ جا.

O

دڙڪا ۽ دهمانَ، ڪوه ڏيو ٿا ڏوٽئين

هِنين هَڻَ وڍئي جي، ڪا خبر آهِ ڪانهَ

موجَ ۾ هِت مهمانَ، ڏيهي سوگها ساه ۾.

O

سُٽڻ، نه سمجهڻ، اي ريت آهي پُراڻي

وتائي فقير واتان، ٻُڌو عجب ڪهاڻي

جن ڪالهه گُهريو پاڻي، انهين اڄ ٻوڙي ٿو.

O

سُٽڻ، نه سمجهڻ، ايءَ ريت پراڻي آهي

بيخود، بي نياز، سو ڪري جو چاهي

يوسفُ يار سَڃڻ جا، ڪهڙا وصفَ ورجائي

لوچيان، ته پاڻ لڪائي، ڪڏهه پاڻا اچي اگهڻ تي.

وائي

اڇيان ماڻهو، پويان پاڻي، ايِ آهِ عجب ڪهاڻي

پَڇندي ڏُکندي، ڪڏهِ ڏينهن، ڪڏهِ رات وهاڻي

اڇيان ماڻهو، پويان پاڻي

ڪا ”سُهڻي“ ٻيهر ڇُولي ٿو، اٿس ايَ اياڻي

اڇيان ماڻهو، پويان پاڻي

ٻوڙي لوڙهي پَنڻَ اباڻا، هيرن هاڻا، جاڻي سُجاڻي

اڇيان ماڻهو، پويان پاڻي

ڏي يارَ يوسفَ کي، ڪا واتان وراڻي

اڇيان ماڻهو، پويان پاڻي

نات جهلي ڪَنن کان، ڪيون هڪ هڪاڻي

اڳيان ماڻهو، پويان پاڻي

وائي

هڪڙو پاڻي، ٻيا پرڏيهي، ٽين ذرڙي آهِ ذات

گهَرَ ڏٽي گهيري هيٺ، هيڻان پاڻي مٽان برسات

سويل! سنڌ بچايو

ڪي ٻُڏندي ٻاڪارين، ڪٽي وائي اِهائي وات

سويل! سنڌ بچايو

هاڻ گڏجيِ سَڏجيِ، ڪيون مديءَ کي مات

سويل! سنڌ بچايو

سُڻ سڏڙا جيجل جا، سُڻ لوري لوري لات

سويل! سنڌ بچايو

شَل آجا ٽين اَنگڙا، هاڻ سَپَ کي اها تات

سويل! سنڌ بچايو

يوسفُ ڪٹاءِ رات، تان پَرَ ڪيي پِرپات

سويل! سنڌ بچايو

دعا

دم دم دعا ڪارڙ، هي جي اُٽن هَٽَ

ٻاتاڙيو ٻاڌائين، ساڻ سموري سَٽَ

شل شاد رهي، آباد رهي، سدا سونل سنڌ

سدا جيجل سنڌ

سدا مومل سنڌ

دم دم دعا ڪارڙ، ٻيئي ڪٽي ٻانهون
ڪو حيلو هاڙ ٿئي، سُڙ صاحبَ صدائون
اَگها سَگها ٿين، ٿين معافُ مدايون
حَقَ پون پلئه ۾، جي ويا وَڻائون
آه اُڙ ٽُڙ اِها ئي، جا وَر وَر وَرجايون
شل شاد رهي، آباد رهي، سدا سونل سنڌ

سدا جيجل سنڌ

سدا مومل سنڌ

دم دم دعا ڪارڙ، جهلي بيڻا جهولَ
هاڙ سپوئي هيڪ ٿين، وو وو ڇڏي ولولَ
تان لهي پون لوڪ تان، ڪڙڪڙ ٿي ڪڙولَ
يوسفَ سندي يارن جا، ٻُڌي اهڙا ٻولَ
هڏن نعرا، سيئي سارا، اُيا ٿي اڏولَ
شل شاد رهي، آباد رهي، سدا سونل سنڌ

سدا جيجل سنڌ

سدا مومل سنڌ

پيغامُ سوا لک ولين جو

لڙُڪَ لڙُڪَ لوڪُ

سُڌڪا سُڌڪا سنڌ

جنهن سين ازل کان آهِ

جُڙيل منهنجي جِندِ

جِت سِرجن سيلاب

پيگهي مچائين پوڏون

بيحد بي حساب

اُت گهر گهر گهنڊ وڃائي

تکيون تيز هوائون

ڪٽي هلن ٿيون

پيغامُ سوا لک ولين جو

سپئي سنڌ وارا، جيءَ جيارا

اُگهي آليون اکيون

اُٿي آلي مٽيءَ مان

ڪو جوڙيو نئون جهان

پنهنجي ڌرتي، پنهنجو آسمان

اي ورَ ورَ ورجاءِ يوسفَ

هاڻ ٿيڻون پاڻ

دردن جو درمانُ

ڪو جوڙيو نئون جهان

ڪو جوڙيو نئون جهان.

معاف ڪر خطائون!

منهنجي امڙ، منهنجي جيجل

جا ڪڏهن نه ٻاهر نڪتي

سا روڊن تي

ماني ڳڦي ڪاڻ

بکايل ٻچا ڪٽي ساڻ

اڄ غيرن آڏو هٿُ ٽنگيري ٿي

جڏ ته سُڄي سنڌ جو

احوال اوري ٿي

منهنجي امڙ، منهنجي جيجل

جنهن ڪڏهِ نه مون کي

لڳڻ ڏنو ڪوسو واءُ

سدا ڪيائين صدقي ساهہُ

سا ولهه ۾ هاڻ، ٽڙ ٽڙ ٽڙڪي ٿي

پيرن هيڻان پاڻي، مٿان برسات

ڏنگيندڙ ڏينهن، ڪاري رات

ڪيئن گذاري، لڇيو پڇي ٿي

منهنجي امڙ، منهنجي جيجل

معاف ڪر خطائون

سپوئي حق، وسيلا ويا وڃائون

اقرار ڪيان ٿو

ڪين لڏي مون سارَ

پنهنجي وطن جي

توڙي ڏنا مون ڏهڪارَ

هاڻ وَر وَر واهڙَ ڪن، وڏا ايِ ويچار

ڇا هيءَ ڏرتي، هي ساڻيهه

ڏارين جو ديس آهي

هِت ڏيهي سپ ڏُکن ۾

پـــرڏيـــهـي ٿيا پـالـڻهارَ

ورَ ورَ واهڙَ ڪن

وڏا اِي ويچارَ.

ڏُکي هن گهڙيءَ ۾

ڏڏندڙ ڏرتي، تريءَ تي ڪٽڻ جو وقت آهي

تقدير کي تدبير جي، تابع ڪرڻ جو وقت آهي.

ڪين گهرجن مون دوست دلاسا

سموري سنڌ، نئين سر اڏڻ جو وقت آهي

سپوئي حق وسيلا، حاصل ڪرڻ جو وقت آهي.

چون ٿا سنڌو تهذيب جا وارث

هڪ نئين تهذيب، پيدا ڪرڻ جو وقت آهي

هاڻ سُتل قوم جي اُڻڻ جو وقت آهي.

فقط ڳالهين سين نه پنپلايو

دردوندن لاءِ دارون ٿيڻ جو وقت آهي

ٻُڌل ٻيڙا ڪنارن سين لڳائڻ جو وقت آهي

سُهڻيءَ کي وچ سير مان، ڪيڻ جو وقت آهي

ويا جي وچڑي، تِنين وارڻ جو وقت آهي

ڏُکي هن گهڑيءَ ۾، ڪانڌي ٿيڻ جو وقت آهي.

اجايو اُپامڻ مان ڪي نه ورندو

سمورا ڪوٽ قلعا، پورڻ جو وقت آهي

يوسفَ، هاڻ سَڏَ سين سڏُ ڏيڻ جو وقت آهي.

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء؟

صدين کان سُتل قوم کي

اُٿارڻ لاءِ

پاڻيءَ چَنبا، مينهنَ ڦُڙا

ڪم نه آيا

نيٺ تنگ ٿي

پهرين ٻوڏ، پوءِ سيلاب آندائين

ڌِڪيلي کين گهرن کان ٻاهر

روڊ رستن تي

ويهي پاڻ پُڇيائين

حقَ حاصل ڪرڻ لاءِ

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء

وڃايل شانُ ۽ عظمتَ ماڻڻ لئه

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء

پنهنجو وجود مڃائڻ لاءِ

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء

ڏاڍا ڏونگر ڏارڻ لئه

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء

يوسف سان ياري نپائڻ لاءِ

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء

ڪڏهِ ميدان ۾ لهندوء!؟

امان! هاڻ ڳوٺ هلو؟

تاثر

امان! آئون اسڪول ڪڏهن ويندس؟

منهنجا ته ڪتاب به ٻوڏ ۾ لڙهي ويا

هاڻ آئون اسڪول ڪيئن ويندس

امان! ماني ڏي

ڏاڍي بک لڳي آهي

ڪالهه کان تون ماڻ آهين

ڪنو پاڻي پيئڻ سبب

منهنجي ننڍڙي ادڙي، منهنجي پيٽ

اٽيون ڪري رهي آهي

هنجون اٽيون بند نڻيون ڻين

هن کي دوا چو نڻي ڏئين

امان! ڊاڪٽر کي سڏ

مڇرن ڇڪ هڻي اسانجا منهن سُڄائي ڇڏيا آهن

امان! هاڻ ڳوٺ هلو

هتي ساهڻُ مُنجهي ٿو

هن ولهه ۾، ڪليل آسمان هيٺان

تڪيون تيز هوائون

جسم ڦاڙين ٿيون.

ڏاڍو سيءُ لڳي رهيو آهي

ڪا سوڙ ڏي، ڪا رلي ڏي

امان! تون ڇو روئي رهي آهين

ڇو لڙڪ وهائين ٿي

آخر، آسمان به اسان جي حال تي

روئي روئي ماڻ ٿي ويو آهي!

سُر سنڌو- داستان ٻيو

O

درياءَ بادشاهه، جنهن جو مَثُ نه ڪو ثاني

ڪري چمڙا پوش، ٿيو سيلابُ سلطاني

آهن ڪهڙي حالَ ۾، سڀ جانبَ جولاني

جن پيتو هِنجو پاڻي، لاحد لاثاني

گِهڙي ويو گهرن ۾، ڪري تِک طوفاني

بُکَ ڏنائين چئوطرف، وَرَ وَرَ تي ويراني

پُڇيائين ڪهڙو ڏيهه آ؟ منجهان حَدَ حيراني

ڏيئي حَقَ ڏارين کي، جهلي بي مثل مهماني

هاڻ ڪوه رڙيون ڪن، ماني ڏي ماني

ورتائين يوسف کان، بيانُ بَرزباني

پوءِ حُڪم ڪيائين صادر، پڙهي حرفُ حَقاني

لازم آهي ته ٻوڙجي، اهڙن کي اعلاني

جي موڳا، موركَ، لاتواني، حَقَ لئه روُن نه چوُن ڪي.

واڳ اڄ وطن جي، مٿل! اُٿي موڙ

ڇڏ آنهون دانهون، ڇڏ هٿين جوڙان جوڙ

ٻنهي هٿن سين ٻوڙ، سورَ سپيئي سنڌوءَ ۾.

O

سور ہوڑ سنڌوءَ ۾، چڏ ٻيلي! ٻاڪارا

هٽي هوڪارا، آجا ڪر انگڑا.

O

سورَ ہوڑ سنڌوءَ ۾، ٻنهي هٿن سين هاڙ

ووڑي لهه وجودَ کي، پاڻيءَ هيڻان پاڙ

سُرت ڪٽي ساڻ، ٿي مهندارُ هن ماڳَ جو.

O

سور ہوڑ سنڌوءَ ۾، ٻنهي هٿن سين هاڙ

پوءِ پاڻا هلي پاڙ، نئين سر اَڏيون سنڌ کي.

O

سورَ ہوڑ سنڌوءَ ۾، ہوڑ سپ ٻيڑا

تِهان پوءِ جانب! جُنبي ڪري جهيڑا

تان مچايون ميڑا، هيڪاندا هاڙ حَقَ لئه.

O

سور ہوڑ سنڌوءَ ۾، ساڃن سپيئي

تهان پوءِ ويهي، ونج حساب واڳُن کان.

O

سور ہوڑ سنڌوءَ ۾، ورن تان نه وري

هَر هَر اِها هانءَ تي، اچي ڳالهه تري

ته ڏُک پون ڏَري، ٻيڙا ٿين ٻُڏيءَ جا.

O

سورَ ٻوڙ سنڌوءَ ۾، تان وري سي نه ورن

ٻيڙا ٿين ٻُڏيءَ جا، ٻُڏل تار ترن

جي هينئڙي منجهه هُرن، سي موٽي اچن ماڳ تي.

O

ٻيڙا ٿين ٻُڏي جا، ڪن دردوند دعائون

جوڙيون جهانُ پنهنجو، سُڙ صاحب صدائون

ٽئي مانَ، مانُ مٽاهون، عالَم ۾ اسانجو.

O

ٻيڙا ٿين ٻُڏي جا، شل وري اهڙو واءُ

تان ڪري جيءَ جڙاءُ، نئين سر اڏيون سنڌ کي.

O

ٻيڙا ٿين ٻُڏي جا، سَيَ کي اها تات

هاڻي هن هنڌاءُ، روئي نڪري رات

تان پر هه ڦُٽي ٻِرپات، ڪو ڏسون سِجُ سَڏائو.

O

سُڻ سنيهو سنڌوءَ جو، سُرت ڪٽي ساڻ

ٿي سيلاب سُلطاني، ڪَڙڪيو اِنهيءَ ڪاڻ

جيئن اسان هلي هاڻ، نئين سر اڏيون سنڌ ڪي.

O

سُڻ سوالُ سنڌوءَ جو، ڪولي ڪَنَ ٻيئي

آهي ڪٿي اُها قوم، ڪا خبر اٿيئي

جا وڃائجي ويئي، موهن جي دڙي ۾.

O

ڇا هيءَ آهي خام خيالي، يا سچ پچ سنڌ آ

ڪکانوا گهر، پيٽ بکيا، ڇئوطرف بدحالي

هنن جو ته عالمَ ۾، اڳ هو مُقام عالي

جي آهن وارث والي، عظيم سنڌو تهذيب جا.

وائي

ماني ڳڀي ڪاڻ، هَٿُ ڌِگهيري هاڻ

هيءَ جيجل، هيءَ امڙ، سورَ ڪنيو ساڻ

ماني ڳڀي ڪاڻ

ڪڏھ رويو رُئاڙي، ڪڏھ پرچائي پاڻ

ماني ڳڀي ڪاڻ

سُڏڪيو سَڏَ ڪري، ڪا واهرَ ٿئي هاڻ

ماني ڳڀي ڪاڻ

جي ڏُريئون ٿيا ڏارَ، الله! اُنهن آڻ

ماني ڳڀي ڪاڻ

جا پُڌن نيڻ ٻوڙا، سا تندُ يوسفَ تاڻ

ماني ڳڀي ڪاڻ

O

هي جي ڏُٻرا، ڏُکويل ماڻھو

پيٽَ بُکيا، اَڏُ اگھاڙا

ساڻا ساڻا، اُجھايل ماڻھو

هي آھن ڪير، ڪجھه ته پُڌايو

چو ٿا مونکان، سَچُ لِکايو

اِئين لڳي ٿو، جڙ ته آھن

افريڪا جا ڏُکاريل ماڻھو

شايد اِٿوپيا جا، ڏِکاريل ماڻھو

سيلابُ هنن کي ڪيي گهرن کان

آڻي پاهر، ڪيو ظاهر

هي ته آهن هئه هئه

سنڌ جا ڌُنڌرِيل ماڻهو

اصل ۾ آهن

ست سالن جا ماريل ماڻهو

سيلاب ته ڪلهه جي ڄاڻهه آهي

هي ته اڄيئي آهن

مُرجهايل ماڻهو، ڪُٽنين جا ڄاريل ماڻهو

انهن لاءِ هڪ سنڌ واسي

تنوير عباسي لکيو هو

هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو

هرڪا دل هيرن جي کاڻ

جاڻي ڏُس ته سهي اڻ جاڻ

منهنجا دوست، موٽي آءُ

اچي ڏس پاڻ

هرڪو ماڻهو، اَڏُ بُکايل

هرڪا دل گهايل گهايل

ست سالن جا هي تپايل

وڃائي وسيلا، جيئڻ جا حيلا

وقت جا هي وساريل ماڻهو

ڏُهرا ڏُهرا ڏُکويل ماڻهو

پيٽ بُکيا، اڌ اگهاڙا،

ساڻا ساڻا، اُجهايل ماڻهو .....

متفرقه

ڪڏهِ ڪرندو ڪوٺ؟!

آهي ڪو آهي، جو لڳن تان لوهُ لاهي؟!

هاڻ ڪنهن هاديءَ ڪاڻ، وطنُ واجهائي!

ڪٿي آهن دودا، جوڏا، ڪونڊرَ، ڪانڊي

ڪو ته واڳ وطنَ جي، ٻيلي هاڻ وَرائي!

ڪڏهن ڪرندو ڪوٺُ، ڪڏهن ورندو واءُ؟!

سڀڪو اهو ئي سُوال، وَر وَر ورجائي.

ڪو ويجُ، ڪو وسيلو، آهي هَٿَ ويَئي جو؟!

ڪا ته راهَ نجات جي، ڪو ته هاڻ ٻُڌائي.

ويچارن ويڑهيچن جو، ڪهڙو ذڪر ڪيان؟!

بس، بيوسي، بي اختياري، آهي ويئي ورائي.

ڪنهن شخص،هتي ڇالهه ڪئي آزاديءَ جي-

اُن شخصَ جا ”يوسفُ“، اڄ پَنڌَ پُڇائي.

سوري سزاوار

تو ڏاران طلبگارُ، ڪري ته ڪيئن ڪري؟

سوري سزاوار، ڪري ته ڪيئن ڪري؟

اڄ وري هُنَ لاءِ، وانءُن ويهه ڏيون

هاڻ هيئين جو هارُ، ڪري ته ڪيئن ڪري؟

وڃي ڇيائون ته: ”مون هُنکي وساري ڇڏيو!“

ان ڳالهه تي اعتبارُ، ڪري ته ڪيئن ڪري؟!

اسان تا ڄمار، ساڻُ نيائينداسين

اهڙو اظهار ۽ اقرار، ڪري ته ڪيئن ڪري؟

منهنجي هر ڳالهه تي، هُن هاڪار ڪئي

هاڻ مون سان انڪارُ، ڪري ته ڪيئن ڪري؟

سُهڻيءَ جيان سيرَ ۾، هڏي پاڻ کي

”يوسف“ سان اهڙو پيارُ، ڪري ته ڪيئن ڪري.

سِٹ سَٹائي

ڪا ته سِٹ سَٹائي، واتان ورجايو

هيڏو هِنَ عليلَ کي، چو ٿا ستايو؟!

ڏاڍن ڏونگرن کي، جاڻان سجاڻا ٿو

اِنن ته اڳيئي آهي، مون کي آزمايو.

سُنتا مَرِ سُهن، سورَ ويچارا!

اِنن کي به مون، آهي ڏاڍو ٽڪايو.

چَسا قِصا رات جا، آهن اَجايا

ٽيڻ تي آهي هاڻ، صبح سَوايو.

جي ڏين ٿا دڙڪا ۽ دَهمانَ اڄ

اڙي چئو اِنن کي، وقتُ ٿا وڃايو.

هي ڏکيا ڏينهن ”يوسفَ“، ويندا گذري

ڏکن کينَ کنهن سان، آهي نِپايو.

ٻيلي ٻُڌايو!

سُورن سَگهارن جي، کا انتها آهي!

ٻيلي ٻُڌايو، هِن دردَ جي کا دوا آهي؟

جيڪي مري ڏيا نه ماتِ، مانجهي، مسيحا

اُنهن لاءِ اوهان وٽ، ٻي کهڙي سزا آهي.

هتي حَقَ ۽ انصافَ جي متان کو ڳالهه کري

اڄ آمرَ ۽ جابرَ جي، اِها ئي رضا آهي.

وريِ سُربُر آهي سنڌ ۾، سوري سجائڻَ جي

وري کهڙي کونڊرَ جي، اَلا آئي قَضا آهي.

وري نيڻ ڏمندا، وري جيءَ جُهرندا

وري هِنَ پَڻَ تي، هلي اهڙي هوا آهي.

زهرَ جو پيالو، پاڻ پيئڻو آهي ”يوسفَ“!

سَچَ جو ساڻُ ڏيڻ جي، اِهائي جزا آهي.

موڳا موج ۾

انڌا عقلَ جا، ٿا سالڪَ سڏائين

آڏو جي انصاف کي، سي قاضي ڪوڙائين

دستور دنيا جا، وَر وَر وَرجائين

ته ڏاڍي ڏهه مَٿا، اڃا پي آهين

اُٿياريو آزار کي، مَمڻَ مڃائين

سدا ڪِسڪَ سُورَ جون، پَٽيون پڙهائين

هيڪاندا هيٺن تي، حُڪمَ هلائين

ماڻهو ماڻهوءَ سان، ويڙا ويڙهائين

ڳالهين سين ڳيٽلا، متيون مُنجهائين

ٻوڙي ٻيئي اکيون، واڻون واجهائين

ڪَچُ قبولي، سي ماڻڪ موڙائين

اهڙا ئي آهين، موڳا اڄ موج ۾.

ڏيهه ڏُکن جو

ڏُکن جي ڳالهه، بس اِها ئي آهي
ويڙا آهن وِچَ ۾، سڀ لڏا لاهي

ڪا جهَلَ پَلَ ناهي، هِنن کي هتي

ايندا رهن ٿا، ڪُڙَمَ ساڻ ڪاهي

ڪالهه جيڪي ڏاڍا ڏُتڙيل هئا
اڄ اسان کي چون ٿا، هلو سِرَ لِڪائي

جا پيار جي ڏرتي، هئي اَزلَ کان
ڏيهه ڏُکن جو، سا هاڻ سڏائي

ڪٽي آيا پاڻ سان، فقط آڳِ اندرَ جي
اِها آڳ سَيَ کي، آهي ويئي ورائي

ڏُکندو ڪيئن ڏور ٿئي يوسفَ
ڪو ته هنن سين، هَٿُ انڪائي

انتظار

هيڏو دل تان بارُ، لهي ته ڪيئن لهي؟!

هُنجي اڇَ جو انتظارُ، لهي ته ڪيئن لهي؟!

اٽئي پهرَ جنهن لاءِ، آهيان گُم سُم

اهو دل تان دلدارُ، لهي ته ڪيئن لهي؟!

هتي مينهنَ ۽ نينهنَ جي، متان ڪو ڇَالهه ڪري

اهڙو ڏوٿين تان ڏُهڪارُ، لهي ته ڪيئن لهي؟!

آئون فقط تنهنجو ئي طلبگار آهيان

ان عرضَ تان عرضدارُ، لهي ته ڪيئن لهي؟!

جي واجهائين ٻي دَرِ، ته ڪِي ڪانگن کي ڏيان

اهڙو نيٽن تان خُمار، لهي ته ڪيئن لهي؟!

سُهٽا سائين!

منهنجا سائين، ايڏو ڪوه اُداس آهين؟!

دل جي ڳالهه مون کان، ڇو ٿو لڪائين؟

دل جا سائين!

راز ۽ نياز جي هن محفل ۾

آلين اکين سان، ڪنهن کي ٿو واجهائين.

سهٽا سائين!

مون نيٺ، تو مٿان پاڻُ گهوري ڇڏيو

تهان پوءِ به تون، مون کي ٿو آزمائين!

منهنجا سائين!

رُسڻَ جي رسمَ رهي آ، سدا پيار ۾

رُنڻَ کي پيارَ سان، ڇو نٿو پرچائين؟!

سهٽا سائين!

عجيب آه اندازُ، تنهنجي اُلفتَ جو

ڪڏهِ ٿو سَڏائين، ڪڏهِ ٿو رُلائين.

دل جا سائين!

تنهنجي مان، هاڻ ماري ٿي ”يوسفَ“

ڪو طوفانُ اندرَ ۾، اٿارڻ ٿو چاهين.

منهنجا سائين!

مَنُ واجهائي

در در ليئا پائي!

خبر نه آهي،

ڪنهن کي منهنجو مَنُ واجهائي؟!

لڙڪ ڳلن تي، ڪوه ڪرن ٿا،

ڪنهنجي ڪاڻ، هاڻ جهُرن ٿا،

لڇيو پڇان، ڪو ته ٻڌاءِ؟

ڪنهن کي منهنجو، من واجهائي؟!

در در ليئا پائي!

مَنُ ويڳاٽو، آهي اَياٽو، دردن هاٽو

خبر نه آهي؟

ڪنهن کي ايڏو ساري ٿو؟

ڪنهن لئه هنجون هاري ٿو؟

سُتل سور اُٿياري ٿو!

ايڏي اُٽ ٽُٽ، ايڏي تانگهه

ايڏي ڪوهه اُداسي آهي؟

ڪو ته ٻڌاءِ!؟

ڪنهن لئه منهنجو من واجهائي!؟

در در ليئا پائي!

ڪو ته آهي، جو سَتائي، هيئن رُلائي

ڪنهن کان پڇان، خبر نه آهي؟

ڪنهن جي ياد آئي آهي!؟

ڪنهن کي منهنجو من واجهائي!؟

ڪو ته ”يوسف“ کي سمجهائي!؟

در در ليئا پائي!

تو ڪجهه پڇيو؟

پهريون پيرو پيار مان-

جڏهن هُن ڪڇيو،

مون کان حالُ پڇيو،

لفظَ لُڪيءَ ۾ ڦاسي پيا،

سي ڪري گهائل مون ويا.

ويڻسُ پاڻُ وجائي،

ٿي ڳالهه اهڙي آهي،

جا وري مَنَ ورجائي،

لُڙڪ هُنئون لڪائي،

پڇيمُ: ”تو ڪجهه پڇيو؟!“

تڏهن هُن ڪُڇيو-

پهريون پيرو پيارَ مان،

مون کان حالُ پڇيو،

لفظ لُڪيءَ ۾ ڦاسي پيا،

سي ڪري گهائل مون ويا.

جيءَ ۾ جهاتي پائي،

هَتَ ۾ هَٿُ ملائي،

ويجهو ٿي ورائي،

ڪهڙو حالُ آهي؟

مون کان هُن پڇيو،

پهريون پيرو پيار مان،

جڏهن هُن ڪڇيو،

”يوسف“ کان پڇيو،

لفظ لُڪيءَ ۾ ڦاسي پيا،

سي ڪري گهائل مون ويا.

بيان بر زبان

وري هڪ ٻيو سال گذري ويو!

ائين بيخود، بيحال گذري ويو!

ڪي ڪونڌر ڪُٽا، ڪي نرملَ رُٽا

ائين جيءَ تان جنجالُ، گذري ويو.

جيڪي سياسي سفَر ۾ هئا همسفر

ڪن تان عروج ته ڪن تان زوالُ، گذري ويو.

منهنجي ڏُکن جو بيانُ، بر زبان، اڃا جاري هو

ته هي سالُ، ڏينديِ احوالُ، گذري ويو.

اهو ڪيئن سال هُو، ڇا ٻُڌايان!؟

ڇڻ ته جانبَ تان جمالُ، گذري ويو.

ڪو حيلو، ڪو وسيلو، هاڻ ٿئي ”يوسفَ“

سائلَ جو اهو به سوالُ، گذري ويو.

نياپو نئن سال جو.

اچو ته اوريون، سُورَ سپيئي
واٽ وڏاندري، وڻان ڪوه ويئي.

جوڙيون نئن سر، جهان پنهنجو

نياپو نئن سالَ جو، اِهو اٿيئي.

گم آهن گهَر ۾، ويچارا، ويڳاڻا

ان ڳالهه کي ٿيا آهن، زمانا ڪيئي.

هر ڪنهن کي، جيءَ ۾ ڏين ٿا جايون

اهڙا ئي آهن، سپاجها سيئي.

سُکن جي بدلي، ڪو ڪانئرُ هنن کي

ويو آهي ڪيئي، وڏا ڏُک ڏيئي.

دشمن دعاڳي، رهن ٿا سدائين

پلئه هنن کي، پَر اِها پيئي.

متو هاڻ ميڙو آهي ...

گهر گهر گهاٽَ گهڙي ٿو،

ڪرسيءَ ڪاڻ ڪڙهي ٿو،

بُڌي سَچُ سڙي ٿو،

ڪو ته هُن کي هي سمجهائي،

متو هاڻ ميڙو آهي، ظالم تو سان جهيڙو آهي.

سَيِّ جو اهو نعرو آهي،

هاڻ اسان جو وارو آهي،

سَچُ اچا سگهارو آهي،

ٻيلي هُن کي ڪو ته ٻُڌائي!

متو هاڻ ميڙو آهي، ظالم تو سان جهيڙو آهي.

هر هنڌ هُلي ڇالهه اِهائي،

جا ”يوسفَ“ آهي ورجائي،

ڪَمُ نه ايندءِ ڪَڏَ ڪائي،

ڪو ته هُن کي هيئن سمجهائي!

متو هاڻ ميڙو آهي، ظالم تو سان جهيڙو آهي.

چربَڏُ هاڻ چُري ٿو ...

دِل جا دَر کولي،

مِٺا ٻولَ ٻولي،

جو ويندو رِڻَ ۾ رولي،

اُهو اوهان کي ڇُولي،

ٻُڌو ڪَنَ کولي،

چربَڏُ هاڻ چُري ٿو، وري ووڏُ گهري ٿو.

پاڪُرَ وڏا پري،

ڏسئو هاڻ ڏري،

رهي اسان کان هونءَ پري،

هينئر هُنجي ڪينَ سري،

ڪيئي وڏا قولَ ڪري،

چربَڻُ هاڻ چُري ٿو، وري ووٽُ گهري ٿو.

آهيان خادمُ آئون،

مڙني کان مٿاهون،

پَلُ نه ٿيان پَرانُهون،

اهڙيون ڪري آهون،

ٻيئي ٻڌي ٻانهون

چربَڻُ هاڻ چُري ٿو، وري ووٽُ گهري ٿو.

اوهان جو ڪمال آهي!

چو ٿا پُڇو، ڪهڙو حالُ آهي!

بس، هڪڙي ووٽ جو سوال آهي.

گِهٽي گِهٽي، گهرِ گهرِ گُهمان ٿو،

آيو اليڪشن جو سالُ آهي.

چونڊن کان اڳي، اوهان جي هر ڳالهه قبول،

پوءِ ملڻ ڏينهنجو محالُ آهي.

اڳي مون اوهان لاءِ ڪجهه نه ڪيو!

خبر ناهي ته ڪنهنجو اِهو خيالُ آهي؟!

ڪَمَ ٿين يا نه ٿين، اوهان ووٹُ ڏيو ٿا،

اهو ئي ته اوهان جو ڪمالُ آهي!

ڪيئن به ڪري، هاڻ چونڊايو مونکي،

منهنجو اهو ئي مطالبو في الحال آهي.

اچو ته الزام هڻون

اچو ته الزامَ هڻون،

ڪنهنکي وڻون يا نه وڻون!

اِها ئي ڳالهه سولي آهِ سياست ۾

هر مخالف لاءِ، اڳواڻ ڪَڏَ ڪٽون!

هن راهَ ۾ پنهنجن توڙي پراون مٿان

اچو ته ڪڏهه پِٺ ته ڪڏهن چِٽ ٿي چَٽون.

هي سبق پهريون آهي اجوڪي سياست جو

”چئو مَڻَ ڪي ماسو، ڪاسي ڪي ڪٽون“.

هلندي ڦرندي هيءَ عادت وجهو پاڻ ۾

ڪنهن سان ٽوڪَ ته ڪنهن کي ڏجي مِهڻو.

جي ماڻهو نه ڏين ووٹ ته پوءِ سيڻجي

زمين ۽ آسمان تي، ڪجي گوڙ گهڻو.

ويا وڇٹهار

ويا وڇٹهار، لاڇاپا لاهي

سِڙ صبر جي، ڏو سالُڪ سمجهائي

ته اها ئي آهي، رضا هاڻ ربَ جي.

O

”رضا رب جي“، ٻارڻُ ڪين ٻيو

ووءِ وڏن ويڻي، ننڍن سَڏُ ڏيو

ڏاهاڃ! ڪيم ڏيو، ڏَسَ هاڻ ڏاهه جا.

O

ووءِ وڏن ويڻي، ننڍا نيائين

رضا ربَ تي، مارڳَ مَڃائين

اهڙا ئي آهين، ليکا لکئي جا.

O

ويا وَڇٹهارَ، ايندا ڪينَ وري

هَڏِ نه رهيا هِتهين، ساريو جن سَتارَ

لکئي جي لغارَ، پل پل مون پاهَ ڪيو.

فلسطيني فدائين

فلسطيني فدائين، مُڙسَ مٽيادارَ

وڙهن وطنَ ڪاڻ، ڇڏي سِرَ سنيارَ

قطارَ در قطارَ، شامل ٿين شهيدن ۾.

O

فلسطيني فدائين، ڪاڻ نه ڏين ڪنهن جي

بارودي بدن سين، ڏاڏُ ڏهڪائين

اي وَرَ وَرَ ورجائين، ته ساهُ ناهي سپڪي.

O

آهِ شاهه شهيدن، جهلي شايد جهولَ

اُٿيا آزاديءَ لئه، عراقي اڏولَ

وجهن هاڻ وِلولَ، وڏي ويرين وچ ۾.

O

اول پاءِ اُڏامَ، قاصدٰ قريبن ڏي

ڇئجان چانئٽ تي، ڏيئي سَوَ سلامَ

ڪا شربتي شامَ، مون سين ملهايو.

O

اُتي ڪوهه اڙيون، اکيون اَڻ ڄاڻ

جتي جيءُ وڃايم، پهرين نظر ساڻ

هئه هئه ڪيان هاڻ، پر وري ڪينڪي.

O

سُجاڻي سچ ڪي، جو ئي حَقُ هلاءِ

اچي تنين لاءِ، موڻي مُندَ بهار جي.

O

ويهي ڪين وڃائي، ڪا ساعت سوائي

تنين لاءِ آئي، موڻي مُندَ بهار جي.

O

وڇوڙو ويراڳُ، نماڻيءَ نصيب ٿيو

موڻي ايندو مينڊرو، ميڙي لهندو ماڳُ

سانئڻ! تو سُهاڳُ، سدا سلامت رهي.

O

مون جهلي مهماني، مصري شاهه امام جي

سوال ڪيائين ڪيترا، ايندي ساڻ اعلاني

ڪاڏي قُرب ويا، ڪاڏي صورتَ سُبحاني

ڪاڏي ساگر سنڊوءَ جا، ويا جوهرَ جولاني

وڃان حُبَ حيراني، جُڙيوم ڪونه جواب.

O

ڪاري آهي ڪير؟ هرڪا پُڇي هاڻ

سهڻي، مومل، مارئي، سسئي ونڻي ساڻ

آيون مون اڳڻ تي، پنڌ پُڇائي پاڻ

جانب! ڏي جواب، ايڏو ڏي مَ اَجاڻ

جي نينهڙَ ڳڻن نانءُ، سي ڏين رتوچاڻ

الا، ڪهڙيءَ ڪاڻ، پيار ڇڏي هي پَٽُ ويو.

O

جُوڙي ڪيئي جَگَ، ڪيئي ڪيڏُو نانءُ

ڏسڻَ هَليُس آنءُ، ڪاڪِ محل قادر جا.

O

پَڀُرن کان ٻيرَ، گهرن گُهمتاري

لُڇن پُڇن لوڪَ کان، هاڻ هيڪاري

ته ايندي ڪڏهِ اهڙي، مُند موچاري

آه زارو زاري، اَڻئي پهَر اِنن سان.

O

هڪل ساڻ هليون

هَڪَل ساڻ هليون، جيڏيون ڪٽي جيءَ

گهرُ ڇڏي گهورَ ٿئو، هر ڪنهن ڳالهه ايءَ

جي واڻون ٿين ويهه، توءِ ڪنڌُ نه ڪيڏو ڪڏهِ.

O

جيڏيون ڪٽي جيءَ، هَڪل ساڻِ هليون

ڳالهيون تِن ڳُڙ جون، سپيئي سَليون

جي پينگهن ۾ پليون، تن ڪنيا هٿيارَ هٿن ۾.

O

جيڏيون ڪٽي جيءُ، هَليون هَڪلَ ساڻ

سَڏَ مٿي ساڻيهه جي، پَڌر ڪيائون پاڻ

متان هلي هاڻ، ڪو هٽي هامَ هنن سين.

اعتبار

تو سان اٿم پيارُ، اهو اقرارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

الا، اڄ نينهه جي نروارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

O

هي جان، جُسو ۽ جيءُ، آهي تنهنجي حوالي،

اهڙو اظهارُ، بي اختيارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

O

دل ڏني اٿم توکي، اهو سڀ پڇن ٿا،

ان سوالَ تي هاڪارَ يا انڪارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

O

چنبُ چوڏهينءَ جيان ڏي پوان، تنهنجي اچڻ تي،

اهڙو هارُ ۽ سينگارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

O

تنهنجي وڃڻ تي، اکيون آليون ڪين ڏيندیون!

اکين تي ايڏو اعتبارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

O

هيءَ جدائي ساهُ نيندي ”يوسفَ“-

اهڙي حالَ ۾ اجا انتظارُ، ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟!

ڳوڙها ڳل تي

ڳوڙها ڳل تي، وسيو ڏا وسن

سي ڪيئن بس ڪن، پرچائڻ ري پرينءَ جي.

O

ڳوڙها ڳل تي، ڇم ڇم ڏين چالَ

ري پرين، ري وصالَ، هي ڪيئن بس ڪن.

O

اُهي راتيون، ڪنڌَ ڪاتيون، اُهو انتظارُ

ري جانبَ جيءَ کي، اچي ڪيئن قرارُ

وو! روئندي زاروزار، صديون گذاريم ساعتَ ۾.

O

اُهي راتيون، اُهي رنگَ، اُهي قرب قرارَ

آهن ياد يوسفَ کي، جي ڪيان تو اِقرار

ته سپوئي ڇمار، جانئون جدا ڪيم ٿيون،

انهين جي آڌار، جوڙيم گسُ جيئڻ جو.

O

اُهي انگَ، نوان رنگَ، اُهي قولَ مِنا ٻولَ

سي ساري سپوئي، هينئون پونَم هولَ

وينا ڪوهه وساري، قَلبان پائي ڪَڙولَ

سي ارڏا انمولَ، ايندا ڪڏهِ اگڻ تي.

O

نه پتو، نه پارُ، نه پيرو، نه پَگُ

سپيلي سيني سين، لالھ اچي لگ

سُجهي نه ڪوئي سگُ، اجهو ڏينم اکين ۾.

O

جيس جنين لاءِ، تنين ڏنا ڏنجَ

ويا سي وڃڻ کي، هٽي هائيِ هنجَ

سا گهڙي ئي گنجَ، جا گهاريم هوت پنهل سين.

O

ڪيئن ڏيان ڪنهنکي، اندَرَ جا احوالَ

ڪتيم ڪينڪي، ماريو اِنَ مَلالَ

سالن پڻيان سالَ، گذرن هڪ گهڙيءَ ۾.

O

ڪَتَڻ ڪاڙِ مُون، مَسَ سوچيو مَنَ ۾

ويو سالُ وهامجي، اِنَ پر آڳاهون

وڻان واڌايون، ڪيئن نئين سالَ جون.

O

پرينءَ ڪاڻ پُڇندي، اندر اَڏَ ٿيو

قاصدُ ڪورائي، ڪهڙي واڌَ ويو

ڏاها! ڪي ته ڏيو، خبرون خير جون.

O

اچن شالَ عجيبَ، ٿئي مهلَ موچاري

ڪندا پاڻ قريبَ، مانُ مٽانهون منهنجو.

O

جايون اڏيان جيءَ ۾، عجيبن لئه آئون

اچن شال اگڻ تي، واجهايان واهون

باسيان سَوَ سُکائون، تان مهلَ موچاري ٿئي.

O

اُهي راتيون، جيءَ جهاتيون، اُها رس رهاڻ،

مور نه وسري مون، سا صورت ۽ سُرهاڻ،

هئه هئه ڪيان هاڻ، سي سنپاري ساعتون.

O

الا، اکين کي، ڪو سالڪُ سمجهائي

جنهن لئه واجهائين، واڻُون وَرائي

سو اڳيئي آهي، موجود مَنَ ۾.

O

الا، ڪهڙيءَ ڪاڻ، ڏيان ڏوهُ اکين کي

جنهن لئه واجهائين، سو سَدا اڻ ساڻِ

اکيون اَڻ ڄاڻِ، رهيون ان رَمزَ کان.

O

اکيون رب رکيون، لنئون اُتي لانئين

جت حاجت ناهِ هلڻ جي، سي وانون واجهائين

اهڙيون ئي آهين، اَڻَ ڄاڻ اُپاڻڪيون.

O

الا اکين جو، ڪو حيلو ٿئي هاڻ

پرين پسڻ ڪاڻ، ويچاريون وَسَ ڪن.

O

هي ماري هي ميسڻا، وڌا وجهن ويرَ

مَنَ تنين جي ميرَ، ڏوپين کان نه ڏوپجي.

O

ڪيان ته ڪيئن ڪيان، هيڻن سين احوالَ

ڪري تِرڪ تال، ککڻيون هڻندا کوپلا.

—

غزل

الائي ڇو، ملڻ جي اڃا آس آهي

اُتاهون اَبر مان، ليئا چنڊ پائي.

هلن ٿيون هوائون، ڪٽي مهڪ هُن جي

اُها مهڪ مونکي، ٿي ڏاڍو ستائي.

گلابي گلن کي، ڏسي هانءُ چرڪي

هر گل ۾ هنجو، ٿو چهرو چتائي.

وسايان وڏا مينهن، ويڻو اندر ۾

آئي مُند موٽي، ڪو هن کي ٻڌائي.

خوابن جي دنيا، ڇڏي ڪيئن يوسف

انهيءَ ۾ پرين پاڻ، ميلا مچائي.

شعور جو سفر

حضرت آدم کان اڄ تائين

ٽيهه سال اڳ 1979ع ڌاري مون هڪ ڪتاب ”شعور جو سفر“ لکي پورو ڪيو. جيڪو لڳ ڀڳ 300 صفحن تي مشتمل هو. انجو بعد ۾ مون اڙدوءَ ۾ به ترجمو ڪيو. مون کي ننڍي هوندي کان تاريخ اسلام، تاريخ عالم، تاريخ مذاهب عالم، عالمي ڏند ڪٿائون ۽ مختلف مذهبي مقدس ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ انهن ۾ ڏنل واقعن کي ڏاڍي ڌيان سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو جنون جي حد تائين شوق رهيو آهي. هي ڪتاب ان مطالعي جو نچوڙ آهي جيڪو ٽيهه سال گذرڻ جي باوجود شايع ٿي نه سگهيو ۽ آخر ۾ اڌوهيءَ جي ور چڙهي ويو. ان ڪتاب کي پورو ڪرڻ کان پوءِ آئون ”هندستان جي عوام جي تاريخ“ لکڻ کي لڳي ويس. بعد ۾ اهو ڪم به اڌ ۾ روڪي مون به ڪتاب **WORLD CONFEDERATION OF THE PEOPLES** ۽ فاتحن جي دنيا **WORLD OF THE CONQUERORS** سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ لکي پورا ڪيا. ويجهڙائيءَ ۾ منهنجو هڪ ٻيو ڪتاب **WILLIAM THE BASTARD AND HIS DESCENDANTS** واشنگٽن آمريڪا ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ انگلنڊ جي تاريخ جا حقيقي، پر لڪل پاسا ڏيکاريل آهن. ان کان پوءِ منهنجو هڪ ٻيو ڪتاب **RISE AND FALL OF GODS** آمريڪا، برطانيا ۽ هندستان ۾ شايع ٿيو آهي. منهنجي تحقيق مطابق عالمي ڏند ڪٿائون تاريخ جو اهم ترين حصو آهن. ان ڪري مون انهن کي پنهنجي ان ڪتاب ذريعي تاريخ جي دائري اندر آندو آهي. اهو ڪم دراصل يونيورسٽين کي ڪرڻ گهربو هو. هينئر منهنجو هڪ ٻيو انگريزيءَ ۾ لکيل ”سنسڪرت ٻوليءَ جو عروج ۽ زوال“ **RISE AND FALL OF SANSKRIT** آمريڪا ۽ هندستان ۾ شايع ٿيو آهي.

هي ڪتاب منهنجي هڪ نئين ڪتاب **RISE AND FALL OF LANGUAGES** ”ٻولين جو عروج ۽ زوال“ جو حصو آهي. هي ڪتاب ڏهه جلدن تي ٻڌل آهي، جيڪو ائون لکي رهيو آهيان. بهرحال، موجوده ڪتاب ”اندر ۾ اُهاڻ ٿيو“ جو مواد سهڙيندي مون کي پراڻي بند پيل ڪيٽ مان اڌوهي ڪاڌل ڪتاب ”شعور جو سفر“ ۽ ٻيا منهنجا لکيل مضمون ۽ مقالا هٿ آيا. انهن مضمونن ۽ مقالن کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ خاطر هن ڪتاب ۾ شامل ڪيان ٿو. جڏهن ته ڪتاب ”شعور جي سفر“ مان ڪي تمام ٿورا ٽڪرا هن ڪتاب ۾ ڏيان ٿو. باقي ڪتاب جو وڏو حصو اڄ به ڇاپڻ لائق ناهي. اهي ٽڪرا گهڻو اڳ جناب طارق اشرف جي ماهوار ”سهڻي“ ۾ به شايع ٿيا هئا.

- يوسف شاهين

○

او خدا!

مون کي محمد صلعم جي سُنت پوري ڪرڻ ڏي.

مون کي به اها سَگهه ڏي.

جيئن آءٌ،

ڏي سئو سٺ بتن جي پوڄا ڪندڙن کي،

منهن تي،

اهو ڇئي سگهان ته:

اهي سمورا بت ڪوڙا آهن.

ڪوڙا آهن.

ڪوڙا آهن.

○

آءٌ،

جنت مان ڏڪاريل انسان آهيان!

گنهگار آهيان

معافيءَ جو طلبگار آهيان.

او خدا!

تون رحيم آهين، ٻاجهارو آهين،

مون کي بخش ڪر.

مون کي واپس جنت ۾ وڃڻ ڏي.

حضرت آدم علي السلام خدا کي ٻاڏائيندو رهيو.

هن جي پر ۾ سندس پٽ هابيل جو لاش پيل هو،

جنهن کي سندس وڏي پاءُ قابيل قتل ڪيو هو.

قابيل پنهنجي پيڙ اقليمه سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي.

جڏهن ته حضرت آدم، پنهنجي ڏيءَ جو سگ

ننڍي پٽ هابيل کي ڏيڻو ڪيو هو.

- مون ڏٺو:

هابيل جو لاش رت سان پريل هو،

اهو رت وهي زمين ۾ جذب ٿيندو ويو،

اهو پهريون انساني رت هو جو زمين پيتو هو.

هيءَ اها زمين هئي، جنهن ۾،

ڪٽڪ پوکڻ سان ڪٽڪ پيدا ٿئي ٿي

مڪئي پوکڻ سان مڪئي پيدا ٿئي ٿي.

انساني رت زمين ۾ ويندو ڏسي، منهنجا لڳ

ڪانڊارجي ويا.

مون رڙ ڪندي پڇيو:

زمين ۾ رت چو ٽا پوکيو؟

پر، ڪوبه جواب نه مليو ...!

حضرت آدم عليه السلام،

سجدي ۾ هليو ويو.

او خدا!

تون بخش ڪرڻ وارو آهين،

مون کي بخش ڪر،

منهنجي خطا معاف ڪر!

مون کي جنت وڃڻ ڏي،

جتي آءٌ ڃايو هئس،

جتي آءٌ وڏو ٿيو هئس:

اُن مهل

مون محسوس ڪيو،

ابوالبشر، صفي الله، پيغمبر اول جي دعا،

بارگاه خدا وندي‌ءَ ۾ قبول پوندي،

الله وڏو رحيم آهي،

وڏو مهربان آهي،

آدم جي خطا ضرور معاف ڪندو.

آءٌ ڏسندو رهيس،

انتظار ڪندو رهيس،

۽ پوءِ سمجهيم ته،

حضرت آدم تيستائين سجدي مان نه اٿندو،

جيستائين سندس خطا معاف ٿئي

الله وڏو مهربان آهي،

يقينن سندس خطا معاف ڪندو.

آءٌ ڏسندو رهيس،

انتظار ڪندو رهيس،

۽ پوءِ سمهي پيس...

ڪئين صديون گذري ويون،

وري جڏهن منهنجي اک کلي،

مون ڏٺو ته:

اِبن آدم اڃا تائين سجدي ۾ آهي،

انسان جي خطا معاف نه ٿي.

هيءَ زمين، جنهن ۾ رت پوکيو ويو هو،

انساني رت، گوشت ۽ هڏين سان پرجي ويئي.

ابن آدم اڃا سجدي ۾ آهي ۽

هيءُ تيستائين سجدي مان نه اٿندو،

جيستائين سندس خطا معاف ٿئي.

خدا وڏو رحيم آهي،

يقينن سندس خطا معاف ڪندو.

آءٌ ڏسندو رهيس،

انتظار ڪندو رهيس،

۽ وري سمهي پيس ....

○

طوفان نوح سبب،

سمنڊ جو پاڻي خشڪيءَ ڏانهن ڪاهي پيو،

سمورا شهر، ڳوٺ ۽ وسنديون،

پاڻيءَ هيٺ اچڻ لڳيون.

هر طرف، سڃي روءِ زمين تي،

ٻاڪر ڪٿو پئجي ويو.

انسان، جانور، پکي پکڙ جان بچائڻ لاءِ،

هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا.

عورتون ۽ مرد، ٻار، پوڙها پيرسن سڀ،

ڊوڙندا، ٽڙندا، ٽاپڙندا ويا،

مائرون ننڍنجا معصوم ٻار ڇاتيءَ سان لايو،

مدد لاءِ ٻاڪاريندیون رهيون.

پر ڪوبه ڪنهنجو ٻيلي ٽيڙ لاءِ تيار نه هو.

عورتن، ٻارن جي دانهن، ڪوڪن سبب،

آسمان ۾ ڌار ٿي پيا،

طوفان جي تک، تيز هوائن ۽ سمنڊ جي وڏندڙ

ويرين سبب سڄو ماحول، سڄي ڌرتي،

سڄي ڪائنات،

موت جي واديءَ ۾ تبديل ٿيندي ويئي،

....

پاڻي چڙهندوويو،

ماڻهو ۽ جانور ٻڏندا ويا،

آءٌ ڪيتري دير تائين، پاڻيءَ ۾ ترندو، غوطا کائيندو رهيس،

پوءِ ڪاٺ جي هڪ وڏي ٻُنڊ کي چهڻي پيس،

جيڪو پري کان ڪٿان لڙهندو پي آيو.

پاڻي چڙهندو ويو، چڙهندو ويو....

مون ڏٺو ته هر طرف اَڇ ئي اَڇ ٿي ويئي،

هر طرف پاڻي ئي پاڻي هو،

پاڻي مون کي ان حد تائين مٿي کڻي آيو جو،

مون محسوس ڪيو ته

آسمان سوا نيزي تي اچي چڪو آهي

آءٌ آسمان کي ڇُهي سگهان ٿو،

آسمان ۾ هَٿَ وجهي سگهان ٿو.

اُن مهل تمام پري کان، هڪ وڏي ٻيڙي

مون کي ويندي نظر آئي،

مون مدد لاءِ ڏاڍيون رڙيون ڪيون پر

طوفان ۾ تيز هوائن جي گوڙ سبب

منهنجي دانهن ڪنهن نه ٻڌي،

پاڻي اڃا چڑهندو ويو ....

اوچتو، ڪاڪ جو ٻُڌِ، جنهن کي آءٌ ڇهڻيل هوس،

هڪ هنڌ ڦاسي پيو،

مون چئني پاسي نظر ڦيرائي،

هر طرف پاڻي ئي پاڻي هو.

آءٌ عجب ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويس،

ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو ته،

ڪٿي پهتو آهيان ۽ هاڻ ڇا ٿيندو!

ڪاڻ جو بند ڇُرڻ کان ڇڙهي ويو،

مون ڏاڍي خوف ۽ خبرداريءَ سان

پنهنجا پير هيٺ ڪري،

اهو ڇڪاسڻ جي ڪوشش ڪئي ته

آخر، هي بند ڇا ۾ ڦاٿو آهي؟

پوءِ، ائين لڳو جڻ،

منهنجا پير ڌرتيءَ تي ڪُپي ويا هجن.

اڃا ان ئي حيرانگيءَ ۾ مبتلا هئس ته

سمند جو پاڻي لهڻ لڳو، تمام تيزيءَ سان لهندو ويو

نيٺ مون پاڻ کي، جبل جي انتهائي مٿاهين چوٽيءَ

تي بيٺل ڏٺو.

آخر، سمورو پاڻي لهي ويو، سمند موٽ کائي ويو،

ڌرتي، پنهنجي وسعت سان هڪ پيرو وري نظر آئي،

آءٌ پنهنجي گهر، پنهنجي ڳوٺ موٽڻ لاءِ،

جبل جي چوٽيءَ

کان هيٺ لهڻ لڳس،

اڃا ٿورو ئي هيٺ ٿيس ته،

انساني لاشن جا انبار ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي لُڙهي،

جبل جي ڇُرن، غارن ۽ پاسن ۾ ڦاسي پيا هئا.

آءٌ لاشَ لتاڑيندو هيڻ لهندو ويس،

انهن ۾ ڪيترائي لاش ابهم ٻارن ۽ نياڻين جا هئا.

ٿورو اڳيان، هڪ وڻ جي ڏار ۾،

عورت ۽ هڪ معصوم ٻار جا لاش ڦاٽل نظر آيا،

ٻار، اڃا تائين ماءُ جي ٿڃ کي چهڻيل هو.

اهو منظر ڏسي منهنجو هانءُ هڇي پيو،

اندر پرجي آيو،

مون، زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه رنو هو،

ان ڏينهن، ان مهل،

اوچنگارن ۾ پئجي ويس،

اکين ۾ رت پرجي آيم.

اُهي رت هاڻيون اکيون آسمان ۾ ڪپائي،

زور زور سان دانهون ڪيم ۽ پڇاڙ لڳس،

هاڻ تون ڪيئن ٿو پائين!؟

تو سڀ جيئدان ٻوڙي ماري ڇڏيا!

هي منظر ڏسي تون ڇا ٿو محسوس ڪرين؟

تون ڪيترو خوش ٿيو آهين؟

هي ابهم ٻار، هي ست قرآن نياڻيون، هي جانور،

هي پکي پکڙ، سڀ معصوم ۽ بيگناهه هئا،

انهن کي مارڻ مان توکي ڇا مليو؟

تنهنجون ڪهڙيون خواهشون پوريون ٿيون،

تو کي ڇا حاصل ٿيو؟

تون زوري پاڻ مڃرائين ٿو

اسان کي ٻوڙي، ماري

خوف ۽ دهشت ڦهلائي پاڻ مڃرائين ٿو

تون سمجهين ٿو ته

تو نافرمان ماڻهن کي سزا ڏني

هاڻ جيڪو نئون نسل پيدا ٿيندو

اهو انئي پهر

تنهنجي حمد و ثنا ۾ رُڌل رهندو؟

آئون هت پنهنجي لاعلميءَ جو اقرار ڪيان ٿو

پر تون پاڻ ان حقيقت کان واقف آهين ته

تون ئي هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهين

پوءِ اسان کان اها ڳالهه ڇو زوري مڃرائين ٿو؟

ڇو طوفان نوح آڻي، اسان کي ٻيڃارين ٿو، خوفزده ڪرين ٿو.

تو خود اسان کي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي سگهه ڏني آهي.

اسان تنهنجي ئي ڏنل ذات ۽ ڏاهه سان

توتي ۽ تنهنجي هزارين لکين حيرت ۾ وجهندڙ

تخليقن تي غور ڪري سگهون ٿا

ان لاءِ فڪر جي آزادي ۽

عقيدي جي آزادي گهرجي.

ان ڪري هاڻ

تون منهنجي ڳالهه ٻڌي ڇڏ

فڪر جي آزادي ۽

عقيدي جي آزادي

انسان لاءِ لازم آهي

انسان جو بنيادي حق آهي

ان حق تان انسان

ڪڏهِن به هٽ نه ڪٽندو.

هاڻ تون پل هزار طوفان نوح آڻ

وري وري اسان کي آزماءِ

اسان جو هميشه اهو هڪڙو ئي

جواب رهندو!

○

شداد، جڏهن سندس ٺاهيل جنت جو

معائنو ڪرڻ لاءِ آيو،

ته جنت جي دروازي تي ويڙل،

اَرڙ نانگ هن کي ڏنگي وڌو،

هو اُتي جو اتي اُڦڙ مري پيو.

پوءِ جڏهن جنت جي دروازي تان،

شداد جو لاش،

کنيو ٿي ويو ته مون به

هن کي کُلهو ڏنو.

هيءُ شخص کيڏو نه عظيم هو.

جو هن جي تخليق، هن جي ٺهرايل جنت،

اڄ به عرش عظيم تي موجود آهي.

جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي،

تڏهن کان، انسان جي هيءَ واحد تخليق آهي،

جنهن کي خود خدا پسند کيو،

۽ مٿي کڻائي ورتو.

افسوس اهو آهي ته،

ان عظيم تخليق کي خدائي ملکيت ۾ وٺڻ کان اڳ،

ان جي مالک کي ايترو به حق نه ڏنو ويو،

جو هو هک نظر، ان جنت کي ڏسي سگهي.

مون کي جڏهن به خدا سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو،

آءٌ سائڻس اها شڪايت ضرور ڪندس.

○

لکين ماڻهن جا ميڙ ڏسي،

آءٌ به انهن ڏانهن وڌي ويس،

اهي سڀ روئي رڙي رهيا هئا.

هڪ طرف، باهه جا وڏا مڇ پي ٻريا، جن تي

شيهو پگهرايو پي ويو.

پي طرف، هزارين انسان،

جنجي ڪنن ۾ گرم شيهو وڌو ويو هو،

سي سڀ مڇيءَ وانگر ڦٽڪي رهيا هئا.

باقي ماڻهو،

لکين ماڻهو،

ٻڀ ۽ خوف وچان ٽڙڪندا، ٻاڪارينداء،

پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا هئا،

هنن سڀني جي ڪنن ۾ گرم شيهو وجهڻو هو.

اهو دل ڏارينڙ لقاءُ ڏسي،

مون معلوم ڪيو،

هيءَ ڪهڙي ويڙن آهي؟

هي ڪير آهي،

جو انسانن کي ايڏي پيماڪ سزا ڏيئي رهيو آهي؟

ان حد تائين، انسانن کي چيچلائي، ڦٽڪائي

چو ماري رهيو آهي؟

آءٌ ايا پُڇندو ئي رهيس ته اوڇتو،

هڪ فرشتي منهنجو وات مٿيءَ سان پري ڇڏيو.

پوءِ ڇيائين:

”اي پٽڪيل انسان! تون بارگاهه خداونديءَ ۾،

اهڙيون باغيانه ڳالهيون ڪرين ٿو؟...

هتي احتجاج ڪرين ٿو!!

هي سپ ماڻهو گناهگار آهن،

هنن دنيا ۾ بيشمار گناهه ڪيا هئا،

جن جي ڪين سزا ملڻي آهي،

اڄ يوم الحساب آهي“.

پوءِ، ٿوريءَ دير بعد، ڪيئي فرشتا،

مون کي به مقتل گاهه ڏانهن گهلي وڻي هليا،

احتجاج ڪرڻ ۽ اهڙا باغيانه خيال ذهن ۾ پيدا ٿيڻ جي

ڏوهه هيٺ

منهنجي ڪنن ۾ به

گرم شيهو وجهڻ جو حڪم ڪيو ويو.

مون زور زور سان دانهون ڪيون ۽

سڏڪا پريندي،

رڙندي چيو:

”هي ناانصافي آهي، ظلم آهي،

هي ذهن، هي دماغ، هيءَ سوچ، هيءَ سمجهه

مون کي خدا ئي ڏني آهي،

ان ۾ منهنجو کهڙو ڏوهه؟

مون کي ڇڏيو، مون کي ڇڏيو،

منهنجي ڪنن ۾ گرم شيهو نه وجهو،

نه وجهو.

مون پوري قوت سان، فرشتن کان جان ڇڏائي،

پڇڻ جي ڪوشش ڪئي.

- ۽ پوءِ مون ڏٺو ته،

منهنجي گهر جا پاتي،

منهنجي گٽ مٽان، وائڙن جيان،

ڏاڍا حيران ۽ پريشان بيٺا هئا،

منهنجي ماءُ مون کي،

ٿڪي ڏيندي پيار مان چيو:

”پٽ، تون چو ڊڄي رهيو آهين، تو کو

خراب خواب ڏٺو آهي؟ ڊڄ نه، اسين سڀ

بيٺا آهيون. تون ڪلمو پڙهه، ڪلمو پڙهه“.

- ۽ پوءِ مون ڪلمو پڙهيو.

○

نيل نديءَ جو پاڻي سڪي ويو،

فصل تباهه ٿيڻ لڳا،

بک ۽ بدحالي مصر ۾ ڪاهي پيئي،

ملڪ ۾ ماتم پئجي ويو.

- مصر جا ماڻهو، ان عذاب کان بچڻ لاءِ،

پنهنجي خدا فرعون جي درٻار اڳيان حاضر ٿيا،

۽ سجدي ۾ پئجي ويا:

او پالڻهار!

او اسان جا رب!

رحم ڪر.

نيل نديءَ کي وري آبيارو ڪر،

اسان جا فصل ناس ٿي ويا آهن.

ايڏي عذاب ۾،

ايڏي وڏي امتحان ۾،

اسان کي مبتلا نه ڪر،

اسان تي رحم ڪر،

پنهنجو ڪرم ڪر.

- عوام جي ان مطالبي سبب،

فرعون سخت پريشان ٿي پيو،

اندر ۾ وسامڻ لڳو،

فڪر ۾ گم ٿي ويو،

هن جي خدائي خطري ۾ پئجي ويئي،

مصر جا ماڻهو ليلڙائيندا رهيا ....

نيٺ، فرعون تخت تان اُٿيو،

ماڻهو سجدي ۾ پيا رهيا.

هو پنهنجي درٻار کان ٻاهر نڪتو،

ٻ فوج جو هڪ وڏو اَٽالو ساڻ ڪري،

نيل طرف وڌڻ لڳو....

نيل تي پهچي،

هن پري تائين نظر ڦيرائي،

درياءَ جو سمورو پيٽ سڪو پيو هو.

هو سخت مونجهاري ۾ اچي ويو،

پوءِ نيل نديءَ جو ڪنارو ڏينڊو،

هلندو ويو، هلندو ويو،

سوچيندو ويو،

بيوسيءَ سبب هن جا حوصلا خطا ٿيڻ لڳا.

هن پاڻ کي نيل نديءَ ۾ ٻڏندو محسوس ڪيو،

آخر، هو هڪ هنڌ بيهي رهيو،

سموريون فوجون به بيهي رهيون،

هن پاڻ سنپالي، حڪم ڪيو ته،

هاڻي ڪوبه اڳتي نه اچي،

پوءِ، هو پنهنجو گهوڙو هڪليندو،

اڳيان نڪري ويو.

هڪ منزل تي، هن جي نظر هڪ غار تي پيئي،

هو گهوڙي تان لهي، غار ۾ گهڙي ويو،

۽ وڃڻ شرط سجدي ۾ ڪري پيو!

او خدا!

او منهنجا رب!

مون تي رحم ڪر،

مون کي معاف ڪر،

منهنجي خدائي بچاءِ،

نيل نديءَ کي وهاءِ.

تون وڏو مهربان آهين، قادر آهين،

تو کي هر شيءِ تي قدرت حاصل آهي،

منهنجي عزت رک!

تون ئي عزت ۽ ذلت ڏيندڙ آهين ...

فرعون سجدي ۾ پيو رهيو،

ٻاڏائيندو رهيو،

سندس لڙڪ وهندا رهيا،

- ۽ پوءِ سندس ڪنن تي،

نيل ۾ پاڻي وهڻ جا آواز اچڻ لڳا،

هو سخت حيرانگيءَ ۽ خوشيءَ وچان،

سجدي مان ڦُٽ ڏيئي اٿيو،

۽ جيئن ئي ٻاهر نڪرڻ لڳو ته،

غار جي منهن تي مون کي بيڊل ڏنائين.

سندس چهرو زرد ٿي ويو،

سندس خدائيءَ جو راز-

فاش ٿي پيو-

خوف وچان هن جا پير ٽڙڪڻ لڳا،

مون مسڪرايو ۽ ڏانهس وڌي،

سندس ڪلهي تي

ٽڦڪي ڏيندي چيم:

اي فرعون،

تو کي خدائي مبارڪ!

تون ڪيڏو نه خوش نصيب آهين جو

خدا تنهنجي خدائي قائم رکي،

ايڏو اعزاز ته خداوند تعاليٰ ڪنهن کي به نه ڏنو،

نه پيغمبرن کي، نه ٻي ڪنهن عظيم هستيءَ کي،

اي فرعون! تون وڃ،

وڏي مان ۽ شان سان وڃ،

اڄ کان آءٌ به تنهنجي خدائيءَ جو شاهد رهندس .....

-فرعون ڏڏو ساهه پريو ۽ ڪوبه جواب ڏيڻ کان سواءِ

ٻاهر نڪري ويو.

○

ڪوهِ طور تي،

ان جاءِ کي ڳولينديِ،

سڄو ڏينهن گذري ويو-

جتي خداوند تعاليٰ حضرت موسيٰ کي

پنهنجو جلوو ڏيکاريو هو.

مون ان جبل جي هر ٽڪري، هر ڪنڊ ڳولهي ڏٺي،

پر ڪٿي به ڪو اهڙو نشان نظر نه آيو،

جتي الله جي جلوي پوڻ جا آثار ثبت ٿيل هجن.

آءٌ ڳولينڊو رهيس،

ڳولينڊو رهيس،

تان جو رات ٿي ويئي،

هاڻ ته مون کان واپس موٽڻ جو رستو به

وڃائجي ويو،

پر آءٌ ٻاڻ اونداهي ۾

هلندو رهيس، پٽڪندو رهيس.

پوءِ محسوس ڪيم ته

سچ اڃا بيٺو آهي.

پريان جبل جي لنگهه وٽان،

سوني ٽالهه جيان سڄ،

مون کي چمڪندي نظر آيو.

هن لهندڙ سڄ جي روشنيءَ ۾

ڪيڏي نه ٽڏاڻ هئي،

ڪيڏو نه نور هو،

جنهن اکين کي آڏت ڏني ٽي.

آءٌ ان روشنيءَ جي آڏار تي

سڄ طرف وڌندو رهيس،

جان جان ويجهو ٿيندو ويس،

تان تان سڄ جو دائرو وڌندو ويو،

روشني وڌندي ويئي،

ٽڏي روشني، اکين ڌار روشني.

جڏهن تمام ويجهو ٿيس،

تڏهن ڏٺم ته اها روشني،

جبل جي هڪ حصي مان اچي رهي هئي،

هي اهو ئي هنڌ هو،

جتي خداوند تعاليٰ،

حضرت موسيٰ عليه السلام کي

پنهنجو جلوو ڏيڪاريو هو،

جو خدائي نور سبب اڃا چمڪي رهيو هو.

مون ان حصي کي غور سان چٽائي ڏٺو،

سمورو چمڪندڙ حصو لس پليٽ جيان

صاف ۽ ستو هو.

مون وڏي، احترام ۽ عقيدت مان،

ان چمڪندڙ حصي تي هٿ ڦيرايو،

ڏسندي ئي ڏسندي،

ان حصي ۾ ڏار پئجي ويا،

جن مان هڪدم کي آواز نڪرڻ لڳا.

مون انهن آوازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي،

پر آواز، ايڏا ته منجهيل ۽ موڳا هئا،

جو ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو،

شايد صديون پراڻا آواز هئا،

جيڪي جبل جي ان حصي ۾ ڦاٿا پيا هئا،

اڄ اهي اتان ڦاٽ کائي نڪتا هئا.

-آواز وڌندا ويا،

تان جو سموري واديءَ ۾ اهي آواز گونجڻ لڳا،

آوازن جو دائرو اڃا وڌندو ويو،

اهي آواز،

ڪوهِ طور جي دائري کان نڪري،

زمين و آسمان جي وسعتن ۾ ڦهلجي ويا.

هر طرف آواز ئي آواز هئا،

ائين لڳو جڻ اهي آواز،

سڄي ڪائنات ۾ پکڙجي ويا هجن.

پوءِ مون ڏيان ڏئي،

آوازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي،

هاڻ اهي صاف ٻڌڻ ۾ آيا،

”آءٌ تنهنجو رب آهيان،

آءٌ تنهنجو رب آهيان“.

اهو ٻڌي، آءٌ هڪدم سجدي ۾ هليو ويس،

ءِ اقرار ڪيم،

”ها، تون منهنجو رب آهين“،

”ها، تون منهنجو رب آهين“.

- مون سجدي مان ڪنڌ مٿي ڪنيو،

پر آواز ايندا رهيا،

ايندا رهيا،

”آءٌ تنهنجو رب آهيان“،

”آءٌ تنهنجو رب آهيان“.

مون وري با بلند آواز اقرار ڪيو:

”ها، تون منهنجو رب آهين“،

”ها، تون منهنجو رب آهين“.

- پر آواز بند نه ٿيا

وڌندا ويا، گوجندا ويا.

آوازن جو سلسلو هلندو رهيو

هلندو رهيو ....

- هاڻ، رات تمام گهڻي گذري چڪي هئي،

آءٌ ڪوهه طور کان هيٺ لٿس،

۽ واپس پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽڻ لڳس،

پر هر طرف کان، هر شيءِ مان، هر لمحي،

آواز ايندا رهيا،

ايندا رهيا.

تڏهن مون کي احساس ٿيو ته،

شايد صدين کان پوءِ انهن آوازن کي،

جيڪي ڪوهه طور ۾ قائل هئا،

نئون گس، نئون روح مليو آهي،

هاڻ، اهي آواز تيستائين بند نه ٿيندا،

جيستائين، هن دنيا جو هر انسان،

اهو اقرار ڪري ته:

ها، تون منهنجو رب آهين،

ها، تون منهنجو رب آهين!

○

هڪ ڏينهن

شيطان منهنجي ور چڙهي ويو.

مون هن کي زورائتي مار ڪيي،

۽ پوءِ کيس وارن کان جهلي، گهليندو،

خدا جي روبرو وٺي ويس ...

خدا وند تعاليٰ، شاهي تخت تي ويٺو هو،

بيشمار فرشتا سندس اڳيان سجدي ۾ پيا هئا،

شيطان به سجدي ۾ پئجي ويو،

مون هٿ ادب جا ٻڌي خدا کي عرض ڪيو:

او منهنجا رب!

هاڻ، هن شيطان کي معافي ڏي،

هن جي اڳوڻي حيثيت بحال ڪر،

هن جي سزا معاف ڪر ته جيئن،

اسان انسان هن جي شيطان پڻي کان بچي سگهون.

او خدا!

جڏهن کان تو

هن شيطان کي پاڻ وٽان تڙي ڪيو آهي،

تڏهن کان هيءُ،

انسانن کي پٽڪائيندو، گنهگار ڪندو رهي ٿو.

هن، اسان جي ڏاڏي، اولين انسان ۽ اولين پيغمبر،

حضرت آدم کي جنت مان ڪڍايو.

اگر ائين نه ٿئي ها ته،

اڄ اسين سڀ انسان جنت ۾ هجون ها.

هن شيطان جي ڪري،

او خدا!

دنيا جا انسان توکان منڪر ٿيا ۽ شرڪ ڪيائون،

بتن جا پوئلڳ ٿيا،

۽ تنهنجي بندگي ڇڏي ڏنائون.

جنهن سبب،

اي منهنجا رب!

تو کي هڪ ٻي پويان،

هڪ لک کان وڌيڪ پيغمبر دنيا ۾ موڪلڻا پيا ته

جيئن انسان سڌي راهه تي، تنهنجي راهه تي قائم رهي سگهي.

پر افسوس،

شيطان جي شيطان پڻي سبب اهو ممڪن نه ٿي سگهيو.

هي شخص، نسورو ناحق، انڻي پهر

انسانن کي پڻکائي، تنهنجو ڏوهاري بڻائي رهيو آهي،

هي هرهنڌ، هر لمحي حاضر ناظر آهي.

ان ڪري، او منهنجا خالق!

هاڻ اسان کي هن شيطان کان بچاءِ.

هن جو شيطان پڻو ختم ڪر،

هن جي سزا معاف ڪر، ته جيئن-

اسين گنهگار ٿيڻ کان بچون،

دنيا مان خرابين جو خاتمو ٿئي،

سڀ انسان نيڪ راهه تي اچن،

تنهنجي بندگي ڪن،

۽ دنيا ۾ تنهنجي بادشاهت،

خدائي بادشاهت قائم ٿي سگهي.

او خدا!

تون وڏو رحيم آهين!

معاف ڪرڻ وارو آهين!

هن شيطان کي معاف ڪر،

انسان جي پلائيءَ کاڻ هن کي بخش ڪر ....

—— اهو چئي آئون سجدي ۾ پئجي ويس.

گھڻي دير گذري ويئي،

جڏهن ڪوبه جواب نه مليو ته،

مون سجدي مان ڪنڌ مٿي ڪنيو ...

ڏٺم ته خدائي دربار خالي پيئي هئي،

اتي ڪير به نه هو، سڀ هليا ويا هئا،

فقط آئون اڪيلو رهجي ويو هئس.

— ان رويي، ان ڳالهه جو مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو،

سوچيم: خداوند تعاليٰ ڇو شيطان جو شيطان پٽو

ختم نٿو ڪري، ڇو شيطان کي انسانن پويان

بچي ڇڏيو اٿس؟

ڇو باهه مان ڪهيل، هن بدیءَ جي باهه کي.

جنت جي مٽيءَ مان ڪهيل انسانن پويان لڳائي ڇڏيو اٿس؟

ڇا خداوند تعاليٰ پاڻ چاهي ٿو ته

اسان انسان گنهگار ٿيون!

ڇا، اها سندس منشا آهي ته شيطان دائم ۽ قائم رهي،

۽ اسان انسان شيطان جي چڪر ۾ اچي،

گناهه ڪندا رهون ته جيئن، هو

قيامت جي ڏينهن اسان کي سزا ڏيئي سگهي

جهنم جو پيٽ پري سگهي. ....

ان مونجهاري، ان پريشانيءَ جي عالم ۾،

آئون خدائي درٻار کان ٻاهر نڪري آيس.

پوءِ مون آسمان جي دري کولي،

هيٺ ڏرتيءَ تي نظر وڌي،

مون کي انسان جي حال تي ڏاڍو قياس آيو.

دل چاهيم ته، احتجاج طور،

آسمان جي دريءَ مان ٻاڻ کي هيٺ اڇلائي،

پنهنجو انت آڻي ڇڏيان ....

پر وري هوش سنڀالي، سوچڻ لڳس ته:

هي اجايا خيال، شيطاني خيال،

چو منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿي رهيا آهن!

پوءِ پروڙ پيم ته:

شيطان اڃا آزاد آهي، هن جو عمل جاري آهي،

هن مون کي به ڀڻڪائڻ جي ڪوشش ڪئي،

۽ خدا کان مايوس ڪيائين.

ان ئي مهل،

مون شيطان تي لعنت وڌي،

۽ آسمان جي دري بند ڪري ڇڏي.

○

فرعون کي ڳاڙهي سمنڊ ۾ ٻڏندو ڏسي،

مون کيس ٻانهن کان ڇڪي، ٻاهر ڪڍيو

۽ پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ وڌو.

هو اڃا مئو ٿي چڪو هو،

اکيون ڦوٽاريل، پيٽ اُڦريل، وات ڦاٽل،

هو ساه کڻڻ لاءِ ڪيتري دير تائين هِڏڪيون ڏيندو رهيو.

مون کيس ٽنگن کان جهلي مٿي ڪيو،

سموند جو پاڻي،

سندس وات، نڪ ۽ ڪنن مان هيٺ وهي هليو.

پوءِ، هن کي ڪاٺ جي تختي تي اونڌو ليٽائي،

سندس ڪلهن ۽ پٺيءَ تي زور ڏنم ته جيئن،

هنجي جسم مان باقي بچيل پاڻي به نڪري وڃي.

هو آهستي آهستي سامت ۾ اچڻ لڳو.

نيٺ، هن اکيون جهپڪايون ۽ منهنجي منهن ۾ ٽِڪ ٻڌي،

ڏاڍي حيرانگيءَ سان ڏسڻ لڳو.

مون کيس آڇ ڏيندي چيو:

”فرعون صاحب، فڪر جي ڪابه ڳالهه ناهي.

مڙئي خير ٿي ويو آهي. هاڻ توهان محفوظ آهيو“.

- هن ڪوبه جواب نه ڏنو،

جڏ ته مون ڪوبه ڪارنامو سرانجام نه ڏنو هو.

ڪجهه دير ترسي وري چيومانس:

اي مصر جا بادشاهه!

”ائين ٻڏي مرڻ کان بهتر هو ته،

خدا کي مڃين ها!

- منهنجي ڳالهه ٻڌي، هو ڳاڙهو ٿي ويو،

۽ پڙڪو ڏيئي اٿي بيٺو ۽ مون کان پڇيائين:

”تون ڪهڙي خدا جي ڳالهه ٿو ڪرين- موسيٰ جي خدا جي؟

”هائو- مون جواب ڏنو“.

”چيائين: آئون موسيٰ کي چڱي طرح سڃاڻان.

هو منهنجي محل ۾ پليو، وڏو ٿيو.

هن منهنجي شان شوڪت کي ڏسي،

هڪ نئين خدا جو ناٽڪ رچايو آهي.

دراصل هو منهنجي خدائي ختم ڪرڻ چاهي ٿو.

”ته، توهان به پاڻ کي خدا سمجهو ٿا!

هينئر اوهان سمنڊ ۾ ٻڏي مري رهيا هئا.

اگر آئون وقت سر نه پهچان ها ته پوءِ اوهان جو قصو ئي ختم هو.

مون کيس آهستگيءَ سان چيو.

''هي سڀ موسيٰ جا جادوئي ڪرتب آهن.

اهڙا ڪئين جادوگر منهنجي درٻار ۾ پريا پيا آهن.

اگر آئون ٻڌي به مران ها ته ڇا ٿيو. آئون وري پيدا ٿيندس.

هر موسيٰ لاءِ هڪ فرعون پيدا ٿيندو رهندو.

هن منهنجي فوجن کي سمونڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو،

آئون موسيٰ جي قوم کي ڪڏهن به نه ڇڏيندس.

موسيٰ جي خدا ۽ موسيٰ جي قوم سان منهنجي

ازل تائين جنگ جاري رهندي''

- ائين چئي، فرعون صفا بر ٿي ويو.

''فرعون صاحب، ايترو ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ايترو غرور ۽ تڪبر چگو ناهي.

موسيٰ عليه السلام ته خدا جو پيغمبر آهي.

هو ان خدا جو پيغام کڻي آيو آهي،

جيڪو واحد آهي، لاشريڪ آهي،

جيڪو هن سڄي ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق آهي،

جنهن توکي ۽ مون کي به پيدا ڪيو.

جيڪو زندگي ۽ موت تي قادر آهي.

ان خدا کي ته اسان کي مڃڻ گهرجي-

مون فرعون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”چئبو ته تون به موسيٰ جو طرفدار آهين.

تون به هن جي جادوئي چڪرن ۾ اچي ويو آهين.

منهنجي ڳالهه ڪن کولي ٻڌي ڇڏ.

موسيٰ جي خدا کي مڃڻ کان بهتر آهي ته هن سموندِ ۾ ٻڏي مرجي-

اهو چئي فرعون پاڻ کي پاڻيءَ ۾ اڇلايو ....

ڪجهه دير تائين پاڻيءَ مٿان بلبلا اٿندا رهيا

۽ پوءِ اهي به ماڻ ٿي ويا .....

○

مسلسل ٽن سالن کان هلندڙ ڏڪار سبب،

لکين ماڻهو بک ۽ فاقن وگهي مرندا رهيا.

معصوم ٻار،

ڦٽڪي ڦٽڪي،

پنهنجن مائرن اڳيان ليلڙائيندا،

موت جون هڏڪيون ڏيندا،

راهه رباني ٿيندا ويا.

دنيا جي عظيم قوم

”عاد“-

جنهن جي شان شوڪت، عزت و عظمت، قوت ۽ حشمت جي،

سڄي دنيا ۾ ڏاڪ هئي،

اڄ الاهي عذاب ۾ مبتلا هئي.

اها قوم هڪ پيغمبر جي پيغام کان منحرف هئي،

جنهن بارگاهه خداونديءَ ۾ هٿ کڻي دعا گهري،

۽ پوءِ هيءَ قوم دردناڪ تباهيءَ ۾ مبتلا ٿي ويئي.

آئون، اُن وقت جي پيغمبر،

حضرت هود عليه السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيس:

او خدا جا پيغمبر!

توتي هزار درود ۽ سلام،

آئون اقرار ٿو ڪريان ته:

الله هڪ آهي.

جنهن جو ڪو شريڪ ناهي،

تون خدا جو موڪليل نبي آهين، سچار آهين،

تنهنجي صداقت ۽ سچائيءَ جي آئون شاهدي ڏيان ٿو!

منهنجي فقط ايتري التجا آهي ته:

هن قوم عاد تي،

جنهن جا اوهان پاڻ فرزند آهيو،

رحم ڪيو وڃي،

هن قوم جي معصوم ٻارن، عورتن، پوڙهن ۽ بيمارن تي

مهر جي نظر ڪئي وڃي.

آئون مڃيان ٿو ته:

هيءَ قوم پٽڪيل آهي،

هن تي گمراهيءَ جي مُهر ثبت ٿيل آهي،

هيءَ قوم پنهنجا خدا، پنهنجا عقيدا ۽ پنهنجو مذهب

ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي.

هيءَ قوم ان خدا کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي،

جنهن هيءَ زمين، آسمان، سج، چنڊ تارا جوڙيا،

جيڪو سموري ڪائنات جو مالڪ آهي،

جنهن جي رضا کان سواءِ،

ڪڪ به نٿو چري سگهي،

جيڪو وڏو رحيم ۽ معاف ڪرڻ وارو آهي.

اي وقت جا پيغمبر!

اوهان رحم لاءِ بارگاهه خداونديءَ ۾ سفارش فرمايو.

هيءَ قوم گذريل ڏن سالن کان الاهي عذاب ۾ ڦاٿل آهي،

موت جي منهن ۾ آهي،

هنن کي حق جي راهه تي اچڻ لاءِ،

ڪجهه مهلت وڌي ڏيو،

هنن کي تباهيءَ کان بچايو.

اطاعت قبول ڪرائڻ لاءِ تشدد ڇگو ناهي،

ان ڳالهه تان اڳ به جهيڙو ٿي چڪو آهي،

فقط چار صديون اڳ، هيءَ دنيا،

تاريخ جي بدترين تباهي، بدترين طوفان-

طوفانِ نوح ڏسي چڪي آهي.

ان طوفان سبب

سموري دنيا جا سمورا انسان،

موت جي منهن ۾ هليا ويا،

پر، هنن پنهنجا عقيدا نه ڇڏيا،

مرندي مري ويا، پر نوح جي خدا جي اطاعت قبول نه ڪيائون.

او وقت جا پيغمبر!

طوفان نوح جي تباهيءَ کان پوءِ،

عاد قوم جي ماڻهن،

هن دنيا کي نئين سر آباد ڪيو آهي،

انهن کي هاڻ جيئدان ڏياريو!

خدا وڏو رحيم آهي،

معاف ڪرڻ وارو آهي.

—— پر، مون ڏٺو،

گمراهه قوم لاءِ نجات جي ڪابه راهه نه هئي.

معافيءَ جو ڪوبه دروازو نڪي کليو سگهيو.

پيغمبر هود عليه السلام،

بارگاهه خداونديءَ ۾،

دعا لاءِ هٿ کنيا،

پوءِ، تاريخ جو هڪ ٻيو بدترين طوفان آيو.

سموريون بستيون، ڳوٺ، شهر تباهه ٿي،

مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويا.

لکين انسان، پيٽ بکيا انسان، زنده دفن ٿي ويا.

عظيم عاد قوم—

هميشه هميشه لاءِ صفحه هستيءَ تان ختم ٿي ويئي.

حضرت هود عليه السلام

ڪنهن اڻ ڄاڻايل منزل ڏانهن هليو ويو،

ڀ پوءِ،

آئون سوچيندو رهيس،

انسان ڪيڏو نه اڏول ڀ اڻ موٽ آهي.

مرندي مري ويو

پر پنهنجا عقيدا نه ڇڏيائين،

واقعي انسان عظيم آهي.

عظيم ترين آهي!

اشرف المخلوقات آهي!!

○

قوم عاد جي تباهيءَ کان پوءِ،

قوم ثمود هن دنيا کي نئين سر آباد ڪيو.

خدا وند تعاليٰ، قوم ثمود کي نيڪ راهه تي آڻڻ لاءِ

حضرت صالح عليه السلام کي نبوت عطا ڪئي.

قوم ثمود جي ماڻهن حضرت صالح کان نبي هڻڻ جو ثبوت گهريو ۽ مطالبو ڪيو ته جبل مان اُٺڙي پيدا ڪري ڏيکار! جا جمڙ شرط ڦر ڏئي ۽ ڪير به ڏئي.

حضرت صالح بارگاهه خداونديءَ ۾ هٿ کنيا. ان ئي مهل جبل کي سور ٿيڻ لڳا ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي، جبل مان اٺڙي پيدا ٿي، جنهن هڪ ڦر ڏنو ۽ اڻ ميو ڪير به ڏنائين.

اهو معجزو ڏسي، قوم ثمود جا ماڻهو ڏاڍا حيران ۽ خوش ٿيا ۽ اقرار ڪيائون ته حضرت صالح خدا جو سچو پيغمبر آهي. پوءِ هنن اٺ کي گاهه کارايو ۽ پاڻي پيارڻ لاءِ چشمي تي وڻي ويا.

ان وقت، قوم ثمود جا ماڻهو ڏاڍا ششدر ٿيا، جڏهن ڏٺائون ته الله جي اُٺڙي چشمي جو سمورو پاڻي پي ويئي. اهو هڪڙو ئي چشمو هو، جنهن تان قوم ثمود جا سڀئي ماڻهو ۽ جانور پاڻي پيئندا هئا.

اهڙي طرح، صورتحال ڏاڍي نازڪ ٿي ويئي. ان ڪشمڪش ۾ ڪئين ڏينهن گذري ويا. حضرت صالح عليه السلام جي اٺڙي هر روز چشمي جو پاڻي پي ختم ڪري ڇڏيندي هئي. نتيجي طور هتي جا عام ماڻهو ۽ جانور اج مرڻ لڳا. آخر، قوم ثمود جي ڪن سازشي ماڻهن، الله جي ان اُٺڙيءَ کي ماري وڌو ...

اها خبر جڏهن حضرت صالح عليه السلام کي پيئي ته هو ڏاڍو غمگين ٿيو ۽ پوءِ بارگاهه خداونديءَ ۾ هٿ کنيائين. نتيجي طور هڪ وڏي تباهي آئي، هانءُ ڏارينڙ ٽڪاءَ ٿيا، ڌرتي ڌٻي اُٿي، جايون جڳهيون ڌهي پٽ پئجي ويون. قوم ثمود نيست و نابود ٿي ويئي.

ان تباهيءَ جي اچڻ کان اڳ، الله طرفان هدايت ملڻ تي حضرت صالح ملڪ شام طرف هليو ويو. ...

—— هي سڄو واقعو، منهنجي اکين اڳيان ٿيو، آئون پنهنجي بيوسيءَ تي هنجون هاريندو، سوچيندو رهيس ته هي ڇا ٿي ويو؟. هي آباد ۽ شاداب بستيون ڇو ويران ڪيون ويون؟. الله کي جبل مان اٺ پيدا ڪري، معجزو ڏيکارڻ جي ڪهڙي ضرورت؟. جڏهن ته هيءَ سڄي ڪائنات ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي، خداوند تعاليٰ پاڻ جوڙي، هزارين لکين قسم جا جانور، پکي پکڻ پيدا ڪيائين، اهي سڀ الله جا معجزا آهن. جيڪي هن جي هڻڻ جو، هن جي عظمت جو ثبوت مهيا ڪن ٿا.

ان ئي اڻ تڻ، لوڇ پوڇ ۾ آئون هلندو رهيس ۽ ان چشمي تي پهتس، جتي الله جي اها مئل اٺڻي پيئي هئي. هن جي ڳچيءَ ۾ گرز کتل هو. آئون ڪجهه دير تائين، ان اٺڻيءَ کي ڏسندو رهيس. اها حضرت صالح عليه السلام جي نبوت جي نشاني ۽ الله جو معجزو هئي. الله ڪيڏو نه عظيم ۽ قادر مطلق آهي. مون دل ۾ سوچيو ۽ اڳتي وڌي ان اُٺڻيءَ جي ڳچيءَ مان گرز چڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪيس پيار وچان هٿ ڦيريم .....

ان ئي لمحي، اُٺڻيءَ ڪنڌ مٿي کنيو ۽ مون ڏانهن ڏٺائين. آئون سڃو سياڻجي ويس ۽ پري ٿي بيٺس. الله جي اُٺڻي ٽپ ڏيئي اٿي بيٺي ۽ جبل ڏانهن وڃڻ لڳي. هوءَ ويندي رهي، ويندي رهي. آخر جبل ڦاٽ کاڌو ۽ هوءَ ان ۾ گم ٿي ويئي.

○

حضرت ابراهيم خليل الله کي،

جبرائيل عليه السلام ٻڌايو ته:

الله جي حڪم تحت،

هو حضرت لوط عليه السلام جي قوم تباهه ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي،

جا انتهائي بدڪردار ٿي چڪي آهي.

حضرت لوط، پنهنجي قوم کي گهڻو ئي سمجهايو،

پر هوءَ سڌي راهه تي اچڻ لاءِ تيار نه آهي.

نيٺ تنگ ٿي حضرت لوط عليه السلام،

پنهنجي قوم تي عذاب نازل ڪرڻ لاءِ،

بارگاهه خداونديءَ ۾ گذارش ڪئي آهي،

جنهنجي تڪميل، اڄ رات جي پوئين پهر ڪئي ويندي ...

- جبرائيل عليه السلام، تمام تيزيءَ سان

حضرت لوط عليه السلام جي جاءِ تي پهتو،

جتي الله طرفان موڪليل،

ٻارنهن فرشتا به ڏاڍي خوف ۽ هراس ۾ ويڻل هئا.

حضرت جبرائيل رات وڃ ۾، انهن فرشتن

۽ حضرت لوط عليه السلام کي، سندس ڏيئرن ۽ ٻين عزيزن سميت،

حفاظت سان ٻاهر ڪڍي، حضرت ابراهيم جي گهر پهچايو.

حضرت لوط عليه السلام جي زال کي نه کنيو ويو،

ڇاڪاڻ ته هوءَ خدا جي راه کان ٻاهر هئي.

- پوءِ، جيئن ئي رات ختم ٿي ته قوم لوط جي ماڻهن مٿان

پٿرن جو مينهن وسايو ويو. سموري قوم کي سنگسار

ڪيو ويو. جڏهن سڀ ماڻهو مري ويا ته، هنن جي شهرن،

ڳوٺن ۽ وسندين کي اونڌو ڪري، زمين هيٺ دفن ڪيو ويو،

ته جيئن هنن جو نالو نشان به باقي نه رهي ....

ڪجهه عرصي بعد منهنجو انهن ويران بستين وٽان لنگهڻ ٿيو،

آئون ڏاڍو حيران ٿيس، جڏهن ڏٺم ته ان ويراني مٿان

هڪ ڪڪائين جهوپڙي ٺهي پيئي هئي.

آئون وڏي اُن جھوپڑيءَ تائين ويس.

منھنجي سڏ تي، ھڪ پير مرد اندران نڪري آيو،

اڇا وار، ڇُنجھيون اکيون، منھن ۾ وڏا گھنج، چيلھه جھڪيل

پنھنجي ڏُکندڙ جسم کي لٺ جو سھارو ڏيندو مون تائين پھتو.

ھن پنھنجي پيشانيءَ تي ھٿ رکي، اکين تي زور ڏيئي، منھنجي

منھن ۾ گھوري، مون کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون سلام ڪيو ۽ ھن جواب ۾ چيو

''وعليڪم السلام و رحمته الله و برڪاته''.

ھُن مون کي جھوپڑيءَ جي ٻاھران پيل، ھڪ ڇنل ڪٺ تي ويھڻ جو

چيو ۽ پاڻ وري اندر ھليو ويو.

- پوءِ، ھو ڏُکندڙ ھٿن ۾ ڪير جو وڻو ڇلڪائيندو،

مون وٽ ڪٽي آيو ۽ ڇيائين پيءُ.

اُڄ سبب، آئون اھو ڪير ھڪ ساھيءَ پي ويس.

جنھن بعد، ھن مون کان خبرون ورتيون .....

جڏھن خبرون ڏيئي پوريون ڪيم، تڏھن مون کانئس پڇيو:

''ڏاڏا، ڇا توھان جو تعلق حضرت لوط جي قوم سان آھي

۽ اوهين نيڪ راهه تي هڻڻ سبب تباهيءَ کان بچي ويا.

چا هي اوهان جو ڳوٺ هو، جتي هينئر جهوپڙي هنيو ويڻا آهيو؟ ....

چيائين: ”نه، اسان هڪ ٻي بستيءَ کان لڏي، هتي اچي آباد ٿيا آهيون.

اسان جي ان بستيءَ ۾ هاڻ هڪ ٻيو پيغمبر پيدا ٿيو آهي،

جيڪو ماڻهن کي خدا جي راه تي هلڻ لاءِ،

رات ڏينهن هدايتون ڪري رهيو آهي.

مونکي، پنهنجي تجربي مطابق خبر آهي،

ته ماڻهو ان پيغمبر جي هدايتن تي،

گهٽي پاگي عمل ڪونه ڪندا.

نيٺ، تنگ ٿي، خدا جو اهو پيغمبر خدا کي ٻاڏائيندو

۽ بستي جا سمورا ماڻهو مارجي ويندا.

ان ڪري، اسان پاڻ بچائڻ لاءِ،

اڳواٽ ئي هن ويراني ۾ اچي رهيا آهيون.

هي انون ماڳ آهي، جو اسان مڻايو آهي،

باقي ست ماڳ اڳ ۾ ئي تباهه ٿي چڪا آهن“.

- ڏاڏي جون اهي ڳالهيون ٻڌي، منهنجا تاڪ لڳي ويا،

پوءِ پاڻ سنپالي وري پڇيومانس:

ڏاڏا، اوهان جي گهٽي ڇمار آهي ۽ اوهان ڪيترا پيغمبر ڏٺا آهن؟

چيائين: ”مونکي پنهنجي عمر جو ته ڪو اندازو ڪونهي.

پر آئون حضرت نوح جي پٽ حضرت سام جي ڏينهن ۾ ڄائو هوس.

ان وقت کان پيغمبر ڏسندو اچان ۽ اهو به ڏسندو اچان ته،

ماڻهو گهڻي پاڳي پيغمبرن جي ڳالهين کي نٽا مڃين،

خدا جي راهہ تي نٽا اچن، بتن جي پوڄا نٽا ڇڏين.

نتيجي ۾، هنن کي موت جي منهن ۾ وڃڻو پوي ٿو ...

- ڏاڏي جون ڳالهيون ڏاڏيون چرڪائيندڙ هيون.

دل چاهيم ته اڃا به هن سان ڪچهري ڪجي.

پر، منهنجو پنڌ پري هو،

ان ڪري موڪلائي اڳتي راهي ٿيس.

○

مدين جو شهر،

باهه ۾ ڪوڙجي ويو.

ايڏي وڏي باهه! جڏ دوزخ کي ڏرتيءَ تي لاڻو ويو هو.

شهر جا سمورا ٻار، مرد، عورتون، پوڙها،

جانور، پکي پکڙ،

ان باهه ۾ سڙي خاک ٿي ويا.

- اهو سڀ ڪجهه، ان ڪري ٿيو جو مدين جي ماڻهن،

حضرت شعيب عليه السلام جي هدايتن تي هلڻ کان انڪار ڪيو،

هُو حق جي راهه تي نه آيا،

خداوند تعاليٰ جي عبادت نه ڪيائون،

ماپ تور جا پڪا نه ٿيا،

۽ نه ئي واٽ ويندڙ مسافرن جو رستو روڪڻ ڇڏيائون.

حضرت شعيب، پنهنجي قوم کي،

قوم نوح، قوم هود، قوم صالح ۽ قوم لوط جي،

تباهيءَ جا واقعا ٻڌايا،

جن خدا جي خدائيءَ کان انڪار ڪيو هو،

پر انهن ڳالهين جو به مدين جي ماڻهن تي ڪوبه اثر نه ٿيو.

آخر، حضرت شعيب، خطيب الانبياءَ،

فسيح اللسان، خدا وند تعاليٰ کي،

سندس قوم مٿان عذاب نازل ڪرڻ جي گذارش ڪئي.

نتيجي ۾، سڄو شهر ۽ شهر واسي باهه ۾ سڙي پسم ٿي ويا.

باهه لڳڻ کان هڪ ڏينهن اڳ،

خدا وند تعاليٰ طرفان اطلاع ملڻ تي،

حضرت شعيب عليه السلام،

هڪ هزار ست سئو ماڻهن کي،

جيڪي حق جي راهه تي اڃي چڪا هئا،

انهن کي پاڻ سان وٺي،

هو ڪنهن محفوظ مقام طرف هليو ويو.

پوءِ جڏهن، مدين سڙي خاڪ ٿي ويو،

تڏهن حضرت شعيب واپس پنهنجي شهر موٽي آيو.

خاڪ ۽ خون ۾ مليل پنهنجو شهر ڏسي،

حضرت شعيب اچرج ۾ اچي ويو.

کيس ڏاڍو رنج ٿيو،

اکيون پرجي آيس ۽

اوچنگارن ۾ پئجي ويو.

ڪيترائي ڏينهن هو روئندو رهيو.

ايترو رنائين، ايترو رنائين جو،

اکين جو نور وڃائي ويٺو ۽

نابينا ٿي پيو!

اهو حال ڏسي،

خدا وند تعاليٰ جبرائيل عليه السلام کي،

حضرت شعيب جي خدمت ۾ موڪليو ۽ پڇيو:

”اگر خواهش هجي ته اکين جو نور موٽي سگهي ٿو“.

حضرت شعيب ڏاڍي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان جواب ڏنو:

مون کي نور نه گهرجي،

مون کي نور نه گهرجي ...

○

حضرت آدم کان حضرت نوح تائين،

حضرت نوح کان حضرت ابراهيم تائين،

حضرت ابراهيم کان حضرت محمد صلعم تائين،

هڪ لک کان وڌيڪ پيغمبر،

اهو پيغام کڻي آيا ته،

الله هڪ آهي، لاشريڪ آهي،

هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي.

هن جي بندگي ڪرڻ گهرجي،

هن جي احڪامن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

هي داستان ڏاڍو طويل ۽ ڏکوئيندڙ آهي.

جڏهن ماڻهن احڪام الاهي نه مڃيا،

تڏهن خدا وند تعاليٰ تنبيهه طور،

ڪئين زلزله ۽ طوفان آندا، ڪئين بيماريون پکيڙيائين،

ڪئين شهر ۽ وسنديون ويران ڪري ڇڏيائين.

هڪ پيري ته،

حضرت نوح جي ڏينهن ۾،

سڄي دنيا جي مخلوق کي ٻوڙي ماري ڇڏيائين.

ان جي باوجود،

مجموعي طور، سڄي دنيا جا انسان،

خدا کي لاشريڪ طور مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا.

اڄ به، جڏهن آئون هي سڀون لکي رهيو آهيان،

اڌ دنيا جا انسان،

خود خدا جي وجود جا انڪاري آهن.

باقي اڌ جو وڏو حصو،

ڪيس لاشريڪ طور مڃڻ لاءِ تيار ناهي،

ڪروڙين ماڻهو،

بتن ۽ ٻين ديوتائن جي پوجا ڪن ٿا،

ڪن پنهنجا خدا پاڻ گهڙيا آهن.

اڄ اندازي مطابق،

دنيا جي آبادي‌ءَ جو فقط پنجون حصو،

خدا کي لاشريڪ طور تسليم ڪري ٿو.

پر، انهن مان به گهڻا ماڻهو،

خدا جي احڪامن تي مڪمل طور عمل نٿا ڪن.

هنجي بندگي نٿا ڪن.

هن وقت کا التجا ڪرڻ کان اڳ،

آئون هڪ پيرو وري اقرار ڪيان ٿو ته،

اي منهنجا رب!

تون ئي هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهين.

فقط تون ئي بندگي‌ءَ جي لائق آهين،

تنهنجو ڪو ثاني يا شريڪ ناهي.

پر، اها ڳالهه، اها حقيقت،

ته تون واحد لاشريڪ آهين

سڄي دنيا جي انسانن کان مجرائڻ،

قبول ڪرائڻ سولو ڪم ناهي.

حضرت آدم کان اڄ تائين،

هزارين سال گذري چڪا آهن،

ان ڊگهي عرصي دوران،

اسان هزارين جنگيون ڪيون،

لکين ڪروڙين انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو،

جيڪي ڪافر، مشرڪ ۽ منڪر هئا.

ايڏي جدوجهد جي باوجود،

گهربل نتيجا حاصل ٿي نه سگهيا.

او خدا!

او منهنجا رب!

هڪ ڳالهه سمجهڻ جي سگهه ڏي ته،

جيڪڏهن سچ جي حيثيت کي،

هڪ چراغ مڙڻ لاءِ تيار ناهي ته،

ان سان ڪهڙو فرق پوي ٿو؟

يا هڪ جبل کي

ماڪوڙيءَ کان پنهنجي حيثيت مجرائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

اي الله!

اسين اقرار ڪيون ٿا ته،

هي زمين ۽ آسمان، سج، چنڊ، تارا سڀ توئي جوڙيا،

انسان کي توئي پيدا ڪيو،

پکي پکڙ ۽ ٻيا سڀ ساهه وارا توئي خلقيا،

هن ڪائنات جو تون ئي اڪيلو مالڪ آهين،

تون بادشاهن جو بادشاهه آهين.

اي منهنجا رب

ان ڳالهه ان حقيقت کي سڄي دنيا کان،

مجرائڻ لاءِ هاڻ کا پرامن راهه ڏيکار!

اي خدا!

اي منهنجا رب!

تنهنجي موڪليل پيغمبرن جي هدايتن تي عمل ڪندي،

اسان ڪيترن ئي نالن سان سڃاتا وياسين،

يهودي ٿياسين، عيسائي ٿياسين، مسلمان ٿياسين،

اهڙيءَ ريت سڄي انسان ذات، ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائجي ويئي.

هميشه لاءِ هڪ ٻي کان ڌار ٿي ويئي.

اسان هڪٻئي خلاف نفرتن جا وڻ ٻڌا،

هڪ ٻي کي ماريوسين، قتل ڪيوسين پر، هاڻ،

اي منهنجا رب!

اسان کي اجازت ڏي ته،

اسين سڀ انسان هڪ ٿي وڃون،

فقط انسان

فقط انسان

ته جيئن هڪبئي سان محبت ڪري سگهون،

هڪبئي جو احترام ڪريون،

هڪبئي کي ڪافر، مشرڪ، منڪر چئي

قتل نه ڪيون،

هڪ بي خلاف،

هٿيار نه کڻون.

○

منگوليا جي،

هڪ نامعلوم درياءَ جي پيٽ ۾،

وهندڙ پاڻيءَ هيٺان،

چنگيز خان کي مرڻ کان پوءِ دفن ڪيو ويو.

هنجي قبر کي،

شيهو پگهرائي چئني پاسن کان،

مڪمل طور بند ڪيو ويو ته جيئن،

قبر کي ڪو نقصان نه رسي.

ڪئين زمانن کان پوءِ،

فرشتن چنگيز خان جي قبر ڳولي لڌي،

۽ هو اتي هن کان حساب وٺڻ لاءِ

پهچي ويا.

اول ته چنگيز خان،

بنا اجازت فرشتن کي،

سندس قبر ۾ ايندو ڏسي،

بِرُ ٿي ويو.

هن حاڪمانه انداز ۾ زور زور سان،

دربانن ۽ فوجن کي سڏ ڏنا،

جنهن تي فرشتن کيس سمجهايو ته،

هتي تنهنجي مدد لاءِ ڪوبه نه ايندو.

چنگيز خان ششدر ٿي فرشتن اڳيان،

ويڑهه کانئڻ جي انداز ۾ ٻانهون کهنجي بيهي رهيو،

۽ پوءِ ٿورو ترسي هنن کان پڇيائين،

”اوهان ڪير آهيو، هتي بنا اجازت ڪيئن آيا آهيو؟“

فرشتن جواب ڏنو:

”اسين فرشتا آهيون، تو دنيا ۾ لکين ماڻهو ماريا، قتل ڪيا،

هزارين شهر ۽ وسنديون ويران ڪيون. اسين انجو توکان حساب ونڻ

آيا آهيون.“

`اوهان لکين ماڻهو مارڻ جو حساب

مون اڪيلي کان وٺي چا ڪندا؟

هاڻ اوهان مون اڪيلي کي سزا ڏيئي چا ڪندا

چا ان سان لکين ماڻهن جي قتل جو حساب برابر ٿي سگهندو؟

چا ان سان انصاف جون تقاضائون پوريون ٿي سگهنديون؟

اوهانکي شايد خبر ناهي ته،

آئون دنيا جو هڪ وڏو حاڪم هوس.

لڪين فوجي منهنجي تابع هئا،

جيڪي منهنجي حڪم تي هر وقت جان ڏيڻ لاءِ تيار رهندا هئا.

دنيا جي حاڪمن ۽ فوجن کي،

عام انسانن کي قتل ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي.

اهو ڏوهه جهڙو ڪم ناهي ۽ نه ئي

دنيا وارن ڪڏهن اهڙين ڪارروائين کي ڏوهه قرار ڏنو آهي.

اهي قتل صدين کان ٿيندا رهن ٿا.

اهو حق مون به استعمال ڪيو. مون ڪو ڏوهه نه ڪيو،

هزارين سالن کان اهڙيون،

ڪارروائيون ٿيندينون رهيون آهن.

هيل تائين ڪروڙين انسان قتل ٿي چڪا آهن.

انجي باوجود دنيا جو ڪوبه قانون ان عمل کي رد نٿو ڪري،

دنيا جي ڪنهن به عدالت جو دروازو ان عمل،

ان سنگين ڏوهه خلاف نه کليو.

دنيا جو ڪوبه ڪتاب،

ڪوبه اصول اهڙين خونريز ڪارروائين کي رد نٿو ڪري،

ان حد تائين،

جو دنيا وارا اهڙن قاتلن تي فخر ڪن ٿا،

انهن کي پنهنجو هيرو سمجهن ٿا.

دنيا جا تاريخدان اهڙن قاتلن

جو ذڪر سونهري لفظن ۾ ڪن ٿا.

اهو به ٻڌائين ٿا،

ته اهي قاتل ڪيڏا بهادر ۽ باهمت هئا.

دنيا ۾ عام انسانن

جي ڪابه اهميت يا حيثيت ناهي.

اهي ڪيڙن ماکوڙن وانگر،

اسان بادشاهن جي سرحدن اندر،

جيئڻ جو حق ماڻين ٿا.

اهي ته روز روز پيدا ٿيندا ۽ مرندا رهن ٿا.

اصل ڳالهه ته اسان حاڪمن،

بادشاهن، شهنشاهن جي آهي،

جيڪي هن ڌرتيءَ جا

حقيقي مالڪ،

ڌرتيءَ تي خدا جا نمائندا،

خدا جو پاڇو سمجهيا وڃون ٿا،

جن جا اختيار لامحدود آهن.

اهڙا شخص ڪيئن گنهگار

يا ڏوهاري ٿي سگهن ٿا؟

جيڪڏهن ائين هجي ها ته،

منهنجو اولاد-

ڪڏهن به اقتدار ۾ نه اچي سگهي ها.

منهنجو پٽ چغتائي خان،

منهنجي عظيم سلطنت جو وارث ٿيو.

منهنجي اولاد مان امير تيمور لُنگ

اڌ دنيا جو بادشاهه ٿيو.

هن هندستان کان ويندي روس جي وولگا وادیءَ تائين قبضا ڪيا.

ان کان علاوه ترڪي، شام، ايران،

عراق، آذربائيجان، جارجيا، آرمينيا ۽

ٻيا ڪيترائي ملڪ تيمورلنگ جي تابع ٿيا.

هن دليءَ ۾ قتل عام ڪرائي،

هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو ماري ڇڏيا،

جن ۾ اڪثريت مسلمانن جي هئي.

هن دمشق ۾

ويهه هزار مسلمانن جو قتل عام ڪرايو.

ان کان علاوه تيمورلنگ اسلامي دنيا جي عظيم سلطنت

''عثمانيه'' جي مسلمان بادشاهه بايزيد اول کي

انقره ويجهو جنگ ۾ شڪست ڏئي گرفتار ڪيو

۽ ڪيس جانورن جيان پنجري ۾ بند ڪري

پاڻ سان گڏ سمرقند کڻي ويو،

جتي هي بادشاهه قيد دوران مري ويو.

منهنجي اولاد مان هڪ

ٻيو شخص قبلائي خان،

جيڪو منهنجو پوٽو هو،

اهو عظيم سلطنت چين جو شهنشاهه ٿيو.

منهنجو ٻيو پوٽو هلاڪو خان،

جيڪو تمام مشهور حڪمران ٿي گذريو آهي،

جنهن جي ظلم و ستم، قتل و غارت جا ڪئين

قصا مشهور آهن. منهنجي ان پوٽي

اسلامي دنيا جي انتهائي طاقتور ۽ مرڪزي رهنما،

عباسي خليفي معتصم کي شڪست ڏئي بغداد تي قبضو ڪيو.

ان ڪارروائي دوران عباسي خليفو معتصم گرفتار ٿيو،

جنهن کي 300 اميرن، وزيرن

۽ مشيرن سميت قاهيءَ تي لٽڪايو ويو.

بغداد شهر کي چئني پاسن کان گهيرو ڪري

باهه ڏئي خاڪ ڪيو ويو،

جنهن ۾ لکين ماڻهو، عورتون

۽ ٻار سڙي پسم ٿي ويا.

اهڙيون ڪارروائيون

''فتوحات''

جي ڏنڊي جو عام رواجي حصو آهن،

جن تي پريشان ٿيڻ جي ڪابه ضرورت ناهي.

ان کان علاوه

منهنجي اولاد مان هڪ پيو شخص ظهيرالدين بابر،

هندستان جو بادشاهه ٿيو،

جنهنجو اولاد ٽي سئو سالن تائين،

هندستان تي حڪومت ڪندو رهيو.

اوهان اندازو لڳايو ته،

منهنجي اولاد لکين ماڻهو قتل ڪيا،

هزارين وسنديون ويران ڪيون، انجي باوجود،

منهنجي اولاد مٿان اڄ به وڏا وڏا عاليشان مقبرا اڏيل آهن،

انهن جو نالو انتهائي عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو.

انهن جي قبرن تي حاضري پرڻ، فاتحه پڙهڻ ۽ مغفرت لاءِ

نه فقط عام ماڻهو اچن ٿا،

بلڪه اهي شخص به اچن ٿا، جن جا ابا ڏاڏا، پڙ ڏاڏا،

هنن جي هٿان قتل ٿيا.

ان ڪري آئون اوهانکي ٻيهر ٻڌايان ٿو ته

حاڪم ۽ فوجي اهڙا ڏوهه ڪرڻ جي

باوجود ڏوهاري ناهن.

اهڙيءَ ريت نه منهنجو اولاد خطا وار هو

۽ نه ئي آئون خطا وار آهيان.

مون کان حساب گهرڻ اجايو آهي.

اوهين پنهنجو وقت ٿا وڃايو.

جيڪڏهن اوهان کي ٻيو ڪجهه پڇڻو آهي،

ته آئون جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

اهو چئي چنگيز خان فرشتن جي

منهن ۾ غور سان چٽائڻ لڳو.

”تنهنجو اصلي نالو؟ هڪ فرشتي سوال ڪيو.

”تموجين“.

تنهنجي پيءُ جو نالو؟

منهنجي پيءُ بابت، مون کي ڪا خبر ناهي ته هو ڪير هو،

هنجو نالو ڇا هو، ان کان آئون ناواقف آهيان.

چنگيز خان ڏاڍو نماڻائيءَ سان جواب ڏنو.

تنهنجو مذهب؟

ظلم-- چنگيز خان جواب ڏنو.

اهو ڪهڙو مذهب آهي؟

هي دنيا جو سڀ کان قديم ۽ طاقتور مذهب آهي،

جنهن جا پوئلڳ دنيا ۾ حڪمران، بادشاهه ۽ شهنشاهه ٿين ٿا.

’’مذهب ظلم جا ڪهڙا اصول آهن؟ فرشتن حيرت مان

چنگيز خان کان پڇيو.

’’دنيا ۾ انسان ذات کي،

ڪڏهن به سک، امن ۽ سلامتيءَ سان

زندگي گذارڻ جي اجازت نه ڏيو.

انهن مٿان لڳاتار جنگيون، لڳاتار حملا جاري رکو.

انهن جا شهر ۽ وسنديون تباهه و برباد ڪري ڇڏيو.

آزاد قومن جي سرحدن تي زوريءَ

فوجي قوت سان قبضا ڪري،

انهن جو ڌن دولت ۽ ٻيا سمورا مالي وسيلا ڦري ونو.

انهن جا مرد، انهن جون عورتون، جوان ٻڍ،

جوان ڏيئرون غلام بڻائي غير ماڻهن کي وڪرو ڪيو

ته جيئن شڪست کاڌل قومن جو اخلاق تباهه ٿي وڃي

۽ هو آزاديءَ لاءِ سوچي به نه سگهن.

شڪست کاڌل قومن کي لڳاتار غلاميءَ هيٺ رکڻ لاءِ

انهن مٿان لڳاتار دهشت، لڳاتار ظلم ۽ جبر جاري رکو.

معمولي ڳالهين تي به عام ماڻهن کي پيانڪ سزائون ڏيو.

انهن جا سرعام هٿ پير وڍيو.

کين اذيتون ڏئي ماريو،

انهن جون سسيون لاهيو،

ڪن کي صليب تي چاڙهيو،

ڪن کي ڦاهي ڏيو،

ڪن کي هاڻيءَ جي پيرن هيٺان چيپاڻي ماريو،

ڪن جي جيئري کل لاهيو ۽ ڪن کي جيئري دفن ڪيو.

ان کان علاوه جيڪي ماڻهو

شرافت، نيڪي ۽ امن جي ڳالهه ڪن،

انهن جي زبان وڍي ڇڏيو،

انهن کي آريءَ سان جيئري ٻه اڌ ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهن توهانجي اقتدار کي

اوهانجي پنهنجي

پيءُ، پاءُ، پٽ يا ٻي ڪنهن عزيز کان خطرو

محسوس ٿئي ته انهن کي بنا دير،

رحم کائڻ کان سواءِ ختم ڪري ڇڏيو،

اهي آهن مذهب ظلم جا چند اصول,

جيڪي تڪڙ ۾ آئون ياد ڪري سگهيو آهيان.

اهو چئي چنگيز خان ڏگهو ساهه پريو.

”مذهب ظلم جون عبادتگاهون ڪهڙيون آهن؟

فرشتن سوال ڪيو.

”دنيا ۾ جيڪي به فوجي اڈا، فوجي ڇانوٽيون،

فوجي تربيتگاهون آهن، اهي مذهب ظلم جون عبادتگاهون آهن.

جتي انسانن کي مهارت سان تڪڙو قتل ڪرڻ ۽ شهرن توڙڻ

اهم اڈاوتن کي تباهه ڪرڻ جي هر وقت خاص تربيت ڏني وڃي ٿي.

جتي هٿيارن جا انبار گڏ ڪيا ويا آهن،

جتي نت نوان خوفناڪ هٿيارتيار ڪيا وڃن ٿا.

جيتوڻيڪ مذهب ظلم جا پوئلڳ دنيا جي آبادي۽ جو اڌ فيصد به نه آهن،

مگر هنن وٽ ايترا ته هٿيار آهن،

جو هو هن ڌرتي۽ تي آباد سموري انسان ذات کي،

ڪئين ڀيرا ماري،

ختم ڪري سگهن ٿا،

ان کان پوءِ به هنن جا هٿيار بچي پوندا.

هنن کان دنيا جو ڪوبه انسان محفوظ ناهي.

نه عيسائي، نه مسلمان، نه ٻڌ، نه هندو، نه يهودي وغيره.

جيستائين دنيا ۾ ”فتوحات“ جو عمل جاري آهي،

جيستائين دنيا جون فوجون ”فاتحن“ جو ساٿ ڏيندیون رهنديون،

تيستائين مذهب ظلم باقي رهندو“.

- چنگيز خان جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي فرشتا خاموشي۽ سان کسڪي ويا.

نثر

غلام حسين شيخ جي نانءُ

فن ۽ فڪر جي دنيا جو هڪ وساريل نالو- هڪ معجزاتي شخصيت- هڪ انتهائي ذهين، باصلاحيت ۽ تمام پيارو شخص، جنهن سنڌ جي هڪ فنڪاره کي دنيا جي عظيم فنڪارن جي صف ۾ آڻي بيهاريو، جيڪا راڳ جي راڻي عابده پروين جي نالي سان سجاتي وجي ٿي. اسان کان وڇڙي ويل منهنجو هيءُ دوست اڪثر ياد ايندو آهي. سندس همٿائڻ سبب آئون نه چاهڻ جي باوجود شاعر ٿي ويس.

آڻي ڏئوم اُپَ مان، مِئل موٽائي

يوسفَ سندي يار کي، شل واحد ورائي

- يوسف

8 نومبر 1989ع تي مخدوم صاحب

جو ڏينهن ملهايو ويو، ان موقعي تي

ڪيل صدارتي تقرير

مخدوم بلاول شهيد

سنپاري ساڻ کي، سنڌو سَڏَ ڪري

لهي لوه لڳن تان، شل اهڙو واءُ ڪري

اچو پير پري، گهوٽ ٽيڻ گهاٽي ۾.

-يوسف

ڪئين سال اڳ، آئون سنڌ جي هن عظيم مرد مجاهد، آزاديءَ جي علمبردار، ڏونگر کان ڏاڍي انسان مخدوم بلاول شهيد جي حاضري پرڻ لاءِ آيو هوس. اڄ ٻيو ڀيرو سندن چاننڻ اڳيان بيٺل آهيان. ڀهريون ڀيرو جيئن ئي هتي پهتو هوس ته منهنجي اکين اڳيان ڏک ۽ اذيت جي هڪ وڏي دنيا ڦري ويئي هئي. ارغوني فوجون، انهن جو ظلم جبر، قتل و غارت ۽ پوءِ هڪ انسان جو گهاٽي ۾ پيڙهجڻ وارو سڄو سماءُ، منهنجي ذهن جي پٽيءَ تي اُپري آيو هو. ان وقت منهنجو اندر اڌ ٽٽڻ لڳو هو. نيٺ آئون بيوس ٿي مخدوم صاحب جي مزار لڳ پٽلي هٽي ويهي رهيس ۽ ڪيتري دير لاءِ پنهنجو پاڻ وڃائي ويٺس.

ان ڪيفيت اندر، گذري ويل پنج سئو سال موٽ کائڻ لڳا هئا. هڪ هڪ منظر ڏاڍو ڏکوئيندڙ هو، پوءِ ائين محسوس ٿيو هوم، جڏ ته ڪو مون کان اهو پڇي رهيو هو، ”منهنجي ڏرتي، منهنجي سنڌ جو اڄ ڪهڙو حال آهي؟“- ان سوال مون کي چرڪائي وڌو هو ۽ آئون واپس سامت ۾ آيس. پوءِ مخدوم صاحب جن کان موڪلائي سيوهڻ پهتس. مگر رستي ۾، ساڳيو سوال مسلسل منهنجي ذهن ۾ پنواٽيون کائيندو رهيو ته ”منهنجي ڏرتي، منهنجي سنڌ جو اڄ ڪهڙو حال آهي؟“.

سيوهڻ پهچڻ بعد، مون قلم کڻي، ڏاڍي شرمندگي، ڏاڍي عاجزي ۽ انڪساريءَ وچان لکڻ شروع ڪيو:

دانگيءَ دانهيو، رت ڪين وري

اجا پنڌ پري، بلال آهِ بخت جو.

O

رت وريو ڪينڪي، بخش ڪر بلال

پچينم پاتال مان، سنڌ کاڻ سوال

”اجا اگهور ۾، آهِ اُنهيءَ حال“

آيس تو در لال، دانهءَ ڏيڻ ديس جي.

O

رت وريو ڪينڪي، آهن سپ عليل

ڊوڙائين دليل، ته ماڳُ ملي ڪيئن ماڻ ۾.

O

لُڇن ڪين ڪُڇن، اهرا اٽيئي

گم آهن گهر ۾، سي ساڃن سپيئي

تنين کاڻ ويهي، ڪهڙي ڪيان هت ڳالهڙي.

O

نه واهي، نه ويجُ، نه مُک، نه مسيحُ

ڏسي حال ڏيهہ جو، جهُري پيم جيءُ

عجب منجها ايءُ، اوريم سور اُپ سين.

اُپ سان اهڙو سور اوريندي، لاشعور ۾ فقط هڪڙو ئي جواب جُڙيو هو:

هيئين سين حبيب، هل چڏي حيلو

جن ويجُ نه وسيلو، تن سورن سگهو ڪئو.

سگهو ٿيڻ لاءِ، سورن جي واٽ وٺڻي پوندي. اها بلالي واٽ آهي. مخدوم صاحب جن جو سبق آهي. هو سنڌ جي آزادي، اظهار جي آزادي ۽ عقيدي جي آزاديءَ لاءِ گهاٽي ۾ پيڙهجي ويو. اوهان اندازو لڳايو ته گهاٽي ۾ پيڙهجڻ جو فيصلو ٻڌڻ کان پوءِ، گهاٽي تائين هلي وڃڻ ۽ اذيتناڪ سور سهڻ وارو مرحلو ڪيڏو پيانڪ ۽ ڪيڏو نه ڏکوئيندڙ هوندو. اهڙو فيصلو ٻڌڻ لاءِ ستن آسمانن جيتري وسعت رکندڙ دل ۽ همالیه جيترو حوصلو ۽ قوت گهرجي. اها قوت، اهو حوصلو سنڌ جي هن عظيم فرزند کي نصيب ٿيو. اها سنڌ جي تاريخ جي خوشنصيبي آهي، جنهن ايڏي باهمت، باعزم ۽ بهادر انسان کي جنم ڏنو. شل اها ڏات، اهو ڏاهه، اهو حوصلو اسان سڀني کي نصيب ٿئي.

مون ابتدائي طور، جيڪا به شاعري ڪئي اها مخدوم صاحب جن جي نالي منسوب ڪيم ۽ ان دوران سر بلال پڻ لکيم. منهنجي اها عقيدت ڏسي، هڪ پيري سائين جي ايم سيد ملاقات دوران ٻڌايو ته پاڻ به مخدوم صاحب جن جا مريد آهن. ان ڏينهن، ان گهڙيءَ پهريون پيرو مون کي سائين جي ايم سيد جي لکيل ڪتابن بابت اصل راز معلوم ٿيو، جيڪي گهٽي پاگي بندش هيٺ آهن. اهي ڪتاب سنڌي علم ۽ ادب ۾ تمام مٿانهون درجو رکن ٿا. اهڙا ڪتاب فقط بلالي واٽ وٺندڙ لکي سگهن ٿا. اڄ منهنجي هيءَ ڳالهه چگي طرح ٻڌي ڇڏيو ته جڏهن به سائين جي ايم سيد کي سياست کان ڌار ڪري پرکيو ويندو تڏهن مخدوم صاحب جي هن مريد کي، سنڌي نثر جي دنيا ۾ اهو ئي مقام ملندو، جيڪو شاعريءَ جي دنيا ۾ شاهه لطيف کي حاصل آهي.

سائين جي ايم سيد اڄ ڪلهه ناچاڪ آهي. خدا کين وڏي جمار ڏي. آئون مخدوم صاحب جي هن درگاهه اڳيان، سندن صحتيابيءَ لاءِ دعاگو آهيان.

بلالي واٽ، هڪ ڏکي ۽ ڏاڍي اڙانگي واٽ آهي. جنهن تي هلڻ جي، ويجهڙائيءَ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي به سعادت نصيب ٿي. شهيد ڀٽو ٻه سال ڦاهي گهاٽ ۾ موت سان اکيون اکين ۾ ملائي وڙهندو رهيو. انهن ٻن سالن ۾ ڪا هڪ گهڙي به اهڙي نه آئي، جڏهن هن موت کان خوف کاڌو هجي يا زندگي بچائڻ لاءِ سوديبازيءَ تي تيار ٿيو هجي. اها همت، اهو حوصلو، اها قوت ۽ عظمت فقط بلالي واٽ تي هلندڙن کي ملي سگهي ٿي. دنيا جي ڪنهن ورلي قوم ۾، اهڙا عظيم انسان پيدا ٿيندا آهن. مگر اسان وٽ، مخدوم بلاول شهيد کان پٽي شهيد تائين، موت کي مات ڏيندڙن جو سلسلو جاري آهي. اهو هڪ عظيم قوم جو عظيم ورثو آهي. جنهن جا اسين امين آهيون، وارث آهيون. ان تي اسان جيترو فخر ڪريون، اهو گهٽ آهي.

آئون ڄاڻان ٿو ته اڄ جي سنڌ ڏاڍين ڏکن ڏولاون ۾ مبتلا آهي. اسان جو وجود خطري ۾ آهي. اسان جي ڌرتي، اسان جي ٻولي، اسان جي تهذيب سڀ خطري ۾ آهن. ڪوڙا بهتان هٽي، دوکو ڏيئي اسان جي سورمن کي شهيد ڪرڻ جو سلسلو اڄ به جاري آهي. اڄ به ڪيئي ارغون مختلف نالن ۽ نعرن هيٺ، اسان کي هيسائڻ، اسان کي غلام رکڻ چاهين ٿا. آئون هتي فقط ايترو عرض ڪندس ته سنڌ جي سپني ماڻهن کي نجات لاءِ هن درگاهه تي اچڻ گهرجي. هي پَنڌُ، جتي اڄ اسان موجود آهيون، ڏاڍو مقدس ۽ پاڪ آهي. هتي اچڻ وارن کي، موٽ ۾ حوصلو، همت ۽ بهادري ملي ٿي. هن درگاهه تي ڪنهن شخص کي پُٽ جي باس باسڻ جي ضرورت ناهي. هتي همت ۽ حوصلو ملي ٿو، هتي همت ۽ مردانگيءَ سان جيئڻ جو سبق ملي ٿو. جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو حق جي جنگ کٽڻ چاهين ٿا ته هنن کي هن درگاهه جو هلي اچي پاڻي پيئڻ گهرجي. جيڪڏهن منهنجو وس پڄي ته آئون سنڌ جي سمورن ماڻهن کي فقط هڪ ڏينهن لاءِ هن درگاهه تي اچڻ جو سڏ ڏيان. يقين ڄاڻو ته اهو ڏينهن سنڌ جي نجات جو ڏينهن ثابت ٿيندو.

آخر ۾ آئون سر بلال مان، پنهنجي سنوٽ ورجايان ٿو:

متان ڌرو ڏاڏَ کان، ڏاڍي ناه ساه

گهوري ساهه پساه، گهڙي پئو گهاڻي ۾.

هيءَ ڌرتي تو کي پرتي

سائين جي ايم سيد جي نانءُ

سُمهان سُمهڻُ نه ڏينِ، سُور هِنَ ساڻِيهَ جا

ويهان ته وارُ ڪنِ، هَلان ته هوڪارينِ

اَنڻي پَهرَ اندرَ ۾، ٻارڻ سي ٻارين

مُون ماريو جيارينِ، پَل پَل پِرت سين.

O

هيءَ ڌرتي، توکي پرتي، پنهنجي الهه توهارَ

وارثَ، والي! آهيان سُوالي، رکجان سَپَ سنپارَ

پنهنجي الهہَ توهارَ.

ليکو آهِ لکئي جو، مٹلَ ناهِ ميارَ

پنهنجي الهہَ توهارَ.

ايندي ياد اوهان جي دَم دَم، کٹي دَردَ هزارَ

پنهنجي الهہَ توهارَ.

رهندي يوسفَ روحَ ۾، هن منڊيءَ جي مهکارَ

پنهنجي الهہَ توهارَ.

شيخ اياز جي وفات کان فوري بعد قيد دوران لانڍي جيل ۾ لکيل

شيخ اياز

هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن هيءَ دنيا سرمائيداري ۽ سوشلزم، رجعت پرستي ۽ ترقي پسند نظرين ۾ ورهايل هئي. دنيا جي تقريبن اڌ آبادي پنهنجي مذهبن کي پاسيرو ڪري، ڪميونسٽ يا سوشلسٽ ٿي چڪي هئي. تاريخ ۾ پهريون پيرو دنيا جي هڪ وڏي حصي مان سرمائيداري، جاگيرداري ۽ زميندارِيءَ کي ختم ڪري، سمورا ”پيداواري وسيلا“ عام ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيا ويا هئا. هن دنيا جي سموري دولت کي ”پورهيت عوام جي ملڪيت“ قرار ڏئي، اهو به فيصلو ڪيو ويو ته ”هر شخص جون ضرورتون، هن جي گهُرجن مطابق پوريون ڪيون ويندیون“. انهن نظرين تحت دنيا ۾ پهريون پيرو ”انساني حقن ۽ عورت کي مرد برابر درجو ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي ۽ اهو به چيو ويو ته سڀ انسان برابر آهن، ان ڪري سڀني انسانن کي تعليم، صحت، گهر ۽ روزگار تي برابر جا حق ملڻ گهرجن. اهو به چيو ويو ته اهو ڏينهن جلد ايندو جڏهن دنيا مان ظلم، جبر، اقتصادي ناهمواري، سرحدون ۽ رياستون ختم ٿي ويندیون. استحصال کان پاڪ، هڪ نئين ۽ خوشحال دنيا جنم وٺندي، جتي رهندڙ سمورا انسان ”متحد“ ٿي، پاڻ ۾ ملي، هڪ ٿي ويندا. لاتعداد تفرقن بدران پاڻ کي فقط ”انسان“ سڏائيندا.

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن پهرين ۽ بي عالمي جنگ کان پوءِ، ڪيترين ئي سامراجي قوتون وجود وڃائي ويٺيون. نتيجي طور، دنيا ۾ هر طرف غلاميءَ جون زنجيرون ٽٽڻ لڳيون، بيشمار قومون آزاد ٿيون ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سئو نوان آزاد ۽ خودمختيار ملڪ پيدا ٿيا. آزادين جو اهو سلسلو جاري رهيو ۽ دنيا جي چئني حصن ۾ رجعت پرستي، سرمائيداري، جهالت ۽ جاگيرداري خلاف تحريڪون تيز ٿينديون ويون، جن سبب دنيا مان خاص طور

”بادشاهتون“ ڏاڍو تيزيءَ سان ختم ٿيڻ لڳيون. مغربي يورپ جي ڪيترن ئي بادشاهن هوشياريءَ کان ڪم وٺندي، اقتدار بچائڻ لاءِ پنهنجا سمورا اختيار عوام جي حوالي ڪري اعلان ڪيو ته هو فقط نالي ماتر بادشاهه ٿي رهندا. ٻئي طرف مشرقي يورپ جي بادشاهن پنهنجن ملڪن مان پڄي جان ڇڏائي. هوڏانهن ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪئين بادشاهتون ڊهنديون ويون.

آمريڪا توڙي يورپ ۾ اتي جي حاڪمن رجعت پرستي ۽ سرمائيدارانه نظام کي بچائڻ لاءِ ڪيترائي اقتصادي، سياسي توڙي سماجي ”اصلاحات“ آندا، ان هوندي به هيءَ دنيا ڏاڍو تيزيءَ سان سوشلزم ۽ ترقي پسند نظرين ڏانهن وڌندي رهي. ان طوفان کي روڪڻ لاءِ سامراجي قوتن سمورا جائز توڙي ناجائز طريقا استعمال ڪيا. خاص طور ايشيا، آفريڪا ۽ لئٽن آمريڪا جي ملڪن مان جمهوري حڪومتون ختم ڪرائي، اتي فوجي حڪومتن کي اڳيان آندو ويو، جن کي امداد جي نالي ۾ تمام وڏيون رقمون ڏنيون ويون. فوجي حاڪمن سرمائيدارن جا مفاد پورا ڪرڻ لاءِ پنهنجي عوام مٿان ظلم جا در کولي ڇڏيا ۽ ڪيترن ئي عظيم عوامي رهنمائن کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيو. اهڙي ڏکئي وقت ۾ دنيا جا ڪيترائي اديب ظلم، جبر ۽ رجعت پرستيءَ کي روڪڻ لاءِ ميدان ۾ لهي آيا. هنن هڪ نئون عوامي ۽ انقلابي ادب دنيا کي ڏيڻ شروع ڪيو، جنهن سبب هر طرف ڪيترائي بت ڀڃڻ لڳا. اهڙي ادب کي ”ترقي پسند ادب“ چيو ويو. اهڙي ادب کي به روڪڻ لاءِ فوجي حاڪمن ڪات ڪهاڙا تيز ڪري ڇڏيا. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ خاص طور سنڌ ۾ اهڙي ترقي پسند ادب جي اڳواڻي شيخ ايياز ڪئي، جنهن نثر توڙي شاعريءَ جي ميدان ۾ اهڙو سيڪيولر ادب پيدا ڪيو، جنهن جو اسان وٽ اڳ ڪو مثال نه هو. اهڙو ادب پيدا ڪرڻ سبب شيخ ايياز کي ڪيترائي پيرا جيل پوگهٽو پيو. سنڌ ۾ ترقي پسند ادب پيدا ڪرڻ لاءِ ايياز سان گڏ ٻيا ڪيترائي اديب به ميدان ۾ لهي آيا، جن ۾ جي ايم سيد، محمد عثمان ڏيپلائي، محمد ابراهيم جويو، جمال ابڙو، رسول بخش پليجو، شمشير الحيدري، آغا سليم، قمر شهباز، تاج بلوچ، رشيد پٽي، امداد حسيني، فتاح ملڪ، ماهتاب محبوب، نور الدين سرڪي، علي بابا ۽ ٻيا ڪيترائي اديب شامل آهن. انهن سمورن اديبن جو مقابلو ڪرڻ ۽ رجعت پرستيءَ کي بچائڻ لاءِ فقط هڪ شخص سردار علي شاهه ميدان ۾ لٿو، جيڪو پير پاڳاري جي اخبار ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر هو. اها اخبار گهٽي پاڳي سردار علي شاهه پاڻ لکندو ۽ پاڻ ئي پڙهندو هو.

منهنجي ٽيهارو سال کن اڳ شيخ ايياز سان ملاقات ٿي، جا تمام تڪڙو دوستيءَ ۾ بدلجي وئي. انهن ڏينهن ۾ آئون ڪٿر قسم جو ويجيٽيرين هئس ۽ لڳاتار ٻٽيهه سال ويجيٽيرين رهيس. گوشت ته نهيو پر گوشت وارو پت به نه کائيندو هئس. ڪنهن جيئري ساهه واري کي ماري، ان جي گوشت سان پنهنجي پيٽ کي پرڻ مون لاءِ ڏوهه هو. ان ڪري مون دعوتن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. شادين مرادين ۾ به وڃڻ کان ڪيبائيندو هئس. ڪيئن ڪنهن کي سمجهايان ته آئون گوشت نه کائيندو آهيان، ان ڪري دعوتن ۾ اچي چا ڪريان؟ ان صورتحال سبب آئون گهٽي پاڳي دنيا وارن کان ڪٽجي ويس. منهنجا فقط اهي دوست وڃي بچيا، جيڪي منهنجي مجبوري سمجهي مون وٽ پاڻ هلي ايندا هئا. انهن ۾ شيخ ايياز به شامل هو.

هتي آئون ڪنهن وڏ ماڻهپي جو اظهار نٿو ڪيان. ايياز توڙي سنڌ جا ٻيا وڏا اديب جيڪي مون وٽ ايندا هئا، اهي سڀ قابل احترام آهن. آئون انهن سان سندن مان مرتبي مطابق ملندو رهيو آهيان. ايياز سان منهنجي دوستي هئي. آئون سندس بيحد احترام ڪندو هئس ۽ هو حقيقي طور احترام لائق هو. هو منهنجي هفتيوار برسات واري آفيس تي پوري اعتماد سان بنا خوف خطري جي ائين ئي ايندو هو، جڏ ته اها سندس ئي آفيس هجي. گهٽو ڪري ناتال جي موڪلن دوران هو هر سال سکر کان ڪراچي ايندو هو، پوءِ هر روز منهنجي آفيس ۾ اسان جي ملاقات ٿيندي هئي. ايياز ڪيترو وڏو اديب ۽ شاعر هو، اهو اڃا فيصلو ٿيڻو آهي. مگر هڪ ڳالهه ذري گهٽ ايياز جي زندگيءَ ۾ ئي طئه ٿي وئي هئي ته هو شاهه کان پوءِ سنڌ جو وڏو شاعر آهي. خود ايياز کي ان حقيقت جو احساس هو. ايياز کي سڀ کان گهٽو ”موت“ جو خوف تنگ ڪندو هو. هوننن موت برحق آهي. پر وقت کان اڳ موت جو اچڻ ڏاڍو پريشان ڪندڙ مسئلو آهي. هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي جڏهن ايياز جا اڃا نَو (9) کن ڪتاب شايع ٿيا هئا. هن کي اجا گهٽو ڪجهه لکڻو هو پر دل جي بيماريءَ سبب هن کي اهي وهم ويڙهي ويا ته شايد موت هن کي ايتري وٽي نه ڏينندو، جو هو ايترو لکي سگهي، جيترو هن لکڻ چاهيو ٿي. مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هاڻ اوهان وڪالت ڇڏي سمورو وقت لکڻ کي ڏيو. نتيجي طور هو سکر ڇڏي ڪراچيءَ هلي آيو. ان

دوران قدرت هن تي تمام گهٽو مهربان رهي ۽ هن کي پوري وٺي ڏني وئي، جو هو پنجاهه کن ڪتاب لکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

هڪ پيري آئون سائين جي ايم سيد جي طبيعت معلوم ڪرڻ لاءِ جناح اسپتال ويس، هو اسپيشل وارڊ ۾ زير علاج هو ۽ نظربند هو. ڳالهين دوران سائينءَ مون کان پڇيو ته ”تنهنجي دوست شيخ اياز جو ڪهڙو حال آهي“. مون چيو مانس ته ”هو بلڪل ٺيڪ آهي“ ان تي چيائين: ”شيخ اياز کي منهنجي طرفان چئج ته ”جيڪر اسان کان ڪا خطا ٿي هجي ته اسان کي بخش ڪر“. اها ڳالهه ٻڌي آئون اچرج ۾ پئجي ويس ۽ ڪيتري دير تائين سائينءَ جي اکين ڏانهن تڪيندو رهيس، جيڪي سوال ٻڌجي مون ڏانهن ڏسي رهيون هيون. مون وڌي، سائين جي هٿ تي هٿ رکي فقط ايترو چيو ته آئون سپاڻي ٻارهين وڳي شيخ اياز کي وٺي اوهان وٽ ايندس“. سائينءَ ڏاڍي پيار ۽ پاڻپوهه مان اهو يقين ڪرڻ خاطر مونکان ورجائي پڇيو ته ڇا واقعي هو تو سان گڏ هتي ايندو؟ مون فقط مسڪرايو ۽ ٻاهر نڪري آيس. مون کي ٻڌايو ويو ته گذريل سورنهن (16) سالن کان اياز ۽ سائين جي ايم سيد جي وچ ۾ اختلاف آهن. ڪن دوستن نبيرو ڪرائڻ جي ڪوشش به ڪئي پر ڪجهه نه وريو. ٻئي ڏنگا ۽ ڏاڍا مڙس هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. حالانڪ ٻنهي جي منزل ساڳئي هئي.

آئون ڪافي شش و پنج ۾ پئجي ويس ته هاڻ ڇا ٿيندو. عجيب اتفاق ٿيو ته جيئن ئي سائينءَ کان ٿي پنهنجي آفيس پهتس ته شيخ اياز اڳ ۾ ئي اتي ويٺو هو. مون کيس سڄو قصو ڪري ٻڌايو. هن شڪايت طور ڪجهه چوڻ چاهيو ته مون کين عرض ڪيو ته آئون سپاڻي ٻارهين وڳي جو سائينءَ کي ٽائيم ڏئي آيو آهيان، هو اسان جو انتظار ڪندو. بهرحال، ٻئي ڏينهن تي اسان گڏجي مقرر وقت تي سائينءَ وٽ پهتاسين. هن وڏو اهتمام ڪري رکيو هو. ڪيترا نوجوان چوڪرا اتي موجود هئا. شيخ اياز، سائينءَ کي پيرين پئي مليو ۽ پوءِ جيتري دير ويٺاسين، اوتري دير گهٽي پاڳي فقط سائين جي ايم سيد ڳالهائيندو رهيو. جڏهن سائينءَ کان موڪلائي اسان ٻاهر نڪتاسين ته هڪ پيرو وري سائينءَ مون کي اندر سڏيو. هو ڏاڍو خوش هو. هن منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي چيو، ”يوسف، تنهنجو اهو ٿورو آئون نه وساريندس“. مون سائين کي هٿ ٻڌا ۽ چيم ته ڏاڍائي نه ڪريو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري آيس.

ٽيهن سالن جي دوستيءَ دوران اياز فقط هڪ پيرو هڪ ڏينهن لاءِ مون سان ناراض ٿيو. تاج بلوچ جي ڪتاب جو مهورت هو. ان موقعي تي مون تقرير ڪندي سوشلزم جي عروج ۽ زوال بابت پنهنجي راءِ ڏني ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ته سويت يونين جي سياسي زوال کي ڪيترائي ماڻهو سوشلزم جو زوال سمجهن ٿا.

مون ان ڳالهه تي به حيرانگي ظاهر ڪئي ته سويت يونين جي ڦٽڻ سبب ڪيترن ئي ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جا مٿا ٽڙڪا ڏيئي ڦاٽي پيا آهن. ڪي ترقي پسنديءَ جو لباس لاهي مسجدن ۾ هليا ويا آهن ته ڪن ڏاڙهيون ڪٽي رکيون آهن. منهنجي ان تقرير بابت شيخ اياز کي ڪنهن غلط رنگ ڏئي خبر ناهي چا چا ٻڌائي ڇڏيو. اها منهنجي لکيل تقرير هئي. جڏهن اياز ڏوراپو ڏئي وڃڻ لڳو ته مون کيس اها تقرير پڙهڻ لاءِ ڏني ۽ عرض ڪيو ته سويت يونين جي زوال، حقيقي طور سوشلزم کي نقصان پهچايو آهي. انسان ذات کي واپس رجعت پرستيءَ ڏانهن ڌڪيو وڃي ٿو. اها منهنجي ذاتي راءِ آهي ۽ اسان ذاتي راءِ جي حوالي سان هميشه هڪٻئي جو احترام ڪيو آهي ۽ ڪڏهن هڪٻئي سان ناراض نه ٿيا آهيون. ان وضاحت کان پوءِ مون ۽ اياز اها ڳالهه وري ڪڏهن نه ورجائي. جڏهن اياز روزانه برسات جو چيف ايڊيٽر ٿيو ته هن اوچتو هڪ ڏينهن ”دعائون“ شايع ڪرڻ لاءِ ڏنيون. پوءِ اهو سلسلو هر روز هلندو رهيو. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ اياز مون کان پڇيو ته ”دعائون“ ڪيئن ٿيون لکجن. مون حيران ٿيندي پڇيو ته اوهان اهو سوال چو ٿا پڇو، دعائون ته هر روز ڇپجن پيون؟ ان تي چيائين: ”تنهنجي راءِ گهرجي“ مون ڏاڍي بيوسيءَ وچان فقط ايترو چيو ته ”شيخ صاحب، اوهان پنهنجي سموري لکڻين سميت عوام اڳيان جوابده آهيو، اهي ئي اوهان جي لکڻين بابت صحيح راءِ ڏيندا، جا آخري ۽ قيمتي راءِ هوندي“.

آئون اڄ به چوان ٿو ته اياز جي لکڻين بابت ڪيترائي اختلاف ٿي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته هن جي شاعريءَ جا ڪيترائي دور آهن، ڪيترائي رنگ آهن، ڪيترائي حوالا آهن. هن ملحد کان متقيءَ تائين، ادنيٰ کان اعليٰ ذهن لاءِ علم،

ڏات ۽ ڏاهه جا ڪئين خزانا، ڪئين تخليقون ڇڏيون آهن، جن تي اڄ نه ته سُپان تحقيق ٿيندي. اياز نه فقط وڏو شاعر هو بلڪه تمام وڏو نثر نويس، عالم ۽ مفڪر هو. هن جي نثر جي ڪائنات تمام وڏي آهي، جا عالمي ادب ۾ هن کي تمام مٿاهون مان ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهي. جنهن تي اسان کي هميشه ناز رهندو.

مون کي افسوس آهي ته سندڙ جي هن عظيم شاعر، اديب، عالم ۽ مفڪر کي هڪ اهڙي هنڌ دفن ڪيو ويو آهي، جتي هو آزاديءَ سان پنهنجي الڳ دنيا وسائي نه سگهندو. سچ پچو ته اياز جي دنيا ڏاڍي وسيع، دلڪش ۽ حيران ڪندڙ آهي. اياز کي پنهنجي دنيا ۾ جيئرو رهڻ جو حق ملڻ گهربو هو.

مور نه وسرن مون!

پير حسام الدين راشديءَ جي نانءُ

ويهي ڪين وڃائي، ڪا ساعت سوائي

تنين لاءِ آئي، موٽي مُندَ بهار جي.

O

ساريو سانبيئڙن کي، هينئڙي پونُ هولَ

ٻيلي تن جا ٻولَ، مور نه وسرن مون.

O

ڏاها، ڏات ڏٽي، ڪهڙي واڌَ ويا

اڄ وري انهن جا، پُورَ مون پيا

ڪهڙي واڌ ويا!؟

هاڻ نه گهرجن مون، ٻيلي ڏسَ ٻيا

ڪهڙي واڌ ويا!؟

سبقُ ڏيئي سَچَ جو، سي ٿانيڪا ٿيا

ڪهڙي واٽ ويا!؟

اچن شال اگڻ تي، يوسفَ آس اِيا

ڪهڙي واٽ ويا!؟

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مخدوم صاحب سان گهڻي پاڳي قلمي دوستي رهي. سندن جيڪي به نوان ڪتاب شايع ٿيا، اهي هو ڏاڍي پيار ۾ پاڻهه سان مون ڏانهن موڪليندو هو. بعد ۾ خطن ذريعي حڪم ڪيو ويندوهو ته آئون انهن ڪتابن تي پنهنجي راءِ لکي موڪليان. انهن مان ٻن ڪتابن بابت ڏنل راءِ هيٺ ڏجي ٿي:

ديوان طالب المولىٰ مليو- ڏاڍي خوشي ٿي.

اوهان خاص طور جنهن سڪ سان پنهنجو ديوان موڪلڻ فرمايو آهي، ان لاءِ ٿورائتو آهيان. اوهان جو هي ڪلام صدين تائين پڙهيو ۽ ڳايو ويندو. شاعريءَ ۾ اوهان جا نوان تجربا ٻين لاءِ مشعل راهه رهندا.

اهو شخص جنهن کي دولت ۽ شهرت اڇيئي ورڻي ۾ مليل هجي، اهو پنهنجي ان ورڻي کان بغاوت ڪري، نئين راهه، علم جي راهه اختيار ڪري، اها خوشبختي چئبي. جيڪا اوهان کي نصيب ٿي آهي.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن ماڻهن کي وڏا وڏا دولتمند، زميندار، رئيس، ظاهري شهرت رکندڙ پير و مرشد وسرندا ويندا. بهرحال، اوهان پنهنجي شاعريءَ سان گڏ هميشه ياد رکيا ويندا- اوهان جو اهوئي ڪٽيو سجايو آهي.

خير انديش يوسف شاهين (آگسٽ، 1982ع)

—— توهان ”بي پير اکيون“ موڪلڻ جي عنايت ڪئي، ان لاءِ ٿورائتو آهيان، اهو ڪتاب گهٽا ڏينهن اڳ مون کي مليو هو. ان وچ ۾ به ٽي پيرا ضروري ڪم سانگي يورپ وڃڻ ٿيو، ان ڪري اوهان کي وقتائتو جواب نه ڏئي سگهيس.

مون ڪئين پيرا ورجائي ورجائي، هن ڪتاب جي حصي ۾ آيل اوهانجون ڪافيون پڙهيون آهن. حسن و عشق، نياز نوڙت، وچوڙي ۽ وصال جي هن پرپور شاعريءَ ۾ ڏاڍي سونهن ۽ اڻ ميو پيار پريل آهي، جنهن جي انتها حقيقي عشق

تي ٿئي ٿي. يقين ڄاڻو ته، انهن ڪافين کي پڙهن سان ٻڌڻ جيترو مزو آيو. ڪيترن ئي ڪافين جون پهريون سٽون مڪمل ڪافيءَ جو تاثر ڇڏين ٿيون- ”ڪنهن سانولڙي جو خواب آهيان، ڪنهن جي خوابن جي تعبير آهيان، تنهنجو حسن اچي نه حسابن ۾، تنهنجون شوريل ٻئي شهباز اکيون، عشق سندو الهام اکيون، عشق ۾ ٿيون استاد اکيون، منهنجي عشق جون پيش امام اکيون، مست و مست قلندر لال اکيون“.

اهي ڦوهه جوان سٽون، پنهنجي اندر ۾ مڪمل ڪافي ۽ هڪ مڪمل پيغام جو اثر رکن ٿيون. اها وڏي ڏات آهي. اوهان جي شاعري اڄ، اڄي کان اڳري آهي. شل، اوهان وڏي ڄمار ۽ شاعري جون اڃا وڌيون منزلون ماڻيو.

خيرانديش

يوسف شاهين

4 فيبروري، 1988ع

مخدوم طالب المولیٰ ڏانهن موڪليل بيت

اهڙين اکين جي، ڪيمَ ڪيجي ڪاڻ

جن لئه واجهائين، هي انڌيون اَڻ ڄاڻِ

ڪري روحَ رهاڻ، طالب مولا تن سين.

نومبر 1980ع ڌاري مخدوم صاحب جون اکيون خراب ٿي ويون. کين ڪيترائي ماڻهو ڏسڻ ۽ سندن حال معلوم ڪرڻ لاءِ ايندا رهيا. اهڙيون خبرون اخبارن ۾ به ڇپنديون رهيون. آئون انهن ڏينهن جاپان ويل هوس. واپسيءَ تي مون کين مٿيون بيت لکي موڪليو.

جواب ۾ مخدوم صاحب 4 جنوري 1980ع تي خط موڪليو جنهن ۾ لکيائين: ”اندازو ٿئي ٿو ته اوهانجي بيتن واري شاعريءَ ۾ تيزيءَ سان ترقي ٿي آهي“.

قمر شهباز

هڪ ڏينهن قمر شهباز اوچتو منهنجي آفيس تي آيو، جتي ڪجهه ٻيا ماڻهو اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. هو ڏاڍي تڪڙ ۾ هو. چيائين منهنجي ايندڙ ڪتاب جو بئڪ ڪور لکي ڏي. چيومانس ته اڄ رات لکندس، سپاڻي کڻي وڃجو. چيائين نه، هينئر جو هينئر لکي ڏي. پوءِ حڪم جي تعميل ڪئي وئي. جيڪي ڪجهه مون سندس روبرو لکيو اهو هيٺ ڏجي ٿو:

آه سنجهه سُڀاءُ، آس اها ئي هيڪڙي

قمر تو مٽاءُ، چوڏهين مور نه اُلهي.

مٿيون بيت پڙهي حيرانيءَ وچان مون کان پڇيائين ته هي بيت تو ڪڏهه لکيو. چيو مانس حضور سڀ ڪجهه ته توهانجي سامهون لکيو اٿم-يوسف

ڪلاڇيءَ جي ڪُن ۾ مورڙي جا چهه پائر هڪٻئي کي بچائڻ خاطر غرق ٿي، مانگر مڇ جو ڪاڇ بڏجي ويا. اهڙي ئي ويڌن ۾ اڄ، سنڌ جو ادیب ڦاسي پيو آهي.

ڏکن جي هن ڏيهه جا ڏکويل ماڻهو، شايد هڪ وڏي ڪُن، هڪ وڏي واڳونءَ جي وات ۾ اچي ويا آهن، جن کي بچائڻ لاءِ اسان جا ادیب، شاعر هڪ ٻئي پٺيان پاڻ اڇلائيندا ٿا اچن. اڻ کٽ ڏکن جي ان سلسلي، اسان جي شاعرن، ادیبن کي اڌ ڪري وڌو آهي. ڪي دل جا مريض ٿيا آهن، ڪن پاڻ وڃائي ڇڏيو ته ڪن کي ماڻ لڳي ويئي آهي. انهن ٿنهي ڪيفيتن مان اسان جو هي دوست، سنڌ جو شاعر ۽ ادیب قمر شهباز گذري رهيو آهي.انتهائي حساس، انتهائي ذهين، هڪ ئي وقت بي حساب صلاحيتن جو مالڪ- ادیب، شاعر، افسانه نگار، ڊرامه نويس، اداڪار، بهترين راندیگر، ڪامياب ڪامورو ۽ هڪ سٺو استاد، هر چئلينج، هر مقابلي لاءِ ميدان ۾ لهي ايندڙ. سدائين اهو احساس ڏيارينڙ ته هيءَ زندگي جنگ جو ميدان آهي، جتي باهمت ۽ بهادر سپاهيءَ جيان ويڙهه کائڻ گهرجي. مڙڻ ۽ مونڻ مڙسن جو ڪم ناهي.

افسوس آهي ته، هي شخص انمول انسان سنڌ جي روايتي بيقدريءَ جو تمام گهڻو شڪار رهيو آهي. سندس فن ۽ اعليٰ تخليقن جي پرک اڃا ٿيڻي آهي. خدا ڪيس وڏا ڏينهن ۽ ڊگهي ڄمار ڏي.

وائي

تو وساري ڇڏيان، پاڻُ ماري ڇڏيان

سَوَ صديون پَلَ ۾، گهاري ڇڏيان

اهو ضد ڇڏي ڏي.

ڪڏهن ناهيون ملڻا، ٻُڌي سين اِها ڳالهه

وڇوڙي جي واڻ تي، هانءُ هاري ڇڏيان

تو وساري ڇڏيان

اهو ضد ڇڏي ڏي

سواءِ تنهنجي، سپوئي سوُرَ ٽيا ساڻي

اُنهن سورن سياڻن کي، ڪيئن ٽاري ڇڏيان

تو وساري ڇڏيان

اهو ضد ڇڏي ڏي

آهن ياد يوسف کي، فقط تنهنجون ڳالهيون

اهي ڳالهيون دل تان، ميساري ڇڏيان

تو وساري ڇڏيان

اهو ضد ڇڏي ڏي.

اهو ضد ڇڏي ڏي.

مولوي عبدالحق رباني

انگلينڊ جي تاريخ ۾ عيسائي مذهب جي اڳواڻ ٿامس بڪيٽ (THOMAS BECKET) جو نالو بيحد احترام سان ورتو وڃي ٿو. ٻارهين صديءَ دوران هي شخص ڪئنٽربري جو آرڪ بشپ هو. انگلينڊ جا بادشاهه تاج پوشيءَ لاءِ لازمي طور ڪئنٽربري ايندا هئا. ٿامس بڪيٽ جا انگلينڊ جي طاقتور بادشاهه هينري اول سان ان وقت سخت اختلاف ٿي پيا، جڏهن هُن مذهبي معاملن ۾ بيجا مداخلت شروع ڪري ڏني. ٿامس بڪيٽ بادشاهه کي گهٽو ئي سمجهايو پر هو نه مڙيو، بلڪه بڪيٽ کي ملڪ بدر ڪري ڇڏيائين. مذهب سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ بڪيٽ بادشاهه کي عيسائي مذهب مان خارج ڪري ڇڏيو ۽ اعلان ڪيائين ته ڪوبه فرد بادشاهه جو حڪم نه مڃي ۽ نه ڪيس بادشاهه طور تسليم ڪري. جيڪي ائين ڪندا، اهي به مذهب مان خارج سمجهيا ويندا. جڏهن هينري اول جي بادشاهت هٿن مان وڃڻ لڳي ته هو پاڻ هلي وجي ٿامس بڪيٽ سان فرانس ۾ مليو، جتي هو جلاوطن زندگي گذاري رهيو هو. هينري، بڪيٽ اڳيان آڻ مڃي ۽ ڪيس واپس انگلينڊ اچڻ لاءِ چيو ۽ اهو به يقين ڏياريو ته هو آئنده مذهبي معاملن ۾ مداخلت نه ڪندو. دراصل، بادشاهه اهي سڀ واعدا بدنيتيءَ سان ڪيا. هو بڪيٽ کي دوکو ڏئي رهيو هو. جڏهن بڪيٽ واپس انگلينڊ آيو ته ڪجهه عرصي بعد بادشاهه جي چئن خاص ماڻهن هن کي عبادتگاهه اندر خنجر هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. ان واقعي نه فقط انگلينڊ پر سڄي عيسائي دنيا ۾ ڏرتلو وجهي ڇڏيو. هزارين ماڻهو هر روز بڪيٽ جي قبر تي حاضري پرڻ لڳا. نتيجي طور تمام تڪڙو ملڪ ۾ بغاوت جهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي. بادشاهه هينري هڪ پيرو وري پنهنجي بادشاهت بچائڻ لاءِ بڪيٽ جي قبر تي پيرين اگهاڙي حاضر ٿيو. هن سرعام معافي گهري ۽ پوڄارين کي چيائين ته مون کي سزا طور ڪوڙا هنيا وڃن. اهو چئي هو پُٺا اگهاڙا ڪري زمين تي اونڌو ليٽي پيو ته جيئن کيس ڪوڙا هنيا وڃن. پوءِ بادشاهه کي ڪوڙا هنيا ويا.

دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن کي اهڙا شخص به پيدا ٿي پوندا آهن، جيڪي بادشاهن کي پنهنجي اڳيان جهڪائي وجهندا آهن. اهڙن ماڻهن جي ڪري مطلق العنان حڪمران عوام جي خواهشن جو احترام ڪرڻ سکيا آهن. هندستان جو شهنشاهه جهانگير جڏهن عالم دين ميان مير سان ملڻ لاءِ هن جي رهائشگاهه تي پهتو ته ميان مير پنهنجي حجري ۾ ويٺو رهيو. هو بادشاهه جو استقبال ڪرڻ لاءِ دروازي تائين به نه ويو. جهانگير، ميان مير جي اڳيان ادب سان گوڏا ڪوڙي ويهي رهيو. ڳالهه ٻولهه کان پوءِ جڏهن جهانگير وڃڻ لڳو ته ميان مير هن کي ٻاهر تائين ڇڏڻ ويو. ان تي جهانگير حيران ٿي ميان مير کان پڇيو ته توهان منهنجو استقبال نه ڪيو ۽ هاڻ مون کي ٻاهر تائين ڇڏڻ لاءِ چو ٿا تڪليف ڪريو. ان تي ميان مير جواب ڏنو ته جڏهن تون رعب ۽ دٻدٻي سان آيو هئين تڏهن بادشاهت تنهنجي ذهن تي سوار هئي. اهڙي حالت ۾ درويشي ڳالهيون تو تي اثر نه ڪن ها. مولوي عبدالحق رباني، ان ئي واڻ جو ماڻهو هو. هڪ درويش صفت انسان، سچو، ارڏي سان انڪي پوڻ وارو. هن جي وقت جي حاڪم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان دليرانه ۽ سخت گفتگو ۽ تکائي، گهٽن ماڻهن کي اڃا ياد آهي. هي شخص عالم هو. سنڌي اڻ موٽ قوم جو اڻ موٽ فرزند. منهن تي ڏهه پهه سچ ڇئي ڏيڻ وارو. جيڪڏهن آزمائش جو وقت اچي ها ته هي شخص موٽ نه کائي ها.

اسان کي ننڍي هوندي، نصرپور جي جامع مسجد ۾ جمعي نماز ۽ خاص طور عيد نماز جي موقعي تي مولوي صاحب جا خطبا ٻڌڻ جو موقعو مليو. خطبن دوران، هن جو جوش ۽ ولولو ڏسڻ وٽان هوندو هو. دين ۽ دنيا جي مختلف معاملن تي ڏاڍي مدلل ۽ فاتحانه انداز ۾ پنهنجي راءِ بلڪه فيصلو ڏيندو هو. سنڌ جي سر زمين کيڏي نه زرخيز آهي، جو لڳاتار غير معمولي انسان پيدا ڪندي رهي ٿي. مولوي صاحب، هاڻ اسان وٽ نه رهيو آهي، پر هن جي دليري، شرافت ۽ سچائي ورثي طور اسان وٽ موجود آهي، جنهن تي اسان کي فخر آهي. شل جنت ۾ جايون جڙنس.

ساري سنگهارن کي، هِڏڪي اٿيو هانءُ

ويا هِن وٽاڻَ تان، نينهہَ چني نانءُ

جايون اَڏيان جيءَ ۾، اُنهن ڪاڻِ آنءُ

ڪڏهِ لوندو ڪانءُ، ڪڏهن ايندا ڪاڪ تي.

- يوسف

امر جليل جي نانءُ

سيرت ۾ صوفي، صورت سلطاني

منُ مسيت، دليئون درويش، پاڪ پيشاني

لکي لوئي لُڙڪن سين، حرفَ حقاني

اهڙو آه لاثاني، صالح سپوتُ سنڌ جو.

O

قلمُ ڪاتَ جيان، ويڻو وَهائي

موهجي هر محاذ تي، سينو سَهائي

سُتل سورهيه ساٿيهه جا، جُنبيو جاڳائي

نِرتون نپائي، ڪيئي انقلاب اندر ۾.

O

سُڏڪا سِڏَ ڪري، اکرَ آلاپين

لُڙڪ لفظن ۾، پاڻا لکائين

اِن پر پُڇائين، سي پنڌَ پرهَ جا.

جناب امر جليل جي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌي ميڊيا طرفان سالگرهه ملهائي ويئي.

ان موقعي تي لکيل بيت

سنڌ جي راڳ راڻي

عالمي افق تي ويڙل عظيم فنڪاره

عابده پروين

1987ع ڌاري سنڌ جي راڳ راڻي ۽ اڄ عالمي افق تي ويڙل عظيم فنڪاره عابده پروين سان شام ملهائي ويئي. ان تقريب ۾ مون کي به خاص مهمان طور شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو. اتي ڪيل تقرير هيٺ ڏجي ٿي.

انساني تاريخ جي اوائلي دور کان وٺي، اڄ تائين ماڻهن کي ”هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ“ جو ڪم ٻين سان گڏ راڳيندڙ-فنڪار سرانجام ڏيندا آيا آهن.

جڏهن مواصلاتي نظام نه هو، ريڊيو، ٽيليويزن، اخبارون نه هيون، هڪڙي تائين پنهنجي ڳالهه، هڪڙي جو ڏُک سور پهچائڻ ناممڪن هو، تڏهن اهو انتهائي اهم ۽ مقدس فرض، راڳيندڙ سرانجام ڏيندا رهيا.

نه فقط ماضي ۾ بلڪه اڄ به، جڏهن قلم تي پابندي هجي، جبر ۽ ڏاڍَ خلاف ڪجهه به لکي نه سگهجي، ڏُکن سورن جي اظهار جا سمورا وسيلا بند هجن، تڏهن راڳيندڙ ميدان ۾ ايندو آهي ۽ پنهنجي مڻي آواز، مڻين مڻين ڳالهين، عشق محبت جي قصن ۽ ڪهاڻين ٻڌائڻ جي آڙ ۾ ماڻهن کي ”هڪ هنڌ گڏ“ ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻين ڳالهين سان گڏ، عوام تي وهيل ويلَ، ظلم، ناحق ۽ جَبُرَ خلاف آواز اُٺاريندو آهي. هو ڳائي ڳائي چوندو آهي:

”حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪيان ذري

لڳي ماڻِ مِرنُ کي، ڏونگر پون ڏري“

-شاهه

راڳيندڙ جي اهميت، جيتري هزارين سال اڳ هئي، اوتري اڄ به آهي، شايد اُن کان به وڌيڪ.

ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جڏهن ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ٿيندا، هڪڙي جا سور ٻُڌندا، حال احوال ڏيندا ۽ ونڊندا، ٻه ٻارنهن ٿيندا ته، تحريڪون جنم وٺنديون. اهڙي طرح، ظالم ۽ ظلم جا پير ڪُپي نه سگهندا. اهو ئي سبب

آهي جو دنيا جي سڀني مذهبن ۾ ”گڏ ٿيڻ“ جو حڪم ڏنو ويو آهي. مسلمان مسجدن ۾، عيسائي گرجا گهرن ۾، هندو مندرن ۾ ۽ ٻيا پنهنجن مقدس عبادتگاهن ۾.

ان ريت، هيءَ ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته ”لازمي طور گڏ ٿيڻ ۾“ سڀني جو چونڪارو آهي.

اگر سنڌ جو ماڻهو، چونڪارو گهُري ٿو ته هن کي به پاڻ ۾ ”گڏ ٿيڻ“ جي عادت وجهڻي پوندي.

شاعر ۽ راڳيندڙ جو تعلق به لازم ملزوم آهي. شاعر جيڪي ڪجهه لکي ٿو، ان کي ماڻهن تائين پهچائڻ جو ڪم ”راڳيندڙ“ سرانجام ڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو، شاهه لطيف، پاڻ سان ڪيترائي راڳيندڙ رکندو هو. مگر افسوس آهي، جو شاهه جي پيغام کي سنڌ جي ماڻهن محض ”تفريح“ جو هڪ وسيلو سمجهيو ۽ فقط واهه واهه ڪري، هُن جي ڏنل ”پرهه جي پيغام“ کي گم ڪري ڇڏيو. جيڪر سنڌ جا ماڻهو، شاهه جي ڏنل پيغام طرف ڌيان ڏين ها ته سنڌ کي ڪڏهن به هيڏا ڏُکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها.

آئون شاهه جون ڪجهه سٽون پڙهان ٿو، جيڪي هن تفريح طبعَ لاءِ نه، بلڪه سڄي سنڌ لاءِ سَڏَ طور لکيون. هُن ملڪي حالتون سامهون رکي، وڏي واکي، ورجائي ورجائي سنڌ وارن کي چيو:

”سوري سَڏَ ڪري، اُپي عاشقن کي“

ٻي هنڌ چوي ٿو:

”سوريءَ سڏ ٽئو، ڪا هلندي جيڏيون“

اهڙي طرح، شاهه سائينءَ، سنڌ جي مرد توڙي عورت لاءِ سوريءَ جو سَڏُ ڏنو. هي اهو سَڏُ هو، جنهن ۾ حقيقي طور سنڌ جي نجات لڪل هئي. مگر، سنڌ جي ماڻهن، ان پيغام کي محض هڪ شاعر جي ”فنڪاري“ سمجهي ۽ شاهه جيڪي ڪجهه چاهيو ٿي، ان طرف ڌيان نه ڏنو. نتيجي طور، سنڌ ”ذهني غلاميءَ“ جي آڙاهَ ۾ ڪري پيئي.

آئون چوان ٿو ته، جيئن شاهِ جو ڪلام اڄ به زندهه آهي، تيئن شاهه جو ساڳيو سڏ، ساڳيو مطالبو، ساڳي گهرَ، اڄ به قرض وانگر باقي آهي.

هو اڄ به چئي رهيو آهي:

سسي ڏارَ ڏري، پُڇج پوءِ پرتيٽون-

سڄل سائين به سنڌ وارن لاءِ هڪ انتهائي معنيٰ خيز سٽ لکي آهي:

”ماڻ ڪيان ته مشرڪ ٿيان، ڪُڇان تان ڪافر“

ڪُڇي، ڪافر ٿيڻ جي منزل، مخدوم بلال شهيد ماڻي. ظلم ۽ ڏاڍَ خلاف ”ڪُڇڻ“ جي ڪري هُن کي نه صرف گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو، بلڪه کيس ”ڪافر“ به سڏيو ويو.

ٻي طرف، بي انصافي ۽ ظلم خلاف ”ماڻ“ رهڻ وارا مشرڪن کان به بدتر آهن. اسلام ۾ به، ڏاڍَ ۽ جبر تي ماڻ رهڻ جي بجاءِ جهاد ڪرڻ جي تلقين ڪيل آهي. ان ڪري، اسان سنڌين کي به هاڻ ماڻ رهڻ جي عادت، ترڪ ڪري، مشرڪ ٿيڻ کان بچڻ گهرجي.

آئون هاڻ، شاهه سائينءَ طرفان سنڌين کي ڏنل هڪ ”ڳجهارت“ بيان ڪيان ٿو، جيڪا تمام سادي سودي ۽ عام

فهم آهي. هو ڇڇهارت ڏيندي فرمائي ٿو:

”ويڙل وايون ڪري، ڪُنل ڪوڪاري“

مون کي افسوس آهي ته، سنڌ جا ماڻهو، اها تمام سولي ڇڇهارت اڄ تائين نه پڇي سگهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان جون ويڙل، نه وايون ڪن ۾ نه ئي ڪُنل ڪوڪارين. اگر سنڌ جي اِهائي حالت رهي ته پوءِ، اسان جو وجُود ونڻُ ٿي ويندو.

يوناني ڏند ڪٿا ۾، ائگرونائٽس بابت، هڪ دلچسپ احوال ڏنل آهي. پنجاهه پنجونجاهه طاقتور شخصيتن جو هڪ ٽولو، جنت جي گهيڙي جي پشم هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي هڪ هڪ جهاز ۾ روانو ٿيو. اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو ۽ اڻانگو هو. هُنن کي منزل تائين پهچڻ لاءِ ڪئين سمنڊ پار ڪرڻا هئا. سمنڊ ۾ اُٺندڙ طوفانن ۽ وڏين وڏين لهرن کان جهاز کي بچائڻ لاءِ، ائگرونائٽس پاڻ سان هڪ ”راڇيندڙ“ کنيو، جنهن پنهنجي راڳ سان، سمنڊ جي وڏين لهرن کي ماڻو ڪيو ۽ طوفانن کي اُپرڻ نه ڏنو.

راڇيندڙن بابت، هڪ حيرت انگيز قصو اسان وٽ به موجود آهي، ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جو. جتي راجا انيراءِ جون فوجون ڪجهه به نه ڪري سگهيون، اُتي هڪ راڇيندڙ، انيراءِ جي مخالف راجا، راءِ ڏياچ جو سِرُ وڍي آيو. مقصد اهو آهي ته، طوفانن کي منهن ڏيڻو هجي يا ڪنهن جو سِرُ وڍڻو هجي، راڇيندڙ هر ماڳ تي اڇپرو ملندو. منهنجي دعا آهي ته سنڌ جي راڳ راڻي عابده پروين کي به خدا اهڙي سَگهہَ ڏي، جو هوءَ راءِ ڏياچ بدران اڄ جي ڪنهن خود غرض ۽ غاصب ”انيراءِ“ جو سر لاهي سگهي.

عابده پروين، سنڌي بيت ڳائڻ ۾ ڪمال جو مظاهرو ڪيو آهي. شايد ئي هن کان اڳ، سنڌي بيت کي ايتري خوبصورتي، سچائي ۽ پڪي انداز سان ڳايو ويو هجي. هن کان اڳ، شاهه جا گهٽائي بيت، جيڪي ڪاغذن ۾ گم هئا، انهن کي پهريون پيرو پرپور انداز ۾، عوام تائين پهچائي عابده پروين شاهه ۽ سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي آهي. آئون ڪيس سندس ان ڪاميابي تي دلي مبارڪباد ڏيان ٿو.

آخر ۾، ڪاڪا صديق جو به ٿورو مڃڻ گهرجي، جنهن اسان سڀني کي هتي گڏ ٿيڻ جو موقعو ڏنو.

انور پيرزادي جي وچوڑي تي

من مٽيون، دل درياءَ، اکيون عُقابي

اندرَ جو اُجرو، عَملَ ۾ اَصحابي

اهڙو لعل لاجوابي، هليو ڪري هيڪلو

O

هليو ڪري هيڪلو، ڪو صابُر، سيلاني

حاذقُ حالَ جو، سو لاحد لامڪاني

جنهن سَتابي سنڌ جا، لڏا خواب لاثاني

سو جانبُ يار جاني، هاڻ نه رهيو هِتهين.

O

سدا سنڌ ڪاڻ، ويڻو پُور پچائي

ڪا ڪجي اهڙي ڇالڙي، جا ڪوٽئون ڪيرائي

جا ڏونگر ڏهڪائي، جا لاهي لوهُ لڳن تان.

O

سدا سنڌ ڪاڻ، ويڻو پچائي پُور

اُٽياري ڪيئن لوڪ کي، منجهان ننڍ اگهور

هت وَر وَر ويري، ڪڙڪيو ڪن ڪلورَ

هتي آيا ڪٽي اوپرا، دولابي دستورَ

اهڙا سانڍي سورَ، پيهي ويو پاڻ ۾.

دادا گرداس واسواڻي

سنگاپور کان تائيوان ويندي، جهاز ۾ منهنجي پر واري سيٽ تي هڪ ٻيڙي، هندو سنڌياڻي عورت ويٺل هئي، جا اڪيلي سر پنهنجي پٽ سان ملڻ لاءِ ”تائيپي“ شهر وڃي رهي هئي. سادا ڪپڑا، مٿي تي رئو اوڍيل. هوءَ حيا کان، هڪ پاسي گرم شال ۾ ويڙهيو سيڙهيو ويٺي هئي، جڏهن ساڻس سنڌيءَ ۾ ڳالهائيم ته هوءَ ولول ۾ پئجي ويئي. مُنهن تان ٿورڙو

رئو هڻائيندي، لهندڙ سج جهڙين اکين سان مون ڏانهن غور سان ڏنائين ۽ پوءِ ڏاڍي پاڻهه مان، مون کان پڇيائين: ”پُٽ، تون ڪٿي جو آهين؟“ جڏهن وراڻيومانس ته نصرپور سنڌ جو آهيان ته هن جي هڏن مان رئو ڇڏائي ويو. هڪ شفقت پريو نوراني چهرو، جو فقط هڪ ماءُ جو ئي ٿي سگهيو ٿي، منهنجي اڳيان هو. ائين لڳم جڻ سالن جي وچوڙي بعد، پنهنجي ماءُ سان ملي رهيو هوس. هُن منهنجي مٿي تي هٿ گهمائيندي ڳڻپير آواز ۾ چيو، ”پٽ، توهان اسان کي سنڌ مان ڪڍي ڇڏيو. اسين هيراباد حيدرآباد جا رهندڙ هئاسين... اها ڳالهه ٻڌي منهنجو سڄو وجود پورا پورا ٿي پيو. مون کي ماڻ لڳي وئي. پر هوءَ ڳالهائيندي رهي. پوءِ، اها به گهڙي آئي، جڏهن هن هيرآباد واري پنهنجي گهر، حيدرآباد جي گهٽين ۽ سنڌ جو ذڪر ڪندي روئي ڏنو ۽ چيو ته ”اسان کي وهم گمان به نه هو ته وري واپس سنڌ جو منهن به نه ڏسي سگهنداسين. اسان پنهنجا پريل گهر ڇڏيا، ڪٻٽن کي ڪُلف هڻي، ڪمرا بند ڪري، پوءِ نڪتاسين، ان خيال کان ته جڏهن ماڻ ماڻوڙو ٿيندو ته وري موٽي اينداسين. اسان جي وڃڻ مهل، پاڙي وارا، واقفڪار، ڏوپي، نائي، سپ روئي رهيا هئا. اسان کي ڪهڙي خبر ته جنهن مٽيءَ مان جڙياسين، اُتي مرڻ به نصيب نه ٿيندو“. اهي ڳالهيون ٻڌي، منهنجو هانءُ هڇي پيو. اندر زلزلي جيان ڏڏي اٿيو. دل چاهيو ته زور زور سان دانهون ڪري، هن امڙ کان معافي وڃان ۽ چوانس ته هل، منهنجي ماءُ موٽي هل، تنهنجي لاءِ پنهنجي جيءَ ۾، سنڌ ۾ سَوَ جايون جوڙائيندس. هونءَ به سنڌين، ڪڏهن به، ڪنهن کي به سنڌ مان ڪين ڪڍيو آهي. هتي جو آيو، سو اڳهيو. صدين کان لکين ماڻهو، مختلف ولاتن کان لڏي هتي اچي آباد ٿيا آهن. سنڌين سڀني لاءِ، پنهنجي گهرن جا دروازا کوليا ۽ آيلن جي آترپاءُ ڪئي ۽ ڪنهن کي به نڪرڻ جو نه چيو. پوءِ ..... توهان هندو سنڌي، سنڌ جا مالڪ هوندي، هتان ڇو لڏي ويا؟....

اهي سوال، کانپاڻيءَ جيان، منهنجي ذهن ۾ ڦيرائيون وجهڻ لڳا. اڄ اسان هندستان مان لڏي آيل لکين اڙدو ڳالهائيندڙن کي پنهنجو سنڌي پاءُ سمجهون ٿا، پر هو پاڻ کي سنڌي چوائيندي به شرم محسوس ڪن ٿا. هو سنڌي بولي ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهن. هو سنڌ جي تهذيب و تمدن کي پنهنجو ڪرڻ کان ڇرڪن ٿا. ان جي باوجود، هنن کي اسان پنهنجو پاءُ، گهر جو پاتي سمجهون ٿا. جڏهن اسان جو اهڙو مثالي رويو آهي ته پوءِ هندو سنڌين کي اسان ڪيئن ڪڍيو؟ هو صدين کان هتي آباد هئا. سنڌي بولي، هنن جي بولي هئي ۽ اڄ به آهي.سواءِ مذهبي ويڇي جي، هنن ۽ اسان ۾ ڪوبه فرق نه هو. پوءِ هي ويل ڪنهن وهائيو. هيڏو سارو ڪيئن ٿيو، ڪهڙي حساب هيٺ ٿيو..... هڪ پيري، پير حسام الدين راشديءَ جي وفات تي جڏهن آئون سندن گهر تي، عذرخواهيءَ لاءِ ويس ته اُتي، سندن وڏو پاءُ پير علي محمد شاهه راشدي ۽ اسلاميه ڪاليج جو اڳوڻو مالڪ ايم اي قريشي به ويٺل هئا. مسٽر قريشي، سڀني ماڻهن سامهون، تحريڪ پاڪستان دوران ڪيل، سندس ڪارنامن بابت وڏيون وڏيون ٻڙاڪون هڻي رهيوهو. هن چيو ته: ”سنڌ مان هندو فقط منهنجي ڪري پڳا، جڏهن مون ڏٺو ته سنڌ مان هندو نڪرڻ جو نالو به نٿا وٺن ته هڪ ڏينهن مون ڪينٽ اسٽيشن ڪراچيءَ تي، هڪ ڪنڊ مان لڪي، هندن جي ميڙ مٿان پستول سان گولين هلايون، جنهن سبب اٺ هندو مري پيا. پوءِ ڪراچيءَ توڙي سڄي سنڌ ۾ باکر ڪُٽو پئجي ويو ۽ هندو سنڌ مان پڃڻ لڳا. سمجهيائون ته هاڻ مارجي ويندا سين. بهرحال، حقيقت چا به هجي، سنڌ مان گهڻي پاڳي هندو پڃي ويا. پر، دادا گرداس وڏواڻي نه پڳو. هو سنڌ ڏرتيءَ سان مارئي جهڙو پيار سڀني ۾ سانڍيو، هر مصيبت آڏو ٻيٺو رهيو. آگر هندن لاءِ، سنڌ ۾ خطرو هو ته دادا، اهو خطرو کڻڻ قبول ڪيو پر سنڌ نه ڇڏي.

دادا، هڪ ليکڪ، هڪ صحافي ۽ اديب کان وڌيڪ وڏو انسان ۽ مثالي سنڌي آهي. هي جڏهن پنهنجي لکڻين ذريعي مٿن لولن، لال ليارن، پکن پيرن، پاجهر جي ڏوڏن، چانورن جي چلهن جي ڳالهه ڪري ٿو، تڏهن تاريخ جو هڪ اهڙو باب، اُٿلون ڏُئي اکين اڳيان اُپري اچي ٿو، جنهن ۾ لڙڪ ۽ مُرڪ، وچوڙي ۽ وصال جا ڪئين داستان لکل آهن. هو ڪڏهن هٿ جي ويڙي جو ويڄ ٻڌجي، اسان لاءِ دردن جا دارون آڻي ٿو ته ڪڏهن اُباڻڪو ٿي، اهو پڇي ٿو ته ڪڏهن لوندو ڪانءُ، ڪڏه ايندا ڪاڪ تي.

ولرکان وڃڙيل، 74 سالن جي هن پير مرد، زندگيءَ جا چاليهه سال، اڪيلي سر گذاري چڪيا آهن. نه مٽ، نه مائٽ، نه پيڙ، نه پاءُ، نه چاچو، نه مامو، نه ڪو عزيز قريب، سڀ هن کان وڇڙي ويا. سڀ هن کي چڏي ويا. پر هن سنڌ کي نه ڇڏيو، پنهنجي امڙ کي نه ڇڏيو. شال! اها ساڃهه، اهو نينهڙ سڀ کي نصيب ٿئي.

هيءُ، اڄ به ڪراچي پريس ڪلب جي هڪ ننڍڙي، تمام پوائنتي ڪمري ۾، زندگيءَ جا جبل جهڙا ڏکيا ڏينهن، اڪيلي سر گذاري رهيو آهي. نه پاڻي پيارڻ وارو، نه بيماريءَ ۾ ڪو پڇڻ وارو، نه دوا درمل آڻي ڏيڻ وارو. نظر ڪمزور، ٽنگ پڳل، جسم پيريءَ جي آخري پُڄاڻي هيٺ، نه مال، نه ملڪيت، فقط پيار، محبت، سڪ ۽ ساروڻين جا انبوهه پاڻ سان کڻيو هلي. ڪير آهي، جو هن اڌول انسان سان سينو ساهي سگهي؟!

دادا جي ڪتاب ''ساروڻيون''

لاءِ لکيل مهاڳ

اقبال دل جي نانءُ

نه طالبَ تختَ جا، نه ميڙين سي مالُ

دنيا سان دردن جو، اورين نه احوالُ

''ڪَمُ عين عبادت'' اي جُڙيو تن جَمالُ

ماڻ سين مديءَ کي، نهوڙي ڪن نِهالُ

سَڏَ تي ساڻيهه جي، مُڙڻ جن محالُ

پلئه سي ئي پائين، بختُ بي مثالُ

اهڙن جو ''اقبال''، سدا سلامت رهي.

جناب اقبال دل جي ڪتاب شام ولايت ۾ بيڪ ڪور لاءِ لکي ڏنل بيت

عبدالله شاهه ۽ سنڌ

1996ع ۾ منهنجي دوست سيد عبدالله شاهه بابت هڪ ڪتاب MAN WITH A VISION شايع ڪيو ويو. اهو ڪتاب سنڌ جي اديب ۽ شاعر جناب احمد سولنگيءَ انگريزي توڙي سنڌيءَ ۾ ترتيب ڏنو. مونکي ان ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ لکيل مهاڳ جو متن هيٺ ڏجي ٿو.

”صبر ۽ سادگي“ فوجي قوت وانگر ۾ وڏيون قوتون آهن. گذريل پنج هزار سالن ۾ سنڌ، تاريخ جا ڪيئي لاهه چاڑهه ڏٺا آهن ۽ سنڌ تي ڪيترائي پيرا وڏا وڏا فوجي حملا ٿيا آهن. ڪيئي پيرا اهڙا امڪان به پيدا ٿيا ته سنڌ، سنڌي بولي ۽ سنڌي قوم پنهنجو وجود وجائي ويهندي. پر، سنڌ ڪڏهن تلوار سان ته ڪڏهن صبر جي قوت سان حملن کي منهن ڏنو ۽ پاڻ بچايو. جڏهن ته ٻي طرف، دنيا جون ڪيتريون ئي قديم وڏيون وڏيون قومون، جن مختلف وقتن تي عظيم تهذيبن کي جنم ڏنو، اهي مسلسل فوجي ڪاهن ۽ وڏين هجرتن سبب پاڻ بچائي نه سگهيون ۽ صفحه هستيءَ تان مٽجي ويون.

سميري، اڪادي، بابلي فونيشين، آشوري، آئبيرين، آڪين، دورين، اٽراسڪن فونيشين ۽ ٻيون بيشمار قومون، جن جي عظمت، شان ۽ شوڪت، جاه و جلال جا وڏا وڏا داستان تاريخ ۾ ملن ٿا، اهي مسلسل فوجي ڪاهن ۽ وڏين هجرتن سبب دنيا تان ميسارجي ويون.

وڏيون هجرتون، فوجي ڪاهن کان به خوفناڪ اثر ڇڏين ٿيون. ستين صدي قبل مسيح ۾، يورپ ڏانهن ڪيلٽ مهاجرن جي وڏي هجرت سبب ”آئبيرين قوم“ پنهنجو وجود وڃائي ويٺي. ان وقت آئبيرين، يورپ جي سڀ کان وڏي قوم هئي. ان قوم جا ماڻهو اڃوڪي فرانس، برطانيه، اسپين ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ اڪثريت رکندا هئا. اڄ آئبيرين قوم جو ڪٿي به نالو نشان نٿو ملي.

پهرين صدي عيسويءَ جي ابتدا تائين، روم سلطنت جون حدون يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا جي وسيع علائقن تائين پکڙيل هيون. ”جرمن مهاجرن“ آهسته آهسته رومي علائقن ڏانهن هجرتون شروع ڪيون. ٻئين پنجين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري اهي مهاجر روم تي قابض ٿي ويا. نتيجي طور هڪ هزار سالن کان هلندڙ عظيم رومي سلطنت ختم ٿي ويئي. خاص طور يورپ ۾، رومي سلطنت جي سڀني صوبن تي مختلف جرمن مهاجرن جو قبضو ٿي ويو. اڳتي هلي اهي صوبا آزاد ۽ خودمختيار ملڪن ۾ تبديل ٿي ويا. ان عمل سبب، يورپ ۾ نيون نيون قومون پيدا ٿيون جنجو اڳ ۾ ڪوبه وجود نه هو. اڄ اسين انهن قومن کي انگريز، فرينچ، ڊچ، ڊينز، جرمن ۽ ٻين ڪيترن ئي نالن سان سڃاڻون ٿا.

ويجهڙائيءَ ۾ چند سئو سال اڳ آمريڪا کنڊ ڏانهن يورپ کان ٽيندڙ وڏين هجرتن سبب آمريڪا جون اصلوڪيون قومون ختم ٿي ويون. هجرتن جي مسلسل عمل سبب، آمريڪي کنڊ ۾ ڪيتريون ئي نيون قومون ۽ نوان ملڪ وجود ۾ آيا. جن ۾ متحده آمريڪا، ڪئناڊا، ارجنٽائين، برازيل، بولويا، چلي، نڪاراگوا، ڪيوبا، ڪولمبيا، ڪوسٽاريڪا، ميڪسيڪو، پيرو ۽ ٻيا ملڪ شامل آهن، جن جو ڪل تعداد اناويهه ٿئي ٿو. اهڙي طرح آمريڪي کنڊ ۾، هجرتن سبب اناويهه نيون قومون پيدا ٿيون.

آسٽريليا کنڊ سان به ساڳيو حال ٿيو. 1851ع ۾ آسٽريليا مان سون لٽو. ان کان ٿورو اڳ 1842ع ۾ هتان چانديءَ جون کاڻيون مليون. اهي خبرون ٻڌڻ کان پوءِ يورپ جي مهاجرن وڏي پيماني تي آسٽريليا ڏانهن لڏپلاڻ شروع ڪئي. هو تمام تيزيءَ سان هتي اڪثريت ۾ اچي ويا. انهن مهاجرن آسٽريليا جي اصلوڪي قوم ”ابورجينوز“ (ABORIGINOS) کي قتل ڪري ڇڏيو يا اها قوم مهاجرن جي اڪثريت سبب، اقليت ۾ تبديل ٿي پنهنجو وجود وجائي ويٺي. اڄ جي انگن اکرن مطابق آسٽريليا ۾ اصلوڪي قوم جي ماڻهن جو تعداد فقط ۽ فيصد بچيو آهي ۽ انهن جي تهذيب ۽ ٻولي تقريبن ختم ٿي چڪي آهي.

مٿي ڄاڻايل واقعن کان علاوه، هن صديءَ دوران هجرتن ذريعي ”اسرائيل“ ملڪ وجود ۾ آندو ويو، جتي يورپ جا ڏٺڙيل ۽ هٿلر جا ماريل يهودي مهاجر آباد ڪرايا ويا. ان عمل جي سڀني عرب مسلمان ملڪن گڏجي مخالفت ڪئي، نتيجي طور کين ٽي ڀيرا خوفناڪ وڏيون جنگيون پوڳٽيون پيون، جن ۾ لکين عرب مارجي ويا. انهن ڪوششن باوجود اسرائيل جو وجود ختم نه ٿي سگهيو. ساڳيءَ ريت، سريلنڪا، روانڈا، بروندي ۽ ٻيا ڪيترائي ملڪ وڏين هجرتن سبب تباهي ۽ قتلام ۾ ڦاٿل آهن. اهڙو ئي حال اڃوڪي سنڌ سان آهي، جتي هندستان کان ٽيل وڏين ۽ مسلسل هجرتن سبب، سنڌ جو

وجود خطري ۾ پئجي ويو آهي ۽ سنڌ جي تاريخ انتهائي نازڪ موڙ تي پهچي چڪي آهي. انهن ئي هجرتن سبب سنڌ کي ٻه اڌ ڪرڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ڪراچيءَ جون اخبارون، جيڪي گهڻي پاڳي مهاجرن جي نمائندگي ڪن ٿيون، اهي هر روز اهڙيون خبرون هلائين ٿيون ته سنڌ ۾ مهاجرن جي آبادي ٻه ڪروڙ ويهه لک کان مٿي ٿي چڪي آهي. جڏهن ته سرڪاري انگن اکرن مطابق سنڌ جي ڪل آبادي فقط ٽي ڪروڙ آهي. ان کان علاوه سنڌ ۾ پنجيتاليهه لک پنجابي، چاليهه لک پٺاڻ ۽ ويهه لک بلوچ پڻ رهن ٿا. بهرحال، اجايو وڌاءُ ڪري، وڌا انگ اکر ڏيئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي ته سنڌ ۾ سنڌي اقليت ۾ اچي چڪا آهن، ان ڪري سنڌ جا وسيلا ۽ سنڌ جو اقتدار مهاجر اڪثريت جي حوالي ڪيو وڃي. اهڙا مقصد ماڻڻ لاءِ هٿي هر روز بيگناهه ماڻهو قتل ڪيا وڃن ٿا. اهڙي ڏکوئيندڙ صورتحال سبب، سنڌ جو وجود ۽ سنڌي قوم جو تشخص خطري ۾ پئجي ويو آهي. تاريخ جي اهڙي نازڪ ترين موڙ تي سيد عبدالله شاهه سنڌ جو وزيراعليٰ ٿيو آهي. هن وقت سنڌ جي قيادت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. عبدالله شاهه کي اڄ اهڙن دشمنن سان به مذاڪرات ڪرڻا پون ٿا، جيڪي وجهُه ملڻ تي، هن تي هلان ڪري ڏيندا. اهڙن ئي بزدلن هن جي ننڍي پاءُ کي ماري وڌو. صبر ۽ سادگيءَ جي مثالي شخصيت، هي سڀاجهو انسان، پنهنجي پاءُ جي قتل تي ماڻ ٿي ويو، رضا تي راضي رهيو. چيائين: ”آئون اهو معاملو الله جي حوالي ڪيان ٿو“.

ويجهڑائيءَ ۾ سنڌ جي ماڻهن ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن. ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن تائين لاتعداد سنڌين جي گهرن ۾ لاش پهتا آهن. بهرحال، سنڌ جا ماڻهو عبدالله شاهه جي پاءُ سيد احسان شاهه جي شهادت کي ڪڏهن به وساري نه سگهندا، جيڪو سنڌ جي راهه ۾ قربان ٿي ويو. عبدالله شاهه کي سنڌ جي قيادت ڪرڻ سبب اها قرباني ڏيڻي پيئي.

منهنجو هي دوست، تمام سادو، سلڇڻو ۽ سڀاجهو انسان، چيف منسٽر ٿيڻ کان اڳ سينيٽ آف پاڪستان جو ميمبر هو. اسان ڪجهه عرصو گڏجي سينيٽ ۾ گذاريو. ان وقت سينيٽ ۾ سنڌ جا فقط ٻه يا ٽي اهڙا ميمبر هئا، جيڪي سنڌ جي مسئلن بابت تمام گهڻو هوم ورڪ ڪري ايندا هئا. انهن ۾ عبدالله شاهه خاص طور قابل ذڪر آهي. هن کي بنا ڪنهن اثر رسوخ جي سندس اهليت، شرافت ۽ پرخلوص طبيعت سبب سنڌ جي وزارت اعليٰ لاءِ منتخب ڪيو ويو. جيڪڏهن هي شخص سينيٽ ۾ رهي ها ته هي سينيٽ جي چيئرمين شپ لاءِ پاڻ کي اهل ثابت ڪري وڃي ها.

دعا آهي ته خداوند تعاليٰ هن کي اجا وڌيڪ سگهه ۽ ساڃهه ڏي ته جيئن هي سنڌ کي ان مُقام تي آڻي، جنهن لاءِ هوءَ جُڳن کان واجهائيندي رهي ٿي.

جُڙيو رک جهانَ سين، ڪامل! قُرب ڪري

سوگهي آهي سيرَ ۾، سا ٻُڌل تارِ تري

شل اهڙو واءُ وري، سدوريءَ سنڌ تي،

- يوسف

عبدالله شاهه جي ياد ۾

سدا اٿم تات، آهين تونهين تون

ڏنئي پروڙَ پرت سين، ته پلي آهِ پون

ٿئي شالَ مون، مٿي نصيب هن ملڪ جي.

O

جُهريل جُسي ساڻ، آيو پاڻُ ڪٽائي

ڏسان وڃَ وطن جا، ٻڌي ٻانهونُ ٻاڌائي

اي وَر ورَ ورجائي، ته ساهُ ڏيڻون سنڌ ۾.

O

ماندو ٿيءُ نه موتَ، تڪڙ ڇڏ توائي

وو! مارن سين منهنجي، آهِ جيئري جدائي

ڏيان ساهُ سنڌ ۾، اٿم آس اِهائي

ٻيلي ٻي ڪا وائي، اِن ري ڪيان ڪين ڪي.

O

ماندو ٿيءُ نه موتَ، تکي ڪر مَ توار

هلڻ حقُ ٿئو، جي ساريو آ ستارَ

عرض اگهاءِ ايترو، قاصدَ! قُربدارَ

تاسين پساهن جي، ڪجاه ڪيمَ پچارَ

جاسين هلي هيڪارَ، ڏسان وڃ وطن جا.

O

ويا وڇڻهار، لاڳاپا لاهي

سِٹ صبر جي، ٿو سالُڪ سمجهائي

ته اها ئي آهي، رضا هاڻ ربَ جي.

O

”رضا رب جي“، ٻارڻُ ڪين ٻيو

ووءِ وڏن ويڻي، ننڍن سَڏُ ٿيو

ڏاهاڃ! ڪيم ڏيو، ڏَسَ هاڻ ڏاهہَ جا.

O

وڏن ويڻي ننڍا نپائين

رضا ربَ تي، مارگِ مَڻائين

اهڙا ئي آهين، ليکا لکئي جا.

- ملڪ تي فوجي قبضي کان پوءِ جناب عبدالله شاهه ڊگهي عرصي تائين ڏيساور ۾ رهيو. آخري ڏينهن ۾ هو اتي سخت بيمار ٿي پيو پوءِ جڏهن سمجهيائين ته سندس وقت پورو ٿيڻ تي آهي تڏهن هو پاڻ کڻائي سنڌ پهتو ۽ ٿورن ئي ڏينهن اندر هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. هي بيت ان ڏکي ۽ اذيتناڪ صورتحال دوران لکيا ويا.

الطاف شيخ

1981ع ۾ منهنجو بئنڪاڪ وڃڻ ٿيو. منهنجي زندگيءَ جو اهو پهريون غير ملڪي دورو هو. ٽائلينڊ جي گاديءَ واري شهر بئنڪاڪ ۾ منهنجي هڪ پاڪستاني مهاجر دوست جي ريسٽورنٽ هئي، جيڪا مون ڪراچيءَ ۾ ويڻي، بنا ڏسڻ وائسڻ جي محض ان ڪري خريد ڪئي ته گهڻ ۾ گهڻ ان بهاني سان بئنڪاڪ ۾ پير کپائڻ ۾ سولائي ٿي پوندي. خاص طور ٿوري سيڙپ سان ڪنهن ٻي ملڪ ۾ ڏنڌو ڪرڻ جو موقعو ملي پوي ته ان کان وڌيڪ ڪا سڻي ڳالهه نه هئي. اهو بسمبر جو مهينو هو. سخت سيءَ سبب اسان ڏاڍا ڪوٽ سوٽ پائي ايس اي ايس جي جهاز ۾ بئنڪاڪ پهچي وياسين. جيئن ئي بئنڪاڪ جي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتاسين ته گرمي وکوڙي ويئي ۽ گرم ڪپڙا کائڻ لڳا. معلوم ٿيو ته بئنڪاڪ ۾ سياري ٿيندو ئي ناهي. هتي سڄو سال موسم گرم رهندي آهي. اسان ايئرپورٽ کان سڌو ان ريسٽورينٽ تي وياسين، جنهن جو مون سودو ڪيو هو. ان ريسٽورينٽ ۾ يارنهن ڪن جوان ڇوڪريون ڪم ڪري رهيون هيون. منهنجي مهاجر دوست سڀني سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ ٿائي ٻوليءَ ۾ ڪافي دير تائين ملازم ڇوڪرين سان ڳالهائيندو رهيو.

آئون حيران هوس ته هڪ همراهه فقط ڇهه مهينا اڳ ريسٽورينٽ کولي هئي ۽ ايتري مختصر عرصي ۾ ايڏي روانيءَ سان ٽائي ٻولي ڳالهائي رهيو هو. ائين ئي لڳو جڻ هو ٽائي هو. مون دل ۾ سوچيو ته سنڌ ۾ رهندڙ گهٽي پاڳي مهاجر جيڪي گذريل چاليهه سالن کان سنڌ ۾ رهن ٿا، انهن کڏهن به سنڌي ڳالهائڻ جي کوشش نه ڪئي. بهرحال، آئون ست ڏينهن بئنڪاڪ ۾ رهيو پيو هوس. جنهن هوٽل ۾ ترسيل هوس، ان جي ٻاهران ڪيترائي عورتن جا دلال هر وقت بيٺل نظر ايندا هئا، جيڪي هٿن ۾ اگهاڙي چوڪرين جا فوٽو ڪنيو، هوٽل مان نڪرندڙ هر مسافر کي ڦاسائڻ جي کوشش ڪندا هئا. مون به رونشي طور ۽ جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي دلالن سان ڳالهايو ۽ تصويرون ڏٺيون. انهن ۾ ڪجهه آمريڪي چوڪرين جون به اگهاڙيون تصويرون هيون. مون پڇيو ته ڇا هي به هتي هلن ٿيون. ڇيائون هائو. اوهان حڪم ڪريو. جڏهن مون وڌيڪ آمريڪي چوڪرين بابت سوال ڪيا ته ڇيائون ته اهي بيڪار آهن، اوهان ٽائي، چيني يا ويٽنامي چوڪرين مان ڪا پسند ڪريو، جنجو اگهه ڏيڍ سئو رپين کان مٿي نه هو. آئون جيترا به ڏينهن بئنڪاڪ ۾ رهيو پيو هوس، انهن سڀني ڏينهن دوران منهنجو دوست هر روز مون کي کڏهن ڪلب ۾ ته کڏهن ڪنهن ٻڌڪو ۾ وٺي ويندو هو. جتي به وڃ اتي ڊانس، ميوزڪ، شراب ۽ تيز خوشبو سان گڏ جوان خوبصورت چوڪرين جا ولر ملندا هئا.

هڪ ٻڌڪو ۾ جڏهن وڃڻ ٿيو ته اتي ويهارو ڪن چوڪريون ڊانس ڪري رهيون هيون. اسان هڪ خالي ٽيبل تي ويهي رهياسين. اڃا مس ويناسين ته هڪ چوڪري استيج تان لهي مون ڏانهن هلي آئي ۽ ڇيائين، اڇ ته ڊانس ڪيون. ائين چئي هن منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪيائين. آئون وائڙن جيان هن ڏانهن ڏسندو رهيس. هوءَ پاڪر ۾ ويڙهي، مون کي اڳيان کڻي ويئي. اهڙي قسم جا ڪيترائي واقعا مون سان پيش ايندا رهيا، جن منهنجي ذهن کي ڏوڏي وڌو. ائين لڳم ٿي، جڻ ته دماغ ۾ ڪي نه ختم ٿيندڙ زلزله اچي رهيا هجن. مون ان کان اڳ زندگيءَ جاڪيئي روپ ڏٺا هئا، ڪيئي فلسفه، ڪيئي قومن جي عروج و زوال جا داستان پڙهيا هئا. مذهب، ٻولين، تهذيبن ۽ عالمي تاريخ بابت ڪيئي ڪتاب منهنجي مطالعي هيٺ رهيا هئا، پر ڪنهن به ڪتاب يا تاريخي واقعي منهنجي ذهن کي ايترو نه جنجهوڑيو، جيترو آئون هتي ستن ڏينهن اندر بيحال ٿيس. سڀ کان اول مون ريسٽورينٽ جو سودو منسوخ ڪري ڇڏيو. سوچيم ته سڀاڻي منهنجا پٽ يا پائر هتي ايندا ته پوءِ انهن جو ڇا ٿيندو؟ آئون واپس ڪراچيءَ هليو آيس. ڪيترائي ڏينهن ان ويڙن ۾ مبتلا رهيس ته دنيا بابت جيڪو تصور منهنجي ذهن ۾ آهي، يقين دنيا ان کان مختلف آهي. مون پاڻ کي ڪوهه ۾ بند محسوس ڪيو. نيٺ، فيصلو ڪيم ته سڄي دنيا لازمي طور ڏسڻ گهرجي. پر اهو ڪو سولو نه هو. ان لاءِ ڪافي پئسا ۽ وقت گهرجي. ان مسئلي جو حل فقط اهو هو ته ايڪسپورٽ جو ڌنڌو ڪيو وڃي. جنهن ذريعي نه فقط ٻاهر جا ملڪ ڏسي سگهبا بلڪه اهو ڪم، آمدنيءَ جو وڏو ذريعو به ٿي سگهي ٿو. بهرحال، وڏي جاکوڙ کان پوءِ غاليچا ۽ اونيڪس (سائو پٿر) ٻاهر موڪلڻ جا آرڊر ورتم. پهريون آرڊر سينگاپور کان آيو. نتيجي طور آهسته آهسته سينگاپور ڏانهن وڃڻ ٿيو. ٻن سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ ويهه پيرا سينگاپور ويس. ان کان پوءِ جاپان، هانگ ڪانگ ۽ تائيوان ڏانهن وڃڻ ٿيو. جتان پوءِ جرمني، اٽلي، برطانيه ۽ آمريڪا جا دورا ڪيم. انهن دورن سبب اها ڳالهه يقين ۾ بدلجي ويئي ته جيڪي ڪجهه ڪتابن ۾ پڙهيو هوم، دنيا ان کان گهڻو مختلف آهي. قديم تهذيبون تيزيءَ سان پڄي پورا پورا ٿي رهيون آهن. مذهبي قدر، بدلجندڙ دنيا جو ساڻ نڀائي سگهن. مذهبن طرفان اخلاق بابت جيڪي معيار مقرر ڪيا ويا هئا، انهن کي ترقي يافته قومن اڄ سڌي طرح رد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ اهو ضروري نه رهيو آهي ته عورت پڙدي ۾ رهي يا بي پڙدا عورت کي بداخلاق سمجهيو وڃي. ايتري قدر جو اڄ اگهاڙي، غير مرد سان ڳالهيون ڪندڙ عورت به بداخلاقيءَ جي دائري ۾ نٿي اچي. برطانيه جي شهزادي جي زال ”ڊيانا“ ٿي وي تي اچي اهو چئي ڏنو ته هن شاديءَ کان پوءِ چئن غير مردن سان ياري رکي ۽ انهن سان هم بستر به ٿي آهي. برطانيه جو شهزادو چارلس، اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ جي باوجود ڪجهه به نه ڪري سگهيو. جڏهن ته هن جي پڙ ڏاڏي بادشاهه هينري اٺين، محض شڪ جي بنياد تي پنهنجي ٻن زالن ايني بولين ۽ ڪيٿرين هوورڊ کي ڪاري قرار ڏئي انهن جا ڪنڌ ڪپائي ڇڏيا، جڏهن ته اڄ برطانيه جي وزيراعظم جان ميجر کي خبر ناهي ته هن جو پيءُ ڪير آهي. هن وقت ترقي يافته ملڪن جي عورتن بابت جيڪڏهن جيڪب آباد جي ماڻهن کان فيصلو ڪرايو وڃي ته هو سڀني کي ”ڪارو ڪاري“ جي سزا ٻڌائي مارائي ڇڏين. ٻاهرين دنيا ۾ حالت ان حد تي پهتل آهي ته ڪابه ڪنواري چوڪري، پيٽ ۾ ٻار کڻي ڪنهن به اسپتال ۾ ان جو ويم ڪرائي سگهي ٿي. اسپتال وارن کي قانوني طور اهڙو ڪوبه حق حاصل ناهي ته هو ان چوڪريءَ کان ٻار جي پيءُ جو نالو پڇي سگهن.

ترقي يافته ملڪن ۾ هاڻ شادي ڪرڻ جو رواج به گهٽجي رهيو آهي. مذهبن طرفان جاڙايل اها رسم آهسته آهسته پنهنجي اهميت وجائي رهي آهي. چون ٿا ته عورت ۽ مرد پاڻمرادو هڪٻئي سان گڏجي زال مڙس جيان زندگي گذاري سگهن ٿا. يورپ ۽ آمريڪي ڪنڊ ۾ اهڙا هزارين جوڙا ملن ٿا، جن ڪڏهن به شادي نه ڪئي آهي. هنن کي ٻار به آهن ۽ پيار پري زندگي به گذارين ٿا. ڪي ڪي اهڙا جوڙا به آهن، جيڪي پيريءَ ۾، پُٽن پوٽن وارا ٿيڻ کان پوءِ شاديءَ واري رسم ادا ڪن ٿا. دراصل، مذهب جي جاڙايل اخلاقي قدرن جو بادشاهن، شهزادن، راجائن، نوابن، جاگيردارن ۽ سردارن انتهائي ناجائز فائدو ورتو. هنن پاڻ سڀ ڪجهه ڪيو پر عوام کي اهڙن ڪمن کان نه فقط روڪيندا رهيا بلڪه سخت سزائون به ڏيندا هئا. فرينچ ۽ سوشلسٽ انقلابن اچڻ کان پوءِ دنيا تيزيءَ سان پلٽو کاڌو ۽ مذهبي قدرن خلاف هر طرف بغاوتون شروع ٿي ويون جيڪي اڄا تائين جاري آهن. هاڻ ترقي يافته ملڪن ۾ عورت کي ڪنهن به لحاظ کان مرد کان گهٽ درجو حاصل ناهي. هوءَ پنهنجي مڙس کي طلاق ڏيئي سگهي ٿي ۽ ملڪ ۽ قوم جي قيادت به ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته مذهبي نظريا انهن ڳالهين جي مخالفت ڪن ٿا. عيسائي دنيا ۾ اڳ اها مذهبي روايت هئي ته زال ۽ مڙس جو رشتو خود خدا جوڙي ٿو، ان ڪري اهو رشتو خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبه شخص ٽوڙي نٿو سگهي. نتيجي طور زال ۽ مڙس وچ ۾ طلاق ناممڪن ٿي پيئي. اهو معمولي معاملو حل ڪرڻ لاءِ عيسائيت ۾ ڪئين تحريڪون هليون، جن ۾ پروٽيسٽنٽ تحريڪ خاص طور قابل ذڪر آهي، جيڪا چار سئو سال اڳ جرمنيءَ کان شروع ٿي. ان تحريڪ سبب طلاق جي معاملي تان هزارين ماڻهن کي جيئري ساڙيو ويو. هينئر، عيسائي دنيا جي حڪمرانن مذهبي نظريا پاسي تي رکي، ڪورٽن کي اختيار ڏيئي چڏيا آهن ته ڪابه زال يا مڙس جڏهن به طلاق جي درخواست ڏي ته ان کي منظور ڪيو وڃي. ترقي يافته قومن، خيرات ۽ زڪوات جي مذهبي نظريه کان تمام مٿاهون ”سوشل سيڪيورٽي“ جو نظام به رائج ڪيو آهي. ان نظام هيٺ ڪنهن کي به غريب، يتيم يا محتاج سمجهڻ بدران، حڪومتن کي پابند ڪيو ويو آهي ته هر ضرورتمند شخص کي بنيادي ضرورتون مهيا ڪن. ان نظام تحت بيروزگارن کي هر هفتي باقاعده الائونس ڏنا وڃن ٿا ته جيئن هو معاشري ۾ بهتر زندگي گذاري سگهن. اهو بيروزگاري الائونس، زڪوات ۽ خيرات بدران ”حق“ طور ڏنو وڃي ٿو ته جيئن ڪنهن جي به ضمير کي ڏڪ نه لڳي ۽ ڪوبه احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا نه ٿئي. اهڙيءَ ريت اڄوڪي دنيا ۾ هڪ نئين عوامي تهذيب پروان چڙهي رهي آهي، جنهن جو خالق خود عوام آهي. هو مذهبي روايتن کي ٽوڙي، پنهنجي سمجهه ۽ ضرورت آهر نيون نيون روايتون نوان اخلاقي قدر جوڙي رهيو آهي. فقط ٽين دنيا جي ملڪن ۾، جتي عوام کي اڄا تائين حقيقي اقتدار حاصل نه ٿي سگهيو آهي، جتي بي انتها غربت ۽ جهالت آهي، اتي جا معاشرا اڄا تائين ماضيءَ جي مذهبي روايتن جي تابع هلن ٿا. اڄ تاريخ ۾ پهريون پيرو هيءَ ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته نه فقط سڀ قومون ۽ ملڪ آزاد ۽ خودمختيار هئڻ گهرجن بلڪه هر شخص، انفرادي طور آزاد ۽ خودمختيار هئڻ جو حق رکي ٿو. شخصي آزادي، قوم ۽ ملڪ جي آزاديءَ وانگر مقدس ۽ اهم آهي. بهرحال، دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو غلط هجي يا صحيح، اسان کي ان جي ڄاڻ ضرور هئڻ گهرجي. اڻ ڄاڻ رهڻ گناهه آهي. مون جن به ملڪن جو دورو ڪيو ۽ جيڪي ڪجهه اتي ڏٺو، ان بابت سوچيو هوم ته ڪو پرپور سفرنامو لکندس. اڄا اهڙيون تياريون ڪري رهيو هوس ته اوچتو الطاف شيخ جا سفر نامه سنڌي اخبارن ۾ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. مون ابتدائي طور مٿيرو هن جا ڪجهه سفرنامه پڙهيا. پوءِ ته هن جي لکڻين مان ڦاسجي پيس. منهنجي هن سان واقفيت نه هئي. سوچيندو هوس ته هي ڪير شخص ٿي سگهي ٿو، جنهن جو مشاهدو هڪ شاعر جيان تيز ۽ لکڻين ۾ بي پناهه قوت رکي ٿو. هو ننڍڙن پر انتهائي اهم معاملن کي تمام سادي ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪري ٿو. هي ڪير نوجوان ٿي سگهي ٿو، جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ايڏو پيار آهي، جو ماڙين ۾ رهندي مارن جي ڳالهه ڪري ٿو. هو سنڌي ماڻهن تائين اهڙي معلومات رسائي رهيو آهي، جنهن جي انهن کي وڏي عرصي کان اشد ضرورت هئي. اهي سفرنامه پڙهڻ کان پوءِ مون پنهنجو سفرنامو لکڻ جو ارادو چڏي ڏنو. جيڪو ڪجهه مون کي ڪرڻو هو، اهو الطاف شيخ وڌيڪ خوبصورتيءَ سان سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

گذريل پنجاهه سالن دوران، سنڌ مان چند ماڻهن ڪن خاص ملڪن بابت سفرنامه لکيا آهن. پر الطاف شيخ شايد واحد شخص آهي، جنهن نه فقط دنيا جو وڏو حصو اکين سان ڏٺو آهي بلڪه اتي جون حالتون، تيز مشاهدي سبب بيحد عالمانه انداز ۾ قلمبند ڪيون آهن. هن جون بامقصد لکڻيون نه فقط سنڌي ادب جو اهم ترين ورثو آهن، بلڪه اڄوڪي تاريخ جو انتهائي ڪارائتو حصو پڻ آهن. هن شخص، باقاعده مهم طورهڪ مجاهد جي حيثيت ۾ پنهنجي لکڻين ذريعي اها

ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي پنهنجي ذات، احساس ڪمتري ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي قيد کان آزاد ٿي ڳوڻن کان ٻاهر نڪرڻ جي همت ڪن.

سنڌي هڪ وڏي عرصي کان اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪُن ۾ ڦاٽل رهيا آهن. دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري، اها ڳالهه پاسيرو ڪندي فقط اهو ڏسجي ته سنڌ ۾ سنڌين سان ڪهڙي ويڌن ٿي رهي آهي، انهن کان ڪيئن سمورا حق ۽ وسيلا ڦريا ويا آهن. اسان کي ان جي به پوري ڄاڻ ناهي. انگريزن جي دور ۾ هلايل حُر تحريڪ کان ايم آر ڊي تحريڪ تائين سنڌين کي ڏاڍو ماريو ۽ هيسايو ويو آهي. نتيجي طور سنڌين جي اڪثريت ڳوڻن ۾ لڪي ويئي آهي ۽ هاڻ فقط ڳوڻن کي پنهنجو وطن سمجهي ٿي. هنن کي اڄ پنهنجن ئي شهرن ۾ ايندي خوف لڳي ٿو. ورهاڱي وقت اسان اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ سڄي هندستان لاءِ سنڌ جا دروازا کولي ڇڏيا. هينئر نعرا هنيا وجن ٿا ته سنڌي، سنڌ ۾ اقليت ۾ اچي چڪا آهن. اسان جي اڻ ڄاڻائيءَ سبب نه فقط هندستان مان بلڪه دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان لکين ماڻهو لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ آباد ٿي ويا آهن. انهن جو تعداد وڌاءُ ڪري ٻه ڪروڙ ويهه لک ٻڌايو وڃي ٿو. جڏهن ته سنڌ مان پنج لک هندو ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ تي وڌ ۾ وڌ پنج لک هندستاني هتي اچي سگهيا ٿي.

بهرحال، سفر ڪرڻ، علم حاصل ڪرڻ برابر آهي.اکين ڏٺي جو ڪو بدل ناهي. بلڪه مان چوندس ته ”سفر“ علم جو اهم ترين شعبو آهي ۽ ان شعبي ۾ الطاف شيخ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هي شخص اسان کان وڏي ميتا لهٽي. لاتعداد ڪتابن جي هن مصنف کي سندس علمي و ادبي خدمتن جي عيوض سنڌ جي يونيورسٽين طرفان مان ملڻ گهرجي. خاص طور علم جي مخصوص شعبي ۾ نمايان ڪم ڪرڻ سبب هي اعزازي ڊاڪٽريٽ جو پڻ حقدار آهي. جيئن ته اسان وٽ جيئري مان ڏيڻ جو رواج ناهي، ان ڪري اهڙي آس رکڻ اجائي لڳي ٿي. سنڌ جي يونيورسٽين طرفان اجا تائين اڇوکي سنڌ جي سپ کان وڏي عالم ۽ شاعر شيخ اياز کي به نه سڃاتو ويو آهي. هنن ڪڏهن به هن شخص کي پنهنجي شاگردن سان متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش نه ڪئي.

آخر ۾، منهنجي دعا آهي ته الطاف شيخ اجا سٺاوا سفر ڪندو رهي، سنڌين لاءِ لکندو رهي. شايد اهو ڏينهن به اچي جڏهن سنڌي ڳوڻن ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي قيد کان آزاد ٿي پنهنجي شاندار ماضيءَ جيان، مستقبل کي به شاندار ناهي سگهن.

(الطاف شيخ جي ڪتاب يورپ جا ڏينهن

۽ يورپ جون راتيون لاءِ لکيل مهاڳ)

ايم بي عباسيءَ جي نالي-

مٺي مير محمد جو، ”بخشيل“ سڏايان

مولا عليءَ جو عاشق، عباسي آهيان

اجا آهين، ڏاڏا ڏُکَ، مهمانَ منهنجا

ٻيلي اوهان کي، ٻيو ڇا ٻُڌايان

ويڻي جنين وٽ، ڏُکندو ڏور ٽئي

اُنهن جا هَرَ هَرَ، پَنڌَ پُڇايان

جي ڏٺي ڪين وڻن، ڪائنڙ، ڪوجها

اهڙن سان ويڻو، ناتو نڀايان

آلين اکين سان، واجهائي واٽون

پنهنجي ئي پاڻ کي، پاڻ پرچايان

ڪا سِٽَ سڌائي، ٻڌاءِ، يار يوسفَ

تان ويلَ وقتُ، واري ورايان

جناب ايم بي عباسيءَ کي

لانڊي جيل ۾ لکي ڏنل - مارچ 27، 1998

صوفي شرف الدين ''شرف''

صوفي صِفاتي، لوڪئونُ پاڻُ لڪائين

هنڌين ماڳين ماڻ ۾، سي حقُ هُلائين

سدا سَچَ سامهون، جي سيسُ نِمائِين

اهڙا صاحب سلاطين، ڏٺا مون هن ڏيهہ ۾.

- يوسف

سنڌ صدين کان تصوف جي سر زمين رهي آهي. هتي مذهبي نفرتن ۽ تفرقن کان تمام مٿاهون تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ اهڙو بي مثل معاشرو قائم ڪيو ويو، جتي انسان ذات جي عظمت، سڀني انسانن ۾ برابري، پائيچاري، هڪٻئي جو احترام، پيار محبت، امن ۽ آتشي جو درس ڏنو ويو.

سنڌ دنيا جو واحد خطو آهي، جتي پنج هزار سال اڳ هٿيارن کان پاڪ هڪ انوکي مملڪت قائم ڪئي ويئي، جتي جنگ و جدل، قتل و غارت، هڪٻئي جي علائقن تي حملا ۽ قبضا ڪرڻ، ٻين کان مالي وسيلا ڦرڻ ۽ کين غلام بنائڻ واري عمل ۽ فڪر کي رد ڪيو ويو.

پنج هزار سال اڳ، دنيا ۾ فقط ڪي اهڙا خطا هئا، جتي عظيم تهذيبن جنم ورتو. انهن ۾مصر، سمير (عراق) ۽ سنڌ شامل آهي. سنڌ کي خاص طور انهن تهذيبن ۾ اها عظمت حاصل هئي، جو هتي تاريخ ۾ پهريون پيرو ”خدا جي وحدانيت“ جي ڳالهه ڪئي وئي. جڏهن ته مصر ۽ سمير ۾ ڪيترائي خدا بلڪه خدائن جا خاندان جاڙايا ويا. سنڌ ۾ ماڻهن کي ٻڌايو ويو ته خدا هڪ آهي، واحد آهي، لاشريڪ آهي، جنهن جو ڪو ثاني ناهي. هو ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ جو خلقڻهار آهي، هو رحيم آهي، ڪريم آهي، هن جي حڪم کان سواءِ پن به نڙو چري سگهي. هي تاريخي واقعو حضرت ابراهيم کان لڳ ڀڳ پنج سئو سال اڳ جو آهي.

2350 قبل مسيح ۾، سمير ۽ اڪاد جي شهنشاهه سارگن تمام وڏي تعداد ۾ سنڌ مان عالم، اديب، استاد، انجنيئر، زرعي ماهر ۽ هنرمند گهرائي ”اگادي“ شهر ۾ آباد ڪيا، جيڪو سمير ۽ اڪاد حڪومت جو دارالحڪومت هو. هتي سنڌ جي ماڻهن واهه کوٽيا، اسڪول قائم ڪيا، پهريون پيرو ڪپهه جي پوک ڪئي، ڏاڪي ۽ ڪپڙي اڻڻ جون ڪاڻ مان ٽهيل مشينون متعارف ڪرايون. هنن جديد شهري منصوبابندي تحت هتي پڪين سرن سان هوادار گهر جوڙيا، جن ۾ در ۽ دريون لڳايون، پاڻي جا وڏا تلاءَ جوڙيا ۽ گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ لاءِ صحت جي اصولن کي سامهون رکندي زير زمين پڪيون ناليون ٺاهيون. سنڌين شهنشاهه سارگن ۽ سندس وزيرن توڙي سرڪاري ڪامورن کي فرمان يا حڪم نامه جاري ڪرڻ لاءِ مهرون ٺاهي ڏنيون. اهڙيون مهرون اڄ به سمير (عراق) جي ڪيترن ئي هنڌن تان هٿ آيون آهن.

جڏهن حضرت ابراهيم اُر شهر ۾ جائو تڏهن سنڌ جي ماڻهن طرفان ان شهر ۾ خدا جي وحدانيت بابت هڪ تمام وڏو مرڪز قائم ڪيل هو، جتي اها تبليغ ڪئي ويندي هئي ته خدا هڪ آهي، جيڪو ڪائنات توڙي هر جاندار شيءِ جو خالق ۽ مالڪ آهي، جنهن جو ڪو ثاني ناهي.

سنڌ جي ماڻهن دنيا ۾ وڏندڙ مذهبي ڇڪتاڻ، نفرتن ۽ تفرقن کي منهن ڏيڻ لاءِ هتي تصوف جو بنياد وڌو، جنهن تحت خدا ۽ انسان ذات جي وچ ۾ سنئون سڌو تعلق جي ڳالهه ڪئي وئي. اهو سلسلو صدين کان هلندو رهيو. اڄڪلهي سنڌ تصوف جي حامين لاءِ پناهه گاهه بڻجي وئي. نتيجي طور دنيا جي مختلف علائقن کان خاص طور عرب، ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا کان تصوف جا پيروڪار وڏا وڏا عالم، اديب، شاعر ۽ مفڪر هجرت ڪري سنڌ ۾ ايندا رهيا ۽ هتي آباد ٿيندا ويا. ماضي قريب ۾ وچ ايشيا کان سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف جا اباڻا افغانستان جي علائقي هرات کان لڏپلاڻ ڪري هتي اچي آباد ٿيا. سنڌ جي ٻي عظيم شاعر سچل سرمست جا ابا ڏاڏا عراق کان لڏي هتي آيا. قلندر شهباز ملتان ڇڏي سيوهڻ ۾ اچي آباد ٿيو. هو ايران جي مروند علائقي جو رهواسي هو. خلافت راشده ۽ ان کان پوءِ امويون ۽ عباسين جي وچ ۾ گهرو ويڑهه سبب ڪيترائي عرب خاندان سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا، جيڪي سڄي سنڌ جي هر ڪُنڊ، هر شهر ۾ پکڙيا پيا آهن ۽

گھٹي پاڳي پاڻ کي سيد، پير، مخدوم، عباسي وغيره سڏائين ٿا. اسلام اچڻ کان اڳ برصغير ۾ ہڪ هندو مت جي پوئلڳ بادشاهن جي وچ ۾ لڳاتار ڀڳهيون جنگيون لڳيون. نتيجي طور سڄو هندستان مذهبي نفرتن ۽ تفرقن ۾ ورهائجي ويو. ان وقت به ڪيترائي عالم مفڪر ۽ شاعر پناهه لاءِ سنڌ ڏانهن آيا، جتي نفرتن کان پاڪ تصوف جو هڪ وڏو جهان آباد هو. تاريخ جي وهڪري انهن سڀني لڏي ايندڙ ماڻهن کي سنڌي ٻڌائي ڇڏيو ۽ وقت گذرڻ سان گڏ هو سنڌ جا سچا سپوت عالم ۽ اديب ٻڌجي ويا. اڄ به جيڪڏهن سنڌ جي سڀني ڳوٺن توڙي شهرن تي ڌيان سان نظر وڌي وڃي ته اسان کي هر هنڌ وڏا وڏا عالم، مدبر ۽ ڀڳهي نظر رکندڙ سڃاڻ شخص ملندا، جن جي صحبت ۾ وهندڙ سون ٿي سگهن ٿا.

جيتوڻيڪ، اڄوڪي سنڌ ۾ تيزي سان ٿيندڙ تمام وڏي پيماني تي نين هجرتن ۽ دولت جي دولاب سنڌي ماڻهن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن. نتيجي طور هنن پنهنجي عالمن، اديبن جو قدر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. ان جي باوجود سنڌ جا ڳوٺ، شهر، گمنام عالمن، اديبن، شاعرن ۽ تصوف جي پوئلڳن سان پريا پيا آهن. جن مان صوفي شرف الدين شرف پڻ هڪ آهي. اهڙا شخص سنڌ جي عظمت ۽ قديم اعليٰ تهذيب جو تسلسل آهن. منهنجي ساڻس پهريون پيرو ملاقات سندس نامياري فرزند انور راجاڻيءَ ڪرائي. وڏي ڄمار وارو، بنهه ڳوناڻو، سادا ڪپڑا، چاپونهين ڏاڑهي، مٿي تي پگ، ٿورو ڳالهائو، شفقت پريو چهرو، ڪجهه دير لاءِ منهنجي اکين اڳيان منهنجي ڏاڏي خميسو خان جو چهرو تري آيو. مون هن شخص سان فقط هڪ بزرگ طور هٿ ملايو ۽ احترام طور گهٽو ڳالهائڻ نٿي چاهيو. پوءِ چانهه جو ڪوپ اچڻ تائين آهسته آهسته هن شخص ڳالهائڻ شروع ڪيو. تڏهن هو مون کي هڪ حيران ڪندڙ انسان نظر آيو. اسان تمام تڪڙو پهرين ئي ملاقات ۾ هم عمر دوست بڻجي ويٺاسين. صوفي شرف الدين شرف هڪ شاعر هو، عالم هو، ان سان گڏوگڏ هو هڪ سادو ۽ سچو انسان پڻ هو. منهنجي دوست انور راجاڻيءَ کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هو اهڙي شخصيت جو فرزند هو. هتي اهو چوڻ به مناسب ٿيندو ته خود انور راجاڻي تمام وڏي پايه جو صحافي ۽ نقاد رهيو آهي. هو پاڻ به هڪ بااخلاق ۽ بااصول شخص آهي. هن کي خاص طور ''اقتصاديات'' تي مهارت حاصل رهي آهي. صحافت جي اها صنف ڏاڍي ڏکي آهي، جنهن کان گهڻا صحافي لنوائيندا آهن.

آخر ۾ آئون صوفي شرف الدين شرف جي شخصيت کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ سندس بيان ڪيل هڪ قصي جو سهارو ونڊندس. صوفي شرف الدين سنڌ جي هڪ وڏي بزرگ فقير محمد ڪٽياڻ کان بيحد متاثر هو ۽ پاڻ سندس صحبت ۾ گهڻو عرصو گذاريائين. هو ٻڌائي ٿو ته فقير محمد ڪٽياڻ بنا وضو جي ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهندو هو ۽ دعا به نه گهرندو هو. جڏهن فقير صاحب کان ان جو سبب پڇيو ويو ته هن ٻڌايو ته ''اوهان نماز پڙهڻ کان پوءِ الله کي ڏاڍو تنگ ڪندا آهيو، هي به ڏي، هو به ڏي، اولاد ڏي، ڌن دولت ڏي وغيره وغيره. اسان فقيرن کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي. اسان کي جيڪي به ڏيڻو هو، اهو ڏنو اٿائين. قبلي بابت فقير صاحب وضاحت ڪندي چيو ته ماڻهن الله کي هڪ ئي ڪوٺي تي چاڑهي ڏاڪڻ ڪيو ڇڏي آهي. ماڻهو سمجهن ٿا ته الله فقط هڪ ئي هنڌ آهي پر اسان فقير سمجهون ٿا ته الله هر هنڌ جاڏي ڪاڏي موجود آهي. جنهن طرف به منهن ڪري نماز پڙهندا آهيون ته سمجهندا آهيون ته سامهون الله آهي. هو اسان کي ڏسي ٿو ۽ اسان به کيس ڏسون ٿا''. صوفي شرف الدين شرف ان ئي فڪر جو پوئلڳ هو.

سڀ فنا فاني، رهڻو نانءُ الڪَ جو

پڙهي شڪر الحمد، چوُن صابرَ سيلاني

ڪو حيلو ناه هلڻو، ري حرفُ حقاني

اهڙا لائق لاثاني، ڏٺا مون هن ڏيهَ ۾.

- يوسف

ڪو ”سرڪش“ کي سمجهائي

آهي ڪو آهي، جو سرڪش کي سمجهائي

چو سور ساڻِيهَ جا، وَر وَر ورجائي

چو سُڌڪيو سَڏَ ڪري، چو پنهنجا پُڇائي

ڪنهن لئه هي ڪونڌر، ٿو واڻون واجهائي:

”جو ممڻ مڇائي، جو ڏونگر ڏهڪائي

جو اهڙي تندُ تپائي، جا لوه لڳن تان لاهي“

هت هر ڪو پيڻَ ورن ۾، سور سهسائي

هت هر ڪو ويڳاڻو، ٿو صاحب سڏائي

هت هر ڪو چوي هاڻ، هلو سِرَ لڪائي

هيءَ سِڻ سالڪ کي، ڪو ٻيلي ٻُڌائي

” سي سُتا مر سُنهن، جي ويڻا سپ وڃائي“

ڪو سرڪش کي سمجهائي.

ڪو سرڪش کي سمجهائي.

سرڪش سنڌيءَ جي نانءُ

فقير محمد لاشاري

15 جولاءِ 1992ع تي فقير محمد لاشاري روايت کان هٿي روزانه جاڳو ۾ هڪ چرڪائيندڙ ايڊيٽوريل لکيو، جنهن جو عنوان هو ”فاتحن جي دنيا- آزادين جو دستاويز“ انهن ڏينهن منهنجو ڪتاب ”فاتحن جي دنيا“ سنڌي، اڙدو ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيو هو. ڪتاب تي تبصرا عام طور اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. منهنجي ان ڪتاب تي ڪيترن ئي سنڌي، اڙدو ۽ انگريزي اخبارن ۾ تبصرا شايع ٿيا. خاص طور دان ۾ اڌ صفحي کان به وڌيڪ ZENO تبصرو لکيو جيڪو پڙهڻ لائق آهي. ٻي طرف فقير محمد لاشاري تبصري بدران ايڊيٽوريل لکيو. اهڙيءَ طرح هن نه فقط ڪتاب کي مڪمل طور OWN ڪيو بلڪه ڪتاب کي نالو ڏنائين ”آزادين جو دستاويز“.

منهنجو هي دوست ڦوهه جوانيءَ ۾ ڪنهن حادثي سبب اسان کان اوچتو وڇڙي ويو. ڏات ۽ ڏاهه سان پريل هي شخص تمام تيزيءَ سان سنڌي صحافت تي ڇانئجي ويو. مختلف اخبارن کان علاوه روزانه عوامي آواز جو چيف ايڊيٽر ٿيو ۽ بعد ۾ جاڳو جو ايڊيٽر ٿيو. اها اخبار ڪيائڻ ۾ هن جون ذاتي ڪوششون شامل هيون. هي گهڻ پڙهيو، ترقي پسند، تيز فهم ۽ سنڌ دوست شخص هو. ڪيس عالمي ادب ۽ تاريخ تي خاص طور دسترس حاصل هئي. جيڪر وقت وٽي ڏي ها ته هي سنڌي صحافت کي وڏي اوج تي آڻي ڇڏي ها. سندس بي وقتائتي موت سبب سنڌ کي ناقابل تلافي نقصان رسيو.

هيٺ فقير محمد لاشاري جو لکيل ايڊيٽوريل شايع ڪجي ٿو:

15 جولاءِ 1992

فاتحن جي دنيا- آزادين جو دستاويز

اڄ اسين ايڊيٽوريل يوسف شاهين جي ڪتاب ”فاتحن جي دنيا“ لاءِ مخصوص ڪريون ٿا. هن ننڍڙي ڪتاب جو شايع ٿيڻ هڪ واقعو آهي، جنهن کي آهستي آهستي وڏي واقعي جي صورت اختيار ڪرڻ گهرجي. ڏيڍ سئو صفحن تي مشتمل هي ڪتاب، پنهنجي اندر ۾ ڏيڍ هزار صفحن کان به وڌيڪ مواد رکي ٿو. هي ڪتاب دنيا جي سمورن فڪرن، اهم مسئلن، تهذيبن، هولين، مذهبن ۽ تاريخ بابت هڪ اهڙي راءِ جو اظهار ڪري ٿو، جنهن کي جيڪڏهن تسليم ڪيو وڃي ته پوءِ نه فقط سموري دنيا جي تاريخ نئين سر لکڻي پوندي پر ادب، شاعري ۽ فڪر جون ٻيون صنفون به ان کان متاثر ٿيندیون.

ڪيترن ئي سالن کان اهو ٻڌندا آياسين ته يوسف شاهين تاريخ تي ڪو ڪتاب لکي رهيو آهي. اڄ کان تيرنهن سال اڳ 1979ع ۾، شمشير الحيدريءَ، يوسف شاهين جي شاعريءَ واري ڪتاب ”اندر ۾ اُهاڻُ ٿيو“ جي مهاڳ ۾ ظاهر ڪيو هو ته ”يوسف ٻن هزار صفحن تي هندستان جي تاريخ نئين انداز ۾ لکي آهي. تاريخ لاءِ چوندا آهن ته اها بادشاهن ۽ حاڪمن جي تعريف جو ڇڻو هوندي آهي، پر يوسف جي تاريخ عوام جي تعريف جو ڇڻو آهي، جنهن کي برصغير ۾ غالبن پهريون پيرو ايڏي سچائيءَ سان لکيو ويو آهي“- يوسف جو اهو ڪتاب شايع نه ٿيو. هو شايد هندستان کان پوءِ چين، روس، يورپ، بلڪه سڄي دنيا جي تاريخ ۾ وڇڙجي پيو. مسلسل ويهن سالن جي محنت کان پوءِ هاڻ هڪ ننڍرو ڪتاب ”فاتحن جي دنيا“ ڏنو اٿس، جنهن ۾ تاريخ لکڻ بدران، هن تاريخي عمل تي ڏاڍا مضبوط ۽ چرڪائيندڙ فيصلا ڏنا آهن، جيڪي نه فقط انتهائي خطرناڪ آهن پر سمورن معاشرن جي اڌيل عمارتن کي لوڏي سگهن ٿا. ول ۽ ڊورانٽ هن صديءَ جا ٻه وڏا تاريخدان آهن، جيڪي زال مڙس ٻه آهن، انهن سڄي ڄمار جو پورهيو ڪري ڏهه ضخيم جلدن تي مشتمل هڪ ڪتاب

”تهذيب جي ڪٿا“ **(The Story of Civilization)** لکيو، جنهن ڪتاب کي سڄي دنيا ۾ ڏاڍي مڃتا ملي. ول ۽ ڊورانٽ، پنهنجي ان ڏهه جلدن تي مشتمل ڪتاب جو تت ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو، جنهن کي ”تاريخ جا سبق“ جو نالو ڏنائون. ان ڪتاب ۾ هنن پنهنجي وسيع مطالعي ۽ تحقيق جي بنياد تي دنيا جي مختلف معاملن بابت رايا ڏنا. هنن قومن جي عروج، زوال، ڀولين، مذهبن ۽ تهذيبن بابت تاريخ جا فيصلا ٻڌايا. هنن گهٽي پاڳي پنهنجي نيڪ مشورن ۽ تاريخ جي سبقن کان خاص طور آمريڪا کي نوازيو.

هنن آمريڪا کي چيو ته:

The United States must assume today the task that great Britain performed so well in the nineteenth century (Page 83, The lessons of History)

آمريڪا کي اهي ڪم سرانجام ڏيڻ گهرجن، جيڪي عظيم برطانيا اوڻهين صديءَ ۾ ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنا (صفحو 83، تاريخ جا سبق)

اوڻهين صديءَ ۾ برطانيا دنيا جي 54 کان وڌيڪ ملڪن تي قبضو ڪيو. سوين قومن کي پنهنجو غلام بڻايو، لکين ماڻهو ماريا، سوين قومن جي دولت ڦري، کين ڪنگال بڻائي ڇڏيو- يوسف شاهين پنهنجي ڪتاب ”فاتحن جي دنيا“ جي صفحه 48 تي برطانيا ۽ ٻين يورپي ملڪن بابت هن ريت بيان ڪري ٿو:

”بي عالمي جنگ کان پوءِ فطري يا غير فطري سرحدن سان جيڪي به ملڪ آزاد ٿيا، انهن جي حالت ڏاڍي رحم جوڳي هئي. صدين تائين، هنن جي دولت تي ڏاڙا هنيا ويا هئا، بک، غربت، جهالت، بي وقتا موت، سياسي، سماجي، بدحاليءَ کان سواءِ هنن وٽ ڪجهه نه بچيو هو. غلاميءَ جي سموري عرصي ۾ ڪئين صدين تائين، غلام ٿيل ملڪن ۾ ترقياتي ڪم ذري گهٽ بند رهيا. ضرورت مطابق اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون نه کلڻ سبب غلام ملڪن جو عوام اڻ پڙهيل جاهل رهجي ويو. صحت تي ڏيان نه ڏيڻ سبب هنن ملڪن ۾ موت جي شرح وڌي وئي ۽ ماڻهن جي سراسري عمر خوفناڪ حد تائين گهٽجي وئي. مواصلات، صنعت، زراعت، مطلب ته سمورا شعبا تباهين جي ڪناري تي پهتل هئا. دولت ڪمائڻ جي چڪر ۾ ”فاتح قومن“ مفتوح انسانن کي زوري چرس، پنگ، آفيم، شراب ۽ ٻيون نشيدار ۽ ناجائز شيون وڪرو ڪيون ته جيئن هنن جي صحت ۽ اخلاقي معيار ڪري پوي. غلاميءَ جي ان دور ۾ فقط اهي ماڻهو ترقي ڪري سگهيا، جن پنهنجي وطن ۽ عوام سان ”غداري“ ڪري ”فاتحن“ جو ساٿ ڏنو.

غدار ماڻهن کي معاشري ۾ ترقي ڪرڻ جا ڪئين موقعا مليا. ان سبب نوان نوان ماڻهو، نوان خاندان اپري آيا، جيڪي سماج ۽ سياست تي مڪمل طور ڇانئجي ويا. اهڙي طرح ”غداري“ معاشري جو اهم جز ۽ ترقيءَ جو وڏو وسيلو بڻجي پئي.

ول ۽ ڊورانٽ برطانيا جي اهڙن ڪٽن ڪرتوتن کي ”شاندار ڪارنامه“ قرار ڏيندي آمريڪا کي ساڳيو گس وڻڻ جي صلاح ڏني. دراصل هنن کي خبر هئي ته برطانيا پنهنجي عروج واري دور ۾، غلام قومن جا لکين ڪروڙين ماڻهو ”عيسائي“ ڪيا هئا، ان ڪري هنن تاريخدانن هاڻ آمريڪا ذريعي ”عيسائيت“ کي وڌندو ويجهندو ڏسڻ چاهيو. ان مقصد لاءِ اگر آمريڪا کي برطانيا وانگر سڄي دنيا تي ڪاهه ڪرڻي پوي ته ان کان هن کي ڪيپائڻ نه گهرجي. ول ڊورانٽ، زرتشتي ۽ عيسائي مذهبن جا حوالا ڏيئي آمريڪا جي حاڪمن کي هي به ٻڌايو ته:

”دنيا ۾ نيڪي ۽ بديءَ جي هلندڙ جنگ ۾، نيٺ نيڪيءَ کي فتح حاصل ٿيندي“. هنن پنهنجي ڪتاب جي صفحي 46 تي ڇاڻايو آهي ته: تاريخ اهڙي ڪا به ضمانت نٿي ڏي ته نيڪيءَ کي بديءَ تي فتح حاصل ٿيندي. يوسف چوي ٿو ته تاريخ جا اهڙا سبق ٻڌائڻ وارا، حقيقي طور ”فاتحن“ کي هٿي ڏين ٿا ۽ فوجي ڪارروائين، ظلم، جبر، قتل، اغوا ۽ زنا کي تاريخ جو عمل ثابت ڪري، ان کي جائز قرار ڏيڻ جا ڏوهاري بڻجن ٿا. اهڙي ئي فڪر سبب ”فتوحات“ جو عمل روڪجي

نه سگهيو ۽ انسان ذات کي فاتحن جا فيصلا زوري مڃڻا پيا. يوسف شاهين پنهنجي ڪتاب ۾ انهن دردناڪ حقيقتن تان پڙدو کڻي وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته مذهب، هولين ۽ تهذيبن بابت اسان ماضيءَ جي جنهن ورثي جا امين آهيون، اهو اسان کي فاتحن ڏنو يا اسان تي زوريءَ مڙهيو.

هجرتون: يوسف شاهين سڀ کان ڳري راءِ هجرتن بابت ڏني آهي. هو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”وڏي پيماني تي هجرتون“ فوجي فتوحات کان به خوفناڪ ٿين ٿيون. هو اڳ سڌي طرح هجرتن بابت تاريخي واقعا بيان ڪري، سندن جي ماڻهن کي خبردار ڪرڻ چاهي ٿو. يوسف جي نظريه مطابق، ورهاگي کان پوءِ سندن ڏانهن ٿيل هجرت، فوجي ڪاهه کان گهٽ ناهي، جنهن سبب اسان جو وجود، اسان جي ڏرتي، اسان جي هولي، اسان جي تهذيب، سڀ خطري ۾ پئجي ويا آهن. ان ڳالهه ذريعي هڪ سچو ليکڪ، هڪ سڃاڻ اديب، شاعر ۽ تاريخدان، اهو ئي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، جو يوسف پنهنجي ڪتاب ذريعي ادا ڪيو آهي.

آزادي: يوسف جو هي ڪتاب قومن جي آزادين تي ايمان رکي ٿو. هو گورباچوف کي محض ان لاءِ خراج تحسين پيش ڪري ٿو، جو هو انهن پندرنهن ملڪن جي آزادي جو پرزو بڻيو، جن کي مختلف وقتن تي ”زار خاندان“ غلام بڻايو هو. بقول يوسف ته آزاديءَ کان مٿي ڪوبه فلسفو ناهي. تيستائين انهن قومن جا مذهب، هوليون، تهذيبون، قومي تشخص ۽ وسيلا خطري ۾ رهن ٿا. جيستائين هو آزادي حاصل نٿا ڪن. هن پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته ”موجوده دنيا جي سڀني ملڪن جون سرحدون شهنشاهتون ٽٽڻ سبب پيدا ٿيون آهن، ان ڪري اهي سموريون سرحدون متنازع ۽ شڪ جوڳيون آهن. ان ڪري عوام کان راءِ وٺي نئين سر سرحدون طئه ڪيون وڃن ته جيئن حقيقي ملڪ آزاد ٿي سگهن“. هن جي چوڻ مطابق، جڏهن انگريزن برصغير هندستان تي قبضو ڪيو، تڏهن هتي ڪيترائي ملڪ آزاد، خودمختيار ۽ الڳ حيثيت جا مالڪ هئا، ان ڪري انگريزن کي هتان ٽپڙ ويڙهڻ وقت، اهي سمورا ملڪ اصل سرحدن سان آزاد ڪرڻ گهربا هئا، جن تي هنن قبضو ڪيو هو. انگريزن دفاعي ۽ انتظامي لحاظ کان، اهڙن سڀني ملڪن کي گڏي، هڪ ملڪ ”هندستان“ ٺاهيو، جنهن جون سرحدون برما، بنگال کان افغانستان جي سرحدن تائين پکڙيل هيون. يوسف ان عمل کي ”سرحدن جو مانڊاڻ يا سرحدن جو ڊير“ سڏيو آهي، جنهن هيٺ ڪئين قومون دٻجي ويون آهن.

ورجل ۽ هومر: ورجل ۽ هومر کي قديم دنيا جي عظيم ترين شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ته يوسف انهن کي دنيا جا عظيم رجعت پرست ۽ جمهوريت جا دشمن شاعر قرار ڏنو آهي. ورجل بابت، يوسف شاهين وضاحت ڪندي ٻڌائي ٿو ته ورجل، پنهنجي شاعريءَ ۾ روم جي شهنشاهه آگسٽس کي اڳ سڌي طرح ”مسيحا“ قرار ڏنو. آگسٽس اهو شهنشاهه هو، جنهن ”خدا“ هئڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ ڏهه سئو سينيٽرن ۽ ٻه هزار رومي سردارن کي ان ڪري قتل ڪرائي ڇڏيو جو هو خدائي بادشاهت بدران ”جمهوري نظام“ جا حامي هئا. ورجل اهڙي ظالم ۽ جمهوريت دشمن شهنشاهه جي شان ۾ قصيدا گوئي ڪئي، جنهن جي بدلي ۾ ڪيس تمام گهڻي دولت به ڏني وئي. انهن ڏينهن ۾ ”اووڊ“ (Ovid) ورجل جو همعصر هو، جنهن کي فقط ان ڪري ملڪ بدر ڪيو ويو، جو هن شهنشاهه آگسٽس تي معمولي تنقيد ڪئي، جا به هو برداشت نه ڪري سگهيو. ان کان علاوه، ورجل جو ڪتاب ”اينيڊ“ جنهن کي ادب جو مثالي شاهڪار سمجهيو وڃي ٿو، اهو محض ڪوڙ تي ٻڌل آهي. ان ڪتاب ذريعي نڪيءَ جا ناهه ناهي، ورجل آگسٽس جي شهنشاهت واري اداري کي مضبوط ڪيو. يونان ۾ هومر به اهڙو ئي رول ادا ڪيو. نه ته يوناني حاڪمن جو ظلم ان حد تائين متل هو جو هو سقراط جون فقط ”ڳالهيون“ ٻڌڻ لاءِ به تيار نه ٿيا ۽ ڪيس زهر ڏئي ماري ڇڏيائون. سقراط لکت ۾ ڪابه شيءِ ڏيئي نه سگهيو. يوسف جو چوڻ آهي ته ڪڏهن ڪڏهن شاعر ۽ اديب ”ظالمن“ وارو رول ادا ڪندا آهن ۽ هنن جون تحريرون عوام کي بيحد نقصان پهچائيندڙيون آهن.

برطانيا: ليکڪ برطانيا جي تاريخ ڇهن صفحن ۾ قلمبند ڪري مختصر نويسي جي هنر کي تاريخ نويسي لاءِ استعمال ڪري، ڪمال فنڪاريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. تحقيق جي بنياد تي، يوسف ٻڌائي ٿو ته جاپانين کان پوءِ برطانيا جا ماڻهو دنيا جي سڀ کان ڊگهي غلامي ۾ مبتلا آهن. برطانيا تي 1066ع ۾ فرانس جي علائقي نارمنڊيءَ کان ”وليم فاتح“ حملو ڪري، هن ملڪ تي قبضو ڪيو، جيڪو اڄا تائين جاري آهي. موجوده ملڪه ايلزابيٿ پي جو نسلي تعلق ان وليم فاتح سان

آهي، جنهن جي حيثيت برطانيا جي عوام لاءِ حملو ڪندڙ، ڏاڙيل ۽ قاتل جهڙي آهي. يوسف اهو به ٻڌائي ٿو ته ”انگريزي“ برطانيا جي ماڻهن جي ٻولي ناهي. اها ڊينمارڪ ۽ جرمنيءَ مان هلان ڪري آيل قبيلن جي ٻولي هئي، جن انگلينڊ تي قبضو ڪيو ۽ پنهنجي ٻولي هتي جي ماڻهن مٿان زوري مڙهي ڇڏي. برطانيا جا ماڻهو ”ڪيلٽڪ“ ٻولي ڳالهائيندا هئا. اهي تاريخ جا اهڙا انڪشاف آهن. جن کان روايتي تاريخدان ناواقف رهيا آهن.

سروسز اسپتال ڪراچيءَ ۾

قيد دوران لکيل

2 اپريل، 1997ع

سوچ جو سفر

جيئن ”وڏيون هجرتون“ فوجي ڪاهن کان به خطرناڪ ٿين ٿيون، تيئن ”سوچ ۽ فڪر جون هجرتون“ ڪٿين معاشرا ڊاهي ۽ ٺاهي وجهنديون آهن. هن وقت تائين دنيا ۾ جيڪي به انقلاب آيا، جيڪي به تبديليون ٿيون، جيڪي به تهذيبون ۽ معاشرا ٺٽا ۽ ٺهيا، ان ۾ فڪر جي هجرتن يا سوچ جي سفر، تمام اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

جيڪڏهن ”عالمي تاريخ“ کي سميٽي، فقط چند سٽن ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته ان جو تَتُ هيئن ٻيهندو: ”گذريل پنج هزار سالن جي سڃي تاريخي دور ۾ بادشاهن جون پاليل فوجون، پاڳل ڪتن وانگر دنيا جي عوام کي مسلسل قتل ڪنديون رهيون آهن. انهن فوجن کان پنهنجي جان ۽ عزت بچائڻ خاطر دنيا جا ماڻهو پنهنجا اباڻا پَڻَ ڇڏي، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن لڏاتار هجرتون ڪندا رهيا آهن. انهن هجرتن سبب انساني فڪر ۽ مذهبي نظرين هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن سفر ڪيو. تقريبن چار هزار سال اڳ سنڌ مان سنڌين شايد پهرين هجرت سمير (موجوده عراق) ڏانهن ڪئي. ان وقت سنڌي هڪ خدا يا خدا جي وحدانيت تي ايمان رکندا هئا. ان ڪري اهو نظريو، اها سوچ سنڌ کان سفر ڪري موجوده عراق پهتي، جتي جا ماڻهو ڪيترن ئي خدائن تي ايمان رکندا هئا. انهن ۾ عين، عين لل ۽ عينڪي خدا خاص طور شامل هئا. بعد ۾ انهن خدائن سان گڏ ”بعل“ خدا جي به عبادت ڪئي ويئي، جنهن تي حضرت ابراهيم جو خاندان ايمان رکندو هو. سنڌ جي ماڻهن ”خدا جي وحدانيت“ يا هڪ خدا هئڻ بابت جيڪو نظريو ڏنو، ان جي اڳتي هلي حضرت ابراهيم وڏي پيماني تي پرچار ڪئي. ان نظريه جي بنياد تي ٻي وڏا مذهب يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام وجود ۾ آيا.

19 صدي قبل مسيح ۾ ايشيا جي وچ اوپر وارن علائقن کان يورپ ڏانهن هجرتون ٿيون. ايشيا جا اهي ماڻهو انا طوليا (موجوده ترڪي) جي رستي کان يونان جي ٻيٽ ”ڪريٽ“ ۾ آباد ٿيا ۽ هنن هتي ايشيائي فڪر ۽ مذهبي نظرين جي بنياد تي يورپ جي پهرين وڏي تهذيب جو بنياد وڌو، جنهن کي ”ڪريٽ جي تهذيب“ چئجي ٿو. اها تهذيب اڳتي هلي ”يوناني تهذيب“ سڏجڻ لڳي.

13 صدي قبل مسيح ڌاري، انا طوليا کان يورپ ڏانهن ايشيا جي ماڻهن هڪ پيرو وري وڏي هجرت ڪئي. انهن ماڻهن موجوده انٽليءَ جي مختلف علائقن ۾ آبادیون قائم ڪيون ۽ اڳتي هلي ايشيائي فڪر ۽ سوچ جي بنياد تي انٽليءَ ۾ هڪ نئين تهذيب کي جنم ڏنو، جنهن کي ”انٽراسڪن تهذيب“ سڏجي ٿو. ان ئي تهذيب مان بعد ۾ ”رومن تهذيب“ جنم ورتو.

ٻي ۽ پهرين صدي قبل مسيح جي وچ ڌاري ايشيا مان لڏي ويندڙ يهودي مهاجرن روم ۾ پهريون پيرو هڪ خدا يا خدا جي وحدانيت جو نظريو متعارف ڪرايو. ان نظريه يورپ جي ماڻهن کان چرڪ ڪيائي ڇڏيا. خاص طور روم جا ماڻهو ڏاڍا پريشان ٿيا، جيڪي ڪيترن ئي خدائن تي ايمان رکندا هئا، جن ۾ جوپيٽر، مارس، جونو، وينس، ويستا، ڊيانا ۽ ٻيا خدا يا ديو ديويون شامل هئا. يونانين وانگر رومين جو خيال هو ته فقط هڪ خدا هيڏي وڏي ڪائنات جو صحيح طريقي سان نظام نڪو هلائي سگهي. ان ڪري هن کي مددگار صلاحڪار بلڪه نائب خدا هئڻ گهرجن، جيئن دنيا جي بادشاهن وٽ هوندا آهن. روم جا نه فقط ڪيترائي خدا هئا بلڪه هر خدا، وڏو ٻڇڙيوال، تمام وڏي خاندان وارو هو. جنهن ۾ خدا جا پٽ، ڏيئرون، پينرون، پائر، چاچا، ماما ۽ ٻيا مٽ مائٽ شامل هئا. ايترن خدائن جي موجودگيءَ دوران جڏهن روم ۾ پهريون پيرو يهودين ''هڪ خدا'' يا ''خدا جي وحدانيت'' جي ڳالهه ڪئي ته روم جا حاڪم يهودين خلاف ڪات کهاڙا کڻي بيهي رهيا.

بهرحال، خدا جي وحدانيت کان انسان جي شخصي آزاديءَ تائين مختلف فڪري سلسلا دنيا جي مختلف خطن ڏانهن هجرتون ڪندا رهيا آهن. جيئن ته گذريل پنج هزار سالن جي تاريخي دور ۾ دنيا جو عوام مختلف بادشاهتن يا بادشاهن جي غلاميءَ هيٺ رهيو آهي، ان ڪري بادشاهن جي ذاتي نظرين کان سواءِ ٻيو ڪوبه فڪر لڪ چوريءَ کان سواءِ سفر ڪري نه سگهيو. گذريل پنج هزار سالن جو دور سخت سينسر، سخت پابندين هيٺ رهيو. نئون فڪر ڏينڊڙ يا نئين فڪر جي تبليغ ڪندڙن کان دنيا جا بادشاهه هميشه چرڪندا رهيا. هنن وسئون، ڪنهن به نئين فڪر کي پنهنجي سلطنت اندر اسرڻ، پلجڻ يا پير کوڙڻ جي ڪڏهن به اجازت نه ڏني. جيڪڏهن ڪنهن خطي جي ماڻهن کو نظريو يا فڪر قبول ڪرڻ چاهيو ته ان کي اتي جو اتي بادشاهن تلوار جي زور سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙين ڪارروائين دوران دنيا جا ڪيترائي مفڪر، شاعر، اديب ۽ عالم ڦاهي چاڙهيا ويا. دنيا جي عوام کي بادشاهن پنهنجي ذاتي مذهبي نظرين کان ٻاهر سوچڻ جي ڪڏهن به اجازت نه ڏني. بادشاهن جي انهن ذاتي مذهبي حد بندين، انساني سوچ ۽ فڪر لاءِ هميشه ''قيد خاني'' جو ڪم ڪيو. اهڙي طرح گذريل پنج هزار سالن جي دور کي انساني فڪر جي اوسر لاءِ ''اونداهو دور'' چئي سگهجي ٿو. ان اونداهي دور جا اثرات، خاص طور ٽين دنيا جي ملڪن ۾ اڄا تائين تمام سختيءَ سان محسوس ڪيا وڃن ٿا. اسان وٽ پاڪستان ۾ جنرل ايوب خان جي ڏينهن تائين ڪارل مارڪس، لينن ۽ مائو جا ڪتاب پڙهڻ ڏوهه هو، جيڪي وڏو جوکم کڻي لڪ چوريءَ پڙهيا ويندا هئا. ترقي پسند ادب کي ''خوفناڪ ادب'' چيو ويندو هو. دنيا ۾ سپ کان ڏکي صورتحال چين جي عوام سان آهي، جتي اڄا تائين ماڻهن کي عالمي ادب پڙهڻ نڏوڻنو وڃي ۽ نه ئي اتي جون اخبارون ايتريون آزاد آهن جو پنهنجي عوام کي دنيا جي علم، ادب ۽ فڪري وهڪرن کان روشناس ڪرائي سگهن. اهڙي ئي حالت وچ ايشيا جي انهن چوڏنهن ملڪن جي عوام سان به آهي، جيڪي ويجهڙائيءَ ۾ سويت يونين جي ٽٽڻ سبب آزاد ٿيا آهن. بهرحال، چين توڙي وچ ايشيا جو عوام دنيا کان ائين ڪٽيل آهي، جيئن آئون هن وقت قيدخاني ۾ بند، گهٽي پاڳي دنيا کان ڪٽيل آهيان. قيد خاني کان اسپتال ڏانهن منتقل ٿيڻ بعد، منهنجا ڪيترائي دوست مون سان ملڻ اچن ٿا. جَگَ مشهور ڪارٽونسٽ ''وائي ايل'' جڏهن ملڻ آيو ته هن اچڻ شرط چيو ته ''جيڪو ماڻهو رات ڏينهن ڪم ۾ رُڌل هجي، ان کي آرام ڏيڻ لاءِ گرفتار'' ڪرڻ تمام ضروري هو. هو هر هفتي مون سان ملڻ ايندو هو ۽ پوءِ اوچتو هي فاني دنيا ڇڏي هليو ويو. هن جو وچوڙو مون کي اڄا ڏکوئي ٿو. هو يقينن عظيم انسان ۽ عظيم آرٽسٽ هو. بهرحال، جيڪي به دوست مون سان ملڻ اچن ٿا، انهن مان کي پاڻ سان گُل کڻيو اچن ته کي فروٽ آڻيندا آهن ته ڪن ڪتاب آڻي ڏنا آهن. ادي ماهتاب محبوب خاص طور حيدرآباد مان منهنجي لاءِ جوئر جي ماني ۽ ساڳ پچائي کڻي آئي. جناب شيخ ايار هر پيري پاڻ سان ڪڏهن ڪاجو ۽ ايراني بادام ته ڪڏهن ڏيساور جا جهنور وارا کٽمڻا ۽ ڪاجن ۾ ڏهيل خاص قسم جا پکوڑا کڻي ايندو آهي. جناب علي نواز وفائي ڪڏهن گل کڻي ايندو آهي ته ڪڏهن گلن جهڙيون ڳالهيون اچي ڪندو آهي. چون ٿا ته جيل ۾ جبل جيڏا ڏکيا ڏينهن گهارڻ لاءِ ڪتاب وڏو سهارو ٿين ٿا. علي احمد بروهي صاحب انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ''نهرو'' مون کي ڏيئي ويو، جيڪو سندس ئي سالگرهه تي هنکي ٽُنهرن ڏاڍي پيار سان تحفي طور ڏنو هو. ان ڪتاب ۾ جواهر لال نهروءَ جون لکيل جيل جون يادگيريون ڏاڍو اُتساهه ڏيارينڊڙ آهن. مون کي سپ کان گهٽا ڪتاب سنڌيڪا جي چيئرمين جناب نور احمد ميمڻ ڏنا. انهن ڪتابن ۾ ''سوچ جو سفر'' هڪ اهڙو قيمتي ڪتاب آهي، جنهن کي پڙهڻ سان دل باغ بهار ٿيو وڃي. سنڌيءَ ۾ هڪ وڏي عرصي کان پوءِ عالمي ادب بابت ڪو تمام سٺو ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو. ان ڪتاب کي ڪيترائي پيرا پڙهڻ باوجود آئون اڄا به ان کي پڙهڻ چاهيان ٿو. هن ڪتاب ۾ علم، ادب ۽ فڪر ڏينڊڙ دنيا جي عظيم شخصيتن بابت مختلف مضمون ڏنل آهن،

جيڪي جناب انعام شيخ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. ترجمي جي اهميت کان علاوه، هن ڪتاب جي اصل خوبي اها آهي ته جن به عالمن، اديبن، شاعرن ۽ مفڪرن بابت انگريزيءَ تان مضمون کنيا ويا آهن، انهن سڀني شخصيتن لاءِ مترجم پاڻ به مختصر مگر جامع رايا لکيا آهن. مترجم جا ذاتي طور لکيل اهي رايا تخليقي ادب جو قيمتي حصو آهن، جيڪي هن جي اعليٰ ذهانت، شعوري وسعت، علم ۽ فلسفي بابت ڄاڻ جا دليل آهن. انعام شيخ جا لکيل ڪي ڪي مختصر مضمون يا رايا، اصل مضمون نگارن کان به ڳرا لڳن ٿا. جيتري قدر انگريزيءَ مان سنڌي ترجمي جو تعلق آهي ته اُن جو به جواب ناهي. انگريزي ٻولي، انگريزي ماحول ۽ انگريزي چوٽين کي ايڏو ته خوبصورت ۽ روانيءَ سان سنڌي رنگ ڏنو ويو آهي جو يقين نٿو اچي ته اهي مضمون انگريزيءَ تان ترجمو ٿيل آهن. خاص طور فلسفي جي نازڪ ۽ تمام ڇڪي ٻڌلَ جُملن کي تمام احتياط ۽ پوري وسعت سان سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي هو مهارت رکي ٿو.

هي ڪتاب سنڌي ادب لاءِ خاص طور سنڌي ماڻهن لاءِ ڏاڍو قيمتي آهي، جيڪو سڀني کي پڙهڻ گهرجي. هن ڪتاب ۾ جن عالمن، اديبن، شاعرن ۽ فلاسفرن بابت مضمون ڏنل آهن، انهن جي ڏنل علم ۽ فڪر سبب گذريل چند سئو سالن دوران دنيا ۾ ڪئين وڏا وڏا انقلاب آيا آهن. سڄي انسان ذات سڌي ۽ اٽ سڌي طرح، انهن عظيم شخصيتن جي فڪر ۽ فهم کان متاثر ٿي آهي. هي اهي شخص آهن، جن پنهنجي لکڻين کي تلوار کان به وڌيڪ طاقتور ٻڌائي دنيا مان بادشاهت ۽ شهنشاهن جا ترا ڪڍي ڇڏيا، جيڪي پنج هزار سالن کان هلندڙ غلاميءَ جي دور جي باقيات هئا. هنن عالمن پورهيو ڪري، رت ست ڏيئي، جانيون وڃائي، پنهنجي علم جي قوت سان انساني فڪر مٿان لڳل پابندين ۽ بندشن کي ڀڃي وڌو. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ سوچ جو سفر، علم ۽ فڪر جون هجرتون، دنيا ۾ تيز ٿي سگهيون آهن. اڄوڪي دنيا وڏي ڀڃ ڊاهَ جو شڪار آهي. هر طرف وڏيون تبديليون اچي رهيون آهن. رجعت پرستي، قبائلي قدر ۽ قانون، جن جي بنيادن تي وڏيون تهذيبون رکيل آهن، ذهني، جسماني توڙي روحاني غلامي، معاشي لاچاري، بيوسي ۽ بي انصافيءَ تي ٻڌل معاشرا ڏاڍو تيزيءَ سان پورا پورا ٿي رهيا آهن. هڪ نئين دنيا جنم وٺي رهي آهي، جنهن جا امين ۽ اڳواڻ اهي شخصيتون آهن، جن جو هن ڪتاب ”سوچ جو سفر“ ۾ ذڪر ڪيل آهي. انهن شخصيتن بابت هڪ جامع ڪتاب ڏيڻ تي سنڌ جو اشاعتي ادارو ”سنڌيڪا“ دلي طور مبارڪباد جو مستحق آهي. انهن شخصيتن جا لکيل ٻيا ڪتاب جيڪڏهن سنڌيڪا طرفان شايع ڪرايا ويا ته اهو هن اداري جو وڏو ڪارنامو ٿيندو. سنڌي ماڻهن کي اهي سمورا ڪتاب پڙهڻ ضروري آهن ته جيئن هو فڪري وهڪرن ۽ مستقبل ۾ ٺهندڙ نئين دنيا جو ساڻ ڏيئي سگهن.

جناب انعام شيخ جي ترجمو ڪيل ڪتاب

”سوچ جو سفر“ بابت ڏنل راءِ

منهنجي مزاحمت

اڪادمي اديبات پاڪستان طرفان اسلام آباد ۾ اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس 1994ع ۾ منعقد ڪئي وئي. ان جي پي نشست ۾ صدارت تي ويٺل ۾ يوسف شاهين به شامل هو. اتي يوسف شاهين جيڪا تقرير اڙدو ۾ ڪئي، ان جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو.

آئون سُمير (موجوده عراق) جو رهاڪو هئس، جتي دنيا جي پهرين تهذيب جنم ورتو، جتي انسان ذات کي پهريون پيرو هڪ هنڌ ٽانيڪو ٺي زندگي گهارڻ جو تصور ڏنو ويو. نتيجي طور هتي دنيا ۾ پهريون پيرو شهر آباد ٿيا، اسڪول قائم ڪيا ويا، زراعت فن جي صورت اختيار ڪئي ۽ گلگا مش جي روپ ۾ دنيا کي پهرين ادبي تحرير حاصل ٿي.

منهنجي ٻولي سميرين هئي، جيڪا ڪيوني فارم اسڪرپٽ ۾ لکي ويندي هئي. مون کي ٻڌايو ويو ته منهنجا ابا ڏاڏا اصل ۾ سنڌو ماڻر جا رهواسي هئا، جن انڊس ويلي ۾ اڳ ۾ ئي هڪ عظيم ترين تهذيب جا بنياد رکيا هئا. نامعلوم سببن جي ڪري منهنجا ابا ڏاڏا تقريبن چار هزار سال قبل مسيع ۾ سنڌو ماڻر کان هجرت ڪري موجوده عراق جي علائقي سمير ۾ آباد ٿيا هئا، جتي هنن هڪ نئين تهذيب جو بنياد وڌو، جنهن کي اڄ تاريخدان سميري تهذيب جو نالو ڏين ٿا.

دنيا جي پهرين تهذيب سڀ کان اول انڊس ويلي ۾ پروان چڙهي يا سمير ۾ اهو معاملو حقيقي طور تڏهن حل ٿي سگهي ٿو، جڏهن موهن جو دڙو جي مڪمل طور کوٽائي ممڪن ٿي سگهندي ۽ موهن جي دڙي جي مڪمل کوٽائي تڏهن ممڪن ٿي سگهندي، جڏهن اسان ان معاملي جي اهميت کي سمجهڻ جي قابل ٿيندا سين.

آئون پنهنجي وطن سمير جو ذڪر ڪري رهيو هئس، جنهن تي 2380 قبل مسيح ۾ اڪادين قبضو ڪري ورتو. اڪادين نه صرف منهنجي وطن جو نالو سمير مان بدلائي ''سمير ۽ اڪاد رکي ڇڏيو، بلڪه هنن پنهنجي ٻولي ''اڪادي'' منهنجي هم وطنن تي مسلط ڪري ڇڏي، انهيءَ ڏينهن، مون ''ادب جي محاذ تان'' فاتح بڻجندڙ ظالمن، فوجي لٽيرن ۽ قاتل اڪادين خلاف مزاحمت شروع ڪري ڏني. هي تاريخ ۾ قلم ۽ تلوار جي پهرين وڏي جنگ هئي. هي جنگ وڙهندي وڙهندي آئون شڪست کائي ويس. نتيجي طور مون کي اڪادي بڻايو ويو. منهنجي ٻولي سميري جيڪا دنيا جي پهرين وڏي عالمي ٻولي هئي، اها آهستي آهستي پنهنجو وجود وڃائي ويٺي.

فاتحن جون فوجي ڪارروايون، قتل و غارت، ظلم و جبر جاري رهيو. قومن جون ٻوليون، مادري ٻوليون غلامي جي زد ۾ اچي هڪ ٻي ختم ٿيندين ويون. جڏهن مون وڌيڪ ٻه هزار سالن جو سفر طئي ڪيو، تڏهن پهرين صدي قبل مسيع جي آخر ۾ منهنجي ماءُ جي ٻولي ''آرامڪ'' هئي. هيءَ اها ٻولي هئي، جيڪا حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پڻ مادري ٻولي هئي. انهن ڏينهن ۾ روم جا حڪمران يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا جي وسيع علائقن تي قابض هئا. رومين انهن سمورن فتح ڪيل علائقن ۾ وسندڙ ماڻهن تي پنهنجي ٻولي ''لئٽن'' مسلط ڪري ڇڏي. رومين جي ڊگهي عرصي تائين ظلم ۽ جبر جي ڪري آهستي آهستي نه صرف منهنجي ٻولي بلڪه حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ٻولي ''ارامڪ'' هميشه هميشه لاءِ صفحه هستي تان ميسارجي وئي. ان سان گڏوگڏ منهنجي اڳوڻڪي ٻولي ''اڪادي'' جيڪا گذريل ٻه هزار سالن کان زنده رهڻ لاءِ تڳي رهي هئي ۽ مختلف علائقن ۾ ڳالهائي ٻڌي ويئي، اها پڻ انهن ئي ڏينهن ۾ هميشه لاءِ ختم ٿي وئي.

جيئن ته فاتحن جون فوجي غنڊاگردين ۽ فتوحات جو سلسلو جاري رهيو، ان ڪري دنيا ۾ سرحدن سان گڏوگڏ ٻوليون پڻ بدلجنديون رهيون ۽ پنهنجو وجود وڃائينديون رهيون. مون اڪادين، آرامڪ کان علاوه سنسڪرت، هندي، فارسي ۽ انگريزي کي قبوليو، جيڪي فاتحن جون ٻوليون هيون، هن وقت جڏهن آئون آزاد ملڪ جو آزاد فرد آهيان، تڏهن به مون کي اردو ڳالهائڻ ۽ لکڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو، جيڪا منهنجي ملڪ جي ڇئني صوبن مان ڪنهن به صوبي جي ٻولي ناهي.

آئون حيران آهيان ته پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي، جتي رهندڙ قومن مان ڪنهن به قوم جي ٻوليءَ کي ''قومي ٻولي'' جو درجو نه ڏنو ويو آهي. هتي انگريزي ۽ اردو کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو آهي. انگريزي برطانيا جي ٻولي آهي، جنهن اسان کي غلام بڻايو، جڏهن ته اردو جو بنيادي تعلق هندستان سان آهي. ڪمال ته اهو آهي ته اردو

ڳالهائيندڙ ماڻهو، جيڪي هندستان کان هجرت ڪري پاڪستان آيا، انهن ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي هاڻي پاڪستان تان پڻ اعتماد کڄندو پيو وڃي. هي ماڻهو سنڌ ۾ ويهي **پانت پانت** جي نعريبازي ڪري رهيا آهن. اهي ڳالهيون قابل مذمت آهن. بهرحال، آئون اردوءَ کي هڪ رابطي جي ٻوليءَ طور تسليم ڪندي پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ کي مجائڻ لاءِ مزاحمت ڪريان ٿو ۽ ڪندو رهندس. آئون چوان ٿو بلڪه پرزور مطالبو ڪريان ٿو ته مون کي منهنجي ٻولي ۾ ڳالهه ڪرڻ ۽ لکڻ جي اجازت ڏني وڃي. ماءُ، جنهن جي پيرن هيٺان جنت آهي، ماءُ جي ٻولي جنت جي ٻولي آهي، مون کي ان جنت جي ٻولي ۾ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو حق ڏنو وڃي. مون کي اميد آهي ته ادبين جي هن عظيم پليٽ فارم تان منهنجي ماءُ، توهان جي ماءُ جي ٻولي، جنت جي ٻولين کي، قومي ٻولين جو درجو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي. ترقيءَ جا جيڪي دروازا اردو ٻوليءَ لاءِ کولي رکيا ويا آهن، اهي هن ملڪ جي اصل ٻولين لاءِ پڻ کوليا وڃن. مون کي اميد آهي، توهان سڀ منهنجو ساٿ ڏيندا.

ادب جي محاذ تي منهنجي ٻي وڏي مزاحمت اُن وقت شروع ٿي، جڏهن مون کي ڪوڙن خدائن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

ارڙهين صدي قبل مسيح ۾، سڀ کان پهرين بابل جي حڪمران ''همورابي'' منهنجي وطن سمير تي فوجي قوت سان قبضو ڪري نه فقط اسان تي پنهنجو مذهب مسلط ڪيو بلڪه پنهنجي ڪوڙي خدا ''مردوڪ'' جي پوڄا ڪرڻ لاءِ اسان کي مجبور ڪيو.

ادب جي محاذ تان ڪوڙن خدائن جي خلاف مون اُن وقت پڻ مزاحمت جاري رکي، جڏهن سڪندراعظم مقدونيه مان نڪري فوجي قوت سان دنيا جي وسيع ترين علائقن تي قابض ٿي ويو. هن نه فقط سمورن فتح ڪيل علائقن تي پنهنجو ''هيلينڪ يوناني مذهب'' مسلط ڪري ڇڏيو، بلڪه پنهنجي ڪوڙن خدائن، ديوي ديوتائن، زيوس، اٿينا، افروڊائيٽ، پوزي ڊون وغيره جي پڻ پوڄا ڪرڻ تي مفتوحه ماڻهن کي مجبور ڪيو. اهڙيءَ طرح يورپ کان ايشيا تائين، بيشمار ملڪن ۾ ٿي سئو سالن تائين سڪندر جي ڪوڙن خدائن جي پوڄا ٿيندي رهي.

پهرين صدي قبل مسيح جي آخر تائين سڪندر جي سمورن مقبوضه علائقن تي روم جي فوجن قبضو ڪري ورتو. روم جا شهنشاهه پاڻ سان گڏ نوان ڪوڙا خدا کڻي آيا، جن ۾ جوپيٽر، وينس، جانوس، روميولس، ريمس ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. انهن سڀني جي لڳ ڀڳ پنج سئو سالن تائين اسان کي عبادت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. ان وقت به، منهنجي مزاحمت جاري هئي. سڪندر اعظم جي باقيات ۽ رومين منهنجي ان مزاحمت کي روڪڻ لاءِ، انهن ادبين ۽ شاعرن جي همت افزائي شروع ڪري ڏني، جيڪي رجعت پرستي ۽ بنياد پرستي جا مبلغ هئا.

انهن رجعت پرست ۽ بنياد پرست ادبين ۽ شاعرن ۾ سڀ کان وڏو نالو ''هومر'' جو ملي ٿو، جنهن جي تصنيف ''ايليڊ ۽ اوڊيسي'' کي سڪندر اعظم جي سمورن مقبوضه علائقن ۾ قرآن شريف جهڙو درجو ڏنو ويو.

رجعت پرست دنيا ۾ ٻيو سڀ کان وڏو نالو ''ورجل'' جو ملي ٿو، جيڪو رومين جي دور ۾ منهنجي مقابل آيو. ورجل جي تصنيف ''اينيڊ'' کي روم ۾ شهنشاهيت جي باني، فوجي آمر آگسٽس، بائيبل ۽ قرآن شريف جهڙو درجو ڏنو. هيءُ اهو آگسٽس هو، جنهن خدا هئڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ قادر مطلق سڏايو. هن رومي سلطنت مان پنج سئو ساله جمهوريت ختم ڪري مذهبي نظام پڻ نافذ ڪيو ۽ رومي سينيٽ جي ٽي سئو سينيٽرن ۽ ٻه هزار عوامي نمائندن کي ان ڪري قتل ڪري ڇڏيو، جو هو جمهوريت جي بحاليءَ جو مطالبو ڪري رهيا هئا. اهڙين حالتن باوجود مون رجعت پرستي ۽ بنياد پرستي خلاف پنهنجي مزاحمت جاري رکي، جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت تائين دنيا جا ماڻهو سوين ڪوڙن خدائن مان چونڊارو حاصل ڪري چڪا آهن. منهنجي ڪوشش ۽ مزاحمت سبب هن صديءَ دوران اڃ دنيا جا ماڻهو بادشاهن مان نجات حاصل ڪري سگهيا آهن ۽ اڃ دنيا تي پهريون پيرو پورهيتن، مزدورن جون حڪمرانيون قائم ٿيون. جيتوڻيڪ ڪجهه ملڪن مان پورهيتن جون حڪمرانيون ختم ڪيون ويون آهن پر اهو ڏينهن جلد ايندو، جڏهن سموري دنيا تي پورهيتن جون حڪومتون قائم ٿي ويندیون.

رجعت پرستي ۽ بنياد پرستي خلاف ”منهنجي مزاحمت“ منهنجي اچوڪي ملڪ پاڪستان ۾ پڻ جاري آهي. مون اُن وقت شديد مزاحمت ڪئي، جڏهن هتان جي فوجي حاڪم جنرل ضيا الحق رجعت پرستيءَ ۽ بنياد پرستيءَ جا بنياد مضبوط ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. ضيا 1977ع ۾ اسلامي نظام آڻڻ کان سواءِ هن ملڪ تي اسلامي سزائون نافذ ڪندي اعلان ڪيو ته هاڻ چورن ۽ ڦورن جا هٿ ويڍيا ويندا. جيئن ته جنرل ضيا عوام جي پهرين چونڊيل وزيراعظم کان اقتدار کسيو هو، بلڪه چوري ڪئي هئي. ان ڪري مون لکيو ته چوري پينسل جي هجي يا عوامي اقتدار اعليٰ جي، چوري چوري آهي. ان ڪري عوامي اقتدار اعليٰ جي چوري ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ سيڙ کان اول خود جنرل ضيا الحق جو هٿ ويڍيو وڃي. ان مزاحمت جي ڏوهه ۾ مون کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو. مون تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو ويو. بهرحال، آئون توهان سڀني کي يقين ڏياريان ٿو ته ڪوڙا خدا هجن، بنياد پرستي هجي يا رجعت پرستي، ظلم هجي يا جبر، هر محاذ تي توهان سان گڏ اڳئين صف ۾ ملندس.

منهنجي تازي سيڙ کان وڏي ۽ خوفناڪ مزاحمت غلامي، فوجي ظلم و جبر، نقلي سرحدن جي خاتمي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ رهي آهي. ان ميدان ۾ منهنجو مقابلو شداد، نمرود کان وٺي فرعون ۽ فرعون صفت آمرن سان ٿيندو آيو آهي.

انساني تاريخ جو اهو منحوس ترين ڏينهن هو، جڏهن فتوحات جي نالي تي ”فوجي ادارا“ وجود ۾ آيا. سارگن اول، جيڪو، سمير جي شهر ”ڪش“ جو هڪ حاڪم هو، ان 2350 قبل مسيح ۾ پهريون پيرو فوجي اداري کي باقاعده تشڪيل ڏنو ۽ فوجي قوت سان بيشمار آزاد رياستن تي قبضو ڪري هڪ وسيع سلطنت جو بنياد رکيو. سارگن اول، فوجي فتوحات جي ان عمل سبب نه فقط دنيا ۾ پهرين شهنشاهت قائم ڪئي، بلڪه هو خود دنيا جو پهريون شهنشاهه سڏيو ويو.

سارگن اول کان پوءِ دنيا جي حڪمرانن لاءِ فوجي ادارا ۽ فتوحات جو عمل لازمي ۽ ملزوم بڻجي ويو. سارگن کان وٺي اڄ تائين دنيا ”فتوحات“ جي نالي تي پنج هزار کان به وڌيڪ جنگيون سٽيون آهن، جن ۾ ڪروڙين بيگناهه شهري، عورتون ۽ ٻار قتل ڪيا ويا. مون انهن لکين نوجوانن جا لاش جنگ جي ميدانن ۾ سڙندي ڏٺا آهن. آئون پنهنجي ان ڏک، ان اذيت کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان. مون کي اُهي سيڪي عورتون هڪ هڪ ڪري ياد آهن، جن کي فوجن اغوا ڪيو ۽ انهن جون عصمتون لُٽيون. آئون اُن ظلم ۽ ناانصافيءَ خلاف وڙهندي مزاحمت ڪندي ڪيترائي ڀيرا ماريو ويس، ڪيترائي ڀيرا ڦاهي چڙهيس ۽ ملڪ بدر ٿيس. آئون گذريل پنج هزار سالن کان ”فتوحات“ جي نالي تي سرحدن جي مسلسل ڇڄ ڀاهه ۽ تبديليون ڏسندو اچان ٿو.

مون هزارين ڀيرا، هزارين آزاد قومن جي سرحدن کي، فاتحن جي سرحدن ۾ مدغم ٿيندي ڏٺو آهي. اهو سلسلو هن ويهين صدي ۾ به ڏسي رهيو آهيان. 1918ع دوران دنيا ۾ ڪل 152 ملڪ هئا، جن مان 133 ملڪن تي فقط ڇهه ماڻهن، ڇهه گهرن يا ڇهه خاندانن جو قبضو هو. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ کان پوءِ اڄ انهن 133 ملڪن جي اڪثريت آزاد ٿي چڪي آهي. مگر اجا به ڪيئي اهڙا ملڪ آهن، جيڪي وڏين سلطنتن جي وڏن سرحدي ڊيرن هيٺان دٻجي پنهنجو وجود وجائي ويٺا آهن.انهن ملڪن جو آزاد ٿيڻ اجا باقي آهي. 1983ع ۾ جڏهن مون پنهنجي ڪتاب ” WORLD CONFEDERATION OF THE PEOPLES“ ۾ لکيو هو ته سويت يونين جون سرحدون نقلي ۽ عارضي آهن، جن کي فوجي قوت سان تابع رکيو ويو آهي. اهي سرحدون اڄ نه، ته سڀاڻي ٽٽي ويندیون، ان وقت منهنجي ڳالهه ڏانهن ڪنهن به ڌيان نه ڏنو ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته فقط اٺن سالن کان پوءِ سوويت يونين ٽٽي وئي. جنهن جي وجود مان 16 نوان ۽ آزاد ملڪ اپري آيا آهن. بهرحال، ادب جي محاذ تان منهنجي جنگ، منهنجي مزاحمت، اُن وقت تائين جاري رهندي، جيستائين هي دنيا مڪمل طور آزاد، پرامن، خوشحال ۽ جمهوري دنيا بڻجي وڃي، جتي ڪوبه فوجي، ڪوبه آمر، اسان تي حڪم نه هلائي. هي جنگ، منهنجي ۽ توهان سڀني جي جنگ آهي. اميد آهي، هڪ ڏينهن اسان سيڙ اها جنگ کٽينداسين.

— منهنجي تقرير جي جواب ۾ اڙدوءَ جي مشهور شاعره پروين شاڪر لکيو ته يوسف شاهين جو مقالو هن ڪانفرنس جو سڀ کان گهٽو حيران ڪندڙ مقالو هو. هڪ آتشگير مقالو ..... پروين شاڪر جيڪا ان ڪانفرنس ۾ شريڪ هئي، ان 23 آڪٽوبر 1994ع تي جنگ اخبار ۾ هڪ ڪالم لکيو جنهن جو عنوان ڏنائين ”ديکهني هم بهي گئي اور تماشا ”بهي“ هوا“. هن لکيو ته يوسف شاهين جيڪو مقالو پڙهيو ان ۾ اهو اهتمام ڪيل هو ته هن محفل (ڪانفرنس) جا شريڪ ايندڙ ڏن ڏينهن تائين سمهي نه سگهن. اهو هن ڪانفرنس جو سڀ کان گهٽو حيران ڪندڙ مقالو هو. يوسف شاهين کي اها شڪايت هئي ته هو هڪ آزاد ملڪ جو شهري هڻڻ جي باوجود پنهنجي مادريءَ بوليءَ ۾ ڳالهائي نٿو سگهي ..... هن جي ٿيسس جو لب لباب اهو هو ته ٻاهر کان لڏي ايندڙن هميشه مڪاني ماڻهن جو استحصال ڪيو آهي. جيڪڏهن تاريخ يوسف شاهين صاحب جو چيو مڃي وڃي ته اڄ روءِ زمين تي فقط سميري قوم آباد هجي ها ۽ اسان سڀ سميري بولي ڳالهائيندا هجون ها. جيئن ته هي شخص هومر ۽ ورجل کي استحصالي علامت سمجهي ٿو ان ڪري ظاهر آهي ته ان کان پوءِ ڪو شيڪسپيئر به نه هجي ها.... ملٽن ۽ وردز ورٿ به نه هجن ها.... مير ۽ غالب به سوريءَ جا سزاوار ٿين ها. اهڙي طرح هيءَ دنيا ڪيتري قدر نه بي رنگ هجي ها. پروفيسر ڪرار حسين صاحب يوسف شاهين جي نهايت ئي آتشگير مقالي جو جواب تمام ڏڌي ۽ هلڪي لهجي ۾ ڏيندي ڪمال جو فقرو چيو ته: ماءُ جو احترام پنهنجي جاءِ تي مگر It is time to grow up وقت جي تقاضا آهي ته دنيا جي ڪاروبار کي سنياليو وڃي! اها هڪ عالم جي تقرير هئي، جنهن جو هر لفظ هڪ عمر جي جذب ڪيل علم جو آئينيدار هو..... پروين شاڪر پنهنجو ڪالم ختم ڪرڻ کان اڳ امر جليل تي به ڇوهه چنديا ۽ لکيائين ته باقي جيڪا ڪٿر بچيل هئي اها امر جليل پوري ڪئي، جيڪو به سنڌ جو ڪيس کڻي آيو هو.....

آئون عالمي عدالت ۾ ماضيءَ جي ٿيل ناانصافين خلاف

فرياد داخل ڪرڻ چاهيان ٿو - يوسف شاهين

يوسف شاهين کان ماهوار پورب طرفان

اپريل 1997 ۾ قيد دوران، سروسز اسپتال ۾ ورتل انٽرويو

انٽرويو: نثار شاهين

يوسف شاهين، سنڌي ادب جو هڪ ڪاهوڙي اديب آهي. هو نمود نمائش جو قائل نه آهي. شايد ان ڪري ادبي توڙي غير ادبي ميڙاڪن، مجلسن ۾ سندس شموليت ٻڙيءَ برابر رهي. هو خاموشيءَ سان، ماڻ ميڻ ۾ ادبي تحريڪ جاري رکيو اڃي ٿو. ان لاءِ ڪيس نه ڪنهن موٽ يا مجتا جي چنتا. اها گهٽ پڙهندڙن کي خبر هوندي ته يوسف شاهين افسانا به لکيا. هن ڪُل ٽي افسانا لکيا. جيڪي سڌ واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد مان ڇپجندڙ رسالي هلال پاڪستان ۾ شايع ٿيا ۽ ٽنهي تي ڪيس انعام ڏنو ويو. ڪيس 1995ع ۾ ادب ۾ پرائيز آف پرفارمنس به ڏنو ويو. سياسي حوالي سان هو ملڪي سينيٽ ۾ سينيٽر جي حيثيت سان پڻ چونڊيو ويو پر هو شخصي پراجيڪشن کان لنوائيندو نٿائيندو رهيو آهي. شايد اهو ئي

سبب آهي ته اڄ تائين سندس انٽرويو ڪنهن به رسالي يا اخبار وغيره ۾ شايع ناهي ٿيو. ماهوار پورب جي اسرار تي سندن جي هن خاموش مگر سدا متحرڪ ڪاهوڙي ادیب انٽرويو لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي. وقت ڏنو ۽ هيءُ انٽرويو ممڪن ٿي سگهيو آهي. يوسف شاهين جو هيءُ پهريون انٽرويو آهي، جيڪو پورب پڑهندڙن لاءِ خاص طور پيش ڪجي ٿو. (ادارو)

پورب: توهان شاعري به ڪئي آهي، جا گهڻي پاگي ڳائي به ويئي آهي.اوهان نثر به گهڻو ئي لکيو آهي. لکڻ جي اصل شروعات اوهان ڪهڙي صنف کان ۽ ڪڏهن ڪئي؟

يوسف: لکڻ جي اصل شروعات بابت جواب ڏيڻ کان اڳ، هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪيان ته مون کي اديب يا شاعر ٿيڻ جوڪڏهن به شوق نه رهيو آهي. اڄ به مون سان ساڳي حالت آهي. مون پاڻ تي جبر ڪري، ان وقت لکڻ بابت سوچيو، جڏهن مون کي ڪا ڳالهه عام ماڻهن کي چوڻ ضروري ٿي پيئي. هي قصو ان وقت جو آهي، جڏهن آئون اڃا چوڏهن ڪن سالن جو مس ٿيو هوس. انهن ڏينهن ۾ آئون ذاتي مشاهدي ۽ تمام مختصر مطالعي سبب ان فيصلي تي پهتس ته:

1) هن سڄي دنيا جي جوڙجڪ ۾ سرحدون غلط آهن، جيڪي نئين سر اڏڻ گهرجن.

2) سڄي دنيا جي معاشي نظام ناانصافيءَ تي ٻڌل آهي. دنيا جون تمام ٿوريون قومون قرلٽ، ڏڳي، فوجي ڪارروائين، ڪاروبار ۽ صنعتي پيداوار ذريعي امير ٿيون آهن. جڏهن ته دنيا جي اڪثريت غريب آهي.

3) هر انسان کي صبح جو، ٻنپهرن جو ۽ رات جو بک لڳي ٿي، ان ۾ انسان جو ڪو وس ناهي. هر انسان کي رات جو ننڊ اچي ٿي. ان عمل ۾ به انسان جو وس ناهي. ان ڪري، هر انسان کي ڪائنات جو ڪاروباري نظام هلائڻ کان اڳ ماني ۽ سمهڻ جي جاءِ مهيا ڪرڻ گهرجي. انسان جي ان ضرورت کي ڪنهن به حوالي سان ''مشروط'' ڪرڻ ڏوهه آهي. افسوس اهو آهي ته بک ۽ ننڊ، انسان جون اهڙيون ڪمزوريون آهن، جن جو ناجائز فائدو ونڻ لاءِ ''سرمائيداري نظام'' وجود ۾ آندو ويو، جيڪو ختم ٿيڻ گهرجي.

4) جڏهن کان دنيا ۾ بادشاهت جو ادارو وجود ۾ آيو آهي، تڏهن کان هن ڌرتيءَ جو انسان مڪمل طور ''غير محفوظ'' ٿي ويو آهي. هزارين سالن کان انسان لڳاتار قتل ٿيندو رهي ٿو. لڳاتار هن جون زالون، ڌيئرون، پينرون ۽ ٻار اغوا ٿيندا رهن ٿا. انسان کي لڳاتار ''هجرتون'' ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. دنيا جا بادشاهه دنيا جي انسانن کان لڳاتار سندن دولت، پيداواري وسيلا ۽ سرحدون ڦريندا رهن ٿا، اهي انسان ذات جا ''ڏوهاري'' آهن. اهي بادشاهه انسان ذات جي سڀني ڏکن ۽ تڪليفن جو مرڪز ۽ محور آهن. ان ڪري دنيا مان بادشاهه يا بادشاهتي ادارا ختم ٿيڻ گهرجن.

5) دنيا ۾ هر روز ڪروڙين جانور ماري يا ذبح ڪري ماڻهو انهن جو گوشت ۽ رت کائين ٿا. ان معاملي تي رحمدليءَ سان ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي.انسانن کي جيئن ته سلامتيءَ سان جيئرو رهڻ جو حق حاصل آهي، تيئن جانورن کي به سلامتيءَ سان جيئرو رهڻ جو حق ملڻ گهرجي. پپ پرڻ لاءِ اسان ونڻ ٻيون تمام گهڻيون شيون موجود آهي. بهرحال، اهڙا ٻيا ڪيترائي معاملا آهن، جن بابت مون ان وقت سوچيو جڏهن مون کي اڃا مس ڏاڙهي اچڻ شروع ٿي هئي. ان وقت آئون تمام تڪڙو ان فيصلي تي پهتس ته مون کي ذاتي طور انهن سڀني ڳالهين کي رد ڪرڻ گهرجي، جن تي منهنجو وس هلي ٿو، ان ڪري سڀ کان اول، مون گوشت کائڻ بند ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو گوشت ۾ پکل جانور به نه کائيندو هوس. لڳاتار ٻڌيهه سال مون ڪڏهن به گوشت، مڇي يا ٻي ڪا ساهوار شيءَ نه کاڌي. مون پنهنجو نالو ڦيرائي پهرين يوسف سوز ۽ پوءِ يوسف شاهين رکي ڇڏيو. ذات پات لکڻ ڇڏي ڏنم. ان کان پوءِ جيڪي ڪجهه مون کي ماضيءَ کان ورثي ۾ مليو، ان تي نظرثاني ڪيم يا ان مان گهڻو ڪجهه رد ڪري ڇڏيم. مون سختيءَ سان محسوس ڪيو ته انسان کي مختلف نفرتن ۽ نظرين ۾ ورهائي، انسان جو درجو گهٽايو ويو آهي، جڏهن ته سڀ انسان

برابر آهي. بهرحال، مون اهي سڀ قدم کنيا، جن سان پاڻ کي فقط ”انسان“ محسوس ڪري سگهان. اهڙا ذاتي فيصلا ڪرڻ کان پوءِ مسئلو اهو پيدا ٿيو ته آئون تهذيبن، قوميتن، سرحدن ۽ دنيا جي غلط اقتصادي جوڙجڪ بابت عام ماڻهن تائين پنهنجي راءِ ڪيئن ظاهر ڪيان. ڪهڙيءَ ريت دنيا کي ٻڌايان ته ماضيءَ جو ورثو گهڻي پاڳي غلط آهي. ان ڳالهه، ان مجبوريءَ مون کي لکڻ تي مجبور ڪيو. منهنجا سمورا ڪتاب فقط ان ڳالهه جي گرد گهمن ٿا. ”خدا، انسان ۽ جانور“ کان ”حق موجود“ تائين. آئون ماضيءَ ۾ ٿيل انسان سان ناحق بابت بحث ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان.

جيتري قدر شاعريءَ جو تعلق آهي ته 1979ع تائين آئون شاعر نه هوس، نه ڪڏهن شاعريءَ جي هڪ سٽ لکيم ۽ نه شاعر ٿيڻ بابت سوچيو. هڪ رات، تاريخ جو مطالعو ڪندي خيال پيم ته هاڻ شاعري به ڪرڻ گهرجي. ان رات مون چار بيت لکيا، ان کان پوءِ لکندو ويس. هينئر ڪجهه ڏينهن اڳ مون پهريون پيرو ڪيترائي غزل، گيت ۽ نظم لکيا آهن. انهن صنفن ۾هن کان اڳ ڪڏهن به شاعري نه ڪئي اٿم. مون جيڪي ڪجهه لکيو، ان تي راءِ بلڪه فيصلو منهنجي دوست شمشير الحيدريءَ کان ونندو آهيان، جيڪو منهنجو استاد ته ناهي پر آئون هن جو استادن جو جيترو احترام ڪندو آهيان. بهرحال، آئون شاعريءَ کي گهڻو وقت ڏيڻ نٿو چاهيان. مون کي شايد نثر ڏانهن ٻيهر وڃڻو پوندو. آئون ان وقت تائين لکندو رهندس جيستائين اها ڳالهه دنيا کي سمجهائي سگهان، جيڪا مون ننڍپڻ ۾ سمجهي هئي.مون چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ جيڪي فيصلا ڪيا، انهن مان اڄ به ڪنهن به هڪ فيصلي کي، وسيع مطالعو ڪرڻ ۽ دنيا جو وڏو حصو اکين سان ڏسڻ باوجود رد ڪري نه سگهيو آهيان.

پورب: توهان ادبي حوالي سان پنهنجي سڃاڻپ شاعر جي حيثيت سان ڪرائڻ پسند ڪندو يا نثر نويس جي حيثيت سان؟

يوسف: مون عرض ڪيو ته آئون شاعر يا نثر نويس ٿيڻ ئي نٿو چاهيان، فقط ڪنهن جبر يا مجبوريءَ سبب لکندو رهان ٿو. جيئن ڪو حال احوال ڏيڻ يا وٺڻ لاءِ خط لکندو آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته آئون دنيا جي عدالت ۾ ماضيءَ ۾ ٿيل ناانصافين خلاف ”فرياد“ داخل ڪرڻ چاهيان ٿو. سچ پچو ته منهنجي سڄي عمر ان ڪيس جي تياريءَ ۾ گذري ويئي آهي. مون کي ڏک آهي ته آئون اڄا تائين ڪجهه نه ڪري سگهيو آهيان.

پورب: ڇا هڪ تخليقڪار لاءِ نظرياتي وابستگي ضروري آهي؟

يوسف: نظرياتي وابستگيءَ کان سواءِ لکڻ ائين آهي، جيئن ڏنگرن تي انو هارڻ.

پورب: توهان بين الاقوامي ادب جو يقينن مطالعو ڪيو هوندو. بين الاقوامي ادب جي پيٽ ۾ اسان جو ادب ڪهڙي پد تي آهي؟ ڇا سنڌي ادب بين الاقوامي ادب جي معيار تي لهي ٿو؟

يوسف: پهرين ته اهو فيصلو ڪيون ته بين الاقوامي ادب ڇا کي ٿو چئجي؟ بين الاقوامي اديب ڪير آهن. انهن جو ڪهڙن ملڪن سان واسطو آهي، ان کان علاوه هي معاملو به طئه ٿيڻ گهرجي ته اهو ڪهڙو معيار آهي، جنهن سان ادب کي بين الاقوامي ادب جو درجو ڏئي سگهجي. منهنجي ڄاڻ مطابق گهڻي پاڳي وڏين استحصالي قومن جا اديب، جيڪي ”استحصالي ادب“ پيدا ڪن ٿا، انهن کي وڏو اديب يا بين الاقوامي اديب سڏيو ويندو آهي. اهي استحصالي قومون، جن دنيا جي قومن کان سرحدون ڦريون، اقتدار اعليٰ کسيو، دولت ۽ عزت لٽي ۽ بين قومن جي پيداواري وسيلن تي ڏاڙا هنيا. اهڙيون استحصالي قومون پنهنجن انهن اديبن کي وڏو اديب بلڪه عظيم اديب چوندیون آهن. جيڪي نه فقط هنن جي ڪٽن ڪرتوتن ۽ ظالماڻه ڪارروائين تي تي ڏڪُ رکن بلڪه انهن ڪارروائين کي بهادري، همت ۽ جوان مرديءَ وارا ڪارناما قرار ڏين. انگريزن هاڻوڪي دنيا جي پنجاهه کان وڌيڪ ملڪن تي قبضو ڪيو. اڄ انهن پنجاهه کان وڌيڪ ملڪن ۾ انگريزن جي انگريزي بولي لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي، ان ڪري هينئر انگريزيءَ جا معمولي يا چڱا خاصا اديب پهرين ئي ڏڪ ۾ بين الاقوامي اديب ٿيو وڃن. انگريزن شيڪسپيئر کي سندن قبضي هيٺ آيل پنجاهه ملڪن ۾ زوري متعارف ڪرايو. ان ڪري شيڪسپيئر دنيا جو عظيم بين الاقوامي اديب ۽ شاعر بنجي ويو. ساڳي صورتحال فرينچ، جرمن، اسپيني ۽ روسي بولين جي اديبن جي

آهي. روس جو هن صديءَ دوران يورپ، ايشيا، آفريڪا ۽ آمريڪي ڪنڊ ۾ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح سڀ کان وڌيڪ ملڪن تي قبضو ٽيو يا اهي ملڪ روس جي اثر هيٺ رهيا. انهن سڀني ملڪن ۾ روسين پنهنجا اديب متعارف ڪرايا، جن ۾ اليگزينڊر پشڪن، ٽالسٽاءِ، چيخوف، مئڪسم گورڪي، دوستو وسڪي، ميخائيل لرمو نتوف، گوگول، آءِ ون ترگنيو، ميخائيل سالتي ڪوف وغيره شامل آهن. اهڙي ريت اهي روسي اديب بين الاقوامي عظيم اديب بڻجي ويا. مٿي ڄاڻايل اديبن جي عظمت کان ڪو انڪار ناهي. پر اهي بين الاقوامي عظيم اديب ٿيڻ جي قابل هئا يا نه، اهو مسئلو بحث طلب آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته روس ۾ وڏا اديب يا ليکڪ پيدا ٿيا پر ڪارل مارڪس جهڙو هڪ به اديب روس وارا پيدا ڪري نه سگهيا، جيڪو جرمن هو. افسوس آهي ته جرمنيءَ وارن پنهنجي اديب ڪارل مارڪس کي قبول نه ڪيو ۽ هو جرمنيءَ کان ٻاهر مختلف ملڪن ۾ دربدر ٿيڻ کان پوءِ انگلينڊ ۾ ڏاڍي غربت ۽ لاچاري جي حالت ۾ مئو. انگريزن به هن عظيم ليکڪ کي قبول نه ڪيو. ڪيس مرڻ کان پوءِ لنڊن جي هڪ معمولي قبرستان ۾ ٻه وال کان وڌيڪ زمين نه ڏني ويئي. هتي هي نقطو سوچڻ جهڙو آهي ته ڪارل مارڪس کي انگلينڊ ۽ جرمنيءَ بدران روسين قبول ڪيو. جيئن ته روسي دنيا جي عظيم سلطنت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ان ڪري ڪارل مارڪس به عظيم بڻجي ويو. چون ٿا ته ڪارل مارڪس عظيم ڪميونسٽ انقلاب جو مفڪر هو. حالانڪه جڏهن ڪارل مارڪس ايا ڪاليج ۾ پڙهي رهيو هو تڏهن 1862ع ڌاري چين ۾ ڪميونزم نافذ ٿي چڪو هو، جنهن جو مفڪر هڪ اسڪول ماستر ۽ اديب ”هنگ“ هو. جيئن ته هنگ وارو ڪميونسٽ انقلاب ناڪام ڪيو ويو، ان ڪري هنگ عظيم بين الاقوامي اديب بڻجي نه سگهيو. بهرحال چوڻ جو مقصد اهو آهي ته فقط وڏيون استحصالي قومون وڏا اديب پيدا ڪنديون آهن يا ناهينديون آهن. ماضيءَ ۾ سڪندر اعظم، دنيا جي وڏي حصي تي عظيم ”يوناني سلطنت“ قائم ڪئي، جيڪا بعد ۾ ٽي سئو ڪن سال جاري رهي. سڪندر اعظم ۽ هن جي يوناني چاڙڻتن يونان جي ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن کي دنيا جو عظيم بين الاقوامي اديب بڻائي ڇڏيو، جن ۾ ”هومر“ جو نالو صفحه اول تي اچي ٿو. ان کان پوءِ هيسئڊ، ايڪسائيليز، سوفوڪليز، يورو پيڊيز، ارسٽو فينز، پلاٽو، ارسطو ۽ ٻيا نالا اچن ٿا. مٿي ڄاڻايل اديب دنيا سان متعارف تڏهن ٿيا، جڏهن يونانين دنيا جي عظيم سلطنت قائم ڪئي. ان واقعي کان پوءِ يونان جا مٿي ڄاڻايل اديب بين الاقوامي اديب هئڻ جو درجو حاصل ڪري سگهيا. يوناني سلطنت قائم ٿيڻ کان اڳ انهن اديبن کان خود يونان جا ماڻهو به چگي ريت واقف نه هئا. يونان ۾ شهري رياستون قائم هيون ۽ اتي جا اديب علائقائي بنيادن تي فقط پنهنجن شهرن تائين محدود هئا. جڏهن يوناني سلطنت ختم ٿي ويئي ته پوءِ يونان وارا گذريل ٻن هزار سالن دوران مٿي ڄاڻايل اديبن جهڙو هڪ به اديب پيدا ڪري نه سگهيا. نه فقط ايترو بلڪه يوناني سلطنت ختم ٿيڻ سان اها يوناني ٻولي به ختم ٿي ويئي، جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل اديبن ۽ شاعرن تخليقون ڪيون. اهڙو ئي حال روم ۾ ٿيو، جڏهن روم جي سلطنت يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي ويهه لک چورس ميلن تائين پکڙجي وئي، تڏهن روم جي هر شيءِ دنيا کي وڏي عظمت واري نظر اچڻ لڳي.روم جي ظالم شهنشاهه ۽ ڊڪٽيٽر آگسٽس کي شاعر ”ورجل“ پسند هو، ان ڪري هن ورجل کي دنيا جو عظيم بين الاقوامي شاعر ناهي ڇڏيو. هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ورجل جي حيثيت کان انڪار ناهي پر هو بين الاقوامي شاعر ٿيڻ جي قابل هو يا نه هو. اهو معاملو سنجيدگيءَ سان بحث طلب آهي. اهو سلسلو مرزا غالب کان علامه اقبال، ٽئگور، روس جي سولزنيتن ۽ سلمان رشديءَ تائين هلندو اچي. روس جي اديب سولز نيتن پنهنجي ملڪ کي ”ڪئنسر وارڊ“ سان تشبيهه ڏني ۽ ان ئي نالي سان ڪتاب لکيو. هن ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا. هن اديب سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح پنهنجين لکڻين ذريعي سرمائيداري نظام کي فائدو رسايو. ڪيس نوبل انعام ڏنو ويو.سلمان رشديءَ پنهنجي لکڻين ذريعي اسلام جي عظيم هستين جي ڪردار تي چوهه چنديا ۽ ٽٽوليون ڪيون. اها ڳالهه عيسائي دنيا لاءِ فائديمند ٿئي ٿي. بهرحال، ان معاملي تي گهڻي بحث ۾ پئبو ته تنهنجي رسالي جا صفحا ڪٿي پوندا. جيتري قدر سنڌي ادب جو بين الاقوامي ادب سان پيٽ ڀرڻ جو معاملو آهي ته آئون فقط ايترو چوندس ته اسان کي خواه مخواهه خوشفهميءَ ۾ مبتلا نه ٿيڻ گهرجي. هن وقت دنيا ۾ لکڻ جو ڪم يا تخليق جو عمل ”صنعت“ جو درجو حاصل ڪري ويو آهي. دنيا جا اديب ڪنگال، بيحال ۽ پريشان رهڻ بدران پنهنجن لکڻين ذريعي دنيا جي امير ترين ماڻهن ۾ شامل ٿي رهيا آهن. اسان جي اديبن کي نئين صورتحال کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. اسان جي ادبي ادارن کي صنعتي بنيادن تي هلائڻ لاءِ ڪوششون ٿيڻ گهرجن. هن وقت اسان بين الاقوامي ادب ته پري ٿيو، پاڪستان جي ٻولي ”اڙدو“ کان به سوين سال پوئتي پوندا ٿا وڃون. اڄ به هزارن جي تعداد ۾ فارسي نسخا سنڌ جي مختلف گهرن ۾ موجود آهن، جن کي هاڻ اسان پڙهي به نٿا سگهون. گذريل دور ۾ فقط شاهه لطيف ۽ ڪجهه ٻيا شاعر ۽ اديب هئا، جن

فارسي ڳالهائيندڙ حاڪمن کان بغاوت ڪري سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي. اڄ سنڌ ۾ فارسيءَ جي جاءِ اڙدو ٻولي کي حاصل ٿي آهي. اڙدوءَ جي مقابلي ۾ سنڌيءَ ۾ نه هئڻ برابر ڪم ٿي رهيو آهي. تمام ٿورا اديب سنڌيءَ ۾ لکي رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان هر چوٿين اديب کي ”عظيم“ جو لقب ڏيون ٿا ته جيئن انهن جي همت افزائي ٿئي۽ هو لکندا رهن. جيئن ته ٻولين جو عروج ۽ زوال قومن جي عروج ۽ زوال سان لاڳاپيل ٿئي ٿو. ان ڪري اسان سياسي حالتن جو شڪار ٿي رهيا آهيون. سنڌيءَ ۾ فل ٽائيم ادب تخليق ڪرڻ وارا فقط چند اديب آهن. باقي گهٽي پاگي پارٽ ٽائيم يا بيگار طور ادب تخليق ڪن ٿا. حالانڪه اسان وٽ اهڙا ڪيترائي وڏا اديب موجود آهن، جيڪي اگر فل ٽائيم لکن ته هو بين الاقوامي ادب ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري سگهن ٿا. انهن اديبن ۾ شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، جمال ابڙو، شمشير الحيدري، سراج الحق ميمڻ، رسول بخش پليجو، نورالدين سرڪي، امر جليل، تنوير عباسي، تاج بلوچ، قمر شهباز، علي احمد بروهي، عبدالقادر جوٽيجو، نورالهدا شاهه، حليم بروهي، ماهتاب محبوب، عبدالواحد آريسر ۽ ٻيا ڪيترائي آهن، جن جا نالا هڪدم ذهن تي نٿا اچن. انهن اديبن مان فقط شيخ اياز واحد اديب ۽ شاعر آهي، جيڪو هينئر فل ٽائيم لکي رهيو آهي. هي اڄ نه ته سپاٽي يقيني طور بين الاقوامي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والارينڊو. شيخ اياز زندگيءَ جي گذريل سڄي دور ۾ فقط نو ڪتاب ڏنا، جڏهن ته هاڻ هو چند سالن اندر چاليهن کان وڌيڪ ڪتاب لکي چڪو آهي. سراج، قمر شهباز، غلام نبي مغل، علي احمد بروهي ۽ عبدالقادر جوٽيجو کي زوري نوڪريون يا ٻيا ڪم ڪار چڏائي لکڻ سان لڳايو وڃي ته هو سنڌي ادب کي اڏي چڏين. اهي اديب اهڙو ادب ڏئي سگهن ٿا، جيڪو بين الاقوامي ادب جو درجو حاصل ڪري سگهي ٿو.

پورب: توهان کهڙي قومي توڙي بين الاقوامي اديب کان متاثر آهيو ۽ چو؟

يوسف: جيڪڏهن چوان ته آئون ڪنهن به اديب کان متاثر ناهيان ته اها وقتي طور ڏاڍائي محسوس ٿيندي. مون کي ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ڪافي وقت ۽ تنهنجي رسالي جا تمام گهٽا صفحا گهرجن. هن وقت فقط ايترو چوندس ته آئون ماضيءَ جي ادب کان مطمئن ناهيان. ماضيءَ ۾ گذريل هزارين سالن دوران پيدا ٿيل ادب گهٽي پاگي مذهبي نظرين جي پرچار لاءِ لکيو ويو، جنهن اڄڪلهه هلي ”رجعت پرستيءَ“ کي جنم ڏنو. ڪجهه ادب ”گل و بلبل“ جي مسئلن کان ٻاهر نڪري نه سگهيو. فقط هڪ فيصد اهڙو ادب ملي ٿو، جيڪو ”عوام“ لاءِ لکيو ويو. هن وقت پيدا ٿيندڙ ادب به ماضيءَ جو تسلسل آهي يا رجعت پرستيءَ جو شڪار آهي يا ماضيءَ جي نظرين کان متاثر ٿي لکيو وڃي ٿو. ان ڪري ٻين معاملن سان گڏ دنيا کي پنهنجي ادب، ادبي تخليقن جا رخ درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو ڪم تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن ”دنيا جي تاريخ“ نئين سر لکي ويندي. تاريخي واقعن کي ”جيئن جو تيئن“ پوري سچائي ۽ بي ڊپائيءَ سان لکڻ کان سواءِ سڄو معاملو قائل آهي. جنهن ۾ هن وقت اسان کي بادشاهن جي ذاتي معاملن کان وڌيڪ ڪجهه نٿو ملي. گذريل دور جي عوام سان ڪهڙو حشر ٿيو. اهو تاريخدان جاڻي واڻي نظرانداز ڪندا آيا آهن. تاريخدانن انسان ذات سان وڏو قهر ڪيو آهي. هنن ظالمن جي ظلم ۽ جبر کي ”ڪارنامه“ سڏيو آهي. جيڪو ڏوهه آهي. حيرانگي اها آهي ته اڄ به تاريخدان سڄ نٿا لکن، چنگيز خان، هلاڪو ۽ انهن جهڙا هزارين بادشاهه مري ڪپي ويا پر تاريخدان انهن جا اصل واقعا لکڻ کان هينئر به ڊڄن ٿا. اڄ به هو انهن ظالم بادشاهن جا راڳ آلاپين ٿا ۽ کين ”عظيم شخصيتون“ ڪري پيش ڪن ٿا. جڏهن ته اهي ”عظيم ڏوهاري“ آهن. هن وقت يورپ ۾ تاريخ تي تمام گهٽا ڪتاب ڇپجن ٿا، جيئن ته يورپ دنيا جو واحد خطو آهي، جتي هن وقت تمام گهٽيون بادشاهتون قائم آهن، ان ڪري يورپ جا تاريخدان بادشاهن يا بادشاهت جي اداري خلاف لکڻ کان سڏي ۽ اڻ سڌيءَ طرح لنوائين ٿا. جيئن ته يورپ جي اديبن ۽ تاريخدانن جي دنيا تي ڏاڪ ويڙهل آهي. هنن جي هر لکڻي سند جو درجو رکي ٿي، ان ڪري بين ملڪن جا تاريخدان به هنن جي انداز تحرير جي نقالي ڪن ٿا. جيستائين دنيا جي تاريخ درست لکي نه ويندي، تيستائين دنيا جو ادب درست ٿي نه سگهندو. اهڙو ادب جنهن کي ”عوامي ادب“ چئجي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته دنيا ۾ عوامي ادب لکڻ جون ڪوششون ٿيون آهن ۽ ڪيترو ئي ادب لکيو به ويو آهي پر حقيقي عوامي ادب تڏهن پيدا ٿيندو، جڏهن اسان ۾ سچ لکڻ ۽ سچ ٻڌڻ جي همت پيدا ٿيندي.

پورب: توهان هڪ هنڌ محترم سائين جي ايم سيد کي سنڌي ادب ۾ هن صديءَ جو وڏو نثر نويس ڪوٺيو/ قرار ڏنو آهي. ڪهڙي حوالي سان؟ هن نثر وڌيڪ لکيو آهي يا سندس نثر ۾ اسلوب اعليٰ معيار جو آهي يا ذهني پهچ سگهاري هئڻ

سبب سندس موضوع تي گرفت وڌيڪ آهي؟

يوسف: مون سائين جي ايم سيد کي ”سنڌي نثر جو شاهه (شاهه لطيف) سڏيو هو. آئون اڄ به ان راءِ تي قائم آهيان. سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد کان سڀ نثر نويس موجود آهن پر نثر ۾ ”مقصديت“ اصل مامرو آهي. نثر لکڻ وقت ڪوبه اديب ايڏو وڏو مقصد، ايڏي وڏي منزل پنهنجي اڳيان رکي نه سگهيو، جهڙي سائين جي ايم سيد رکي. ”آزادي“ انسان جو پيدائشي ۽ پهريون حق آهي. ان کان پوءِ قومن ۽ ملڪن جي آزاديءَ جي ڳالهه ٿئي ٿي. آزاديءَ بابت جيترو سخت صاف۽ مدلل انداز ۾ سائين جي ايم سيد لکيو، ان جهڙو سنڌي ۾ ٻئي ڪنهن به اديب يا نثر نويس نه لکيو آهي. ڪن هلڪيون لٹيون هنيون آهن، ڪن ڪتڪتائي ڪئي آهي ته ڪن سينڌ ۾ مارئي ڳائي آهي پر سائين سنڌ جو واحد نثر نويس آهي، جنهن رک رکاءُ ڪرڻ کان سواءِ ”آزاديءَ“ جي ڳالهه ڪئي. اها تحرير جنهن ۾ آزاديءَ بابت سمورا قلمي وسيلا ۽ سگهه استعمال ڪئي وئي هجي، ان کان مٿي ٻي ڪابه تحرير، ڪوبه نثر ٿي نٿو سگهي.

غلام نبي مغل

سنڌ جي ماڻهن ۾ اڄ جيڪا سماجي توڙي سياسي سجاڳي آئي آهي ۽ سنڌ هن وقت جنهن انقلاب جي ٻه واڌي تي پهتل آهي، ان ۾ ٻين سان گڏ غلام نبي مغل جي لکڻين ڏاڍو اهم رول ادا ڪيو آهي. اسانجا اديب هڪ وڏي عرصي کان سنڌي قوم کي خوف، بي اعتمادي ۽ نااميديءَ جي ڪڏ مان ڪڍي، روشن مستقبل ڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هو چاهين ٿا ته سنڌي ماڻهو ”پنهنجي دنيا“ پاڻ آباد ڪن، جتي هو آزاديءَ سان سڪ جو ساهه کڻي سگهن ۽ هنن کي سندن آمدني، روزگار جي وسيلن ۽ قدرت جي ڏني تي مڪمل حق حاصل ٿي سگهي. هي واضح ٿيڻ گهرجي ته جيڪي ڪجهه اديب ۽ شاعر پوکين ٿا، ان جو لاڀ سياستدان حاصل ڪندا آهن. دنيا جا سمورا انقلاب اديبن ۽ شاعرن جي فڪر ۽ لکڻين مان ڦٽا آهن.

غلام نبي مغل ڪيترائي ناول، افسانه ۽ ٻيا ڪتاب لکيا آهن، جيڪي گهڻي پاڳي سياسي پس منظر هيٺ تحرير ڪيل آهن ته جيئن اسان پنهنجي دردن جون دارون پاڻ ڪري سگهون. هي املهه ماڻڪ شخص روزگار جي حوالي سان هڪ ڪامورو آهي، ان ڪري پنهنجي ذات ۽ لکڻين بابت گهڻي پروپئگنڊا کان لنوائيندو آهي پر سرڪار جي تابع هئڻ جي باوجود هن پنهنجي ڏرتي ۽ ڏرتي وارن سان ناتو نپايو آهي. شل وڏي ڇمار ماڻي ۽ سکي ستابي سنڌ ڏسي، جنهن جا هن خواب ڏٺا آهن.

ڏٺءُ لهي هن ڏيهہ تان، ڏُک پون ڏري

هَرَ هَرَ اِها هانءَ تي، اچي ڳالهه تري

ته ويڙهيچا وري، شل سُکيا ڏسن ڏينهڙا

- يوسف

سيد بشير احمد شاهه

آلين اکين سين، ڏوراپو ڏيئي

ڏات ڏاهہ جي، وڻان مون ويئي

ڪهڙيءَ ڪاڻ پيئي، سنڌ سُڏڪن ۾.

- يوسف

جنرل پرويز مشرف جي ڏينهن ۾ سنڌ اندر پاڻيءَ جي تمام گهڻي ڪوٽ رهي. صورتحال ان حد تائين خراب ٿي ويئي جو سڄي سنڌ ۾ نه فقط مظاهرا ۽ بک هڙتالون ڪيون ويون بلڪه سنڌ جي هڪ وڏي زميندار سيد بشير احمد شاهه 125 ايڪڙن تي بيٺل انبن جي باغ کي احتجاجن وڌي چڙڻ جو فيصلو ڪيو. هي هڪ تاريخي واقعو هو. ان موقعي تي مون بشير احمد شاهه صاحب کي سندس فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ هڪ اپيل لکي، جيڪا ڪيترن ئي اخبارن ۾ شايع ٿي. اها اپيل سنڌ جي حالتن جي عڪاسي پڻ ڪري ٿي. ان جو متن هيٺ ڏجي ٿو:

پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف سنڌ ۾ وڏي عرصي کان احتجاج ٿي رهيا آهن، ڪن گاسليٽ جسم تي هاري پاڻ کي باهه ڏني، ڪن خالي مٽ کڻي، پڻا اگهاڙا ڪري ماتم ڪيو، ڪن ڏرٽا هنيا، رودِ بلاڪ ڪيا، ڪن پنجاب ڏانهن ويندڙ رستا روڪيا. اسان جا محب وطن رهنما سنڌ کي سندس حصي جو پاڻي ڏيارڻ لاءِ لڳاتار تحريڪ هلائيندا رهن ٿا. هو ساهي پڻڻ کان سواءِ مسلسل احتجاج ڪندا رهن ٿا. ان احتجاج ۾ تازو سنڌ جو هڪ سپوت، سابق وزير سيد بشير احمد شاهه انتهائي ڏکوئيندڙ انداز ۾ شريڪ ٿيو آهي. هن سندس 125 ايڪڙن تي بيٺل ڪروڙين رپين جي ملڪيت وارو انبن جو باغ وڏي چڙڻ جو حڪم ڏنو آهي. هن جو چوڻ آهي ته ”جڏهن مون جهڙي بااثر ماڻهوءَ کي پاڻي نڻو ملي ته پوءِ ٻين جو ڪهڙو حال هوندو“. هن وڻ وڍائڻ کان اڳ باقاعده دعوتون ڏيئي هڪ سوگ واري تقريب منعقد ڪئي، جنهن ۾ ڪيترن ئي اهم شخصيتن کان علاوه هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. اهو ”ڏکياروڏينهن“ قرار ڏنو ويو. ان موقعي تي جناب حاڪم علي زرداري چيو ته ”اسان پاڪستان ٺاهي غلامن جا به غلام ٿي ويا آهيون“ جڏهن وڻ وڍڻ جو وقت آيو تڏهن ڪوبه ڪهاڙي وهائڻ لاءِ تيار نه ٿيو. هر طرف اوچنگارون پئجي ويون. ماڻهو هڪٻئي سان گلي لڳي روئڻ لڳا. جنهن مالهيءَ اهي وڻ پوکيا هئا ان تي بيهوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا. ان موقعي تي فقط هڪ شخص بشير احمد شاهه دل تي جبر ڪري انڌول ٿي بيٺو رهيو. هن حڪم ورجايو ته وڻ وڍيا وڃن. نيٺ ٻاهر کان آيل مزدورن وڻ وڍڻ شروع ڪيا. اهو سلسلو جاري آهي. شايد هفتي کن اندر سڀ وڻ وڍجي ويندا.

اسين جناب بشير احمد شاهه کان هڪ سوال پڇون ٿا، ڇا پاڻي نه هڻڻ جو ڏڪ فقط اوهان اڪيلي سر محسوس ڪيو ٿا؟ ڇا احتجاج ڪرڻ لاءِ خودڪشي ڪرڻ کان علاوه اسان وٽ ٻيو ڪوبه طريقو ناهي؟ وڻن ڪهڙو ڏوهه ڪيو، جيڪي اسان سنڌين وانگر اڳيئي اجايل آهن. اهي به اسان وانگر اڳ ۾ ئي تڪليف ۾ آهن. ڇا بي حسيءَ جي دور ۾ خودڪشي يا اقتصادي خودڪشي قبولڻ جائز آهي؟ شاهه صاحب سموري سنڌ ساڳئي سور مان گذري رهي آهي. هت هرڪو وڍيل آهي. اسان توهان جي جذبن جو قدر ڪيون ٿا. توهان کي سلام ڪيون ٿا. اوهان يقين ڇاڪو اوهان جي هن ويڑهه ۾ سموري سنڌ اوهان سان شريڪ آهي. پر هاڻ اسان کي احتجاج جا طريقا بدلائڻ گهرجن. وڻن ڪوبه ڏوهه نه ڪيو آهي. ائين ڪرڻ سان سنڌ ۾ وڌيڪ مايوسي ۽ اقتصادي بدحالي پيدا ٿيندي. اسان کي پنهنجي ڏڪ ۽ ڪاوڙ جي اظهار لاءِ کي نوان طريقا سوچڻ گهرجن. اسين بهادر قوم جا وارث آهيون. بهادر خودڪشيون نه بلڪه سامهون ٿي، پٺر تي پاڻ اڇلائي، ڏونگر ڏاري وجهندا آهن.

پاڻي هاءِ پاڻي، در در اي دانهون

پٽن ڪين ٻوڙا، نه سمجهن صدائون

هڑو پسي حالُ، سپوئي ڪن صلاحون

اچو تي آڳاهون، ڏيون باهه پنپور کي

وري شل هڪوارِ، اهڙي ڏيءَ جڻي هيءَ ڏرتي

O

لڙڪ لڙڪ لوڪُ، در در ٿيون دانهون
ڪو املُ اَڪابر، ويو وڃائون
کي رويو پچن راهون، کي سُڏڪيو سَڏَ ڪن.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اَڙانگو
جن ناه سِرَ سانگو، سي هلن پيلهه مون سين.

O

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا وَس ڪئا
اکر سپ اُڏامي، وڃان مون ويا
کي اهڙا ڪيس ٿيا، بُري هن پنپور ۾.

O

بادشاهي بوڻ جي، واڃڻَ وڃايا
پِرهَ تان نه ڦُٽي، اهڙا حُڪم هلايا
پوءِ رڙي پچي رايا، چو رات آهِ تات وڃڻ جي.

O

راجَ راڻيءَ ڪاڻ، هر ڪو پچي هاڻ
سا جيجل، سا امڙ، سا عاقل، سا اڳواڻ
جا بي مثل، بينظير هئي اسان ساڻ
الله انهيءَ آڻ، هيڪر هن پونءِ تي.

O

جنگ رهندي جاري، تِکا ڪٽي تيرَ
ڪندا هادي ۽ حمير، هاڻ هڪ هڪاٽي.

O

جنگ رهندي جاري، اي هولي ٻُڌايون
جا اُٽياري عامَ ڪي، سا تند تپايون
حَقَ پون پلئه ۾، جي ويا وڃائون
ائين واڳ ورايون، وري هن وطن جي.

O

جنگ رهندي جاري، تان هٽي ڪبو هنڌُ
وو! يار، يوسف جو، پري آهي پنڌُ
جي ڪيي ڏين ڪَنڌُ، سي هلن ٻيلهه مون سين.

O

سَڏَ ٻُڌي ساٿيهَ جا، نِڪتا جُنگَ جُوانَ
هوڪاريو هوڪارين، سي مانجهي مُڙسَ مهانَ
جانِ، جُسي ۽ جيءَ جي، ڪا خَبر رڪنِ ڪانَ
اهڙا اَڻن اعلانَ، ته گهوريو گهوريو جندڙي.

O

ڪيڏي ناهي ڪاڻ، ايءَ ريت اباڻي آهي
مرڻ جيئڻ جا مامرا، سُڏڪيو سمجهائي
ته ڪو ڏونگر ڏهڪائي، ڪو آجا ڪري انگڙا.

O

چڏي وسوسا، ولولَ، اڻي منزل ماڻ
نرتئون راهَ نجات جا، پيرا ڪٽج پاڻ
هيڪر حَقَ ڪاڻ، مرڻ مونکان سڪ.

O

چڏي وسوسا، ولولَ، اڻي جهيڙو ڪاءُ
تان پڇي پورَ ڪيون، قهري سپ ڪڙولَ
انِ پر اَڇ ته اڏولَ ، ڪيرايون ڪوڻن ڪي.

O

گهوريو گهوريو جندڙي، وڏيِ اڳُ ٿئو
ڏيئي ڏَسَ وئو، اهڙا سامي سنڌ جو.

O

پاڙيندا هِنَ پَڻَ سين، وچن ويڙهيچا
اهڙي ڪندا ڳالڙي، جا ٻُڌي نه سُئي ڪا
پوءِ هَرَ هَرَ ڪندا ها، جن نينهُه ٻڌو ناه سين.

O

وَچن سڀ وَلهارَ، پاڙيندا هِن پَڻَ سين
هَڪَل ٿيندي هڪ ڪي، ته ايندا هلي هزارَ
اهڙا انگ اَپارَ، پيا هِنين پاندَ ۾.

O

همت هزاريِ، پلئه جنِ پيئي
سَڏَ مٿي ساڻيهَ جي، ڏين سِر سپيئي
اهڙا اٿيئي، سُورهيه پُڻَ سنڌ جا.

O

ڪندا ڪم قيامَ جو، جي وَلَر ڪيو وَتنِ
آڻيو ڏين آهُرين، ساريو سِرَ سندنِ
جي آڏو ٿِئا اِنَنِ، سي وجودنُون ونءُ ٿيا.

O

ڪندا ڪم قيامَ جو، آيا جي اَڏولَ
پرزا ٿين پَڌر تي، سي آلودا انمول
ڪيائون جي قولَ، سي پاڙيندا هِن پڻَ سين.

O

هٽيو هَڏَن سين، پوءِ رويو ويڻا رونِ
آيا ڙِي آيا! چَرِيَڻَ اِئين چُونِ
ته مَتان اُڏي پُون! سُڌل سُورهيهَ سنڌ جا.

○

روپَ ۾ ماڻهو، پر حقيقي حيوانَ
عزازيلي اَرڪان، پيا هَنيَن پاند ۾

○

روپ ۾ ماڻهو، اندر ۾ اِبليس
راند ڪن رتَ جي، خوني سي خبيث
ڪندا وتن ڪيسَ، بارودي بدن سين

O

لُڙڪ لُڙڪ لوڪُ، وڻ وڻ واويلا
هلي آءُ هيڪر، هلن تان نه حيلا
هي مارگُ، مَتا ميلا، راهَ تڪن توهجي.

O

ساري سُپرين ڪي! اندرُ اَدَ ڏِئو
هر لحظي، هر لاتِ سين، ماري مون وئو
اهڙو ڪو ٻئو، ڪيس نه ٿيو ڪڏهين.

O

ويا وَڃِٽهارَ، ايندا ڪينَ وري
هَڏِ نه رهيا هِتهين، ساريو جن سَتارَ
لکئي جي لغارَ، پل پل مون پاهَ ڪيو.

O

مُنا ڪين هُو، پر ماري مون وئا

وڃوڙي جي وانڱَ جا، پنڌ مون پِئا
جي هِنئين ساڻ هئا، سي هاڻ نه رهيا هِتهين.

O

وائي

اُپ مٿي اُڏام، ٿي سوين سياڻن جي
سِرَ ڏنا سَڏَ سين، تن ساڻين تي سلامَ
”ساهُ ناه سَپُڪي“، اي ڪيائون عامَ
پرزا ٿَئا پٽر تي، هٿي سپ هامَ
جهيڙا جهونجهارڪا، جُنبي ڪيائون جامَ
ٻاهر رهن ٻاتڙا، سي اندرَ جا اِمامَ
يوسفَ سندي يارن تي، ميلا رهڻ مُدامَ

O

الوداع الوداع!لوڏي هَڻَ ڇيائين
مارن سين منهنجو، رهي ساڻُ سدائين
پوءِ ويهي لکيائين، وسيعت وڃڻ جي.

O

جي صدا لڳي سِرَ جي، ته وري ورندياس
هَرهَر، هر صدا سين، ساهُ گهورينديَاس
وَڃَنَ ويڙهيچن سين، پورا پاڙيندياس
فقط هڪ سَڏَ تي، ابلق ٿي ايندياس
جي آئي ويلَ وطن تي، ته ڏونگر ڏارينديَاس
وري پَڻَ ڏاڏاٽا، ڏوري ڏسنديَاس
سَيَ ڪان حال دل جو، ويهي ونڊنديَاس
گڏجي سهيلين سين، جهولا جهولينديَاس
پوءِ انهن کي آئون، ڇڏو ڇَوَنديَاس
ڪنهن ظالم جابر جي، ڪاڻ نه ڪِنديَاس
سپ سور سختيون، سِرَ تي سهنديَاس

مور نه مُڙندياس، آڏو ڏسي اَجَلَ کي.

O

نه آهون دانهون، نه طلبَ ڪاڻ طبيبَ
حقَ ڪاڻ حبيبَ، مرڻ مون کان سڪ.

O

تکا هڻِي تيرَ، لاهيون زوريَ جا زنجيرَ
حقَ ڪاڻ حميرَ، مرڻ مون کان سڪ.

سنڌ سموري ساڻ، ڪٽي هلندس هاڻ

O

جنگ رهندي جاري، تِکا ڪٽي تيرَ
ڪندا هادي ۽ حمير، هاڻ هڪ هڪاٽي.

O

جنگ رهندي جاري، اي هولي ٻُڌايون
جا اُٽياري عامَ کي، سا تند تپايون
حَقَ پون پلئه ۾، جي ويا وڃائون
ائين واڳ ورايون، وري هن وطن جي.

O

جنگ رهندي جاري، تان هڻي ڪبو هنڌُ
وو! يار، يوسف جو، پري آهي پنڌُ
جي ڪيي ڏين ڳَنڌُ، سي هلن ٻيلهه مون سين.

O

سَڏَ ٻُڌي ساٿيهَ جا، نِڪتا جُنگَ جُوانَ

هوڪاريو هوڪارينِ، سي مانجهي مُڙسَ مهانَ
جانِ، جُسي ءِ جيءَ جي، ڪا خَبر رڪنِ ڪانَ
اهڙا اَڻن اعلانَ، ته گهوريو گهوريو جندڙي.

O

ڪيڏي ناهي ڪاڻ، ايءَ ريت اباڻي آهي
مرڻ جيئڻ جا مامرا، سُڌڪيو سمجهائي
ته ڪو ڏونگر ڏهڪائي، ڪو آجا ڪري انگڙا.

O

چڏي وسوسا، ولولَ، اڻي منزل ماڻ
نرتئون راهَ نجات جا، پيرا ڪڍج پاڻ
هيڪر حَقَ ڪاڻ، مرڻ مونکان سڪ.

O

چڏي وسوسا، ولولَ، اڻي جهيڙو ڪاءُ
تان پيچي پورَ ڪيون، قهري سپ ڪڙولَ
انِ پر اَڇ ته اڏولَ ، ڪيرايون ڪوڻن ڪي.

O

گهوريو گهوريو جندڙي، وڏيِ اڳُ ٿئو
ڏيئي ڏَسَ وئو، اهڙا سامي سنڊ جو.

O

چڏي وسوسا، ولولَ، اڻي منزل ماڻ
نرتئون راهَ نجات جا، پيرا ڪڍ پاڻج
هيڪر حَقَ ڪاڻ، مرڻ مونکان سڪ.

O

چڏي وسوسا، ولولَ، اڻي جهيڙو ڪاءُ
تان پيچي پورَ ڪيون، قهري سپ ڪڙولَ
انِ پر اَڇ ته اڏولَ ، ڪيرايون ڪوڻن ڪي.

O

پاڙيندا هِنَ پَڻَ سين، وچن ويڙهيچا

اهڙي ڪندا ڇالڙي، جا ٻُڌي نه سُئي ڪا
پوءِ هَرَ هَرَ ڪندا ها، جن نينهُه ٻڌو ناه سين.

O

وَڃن سڀ وَلهارَ، پاڙيندا هِن پَڻَ سين
هَڪَل ٿيندي هڪ ڪي، ته ايندا هلي هزارَ
اهڙا انگ اَپارَ، پيا هِنين پاندَ ۾.

O

همت هزاريِ، پلئه جنِ پيئي
سَڏَ مٿي ساڻيهَ جي، ڏين سِر سپيئي
اهڙا اٿيئي، سُورهيه پُڻَ سندَ جا.

O

ڪندا ڪم قيامَ جو، جي وَلَر ڪيو وَتنِ
آڻيو ڏين آهُرين، ساريو سِرَ سندنِ
جي آڏو ٽِئا اِنَنِ، سي وجودنُون ونءُ ٿيا.

O

ڪندا ڪم قيامَ جو، آيا جي اَڏولَ
پرزا ٿين پَڌر تي، سي آلودا انمول
ڪيائون جي قولَ، سي پاڙيندا هِن پڻَ سين.

O

هڻيو هَڏَن سين، پوءِ رويو ويڻا رونِ
آيا ڙِي آيا! چَرپَڻَ اِئين ڇُونِ
ته مَتان اُڀي پُون! سُڀل سُورهيهَ سندَ جا.

O

لڙڪ لڙڪ لوڪُ، در در ٿيون دانهون

ڪو املُ اَڪابر، ويو وڃائون
ڪي رويو پچن راهون، ڪي سُڏڪيو سَڏَ ڪن.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اَڻانگو
جن ناه سِرَ سانگو، سي هلن ٻيلهه مون سين.

O

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا وَس ڪئا
اکر سپ اُڏامي، وڃان مون ويا
ڪي اهڙا ڪيس ٿيا، بُري هن پنيور ۾.

O

بادشاهي بوڻ جي، واڃڻَ وڃايا
ٻِرهَ تان نه ڦُٽي، اهڙا حُڪم هلايا
پوءِ رڙي پچي رايا، چو رات آهِ تات وڃڻ جي.

○

روپَ ۾ ماڻهو، پر حقيقي حيوانَ
عزازيلي اَرڪان، ٻيا هَنيَن پاند ۾

○

روپ ۾ ماڻهو، اندر ۾ اِبليس
راند ڪن رتَ جي، خوني سي خبيث
ڪندا وتن ڪيسَ، بارودي بدن سين

O

لُڙڪ لُڙڪ لوڪُ، وڻ وڻ واويلا
هلي آءُ هيڪر، هلن تان نه حيلا
هي مارڪُ، مَتا ميلا، راهَ تڪن توهجي.

O

لڙڪ لڙڪ لوڪُ، در در ڏيون دانهون
ڪي اَملُ اَڪابر، ويا وڃائون
ڪي رويو پڇن راهون، ڪي سُڏڪيو سَڏَ ڪن.

O

ساري سُپرين ڪي! اندرُ اَڏَ ڏئو
هر لحظي، هر لاتِ سين، ماري مون وئو
اهڙو ڪو ٻئو، ڪيس نه ڏيو ڪڍهين.

O

ويا وَڃڻهارَ، ايندا ڪينَ وري
هَڏِ نه رهيا هِتهين، ساريو جن سَتارَ
لکئي جي لغارَ، پل پل مون پاهَ ڪيو.

O

مُئا ڪين هُو، پر ماري مون وئا
وڇوڙي جي وانڱَ جا، پنڌ مون پِئا
جي هِنئين ساڻ هئا، سي هاڻ نه رهيا هِتهين.

O

اَزلَ ڪان اُهاءُ، آهِ جن اندرَ ۾،
سي ئي سنجهه سُڀاءُ، ڪڪورين ڪاڪِ ڪي.

O

مون ڪي مون پرينِ، نِبُوليو نِينهن ۾،
سارينديِ سُپرين، اندر ۾ اُهاءُ ڏيو.

O

ڏُنءُ لهي هن ڏيهَ تان، ڏُڪَ پونِ ڏَريِ،
هَر هَر اِها هانءَ تي، اچي ڳالهه تَريِ،
ته ويڙهيچا وري، شَلَ سُڪيا ڏسن ڏينهڙا.

O

جُڙيو رَکُ جهان سين، ڪاملَ! قُرب ڪري،
سُوگهي آه سيرَ ۾، سا ٻُڌلَ تار تري،
شلَ اهڙو واءُ، سدوريءَ سنڌ تي.

O

سُونهاريءَ سنڌڙيءَ سين، اَزلئون انگُ مون،
گهور ٿيان شل اُن مٿان، جا پلي آهِ پُون،
راتو ڏينهان مُون، آس اِها ئي هيڪڙي.

O

ڪڏهِ ڪرندو ڪوٽُ، ڪڏهِ ورندو واءُ،
هيءَ سِسِي ۽ ساهُ، گهوريان اُن گهڙيءَ تان.

O

اُمالڪ ڪا ڳالهه ڳري، آئي پَٽَ پرانهوُن
بينظير، بينظير، در در ٿيون دانهون
لُڇي اُٿيو لوڪ، ووڙيندي واهون
ڪي رُنا، ڪي رڙيا، ڪنين ڪيون آهون
ڪن ٻِڌيو پليت ڪي، ٻيئي ڪٽي ٻانهون
ڪن مَڇرجي مٿاهون، ڏني باهه پنپور ڪي.

O

ڪا ته راهَ نجات جي، ٻيلي ٻڌايو
قضيو ڪربلا جو، ڇو وَر وَر ورجايو
ڇو ڪَنڊَ ڪيرايو، انمول اُتاهان.

O

لڙڪ لڙڪ لوڪُ، در در ڏيون دانهون
ڪو املُ اَڪابر، ويو وڃائون
ڪي رويو پڇن راهون، ڪي سُڌڪيو سَڏَ ڪن.

O

راڄ راڻيءَ کاڻ، سپ وڃون واجهائين
ايندي ڇاڻ ايندي، ائين روحُ ريجهائين
ڪي سُڌڪي سَڏَ ڪن، ڪي اکيون وڇائين
ڪي ڏئي اوچنگارون، پاڻئون پرچائين
ڪي وَر وَر ورجائين، ان الله مَع صابرين.

O

راجَ راڻي، هيرن هاڻي، سا سوڍل سياڻي
جا سنڌ ڇائي، سورن سامائي، نرمل نياڻي
تنهن منزل اُها ماڻي، جا ڪنهن ڪنهن نصيب ڏي.

O

هيءَ جان قربان، جيجل تو مَٿانءُ
سبق شهادت جو، سکيو تو وَڻانءُ
ڪٽي تنهنجو نانءُ، جنگ رهندي جاري.

O

جنگ رهندي جاري، اي ٻولي ٻُڌايون
جا اُٽياري عامَ کي، سا تند تپايون
حَقَ پون پلئه ۾، جي ويا وڃائون
ائين واڳ ورايون، وري هن وطن جي.

O

جنگ رهندي جاري، تِکا ڪڍي تيرَ
لاهبا لوڪ تان، زوريءَ جا زنجيرَ
پَڇائبا هن پونءِ تان، سڀ بندا بي پيرَ
ڪندا هادي ءِ حمير، هاڻ هڪ هڪاڙي.

O

جنگ رهندي جاري، جاسين جُڙي حقُ
هر ڪنهِه اها ڇاڻ ، موت آهِ برحق
جو خون ٿيو ناحق، اهو مور نه معاف ڪرٽو.

O

جنگ رهندي جاري، جاسين حَقَ جُڙن
اُهي يار يوسفَ جا، جي گهاڙي منجهه گِهڙن
مورُ نه سي مُڙن، ڏسي موت مُقابل.

O

جنگ رهندي جاري، تان هڻي ڪبو هندُ
وو! يار، يوسف جو، پري آهي پندُ
جي ڪيي ڏين ڪَندُ، سي هلن ٻيلهه مون سين.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظَ ليلائين
سُڌڪا سِتَ پري، اکر آلاپين
پاتاڙيو پاڌائين، جي اوريان حالُ اندرَ جو.

O

لکان ته ڪيئن لکان، سُڌڪا پري سِتَ
ڌاڌا، ڏونگر، ڏَهلا، مڙوئي سڏائين مِتَ
ڏيئي پاراتا پِتَ، ٿين دُعاڳي دَرَ تي.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اَڙانگو
جن ناه سِرَ سانگو، سي هلن ٻيلهه مون سين.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظُ لفظُ للڪارَ
قلم پورا ڪري، ڪٽي تيغ ترارَ
هٽي نعرا پُڇن يارَ، ڏي اُهجاڻ آزاديءَ جا.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظَ لهٽيدارَ
هيءَ مٽي، هي مارگُ، هي پَتَ پالٽهارَ
ڪن پل پل هيءَ پچارَ، قرض لاهِ هن ڪيچ جو.

O

لکان ته ڪيئن لکان، لفظُ لفظُ لوري
هيءَ امڙ، هيءَ جيجل، هي سانئڻ سڳوري،
ٻڌي ٻانهون چوي سدوري، نِنڊر! ٿَڄُ نياءِ.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اُتاهون
سوريءَ مٿي موهجي، لڏيون جن لانئون
ويندي چيائون، اي ونڃُ واڻَ وڃاندري.

O

لکان ته ڪيئن لکان، احوالُ اڏورو
ري آزادي ۽ انصاف، پيغام اڻ پورو
ٿي نئون نڪورو، ڦاٿُ ڪاءُ ته ڦَٽَ ڇُڻن.

O

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا وَس ڪئا
اکر سپ اُڏامي، وڻان مون ويا
ڪي اهڙا ڪيس ٿيا، ٻُري هن پنپور ۾.

O

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا ڪئا وَسَ
جُڙيا تنين جَسَ، جي سامهون ٿيا سورن ڪي.

O

الا ڪهڙيءَ ڪاڻ، مُلڪ مڙوئي مانڊاڻ

نسورو ناستڪُ، حُڪمَ هلائي هاڻ
ڪنيو هلي ساڻ، ابليس اندرَ ۾.

O

هر ڪنهن سُس پُس، هرڪو سَلي سورَ
سپ پچائين پورَ، ڪيئن آجا ٿين انگڙا.

O

هر ڪنهن سُس پُس، هرڪو سلي سورَ
هِت قاضي ڪوڙايو، ڪانئر ڪن ڪلورَ
سپ هاڻ پَچائين پور، ڪيئن آجا ٿين اَنگڙا.

O

آجا ٿين انگَ، سَپَ جي آسَ اِيا
ڪين گهرجن هاڻ، ٻيلي ڏَسَ ٻيا
هر ڪنهن ڳالهه اِها، ٻڌي آهِ ڳڻيِ ۾.

O

آجا ٿين انگَ، سپ جي اِها آسَ
وِرد، وظيفا، واسَ، ڪيان اُن گهڙيءَ لئه.

O

آجا ٿين انگَ، سپ ڪي اها تات
ٻي ڪا وائي وات، ان ري اٿن ڪينڪي.

O

آجا ٿين انگَ، شل! اهڙو واءُ وري
هرڪو ڇالهه ڪري، وجايل وجود جي.

O

آجا ٿين انگ، شل! اهڙو وري واءُ
آهي سنجهه سُپاءُ، آسَ اِهائي هيڪڙي.

O

آجا ٿين انگ، هرڪو چوي هاڻ
بارودي بوٽن جي، ڪيڙي ڪو مَ ڪاڻ
سي سِرَ ڪٽي ساڻ، ويندا نيٺ وڃائجي.

O

حقُ نه ڇڏڻو هيڪڙو، توڙي ڪن ٽِر ٽِر
اها ٽان ٽان ۽ ٽِر ٽِر، لهندي نيٺ لوڪَ تان.

O

هيڪاندا هُل ڪري، ڪو سورَ ڪٽي ساڻ
آڏو ٿي عامَ ڪي، پَڏائي پاڻ
وڏا ڏيئي وَيَ، ڪري رتوڇاڻ
ائين هلائي هاڻ، بادشاهي بوٽ جي.

O

بادشاهي بوٽ جي، واڃڻَ وڃايا
پِرهَ تان نه ڦُٽي، اهڙا حُڪم هلايا
پوءِ رڙي پڇي رايا، ڇو رات آهِ تات وڃڻ جي.

O

بادشاهي بوٽَ جي، ڏڙ ڏڙ آهِ ڏوڙ
ڪُٽي ڪُٽي ڪوڙ، نسخا ناهين نادري.

O

هيڪاندا هُل ڪري، اُٽيارين آزارَ
ڏُکوئين ڏوٽين کي، رقيب، رياڪارَ
وڏلیو ڪن ويچارَ، ڪوه رات آهِ تات وڃڻ جي.

O

هيڪاندا هُل ڪري، ڪو هاتڪُ هَڇاري
ماري مومل کي، چوي ”مون نه ماري“
پوءِ بار ڪٽي باري، لِڪي بَدبخت بوٽ ۾.

O

شهادت شاهاڻي، پينر! آهي پلي
ويئي پاڻ هلي، ٿي مقابل موت کي.

O

لُڙڪ لُڙڪ لوڪُ، وڻ وڻ واويلا
ويا ڪوه وڻائون، دلدار، دادلا

هي مارگُ، مَتا ميلا، راهَ تکن تن جي.

O

لڙک لڙک لوڪُ، در در ٿيون دانهون
ڪو اَملُ اَڪابر، ويو وڃائون
ڪي رويو پچن راهون، ڪي سُڏيو سَڏَ ڪن.

O

ايءَ ريت آهي اباڻي، ته ڪيڏي ناهِ ڪاڻ
ڏُکئي هن ڏيهَ جا، سپ سورَ ڪٽي ساڻ
پيهي هلي پاڻ، ٿي مُقابل موت کي.

O

ڪيڏي ناهي ڪاڻ، ايءَ ريت اباڻي آهي
مرڻ جيئڻ جا مامرا، سُڏيو سمجهائي
ته ڪو ڏونگر ڏهڪائي، ڪو آجا ڪري انگڙا.

O

موت آهِ برحق، سورهيه چيو صليب تي
ابتدا اناالحق، انتها الحمد سين.

O

الوداع الوداع، لوڏي هَٿَ چيائين
مارنُ سين منهنجو، رهي ساڻُ سدائين
پوءِ ويهي لکيائين، وسيعتَ وڃڻ جي.

O

ويهي لکيائين وسيعت، ته لکيو تان نه ٿَري
حُڪم ٿيو هلڻ جو، هاڻ ساعت ڪيئن سري
پوءِ پاڻا پنڌ ڪري، ٿي مُقابل موت کي.

وائي

اُپ مٿي اُڏام، ٿي سوڍن سياڻن جي
سِرَ ڏنا سَڏَ سين، تن ساڻين تي سلامَ
”ساهُ ناه سَيُڪي“، اي ڪيائون عامَ
پرزا ٿئا پڌر تي، هڻي سپ هامَ
جهيڙا جهونجهارڪا، جُنبي ڪيائون جامَ
پاهر رهن پاتڙا، سي اندرَ جا اِمامَ
يوسفَ سندي يارن تي، ميلا رهڻ مُدامَ

وائي

آئي ڏي آئي، سا ساعتَ سوائي
“مرويسونُ سنڌ نه ڏيسون” هر ڪنهِن وات وائي
گهوريو گهوريو جندڙي، تان ٿئي سا سجائي
سَپَ کي هلڻو سڏ سين، پي خَبر نه ڪائي
چئو “لبيڪ” لنءُ سين، اي حڪم اِلاهي!
لهي لوهُ لڳن تان، “يُوسفَ” آسَ اِهائي

وائي

سپ ڪُڙَمَ قبيلا، پاروهي مَتَلَ ميلا
شاهاڻو شانُ، جهرمر هي جهانُ

چڏي هاڻ هلون ٿا

لڏي پاڻ وڃون ٿا

منزل هاڻ منهنجي، لاحد لا مڪان

جهر مر هي جهانُ

سپ موڻي ماڻيندا، ابدي آستانُ

جهر مر هي جهانُ

هر ماڻهو آهِ مسافر، هرڪو هت مهمانُ

جهر مر هي جهانُ

يوسفَ لکڻ ڇڏ، دردوندو داستانُ

جهر مر هي جهانُ

ڇڏي هاڻ هلون ٿا

لڏي پاڻ وڃون ٿا

وائي

جا هيڻن لئه هٿيارُ، جا تُرها هڻي’ تارِ
وري شل هکوار، اهڙي ڏيءَ ڇڻي هيءَ ڏرتي

وري شل هکوار

جا ڏاڍن لئه ڏهکارُ، جا ويريءَ مٿي وارُ

وري شل هکوار

جا سورن سامائي، سا مڙني ۾ مهندار

وري شل هکوار

همت هزاري، سيَ تي پاري، سردارين سردارُ

وري شل هکوار

يوسفُ ياد کري، رُنون زارو زار

وري شل هکوار

اهڙي ڏيءَ ڇڻي هيءَ ڏرتي.

وائي

شرطُ شهادت، اهڙا ڪري اعلان

پاڻا هليِ پاڻَ کي، ڪيائين قربان

شرطُ شهادت

ڪڏهِ ورَڻَ وائي، ڪرڻي آهِ ڪانهَ

شرطُ شهادت

اُڏن اگهورَ مان، مارو منهنجا مانَ

شرطُ شهادت

منّي موهن دڙي جا، شاهاڻا ڏسو شانَ

شرطُ شهادت

يوسفَ! آءُ ته پيهر، جوڙيون نوان جهانَ

شرطُ شهادت